چونڊ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

مرتب

محمد صالح کهڙو

روشني

چونڊ

سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

بادشاهن، راڻين، شهزادن، وزيرن، سوداگرن، عقلمندن، بيوقوفن ۽ ٺڳن جون ڪهاڻيون

مرتب

محمد صالح کھڙو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2019ع

Roshni Book No.510

ڪتاب جو نالو: چونڊ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

مرتب: محمد صالح کهڙو

ڇاپو پهريون: © روشني 2010ع

ڇاپو ٻيو: © روشني 2019ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

قيمت: 250.00 روپيا

CHOOND SINDHI LOK KAHANYOON
(Folktales)

by: **Muhammad Saleh Khuhro**

Composed by: Habib Qadir Qureshi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
First Edition © Roshni 2010
Second Edition © Roshni 2019

اسٽاڪسٽ

شاهہ لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو حيدرآباد، ڀٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد
ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي، حسين عامر نيوز ايجنسي مين بس اسٽاپ، سجاول.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي رابعہ سينٽر، لاڙڪاڻو.
مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهہ. رائوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ + ڪنول ڪتاب گهر، مورو
سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو + حافظ ڪتب خانو ڪپرو + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمرڪوٽ+ مهراڻ بڪ ڊيپو ڪپرو
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين، ٿر ڪتاب گهر، مٺي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي مهراڻ مرڪز سکر
گل ڪتاب گهر لک در شڪارپور، تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو چوڪ، خيرپورميرس + لغاري بڪ ڊيپو ٺري ميرواهہ
مڪتبہ عزيزيہ کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا قاسميہ لائبرير، اسپتال روڊ ڪنڊيارو.

انتساب

سنڌ جي نامياري عالم / محقق
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
جي نالي جنهن سنڌي لوڪ ادب
کي سهيڙي سنڌي ٻوليءَ کي
شاهوڪار بڻايو.

سٹاءُ

باب پهريون

بادشاهن جون ڪهاڻيون

باب ٻيو

راڻين جون ڪهاڻيون

باب ٽيون

شهزادن جون ڪهاڻيون

باب چوٿون

وزيرن جون ڪھاڻيون

باب پنجون

سوداگرن جون ڪھاڻيون

باب ڇھون

عقلمندن جون ڪھاڻيون

باب ستون

نصيحت واريون آکاڻيون

باب اٺون

چالاڪن جون ڪهاڻيون

باب نائون

بخت ۽ ڀاڳ وارن جون ڪهاڻيون

باب ڏهون

ٺڳن جون ڪهاڻيون

باب يارهون

بيوقوفن جون ڪهاڻيون

باب ٻارهون

پکين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون

باب پھريون

بادشاهن جون ڪهاڻيون

محمود شاھ

ڪنهن وقت ۾ هڪڙي ملڪ ۾ هڪڙو انصاف وارو ۽ عاقل بادشاھ حڪومت ڪندو هو. ڪيس دين دنيا ۾ هڪڙو ئي پٽ هو پلا بادشاهي ڀار سو ٻه سڪي سڪي چاول، انهيءَ ڪري شهزادو ڏاڍو دادلو هوندو هو. ننڍي هوندي، سنگتين ساٿين سان پيو گهمندو ڦرندو ۽ موجون ماڻيندو هو. جڏهن جوان ٿيو تڏهن پڙس ڪيس ٻه سهڻيون شهزاديون پرڻايون، شهزادي کي گهوڙي سواريءَ جو تمام گهڻو شوق هو. وٽس ڪيترائي عمدا گهوڙا هئا، پر هڪڙي تمام پلي گهوڙي هيس، جنهن سان هن جو ڏاڍو پيار هوندو هو شهزادو روزانو گهوڙيءَ تي چڙهي سنگتين سان گڏجي گهمڻ ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو به ويندو هو.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو ريباري رهندو هو جنهن کي تمام حسين ڌيءَ هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ چوڏاري پکڙيل هئي. اها ڇوڪري پنهنجين ساهيڙين سان روزانو گڏجي پاڻي ڀرڻ لاءِ درياءَ تي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن شهزادو انهيءَ محل اتان اچي لنگهيو جنهن محل هي ڇوڪريون درياءَ تي هيون. گهوڙيءَ جي ٽاپ ٽاپ ۽ سوار جي ڦڙتائيءَ کين متوجھ ڪيو. عشق جو تير سيني ۾ ڪپي ويو ۽ شهزادو هن ريبارڻ ڇوڪريءَ تي موهت ٿي پيو گهر تہ موٽي آيو پر آرام نہ پيو اچيس، لوچ پوچ ۽ بيقراريءَ ۾ رات گذري ٻئي ڏينهن صبح سان شهزادي گهوڙيءَ تي لانگ ورائي، ۽ ڇوڪريءَ جي رستي تي وڃي ويٺو

هوڏانهن ڇوڪري سهيلين سميت درياءَ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ آئي. شهزادي بہ اچي هنن جي پر ورتي. جڏهن هو پاڻي ڀري موٽيون، تڏهن شهزادو بہ سندن ڪڍ هلڻ لڳو.

اهڙيءَ طرح روز ٿيندو هو. ڇوڪريءَ کي اها ڳالھ نہ چڱي نہ لڳي. سانده مهينو اٽڪل گذري ويو. آخر ڇوڪري ڪڪ ٿي، اهو ارادو ڪيو تہ "شهزادي کي اهڙو سبق سيکاريان، جو سڄي ڄمار ياد ڪري: پوءِ جي بادشاھ اسان کي ڪٽي لڏايو تہ اسين لڏي ويندا سين." اهو پڪو پرڻ ڪري گهران نڪتي تہ شهزادو بہ اچي گڏيس. جڏهن شهزادي جي گهوڙي ڇوڪريءَ جي ڀرسان آئي، تڏهن هڪدم هن گهوڙيءَ کي اهڙو تہ ڏڪُ هنيائين، جو گهوڙي غش تي ڪري پيئي ۽ شهزادو بہ پريان وڃي ڪري پيو. ڇوڪريون تہ هليون ويون، پر گهوڙي، جا نہ اٿي سا نہ اٿي، ۽ اتي ئي ساھ ڏنائين. اها ڳالھ شهزادي کي ڏاڍي ڏکي لڳي، پر ڪري ڇا؟ گهر تہ موٽي آيو پر ڏک وچان ڪا بہ ڳالھ نہ پئي وڻيس. ماٺ ڪري اونڌي منهن وڃي محلات ۾ ليٽي پيو ۽ خبر ئي نہ پئي پويس تہ ڇا ڪري. نيٺ دل ۾ اهو پڪو ارادو ڪيائين تہ ريبارڻ ڇوڪريءَ کان انهيءَ جو عيوضو ضرور وٺندس. ان لاءِ هيءَ رٿ رٿيائين تہ ڪنهن اٽڪل سان هن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، پوءِ کيس طلاق ڏجي. اهو پڪو پهہ پچائي، شهزادو ڏرٽو ماري ويهي رهيو نہ سنگتين ساٿين سان هلي ۽ نہ ڪنهن سان گهمي ڦري، ۽ نہ ماني ٽڪي کائي، سڄو ڏينهن محلات ۾ ويٺو هوندو هو. سنگتي ساٿي بہ جڏهن ساڻس ملڻ ايندا هئا، تڏهن انهن سان بہ چڱيءَ طرح منهن نہ ڏيندو هو دوستن پڇيس، "ڏي خبر، خير تہ آهي؟" هن جواب ڏنو تہ "مڙئي خير آهي!" پر سنگتين سهي ڪري ورتو تہ ڪا ڳالھ ضرور آهي، پر اسان کي نٿو ٻڌائي. اها خبر نيٺ بادشاھ کي پئي، بادشاھ ڊوڙندو آيو ۽ چي، "پٽ تو سان ڪهڙي ويڌن آهي؟" شهزادي جڏهن ڏٺو تہ بابو منهنجي هر ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار آهي تڏهن يڪدم چيائينس، "بابا! آءٌ هڪ ريبارڻ سان پيار ٿو ڪريان، منهنجي ان سان شادي ڪرايو!" بادشاھ ڳالھ ٻڌي کيس دلداري ڏني، شهزادو خوش ٿيو ۽ اٿي خير سان ماني ٽڪي کاڌائين.

بادشاهه يڪدم پنهنجي وزير کي گهرايو ۽ ڪيس سربستي ڳالهه ٻڌائي چيائين ته، ”تون ريٻاريءَ وٽ وڃ ۽ ڪانئس سڱ جي گهر ڪر!“ وزير جواب ڏنو ”جيئندا قبلا! ريٻاري گهٽ ذات، اوهان ملڪ جا بادشاهه ـ اها شادي نٿي ٿي سگهي. تنهن ڪانسواءِ، هي ٻنهي ٻڪيا ماڻهو آهن! شهزادي کي چئو ته پنهنجي هٺ کان هيٺ لهي، انهيءَ ۾ ئي سندس ڀلائي آهي!“ بادشاهه وراڻيو، ”مون ته گهڻا مٿا مونا هنيا آهن، پر هو مڃي ئي نٿو باقي تون وڃي سمجهائينس، من سنئين رستي تي اچي.“ وزير به شهزادي کي گهڻو ئي سمجهايو پر وريو ڪي به ڪين. لاچار وزير کي ريٻاريءَ وٽ وڃڻو پئجي ويو. ۽ ڪيس سچي حقيقت ڪري ٻڌايائين. ڳالهه ٻڌي ريٻاري ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو جي سڱ تو ڏئي، ته برادريءَ مان ٽا ڪڍنس، جي نٿو ڏئي، ته بادشاهي ڏمر تو ڪٽي! ڪري، سو ڪري ڇا؟ آخر ريٻاريءَ ڳالهه جهلي، ۽ هڪ مهيني جي مهلت گهري. وزير هائوڪار ڪئي ۽ واپس موٽي، اچي شهزادي ۽ بادشاهه کي حقيقت ٻڌايائين.

ريٻاريءَ پنهنجي ڌيءَ کان پڇيو ته، ”تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟“ ڇوڪريءَ چيو ته ”جيڪو قسمت ۾ لکيل آهي، اهوئي ٿيندو جي سڱ نه ڏيندؤ ته به هو مون کي زوريءَ کڻي ويندا، انهيءَ ڪري اها ماڻتي ڪٽي قبول ڪريو!“ ريٻاريءَ کي به اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ بادشاهه کي چورائي موڪليائين ته ”مون کي اها ماڻتي منظور آهي.“ آخرڪار ڏاڍي ڌام ڌوم سان هيءَ شادي ٿي، ۽ شهزادو ريٻارڻ سان گڏ هڪ جدا محلات ۾ رهڻ لڳو ۽ ريٻارڻ جي ڏاهپ ڪري شهزادي کان پنهنجو ڪيل وعدو بلڪل وسري ويو.

هوڏانهن شهزادي جون ٻيون به زالون اچي حيران ٿيون ته ڪيئن شهزادي سان ملجي، جنهن هنن کي صفا وساري ڇڏيو هو. انهيءَ سوچ ۾ هيون ته در تي هڪ فقير صدا هنئين، راڻين جي خيال ۾ آيو ته ڇو نه انهيءَ فقير کي شهزادي ڏانهن موڪلجي، ڪيس پنهنجي ڪنيل قسم جي يادگيري ڏيارجي، سو فقير کي لالچ ڏئي پڪو ڪري چيائونس ته ”تون شهزادي جي در تي صدا هڻجانءِ، ۽ جڏهن ريٻارڻ تو کي خيرات ڏئي ته تون اها نه وٺجانءِ ۽ چئج ته ’مون کي شهزادو پاڻ پنهنجي هٿن سان

بکيا ڏئي، پوءِ شهزادو جڏهن تو ڪان انهيءَ جو سبب پڇي، تڏهن ڪيس ٻڌائجانءِ ته تنهنجي ريهاڙ زال پاڻ آهي، هن تنهنجي گهوڙي ماري آهي؛ ۽ هن جي پيٽ ۾ جيڪو ٻار آهي، سو تنهنجي سر جي تباهيءَ جي ذريعو بڻبو.“ فقير يڪدم شهزادي جي در تي آيو ۽ جيئن ڪيس راڻين سمجهايو هو تيئن ڪيائين. شهزادي کي پنهنجي ڪيل وعدي جي يادگيري پئي ۽ مٿان اچي ڏپ ورايس ۽ ٻيو وري بادشاهي خيال سو يڪدم پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪيائين ته ”هن نياڳيءَ رن کي جهنگ ۾ وڃي ماري اچو ۽ ثابتيءَ لاءِ سندس اکيون ڪڍي اڻي مون کي ڏيکاريو!“

نوڪر ريهاڙ کي مارڻ لاءِ جهنگ ۾ وٺي ويا. اتي پهچي جڏهن هن کي مارڻ لڳا ته ريهاڙ کين روئيندي چيو ته ”مون کي مارڻ مان توهان کي ڇا حاصل ٿيندو؟ توهان مون کي ڇڏي ڏيو ته آءٌ توهان کي دعا ڪنديس!“ نوڪرن چيو ته ”جيڪڏهن اسين توکي ڇڏي ڏيون، ته پوءِ شهزادي کي تنهنجون اکيون ڪيئن ڏيکارينداسين؟“ سامهون هڪ هرڻي پئي اچيو. ريهاڙ ان ڏانهن اشارو ڪري چيو ته ”انهيءَ هرڻيءَ کي ماري، ان جون اکيون ڪڍي، وڃي شهزادي کي ڏيو!“ نوڪرن به ريهاڙ جي ڳالهه مڃي، ۽ هرڻي ماري ان جون اکيون ڪڍي وڃي شهزادي کي ڏنائون.

ريهاڙ اتان هلندي هلندي نيٺ هڪ ٻئي شهر ۾ وڃي پهتي، ڪو به جاڻ سڃاڻ وارو ڪو نه هوس، وڃي ته وڃي ڪيڏانهن! انهيءَ ٻڏتر ۾ هئي ته اتان هڪڙي سوداگر جي هن تي نظر پئجي وئي، ۽ هن کي مٿس ڪهل آئي، ۽ وڏي اچي پڇيائينس. ريهاڙ به سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايس، جنهن تي هن چيس ته ”اڄ کان تون منهنجي ڌيءُ آهين. تون هلي منهنجي گهر ٽڪ. روزي رازق تي آهي، مڙيئي پيو وقت گذرندو!“ سوداگر ريهاڙ کي گهر ڇڏي، ۽ پنهنجي زال کي هن جي پارت ڪري واپس موٽي اچي دڪان تي ويٺو.

ريهاڙ خوشيءَ سان وقت گذارڻ لڳي، هن کي پيٽ به هو سو نائين مهيني ڪيس هڪ پٽ ڄائو. نالو رکيائينس ”محمود.“ ڇوڪر اڃ نندو سيان وڏو اچي سمجهه ڀريو ٿيو پاڙي جا ٻار هن کي ڏاڍو ڪڪ

ڪندا هئا، چي ”هن جو پيءُ آهي ئي ڪونه!“ هو ڏاڍو شڪي ٿيندو هو. آخر هڪ ڏينهن پنهنجي ماءُ کان پڇيائين ته ”منهنجو پيءُ ڪير آهي؟“ آخر ماءُ کيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي، ۽ چيو ته ”تنهنجو پيءُ بادشاهه، تنهنجو ڏاڏو بادشاهه ۽ تون به ڪڏهن بادشاهه ٿيندين!“ اها ڳالهه ٻڌي محمود ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اڳتي نهي نڪي شان مان سان هلڻ لڳو.

هڪ ڏينهن، سوداگر واپار سانگي ڪنهن ولايت ڏانهن سنڀريو تڏهن ريٻارڻ چيس ته ”ادا! هي تنهنجو ياڻيجو اچي وڏو ٿيو آهي، تون هن کي ساڻ وٺي ويندين، ته ڪجهه پرائيندو هتي ته رڳو پيو سيني سان وڙهي ۽ جهيڙا ڪري!“ محمود کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن سهي سنيري، موڪلائي توڪلائي هو سوداگر سان گڏ سفر تي نڪتو. هلندي هلندي ڪيئي ولايتون پوئتي ڇڏي، هڪ ڏينهن جاوا ٻيٽ جي هڪ ملڪ ۾ اچي پهتا. محمود پنهنجي مامي کان موڪل وٺي ويو شهر ۾ گهمڻ، گهمندي گهمندي، اچي هڪ ميدان ۾ پهتو جتي گهوڙن جي ڊوڙ پئي ٿي، خبر پيس ته سال بسال، هتي بادشاهه جي سامهون گهوڙن جون شرطون لڳنديون آهن، اڄ به اهو ڏينهن آهي. هن ڏٺو ته هڪ مٿانهين جاءِ تي هڪ عاليشان تخت تي بادشاهه ويٺو آهي. هن ”نڪا ڪئي هم نڪا تم“، سڌو وڃي بادشاهه جي پير ۾ ويٺو. بادشاهه هن کان پڇيو ته ”ڇوڪرا! تون ڪير آهين؟“ ڇوڪري جواب ڏنو ”منهنجو پيءُ بادشاهه، منهنجو ڏاڏو بادشاهه ۽ آءٌ به ڪڏهن بادشاهه ٿيندس! في الحال هتي گهمڻ آيو آهيان!“ هن جو جواب ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي وٺي پنهنجي ويجهو ويهاريائين، گهوڙن جي ڊوڙ ڏسڻ کانپوءِ محمود شهر جي بازار ڏسڻ ويو. جڏهن هڪ جوهريءَ جي دڪان وٽ آيو تڏهن ڏٺائين ته جوهري هڪ شخص کي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. چي، ”هي سچا موتي آهن!“ محمود، جو اهو ناحق ٿيندو ڏٺو سو يڪدم دڪان تي چڙهي ويو ۽ چيائين ”ڪير ٿو چوي ته هي سچا موتي آهن، تو وانگر هي به ڪوڙا آهن!“ جوهريءَ کي عجب به ٿيو ۽ ڪاوڙ به لڳي ته هي وري ڪير آهي؟ جو منهنجي ڪم ۾ هرويرو ٿو دخل ڏئي، تنهن

چيس ته ”ميان! جيڪڏهن تون هي سچا موتي ڪوڙا ثابت ڪندين ته آءٌ تو کي هي سڄو دڪان ڏيندس!، پر جي تون ڪامياب نه ٿئين ته تون سڄي عمر منهنجو ٻانهو ٿي رهندين!“ محمود چيو ”مون کي منظور آهي.“ جوهريءَ چيو ”چڱو آءٌ امين ٿو وٺي اچان.“ دل ۾ خيال ڪيائين ته ڪنهن کي ڪجهه پئسا ڏيئي، سيڪاري چڏيندس،بس پوءِ شرط منهنجي ٿيندي، پر محمود به چالاڪ هو. تنهن يڪدم چيس ته "امين آءٌ آڻيندس!" ائين چئي سڌو بادشاهه وٽ ويو ۽ کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. بادشاهه يڪدم جوهريءَ کي گهرايو ۽ اهي ساڳيا موتي شاهي جوهريءَ کي ڏيکاريائين، جنهن تصديق ڪئي ته اهي موتي ڪوڙا آهن. اتي ڪپتيسي جوهريءَ جون ٻه ٻه ويون ته ڇهه ٻه ويون: منهن مٿو پٽيندو وڃي گهر ويٺو ۽ محمود سندس دڪان جو مالڪ ٿي ويهي رهيو.

هوڏانهن جڏهن محمود کي ڪجهه دير ٿي وئي، تڏهن مامس کي اچي اونو ٿيو سو يڪدم هن کي ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ بازار مان گهمندي گهمندي هو اچي جوهريءَ جي دڪان وٽان لنگهيو. محمود مامي کي ويندي ڏٺو سو يڪدم سڏ ڪيائينس. مامو محمود کي ڏسي خوش ٿيو ۽ خبر چار پڇيائينس، هن کيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس ته ”هاڻي سڄو دڪان پنهنجو آهي، توهين هتي ويهي رهو ته آءٌ ماڻهو وٺي اچان، ته هتان سڀ سامان کڻايون.“ پوءِ مامي کي اتي ويهاري هو سڌو جهاز تي ويو ۽ اتان ماڻهو وٺي سامان ڍوئڻ لڳو ۽ نيٺ سمورو سامان سڙو کڻي جهاز هاڪاريائون، هلندي هلندي هڪ ٻيٽ تي اچي پهتا. جتي رات ٽڪڻ جو فيصلو ڪيائون. محمود پهري تي ويٺو ۽ ٻيا سڀ ننڊ سمهي پيا. ٿوري رات گذري ته محمود ڏٺو ته ٻه پکي، هڪ ننڍو ۽ ٻيو وڏو وڻ جي ڏار تي هڪ ٻئي ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن۔ وڏي پکيءَ چيو ته ”جيڪڏهن ڪو منهنجو گوشت کائي ته الهه تلهه چٽ ٿي وڃي!“ وري ننڍي پکيءَ چيو ته ”ڪو ماڻهو جيڪڏهن مون کي ماري کائي ته اهو بادشاهي ماڻي!“ محمود جو اهو ٻڌو ته يڪدم تير ڇوڙيا ۽ ٻئي پکي اچي پٽ تي پيا. ننڍي جو گوشت پچائي پاڻ کاڌائين ۽ وڏو اچلائي ڪتن کي ڏيئي ڇڏيائين. سوداگر اهو ئي ستو رهيو ۽ محمود وري جاڳندو رهيو

آڌيءَ رات جو هن پريان روشنائي ڏٺي، پهريدار کي سجاڳ ڪري پاڻ سڌو روشنيءَ ڏانهن ويو هلندي هلندي وڃي هڪ ٻڙ جي ويجهو پهتو. ڇا ڏسي ته چار پريون ويٺيون چوپڙ راند ڪن. خيال ڪيائين ته انهن مان هڪ کي ضرور جهلجي، ۽ جهڙي اُچانگ ڏنائين، تهڙو پريون ته اڏامي ويون، پر هڪڙي پري جنهن ڊارا ۽ چوپڙ کڻڻ تي گهريا. تنهن کي ٿوري دير ٿي ويئي، جنهن ڪري پٺيان رهجي ويئي ۽ هڪڙو ڊارو به پوئتي رهجي ويس. محمود رهيل ڊارو کڻي انهيءَ پريءَ جي پٺيان پيو. هيءَ پري ٿورو اڳتي هلي بيهي رهي ۽ اتي هڪڙو دروازو هو انهيءَ ۾ اندر گهڙي ويئي گهڙڻ وقت ايترو چيائين ته "جي محمود هجين. ته مون کي ڳولي هٿ ڪج!" پريءَ جا اهي گفتا محمود ٻڌا ۽ خيال ڪيائين ته اندر وڃان. پر غار تمام اونهو هو جنهنڪري هن پنهنجو اهو خيال لاٿو ۽ اتان جا ڪي نشان کڻي واپس ماڳ تي موٽي آيو.

صبح جو سويل قافلو روانو ٿيو ۽ ڪجهه ڏينهن جي سفر ڪرڻ کانپوءِ اچي پنهنجي ڳوٺ جي پرسان پهتا. اتي ٻاهر ئي محمود کي پنهنجا ننڍپڻ جا دوست گڏيا. تن محمود کي خبر چار ٻڌائڻ لاءِ ترسايو. محمود پنهنجي مامي کي ڊارو ڏيئي موڪليو ته "هي وڃي امان کي ڏي، آءٌ اچان ٿو." سوداگر کي ڏسي ريبارڻ پنهنجي پٽ جي پڇا ڪئي، جنهن ٻڌايس ته اهو به آيو آهي ۽ ٻاهر دوستن سان ڪچهري ڪري اجهو اچي ٿو. پر سوداگر اهو ڊارو جيڪو محمود ڏنو هوس سو ريبارڻ کي نه ڏنو ۽ خيال ڪيائين ته "اسان جي ڪهڙي ڪم ايندو. ڇو نه بادشاهه کي ڏيئي خوشنودي حاصل ڪريان!" وري محمود به ماءُ کان نه پڇيو ته "ڪو مامي تو کي ڊارو ڏنو يا نه؟" آخرڪار سوداگر هڪ ڏينهن ڊارو کڻي بادشاهه کي ڏنو جنهن اهو وري پنهنجي راڻين کي ڏنو. راڻين هڪڙو ڊارو ڏسي چيو ته "هن هڪڙي ڊاري مان ڇا ٿيندو؟ اسان کي اهڙا ٻه ٻيا ٻه ڊارا گهرائي ڏي!" بادشاهه يڪدم سوداگر کي سڏايو ۽ حڪم ڪيائنس ته "جيترو جلد ٿي سگهي، اهڙا ٻه ٻيا ٻه ڊارا پيدا ڪر. نه ته ڦاسيءَ تي چاڙهيندوسانءِ!" سوداگر ويچارو اچي حيران ٿيو ته هاڻي ڇا ڪريان؟ آخر ٻڌي تري ڪجهه مهلت گهريائين. بادشاهه اها ڳالهه مڃي، سوداگر گهر موٽي آيو ۽ اونڌي منجي ڪري سمهي پيو.

محمود سوداگر کي انھيءَ حالت ۾ ڏٺو تڏھن پڇيائينس تہ ”ماما تو ڇو ھھڙو حال بڻايو آھي؟“ مامس ڪيس سربستي ڳالھہ ڪري ٻڌائي. محمود چيو ”بس ڳالھہ ٻہ اھا!. پاڻ ھلي تا ڏارا ھٿ ڪري اچون! بادشاھہ وٽ وچ ۾ وچي ڪيس چئو تہ مون کي ڪائي جي ڪوٺي ۾ ريشم جي رسي تيار ڪرائي ڏي!“ سوداگر جي پيٽ ۾ ساھہ پيو ۽ ڊوڙندو بادشاھہ وٽ ويو ۽ ڪانئس ڪائي جي ڪوٺيءَ ۾ ريشم جي رسيءَ جي گھر ڪيائين. جي ٻئي شيون ھن کي جھٽ تھي مليون.

اھو سامان کڻائي، ٻئي ڄڻا روانا ٿيا. ھلندي ھلندي ھو انھيءَ برپٽ ۾ پھتا. جتان محمود اھو ڏارو لڌو ھو ۽ اچي انھيءَ غار وٽ بيٺا. جتي ھڪ پري غائب ٿي ويئي ھئي. محمود مامي کي چيو تہ ”ھاڻي آءٌ ڪائي جي ڪوٺيءَ ۾ ويھان ٿو ۽ تون مون کي ھيٺ لاھيندو وڃجانءِ. جڏھن آئون ڏور کي لوڏو ڏيان، تڏھن سمجھج تہ آءٌ ڪنھن منزل تي پھتو آھيان، پر جيڪڏھن وري آءٌ ٻي ڇڪ ڏيان تڏھن پيتي ڇڪي ونجانءِ...“ ائين چئي ھو پيتيءَ ۾ ويٺو ۽ پيتي ڏرندي ڏرندي وڃي ھڪ ميدان ۾ لٿي. ٻاھر نڪري ڏور کي لوڏو ڏئي اڳتي ھليو. چوڌاري نظر ڪيائين، پر ڪجھہ بہ نظر نہ آيس. ٿورو اڳيرو ھليو تہ ھڪڙي محلات جي چوٽي ڏسڻ ۾ آيس. تڪڙو تڪڙو اوڏانھن رخ رکيائين. اھا ھڪ تمام وڏي محلات ھئي، جنھن کي ھڪ ننڍڙو دروازو ھو. دروازي مان گھڙي اندر داخل ٿيو. تہ حيران ٿي ويو چوطرف باغ بستان لڳا پيا ھئا. ڦوھارا جھرمر لايو بيٺا ھئا. پر عجب اھو ھو تہ ماڻھو ھڪ بہ نہ ھو۔ چوڌاري سڃ لڳي پيئي ھئي. محمود آھستي آھستي اندر گھڙيو تہ ڇا ڏسي تہ ھڪ حسين نوجوان ڇوڪري تخت تي چڙھي ويٺي آھي! ھيءَ اھا ئي ڇوڪري ھئي، جنھن محمود کي چيو ھو تہ ”جي محمود ھجين تہ مون کي ڳولي لھج.“ڇوڪري محمود کي ڏسي ڇرڪي ۽ ڊپ وچان چيائين تہ ”اي آدمزادا! تون ڪير آھين، ۽ ھتي ڇو آيو آھين؟“ محمود جواب ڏنس. ”آءٌ محمود آھيان، ۽ توکي ڳولڻ لاءِ ھت آيو آھيان!“ ڇوڪريءَ جو منھن خوشيءَ وچان ٻھڪڻ لڳو ۽ ڊوڙي وچي ھن کي ڀاڪر پاتائين. خوشيءَ وچان ٻيئي ڪجھہ وقت ماٺ ۾ رھيا. آخر محمود ھن کان خبر چار پڇي تہ ”تون ڪير آھين، ۽ ھتي ڪيئن

آئي آهين؟" ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته "آءٌ پارس ولايت جي بادشاهه جي ڌيءَ آهيان، ۽ هتي هڪ ظالم ديو جي قيد ۾ آهيان. جنهن ٻارهن ڪوهن جي آباديءَ ۾ هڪ به ماڻهو نه ڇڏيو آهي. هو صبح جو ويندو آهي ۽ شام جو موٽي ايندو آهي! هو ظالم تو کي به کائي ويندو! پر تون ڪو به خيال نه ڪر، آءٌ جادوءَ جي زور تي تو کي طوطو بڻائي ڇڏينديس!" محمود ڇيس ته "ڀلا تو کي ڪيئن خبر پوندي ته ديو آيو آهي؟" شهزاديءَ جواب ڏنس ته "ڦيرين واچ لڳندي آهي، پوءِ پٿرن جو مينهن پوندو آهي، اها نشاني ديو جي اچڻ جي آهي!" ايتري ۾ واچ لڳڻ شروع ٿي، شهزاديءَ يڪدم محمود تي ڦيٽو پڙهيو ۽ هو طوطو ٿي وڃي وڻ تي ويٺو هاڻي پٿر اڏامڻ شروع ٿيا. مينهن پيو آخر ڪار راڪاس به اچي نڪاءُ ڪيو اچڻ سان ئي وٺي رڙيون ڪرڻ لڳو ته "آدم بو آدم بوءِ!" ڇوڪريءَ ڇيس ته "ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ هتي ڪٿان آيو آدم؟" جڏهن ڪجهه نظر نه آيس ته ماٺ ڪري سمهي پيو صبح جو راڪاس اٿي هليو ويو ۽ شهزاديءَ محمود کي ساڳيءَ شڪل ۾ آندو اهڙي طرح، ڪجهه ڏينهن گذري ويا.

هڪ ڏينهن، محمود شهزاديءَ کي سمجهايو ته "تون ديو کان پڇا ڪر ته سندس ساهه ڪٿي آهي؟" شهزاديءَ هائوڪار ڪئي، ۽ ديو جي اچڻ کان اڳ ڪارا ڪپڙا پائي زر زيور لاهي، منهن سڄائي ويهي رهي. ديو جو هن کي اداس ڏٺو تنهن ڪانئس پڇيو ته "سچي ڪر، ڇا ڳالهه آهي؟" ڇوڪريءَ ڇيو ته "ڳالهه وري ڇا آهي! تون روز الائي ڪيڏانهن ٿو هليو وڃين، ۽ آءٌ هتي اڪيلي ويٺي آهيان، قضا سان ڪير تو کي ماري وجهي، ته پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟" ائين چئي، اچي روئڻ ۾ پيئي، ديو ٽهڪ ڏيئي ڇيو ته "تون انهيءَ جو ڪو به فڪر نه ڪر، مون کي، ڪير به ماري نٿو سگهي!" شهزاديءَ پڇيس ته "ڇو ائين ڇو آهي؟" راڪاس جواب ڏنس ته "منهنجو ساهه منهنجي بدن ۾ ڪونهي - منهنجو ساهه هڪ ٻئي هنڌ محفوظ رکيل آهي!" تنهن تي شهزاديءَ ڇيس ته "ائين وري ڪيئن هوندو!" تنهن تي هن ڇيو ته "هن محلات جي باغ جي اتر پاسي هڪ غار آهي، ان غار جي مٿان هڪ سؤ مڻ پٿر رکيل آهي، اهو پٿر مون ڪانسواءِ فقط محمود نالي شخص چوري

سگهي ٿو: انهيءَ غار ۾ لوهه جو پڃرو رکيل آهي، ۽ ان پڃري ۾ هڪ پوپٽ آهي، انهيءَ ئي پوپٽ ۾ منهنجو ساهه آهي، هاڻي تہ پڪ ٿيئي تہ مون کي ڪو بہ نٿو ماري سگهي!" ڳالهه ٻڌي شهزادي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ هن سان ڪلي ڳالهائڻ لڳي.

صبح جو جڏهن راڪاس ويو، تڏهن هوءَ محمود سان گڏجي انهيءَ غار ڏانهن ويئي وڃي ڏسن تہ برابر هڪ پٿر رکيو آهي. محمود ان کي ڌڪي پري ڪيو ۽ اندر گهڙي ويو. غار ۾ هڪ پڃرو پيو هو ۽ پڃري ۾ پوپٽ پئي ڦيرا ڪاڏا. محمود يڪدم ڪٽي پوپٽ کي جهليو. هوڏانهن راڪاس جو پاڻ کي جهليل سمجهيو سو وٺي ڀڳو. ۽ مينهن واءُ ڪندو اچي پنهنجي محلات ۾ پهتو ۽ جيئن محمود ڏانهن وڌيو تيئن هن پوپٽ جي هڪ ٽنگ اچلائي ڇڏي راڪاس جي بہ هڪ ٽنگ غائب ٿي وئي! تڏهن بہ هو هڪڙي ٽنگ تي ڏوڪيندو آيو. اتي محمود پوپٽ جي ٻي ٽنگ بہ پٽي اڇلائي... تہ راڪاس جي ٻي ٽنگ بہ گم ٿي وئي! تڏهن بہ راڪاس پيٽ پر رڙهندو پئي آيو. محمود يڪدم هن جي منڍي مروٽي اڇلائي تہ هن جي سسي بہ غائب ٿي ويئي ۽ راڪاس مري ويو. راڪاس جي مرڻ ڪانپوءِ هو ڪيترا ڏينهن آرام سان رهيا. ۽ آخر هڪ ڏينهن اهڙا ڍارا ۽ ٻيا هيرا جواهر پاڻ سان کڻي اچي ڪائي جي ڪوٺيءَ وٽ ٻيٺا. سامان سڙا ان ۾ رکي بس ڪيائون تہ ڏٺائون تہ جاءِ رڳو هڪڙي ماڻهوءَ جي آهي! سو محمود شهزاديءَ کي ان ۾ ويهاري، رسي لوڏي، شهزاديءَ کي ڇيائين تہ مٿي وڃي، ڪوٺي وري هيٺ موڪلج تہ آءُ بہ اچان!" ڪائي جي ڪوٺي جڏهن مٿي پهتي تڏهن سوداگر حيران ٿي ويو جان ڪٽي ڏسي تہ ڍارن جي پيٽي ۽ ٻيا ڪيترائي هيرا جواهر پيا هئا. سوداگر جي دل ۾ اچي بي ايماني جاڳي، سو ڇا ڪيائين جو پيٽي پڃي پور ڪري ڇڏيائين. پريءَ گهڻيون ئي رڙيون ڪيون، پر هن ڪجهه بہ نہ ٻڌس، ۽ پريءَ کي وٺي اڻي گهر ويهاريائينس.

پري سڄو ڏينهن پيئي محمود جي ياد ۾ روئندي هئي. هڪ ڏينهن سوداگر پريءَ کي چيو تہ "ڪيترا ڏينهن پيئي روئندينءَ ۽ رڙندينءَ؟ تون مون سان شادي ڪر..." پريءَ ڏٺو تہ سوداگر هٿ ڌوئي اچي پٺيان پيو آهي، سو ڪجهه وقت مهلت ڏيڻ لاءِ عرض ڪيائينس، جا ڳالهه

سوداگر خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سوداگر هڪ وڏي دعوت ڪئي، ۽ ملڪ جا مشهور ۽ وڏا پنڊت "شيِ گهڙي" ڳولڻ لاءِ گهرايائين. پنڊت مٿو هڻي هڻي ٿڪا، پر ويجهڙي ڪا سندس شاديءَ جي شيِ گهڙي ڳولي نه سگهيا. پر سوداگر کي هئي تڪڙ.... انهيءَ ڪري ته متان ڪٿان محمود اچي نڪري!

هوڏانهن محمود ڪجهه ڏينهن انتظار ڪري سمجهي ويو ته سوداگر دغا ڪئي، سو اچي حيران ٿيو آهستي آهستي پور پچائيندو ديو جي محلات ڏانهن وڃڻ لڳو اتي ڏٺائين ته پاڙي جيڏا پکي آهن. جيڪي پيا ديو جو ڏيڍر کائين. محمود ڇا ڪيو جو لڪندو لڪندو وڃي هڪ پکيءَ جي ٽنگ جهلائين. پکي اڏامڻ لڳا . هي به پکيءَ سان گڏ اڏامندو اچي هڪ وڻ تي لٿو وڻ تان لهي پيرين پنڌ اڳتي هلڻ لڳو. پويان هڪ جهوپڙي ڏٺائين. تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو انهيءَ پاسي ويو ۽ جهوپڙيءَ ۾ اندر گهڙي ويو. ڏٺائين ته اتي هڪ درويش ويٺو آهي، ڏاڍي ادب سان مليس. درويش هن کي ماني ٽڪي کارائي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن محمود درويش کان موڪل گهري تڏهن هن کيس به ٻليون ڏنيون ۽ چيائين ته "هن وڏي ٻليءَ ۾ جيڪو گل پيو آهي، ان کي سنگهڻ سان ماڻهو پير مرد ٿي ويندو آهي ۽ ننڍي ٻلي واري گل سنگهڻ سان وري جوان ٿي ويندو. هي منهنجي طرفان تحفو اٿئي. هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور ڪم ايندو!" محمود درويش جو ٿورو مڃيو ۽ پنهنجي ڳوٺ جو رستو پڇي روانو ٿيو.

هلندي هلندي آخر هڪ ڏينهن پنهنجي ڳوٺ اچي پهتو. رستي تي محمود وڏو گل سنگهيو ۽ هو سچ پچ پوڙهو ٿي ويو. ڳوٺ رسڻ کانپوءِ هو سڌو وڃي هڪ ڪنيار جي گهر وٽ بيٺو ڪنيار سمجهيو ته هي ڪو وڏو درويش آهي، سو مهماني قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائينس، جو هن خوشيءَ سان قبول ڪيو. ماني ٽڪي کائڻ کانپوءِ خبر چار هلي. ڪنيار ٻڌايس ته "هتي هڪڙو سوداگر ولايت مان هڪ نهايت سهڻي شهزادي وٺي آيو آهي، تنهن سان شادي ڪرڻ ٿو گهري، پر ڪو "شيِ شگن" نٿو نڪريس" محمود چيو ته "آءٌ وڏو پنڊت آهيان، وڃي ٻڌائينس ته آءٌ کيس شيِ شگن ڪڍي ڏيندس!" ڪنيار اٿيو ۽ جلدي جلدي سوداگر وٽ ويو ۽ وڃي کيس اهو حال ٻڌايائينس، سوداگر يڪدم عاليشان

سواري موڪلي، جنهن تي محمود چڙهي آيو ۽ ڏٺائين ته محفل لڳي پئي آهي، جنهن ۾ بادشاهه به ويٺو آهي ۽ دغاباز مامس به ويٺو آهي. هو يڪدم پوتي ڪولي ويهي رهيو گهڻيءَ دير کان پوءِ هن ٻڌايو ته "اڄ رات جو لڳن آهي، پر صبح جو سج ايرڻ کان ٿورو اڳي 'شپ چؤگهڙيو' آهي- اهو وقت ايندو ته آءٌ توهان کي ٻڌائيندس..." سڀ خوش ٿيا. تڏهن ننڍن هن کي پيير مرد ڏسي ڪانئس پڇيو ته "درويش سائين! توهان به گهڻي دنيا ڏٺي هوندي، ڪو دورنگي دنيا جو تجربو اسان کي به ٻڌايو!" محمود چيو "ها! ابا ٿورا گهڻا سال ٿيا، جو هن ملڪ تي هڪڙو مشهور بادشاهه حڪومت ڪندو هو. اهو بادشاهه هڪ ڏينهن هڪ ريٻارڻ تي عاشق ٿي پيو پوءِ ريٻارڻ هن کي پسند نه ڪيو. آخر هڪ ڏينهن بادشاهه زوريءَ ريٻارڻ سان شادي ڪئي...." اتي بادشاهه جو ويٺو هو تنهن کي اها ڳالهه ڪي ياد آئي! محمود پوءِ محفل ۾ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڪيئن بادشاهه ويچاري ريٻارڻ کي مارڻ جو حڪم ڏنو ڪيئن ريٻارڻ موت کان بچي، ڪيئن محمود ڄائو ۽ ڪيئن محمود جي مامي ساڻس دغا ڪئي! سوداگر جون به به ويون ته ڇهه به ويون - ويچارو ڳاڙهو پيلو پيو ٿئي! ڳالهه ختم ٿي ته بادشاهه پڇيو "هاڻي محمود ڀلا ڪٿي آهي؟" محمود چيو ته "اهو هتي ئي موجود آهي، ڳوليوس!" پر بادشاهه کي ڪهڙي خبر جو ٻڌائي ! آخر چيائين "مون کي خبر نٿي پوي، تون ٻڌاءِ ته ڪهڙو آهي؟" محمود چيو ته "ريٻارڻ گهرايو اها پاڻهي پنهنجي پٽ کي ڳولي لهندي" ريٻارڻ آئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي هڪدم وڃي مٿس هٿ رکيائين! چي، "خدا نٿو ڀلائيم ته منهنجو پٽ محمود تون ئي آهين." تنهن تي محمود به يڪدم ننڍيءَ دبلي وارو گل سونگهي پاڻ کي اصلي حالت ۾ آڻي ڇڏيو! ريٻارڻ پنهنجي پٽ کي ڏسي يڪدم ڪٽي ياڪر پاتو. بادشاهه ۽ سوداگر - ٻنهي پنهنجي ڪئي تي پڇتايو. آخر بادشاهه ريٻارڻ کي وٺي محل ۾ آيو. محمود کي به شهزادي ماڻي ويٺو سوداگر کي بادشاهه معافي ڏني ۽ محمود به بخشيو. ۽ تنهن کان پوءِ سڀ خوش ٿي گذارڻ لڳا.

"جهڙو ميلو انهن سيني جو ٿيو تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي."

- آمين!

لال ملوڪ بادشاهه

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو ڪو غريب شخص رهندو هو. هڪ سال ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو ۽ پوءِ سڀ ماڻهو ڪنهن ٻئي آباد ملڪ ڏانهن ڀڄي ويا. تڏهن هن غريب شخص به اڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ گهران زال ۽ پٽ سميت سنيري روانو ٿيو. رات تي هنن کي اچي بک لڳي. غريب شخص دل ۾ خيال ڪيو ته 'آن جو ڪٽو به ڪونهي، ڇو نه ڇوڪري کي ڪهي ان جو گوشت ڪائون، ۽ اڳتي هلڻ جهڙا ٿيون.' هن اها ڳالهه پنهنجيءَ زال سان ڪئي، جنهن پهرين ته ناڪار ڪئي، پر چوندا آهن ته "بک بڇڙو ٿول، داناءَ ديوانا ڪري" سو آخر زال به هائوڪار ڪئي، غريب شخص ڇوڪري کي وٺي، پري ڪنهن پاسائين جاءِ تي پهتو. ڇوڪري کي سمهاري ڪهڻ تي هو ته ايتري ۾ پرسان پيل هڪڙي مئل هرڻ تي نظر پيس، جنهن کي ڪنهن شينهن ماري اڌ ڪائي ڇڏيو هو. ۽ اڌ اوباري تي ڇڏي ويو هو. تڏهن ڇوڪري کي ڇڏي، انهيءَ هرڻ کي ڪٽڻ ويو.. ۽ وري اچي ڏسي ته ڇوڪرو آهي ئي ڪو نه! سمجهيائين ته ان کي اهو ئي شينهن کڻي ويو هوندو. جنهن هرڻ کي ماري اتي ڇڏي ڏنو هو. پوءِ ڇا ڪيائين جو هرڻ جي کل لاهي، ڪجهه گوشت پچائي پاڻ ڪاڏائين، ۽ ڪجهه زال وٽ کڻي آيو. ويچاريءَ زال اهو ڏسي چيو: "هاءِ افسوس! هي منهنجي ٻچڙي جو گوشت آهي، آءٌ نه ڪائينديس." غريب شخص جواب ڏنو ته "هي گوشت ڇوڪري جو نه آهي." تنهن تي زال پڇيو "پوءِ ڪنهن جو گوشت آهي؟ تڏهن منهنجو ٻچڙو ڪٿي؟"غريب شخص چيو ته "پريان ٽڪر جي اوٽ ۾ ڇوڪري کي سمهاري ڪهڻ وارو هوس ته پرسان مئل هرڻ ڏٺم. ڇوڪري کي اتي ڇڏي، ان کي ڪٽڻ ويس، ته انهيءَ وچ ۾ ڇوڪري کي ڪو شينهن کڻي ويو ۽ آءٌ انهيءَ هرڻ جو هي گوشت کڻي آيو آهيان." زال اهو گوشت پچائي ڪاڌو ۽ پنهنجي مڙس کي چيائين "مون کي هلي اها جاءِ ڏيکار - ضرور انهيءَ ٽڪر ۾ ڪٿي

اوسي پاسي شينهن جو غار هوندو." پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي اتي آيا، ۽ ڳولا ڪندي شينهن جو غار ڏٺائون، پر ڇوڪرو ڪو نہ لڌن. ڇوڪري جي پٺيءَ جا نشان سو بيٺا هئا، ۽ پرپرو شينهن جي پيرن جا نشان ڏٺائون، جنهن مان پڪ ٿين تہ شينهن ڇوڪري کي چر اندر گهلي ويو آهي، اهو ڏسي ٻئي ڄڻا ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، نااميد ٿي هليا ويا ۽ چيائون تہ "هاڻي ڪٿي ڇوڪري جو ڀاڳ." زال ۽ مڙس سمجهيو تہ شينهن ڇوڪري کي کائي ويو هوندو سو آسرو پلي روانا ٿيا. انهيءَ غار ۾ هڪ شينهڻ پنهنجي ٻچن سان رهندي هئي، اها هن ڇوڪري کي بہ کير پيارينديءَ هئي، جنهن ڪري شينهڻ جا ننڍڙا ٻچا بہ هن سان هري مري ويا. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، جڏهن اهي شينهڻ جا ٻچا ۽ ڇوڪرو وڏا ٿيا، تڏهن غار مان ٻاهر نڪري شڪار ڪرڻ ويندا هئا، اهي بادشاهہ جي ٻڪرين جي ڌڻ تي اچي هريا، سو روزانو اتان ٻڪريون شڪار ڪري ڪٽي ايندا هئا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن بادشاهہ کي خبر پئي تہ شينهن جا ٻچا رات جو واڙ مان ٻڪريون ماريو ڪٽيو ٿا وڃن، تڏهن بادشاهہ واڙ جي چوڌاري هڪ وڏو لوهي ڪوٽ اڏايو، جيئن تہ واڙ مٿان ڪليل هئي، شينهن جا ٻچا ۽ ڇوڪر اهو ڪوٽ بہ ٽپي هر روز ٻڪريون ڪٽي ويندا هئا. بادشاهہ خيال ڪيو تہ لوهہ جي ڪوٽ جي ڪري ٻڪرين جو بچاءُ ٿي نہ سگهيو، سو ڇا ڪيائين جو ڪوٽ جي چوڌاري اونهي کاهي کوٽائي ڇڏيائين. رات جو شينهڻ جا ٻچار تہ کاهي ٽپي ويا، پر ڇوڪرو ٽپي نہ سگهيو ۽ کاهيءَ ۾ اندر ڪري پيو ۽ ٻاهر نڪري نہ سگهيو صبح جو بادشاهہ جا ماڻهو آيا ۽ اچي ڏٺائون تہ کاهيءَ اندر هڪڙو ڇوڪرو پيو آهي، جو شينهن وانگر گوڙ پيو ڪري، اها حالت ڏسي اهي سڀ ڊڄي ويا ۽ چيائون "هي ماڻهوءَ جو ٻچو شينهن جي گجگوڙ ڪيئن ٿو ڪري!" اها حقيقت وڃي بادشاهہ کي ٻڌايائون، بادشاهہ چيو تہ "هڪڙو دهل، ڪپڙا ۽ رسيون کڻي وڃو دهل وڄائي ان ماڻهوءَ جي ٻچي کي ڊيڄاريو جنهن تي کاهيءَ مان نڪرڻ لاءِ هو اٿي بولاٽيون کائيندو ۽ ٽپا ڏيندو پوءِ جڏهن ٽپا ڏيئي ساڻو ٿي ڪري پوي تڏهن ڪپڙن سان ڍڪي رسين سان ٻڌي قابو ڪري وٺي اچوس." نوڪرن، بادشاهہ جي حڪم جي تعميل ڪئي ۽

هن کي ٻڌي سوگهو ڪري بادشاهہ وٽ وٺي آيا. بادشاهہ کيس هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرائي، قلف ڏيارائي ڇڏيو انهيءَ جاءِ ۾ هڪڙي دري هئي، جتان هن کي ماني ۽ پاڻي ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هو ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي، ڳالهائڻ سکندو ويو هڪڙي ڏينهن ماڻهن کي چيائين، "ٻيلي مون کي ڪپڙا ڏيو تہ پايان. آءٌ اڳ نئڍي هوندي جهنگ ۾ رهندو هوس، مون کي هڪ شينهڻ کڻي ويئي، ان جي ٻچن سان گڏ رهيس ۽ جانورن وارا لڇڻ سکيس، پر آءٌ اوهان جهڙوئي انسان آهيان." تنهن تي بادشاهي نوڪرن هن کي ڪپڙا ڏنا.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو جنهن کي اولاد ڪو نہ هو جڏهن هن ڇوڪري جي ڳالهہ ٻڌي تڏهن بادشاهہ وٽ ويو ۽ بادشاهہ کي چيائين تہ "انهيءَ ڇوڪري جي ٻانهن مون کي ڏيو چاڪاڻ تہ مون کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ آهي." بادشاهہ اهو ڇوڪرو سوداگر جي حوالي ڪيو جو کيس پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ لاڏ ڪوڏ سان ٻيئي زال مڙس هن کي پالڻ نپائڻ لڳا، سندس نالو "لال ملوڪ" رکيائون. ۽ خاص نوڪر چاڪر رکي ڪجهہ وقت خلاصي جاءِ ۾ هن جي رهڻ جو بندوبست ڪيائون، ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ سوداگر کي زال چيو تہ "ڇوڪري کي هاڻ وٺي اچو تہ آءٌ ڏسان." سوداگر ٻئي ڏينهن ڇوڪري کي گهر وٺي آيو ۽ پوءِ هو اتي گهر ۾ ئي رهڻ لڳو اهڙي طرح لال ملوڪ اچي جوان ٿيو لال ملوڪ جي جوانيءَ ۽ حسن ڏسي، سوداگر جي زال جي اچي نيت خراب ٿي، ۽ کيس تمام گهڻو تنگ ڪرڻ لڳي، لال ملوڪ چيو "توهان مون کي پنهنجو پٽ ڪري پاليو آهي ۽ تون منهنجي ماءُ لڳين، مون کان اهڙو ڪڌو ڪم ڪڏهن بہ نہ ٿيندو." جڏهن سوداگر جي زال سڀ حيلا هلائي ٿڪي، تڏهن کيس دڙڪو ڏئي چيائين "چڱو اٿئي تہ منهنجو چوڻ مڃ، نہ تہ سوداگر کي چئي، تو کي بدنام ڪري مارائيندس." لال ملوڪ چيو تہ "مون کي مارائين تہ ڀلي مارائي ڇڏ. منهنجي نظر ۾ تون اها ئي منهنجي ماءُ آهين." سوداگر جي زال ڏٺو تہ وڏيڪ چوڻ هن کي اجايو آهي، سو ڇا ڪيائين، جو جڏهن سوداگر گهر آيو تڏهن بڇڙا حال ڪري، سوداگر کي چيائين تہ "تو گهر ۾ نانگ پاليو آهي، هن حيوان کي نمڪ جو بہ

قدر ڪو نہ پيو ڪيتري وقت کان مون ۾ بدنظر رکيو ويٺو آهي، هيترا ڏينهن مون توهان سان ڳالهہ ڪا نہ ڪئي، هن کي ڪيترو ئي سمجهايم پر هيءُ نٿو سمجهي، تڏهن لاچار اڄ اوهان کي ٻڌايان ٿي." سوداگر هو سياڻو دل ۾ خيال ڪيائين تہ جي ڇوڪري کي لوڌي ڪڍيم يا مارايم، تہ ملڪ ۾ بدنام ٿيندس ۽ اجائي گلا بہ ٿيندي، تنهن ڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪري، جو هو پاڻهي مري وڃي ۽ آزار کان بہ آجو ٿي پئجي. اهو خيال ڪري هڪ ڏينهن ڇوڪري کي سڏي چيائين تہ "پٽ مون کي پيٽ ۾ سور پوندڙ آهي، اڄ ڏس مليو اٿم تہ شينهڻ جو کير ملي تہ اهو پيئڻ سان سور لهي ويندو. سو تون ڪٿان بہ شينهڻ جو کير وٺي اچ." سوداگر خيال ڪيو تہ شينهڻ جو کير آڻڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، تنهن ڪري ڇوڪرو ڊپ جي ڪري پاڻهي ڀڄي ويندو يا ڪيس شينهن ماري ڇڏيندا ۽ اهڙي طرح اسين خواريءَ کان بہ بچنداسون، ۽ هن مان بہ جند ڇٽندي." ڇوڪري اها ڳالهہ ٻڌي، سوداگر کي چيو "مون کي هڪ گهوڙو ۽ لوٽو آٽي ڏيو." پوءِ سوداگر هن کي گهوڙو ۽ لوٽو آٽي ڏنو جو هو وٺي روانو ٿيو.

لال ملوڪ جنهن ڏينهن کان شينهڻ جي ٻچن کان جدا ٿيو هو انهيءَ ڏينهن کان وٺي، اهي لال ملوڪ جي جدائيءَ ۽ فراق ۾ غمگين گذاريندا هئا. سو جڏهن لال ملوڪ گهوڙي تي چڙهي غار جي ويجهو آيو تہ پري کان شينهڻ جي ٻچن ڏسي ماءُ کي چيو تہ "امان، اڄ ادو پيو اچي." شينهڻ چيو "ٻچا! اهو وري ڪٿان آيو؟ اوهين ڀلجو ٿا، اهو ڪو پيو هوندو." ايتري ۾ لال ملوڪ بہ اچي پهتو ۽ هڪڙي پٽر سان گهوڙو ٻڌي ڇڏيائين. ٻچن ڊوڙي اچي ڪيس ڀاڪر پائي ڪيڪاريو ۽ ڏاڍي چاهہ سان وٺي وڃي ويهارياڻونس ۽ حال احوال پڇياڻونس. لال ملوڪ سڄي پيرائتي ڳالهہ ڪري کين ٻڌائي، ۽ چيائين تہ "اڄ آءٌ کير وٺڻ آيو آهيان!" ٻچن چيو تہ "ادا، کير ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي، تو کي جي اسان جو سر کپي تہ اهو بہ حاضر آهي." جڏهن لال ملوڪ شينهڻ مان کير ڏهي لوٽو پري موڪلائڻ لڳو تڏهن ٻچن چيو تہ "اسين بہ تو سان گڏ هلنداسين." لال ملوڪ چيو تہ "ادا هلو تہ ڀلي، پر جيئن آءٌ چوان تيئن ڪجو." ٻچن ائين ڪرڻ قبول ڪيو. لال ملوڪ چيو تہ "آءٌ گهوڙي تي

چڙهي هلان ٿو ۽ اوهين پويان گجگارون ڪندا هلو پر جڏهن شهر جي ويجها هلو تڏهن سيئي گڏجي گجگارون ڪنداسون." آخر سڀ گڏجي روانا ٿيا. جڏهن شهر جي ويجهو پهتا تڏهن شينهڻ جي ٻچن ۽ چوڪري گڏجي وٺي گجگارون ڪيون. ماڻهو اچي ڊنا ۽ شينهڻ جي ٻچن کي ڏسي ڊپ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. لال ملوڪ شينهن جي ٻچن سميت شهر ۾ پهچي ويو ۽ ڀڄندڙ ماڻهن کي دلداري ڏئي، چيائين "اوهين! ڪو به ڊپ نه ڪريو ۽ ڀڄو نه. اوهان جو ڪو به نالو نه وٺندو." تڏهن ماڻهن کي دلجاءِ ٿي ۽ ڀڄڻ بند ڪيائون. لال ملوڪ کير آڻي سوداگر کي ڏنو. سوداگر اهو ڏسي خيال ڪيو ته چوڪرو هن نموني ته مئو ئي ڪو نه. تڏهن لاچار ٿي لال ملوڪ کي چيائين "تون اسان کي نه کپين. هاڻ جيڏانهن جو آهين، ماٺ ڪري اوڏانهن هليو وڃ." لال ملوڪ شينهڻ جي ٻچن کي چيو ته "هاڻي ڀلي موٽي وڃو." تڏهن اهي سڀ موڪلائي روانا ٿيا. انهن جي وڃڻ کان پوءِ پاڻ به اهو شهر ڇڏي هڪ طرف روانو ٿيو.

ويندي ويندي، لال ملوڪ واٽ تي ڏٺو ته هڪ ماڻهو گز ڪمان سان ڪونج ماريو ويٺو آهي. اهو ڏسي لال ملوڪ چيو "يار! تو ته انصاف ڪري ڇڏيو آهي، جو هڪ ئي ڏڪ سان ايترو مٿي ۽ ايتري تکي اڏامندڙ ڪونج ماري ڇڏي اٿئي." تنهن تي هن ماڻهوءَ جواب ڏنو "ادا انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. مون ته فقط هڪڙي ڪونج ماري آهي، پر شاباس ته لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" لال ملوڪ چيو "اهو ته آءٌ آهيان." تڏهن هن چيو ته "جيڪڏهن لال ملوڪ تون آهين ته آءٌ به تو سان گڏ هلندس." لال ملوڪ چيس ته "ڀلي هل" ٻيئي ڄڻا گڏجي، اڳتي هلي ڏسن ته هڪڙي ماڻهوءَ ٻوڙي وچي هرڻ کي جهليو ويجهو اچي هنن چيس "تون ته وڏو ڪو افلاطون آهين، جو ٻوڙي وچي هرڻ کي جهليو اٿئي!" ان ماڻهوءَ وراڻيو ته "ادا، انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، شاباس ته لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" تنهن تي لال ملوڪ چيو "ادا اهو ته آءٌ آهيان." هرڻ مار چيو ته "پوءِ آءٌ به تو سان هلندس!" لال ملوڪ چيس ته "ڀلي هل." آخر ٽيئي ڄڻا روانا ٿيا. اڳتي

اڃي ڏسن تہ هڪڙو واڍو آهي، جو نونئين سان پيو وڻ ڦوڙي. تڏهن لال ملوڪ چيو "تو جهڙو ڏاڍو مڙس بہ ڪو ٻيو جو نونئين سان پيو وڻ ڦوڙي!" واڍي چيو "ادا انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالھہ آهي، شاباس تہ لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" لال ملوڪ چيو "اهو تہ آءٌ آهيان!" تڏهن واڍي چيو تہ "پوءِ آءٌ بہ تو سان گڏ هلندس!" آخر چارئي ڄڻا گڏجي اتان روانا ٿيا. اڳتي هلي ڏسن تہ هڪڙو راڪاس آهي، جو ريڙهيون پائيندو پيو وڃي، ويجهو اچي هنن چيس تہ "اڻين ڇو ٿو هلين، اٿي ڇو نٿو هلين؟" انهيءَ راڪاس چيو تہ "جي اٿي ٿو هلان تہ منهنجي وڪ آهي وڏي، هڪڙو پير هتي تہ ٻيو پير دنگ ڪان بہ پرتي هليو ٿو وڃي، پر منهنجو ڪم هتي اورتي آهي، تنهن ڪري اڻين ٿو هلان." لال ملوڪ چيو "تون تہ ڏاڍو ڪو حيرت جهڙو مڙس آهين، جو وڪ ئي ايڏي ٿو کڻين!" راڪاس چيو "ادا، انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالھہ آهي، شاباس تہ لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" لال ملوڪ چيو تہ "اهو تہ آءٌ آهيان!". تڏهن راڪاس چيو تہ "پوءِ آءٌ بہ تو سان گڏ هلندس."

پوءِ هي پنج ئي يار گڏجي اڳتي روانا ٿيا. اڳتي ويا تہ هڪڙو شهر نظر آين، پر ان ۾ ڪو بہ ماڻهو ڪو نہ هو ان شهر ۾ هڪ اڪ وارو راڪاس رهندو هو جنهن شهر جا سڀ ماڻهو ڪائي ڪپائي ڇڏيا هئا، فقط هڪ حسين ڇوڪري هئي، جنهن کي پاڻ وٽ رکيو هئائين. راڪاس ان ڇوڪريءَ کي ڏينهن جو اڪيلو ڇڏي، ٻاهر ڪيڏانهن نڪري ويندو هو ۽ وري رات جو موٽي ايندو هو. آخر گهمندي گهمندي، جڏهن انهيءَ جاءِ وٽ پهتا، جتي اها ڇوڪري رهندي هئي، تڏهن لال ملوڪ ڇوڪريءَ وٽ ويو. ڇوڪريءَ هن کي ڏسي چيو تہ "اي آدمزادا! تون هتي ڪيئن آيو آهين؟ ڀڄ! نہ تہ هڪ اڪ وارو راڪاس توکي ڏسندو ۽ توکي سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏيندءِ!" لال ملوڪ هن کي دلداري ڏني، ۽ چيائين تہ "تون ڪوبہ خيال نہ ڪر: رڳو ٻڌاءِ تہ راڪاس ڪيڏيءَ مهل ايندو آهي؟" ڇوڪريءَ چيو: "راڪاس سج لٿي مهل ايندو آهي." سج لٿو تہ هڪ اکئو راڪاس بہ آيو ۽ هنن کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو تہ 'هي ڪير آهن، جو ايتري همت اٿن؟ آءٌ

تہ شڪار ڳولڻ لاءِ ٻاهر ويس، پر هي تہ گهر ويٺي هٿ اچي ويا!' دل ۾ اها ڳالهہ ڳڻي، ڀانيائين تہ اڳو پوءِ هنن کي پورو ڪري وٺان. تہ لال ملوڪ پنهنجي دوست، وڏي وڪئي راڪاس، کي اشارو ڏنو.... ۽ اک ڇنڀ ۾ ويڙهہ شروع ٿي ويئي. آخر لال ملوڪ جي دوست، هن ديوس راڪاس کي دَسي، ڏکن ۽ ڇنبن سان هٽي پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ ان کي سيني گڏجي ڪٽي تيل جي تتل ڪڙاهيءَ ۾ وڌو جتي پُڄي پُڄي ڪوڪي ٿي ويو. پوءِ سڀ دوست گڏجي اُتي رهڻ لڳا. لال ملوڪ انهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.

ڪجهہ وقت گذرڻ ڪانپوءِ، هڪ ڏينهن سڀ دوست لال ملوڪ وٽ آيا، ۽ چيائونس تہ "وطن جي سڪ ٿي اٿئون. هاڻي توکان موڪلائيندا سون." لال ملوڪ ڀاڪر پائي ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيئي سيني کان موڪلايو ۽ هر هڪ دوست کي هڪڙو گل ڏنائين، ۽ چيائين تہ "مون تي جڏهن بہ ڪا آفت آئي، تہ هيءُ گل ڪومائجي ويندو ۽ سمجهجو تہ آءٌ وڏيءَ مصيبت ۾ آهيان، ۽ جي يار آهيو تہ انهيءَ مهل اچي منهنجي خبر وٺجو!" واڍي لال ملوڪ کي پوءِ رڪ جي هڪ تلوار خالي هٿن سان نيپي ناهي، تيار ڪري ڏني، جنهن ۾ لال ملوڪ جو ساهہ رکيو ويو ۽ چيائينس: "اها تلوار نہ باهہ ۾ وجهج ۽ نہ وري پاڻيءَ ۾، ۽ نہ وري ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏج. جيستائين اها سلامت هوندي، تيستائين تنهنجي سر کي ڪوبہ جوکو نہ رسندو." انهيءَ بعد، هي چارئي يار موڪلائي روانا ٿيا، ۽ لال ملوڪ پنهنجي زال سميت اتي ئي رهي پيو.

لال ملوڪ جي زال تمام سهڻي هئي، هن جي جتيءَ تي سون جو پرت ۽ هيرن جي جڙت ٿيل هئي. هوءَ هر روز صبح جو درياءَ تي وهنجڻ ويندي هئي. لال ملوڪ وٽ پاليل هڪ ڪتو ۽ هڪ ٻلي بہ پڻ هئا.
هڪ دفعي جيئن هن جي زال درياءَ تي وهنجڻ ويئي، تيئن جهڙو جُتي ٿي پاتائين، تهڙو هڪڙو پادر ترڪي وڃي درياهہ ۾ ڪريس. جتيءَ جي پادر کي گهڻو ئي ڳوليائين، پر هٿ نہ آيس. قضا سان اهو پادر هڪ مڇي ڳهي ويئي، جا هڪڙي مهاڻي جي ڄار ۾ ڦاٿي. مهاڻي اها مڇي وڃي بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ رکي، جا هڪڙي شاهوڪار خريد ڪئي، ۽

گهر وڃي ان کي وڌايائين، ته اندران جتيءَ جو پادر نڪتو! شاهوڪار جي جوان پٽ جڏهن جتيءَ جو هيءُ سهڻو پادر ڏٺو تڏهن خيال ڪيائين ته ’جنهن ڇوڪريءَ جي جتي ئي ههڙي آهي، سا پاڻ ته الائي ڪهڙي سهڻي هوندي!‘ سو پر پٽ ان تي عاشق ٿي پيو ۽ دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين ته انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڳولي لهندس، ۽ ان سان ئي شادي ڪندس.‘ پوءِ اتان اٿي سڌو پنهنجي پيءُ وٽ آيو ۽ چيائينس: ”ابا، جي مون کي شادي ڪرائڻي اٿئي، ته هن جتيءَ واريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪراءِ!“ پيءُ جو پٽ سان تمام گهڻو پيار هو ۽ هن کي پئسي جي پرواهه ته هئي ڪانه. ۽ پئسي سان ڇا نٿو ڪري سگهجي! سو ڇوڪريءَ جي پڇا ڳاڇا لاءِ چئن ئي ڪنڊن تي ڪيترائي ماڻهو ۽ ڍوتيون ڪٽي ڇڏيائين، ۽ چيائين: ”ڪوشش ڪري اها ڇوڪري هٿ ڪريو. جي نه، ته به پڇا ڳاڇا ڪري، ڏس پتو ڪڍي اچو ته اها ڪير آهي ۽ ڪٿي جي رهندڙ آهي. جيڪو به اها خبر آڻيندو تنهن کي جهجهو انعام ڏيندس.“

هڪڙي ڍوتي، ملڪ گهمندي، ڏيهه ڏوريندي، آخر هڪڙي ڏينهن وڃي ڇوڪريءَ واري شهر ۾ پهتي، جتي پڇا ڪندي نيٺ لال ملوڪ جي گهر جو ڏس مليس، ۽ ڪجهه ڏينهن اُتي رهي، واقفيت حاصل ڪري، وڃي ان ڇوڪريءَ تائين پهتي. ڇوڪريءَ جي خوشامد ڪندي، ان کي چوڻ لڳي: ”آءٌ تنهنجي ناني آهيان، توکي راڪاس کڻي ويو هو، تنهنجا ماءُ پيءُ تنهنجي وڇوڙي ۾ مري ويا. ۽ آءٌ به پڇائون ڪندي ڪندي، الائي ڪيڏن ڪشالن کان پوءِ اڄ هتي پهتي آهيان- خدا ڪيو جيئري تنهنجو منهن اچي ڏٺو اٿم!“ آخر اتي رهي، هيءَ ڍوتي ڇوڪريءَ سان اهڙي ته گهائل مائل ٿي ويئي، جو خيال ڪيائين ته ڇوڪريءَ کي هاڻي ڪنهن طرح هتان ڪڍجي. آخر ڪنهن نموني هن کي خبر پيئي، ته لال ملوڪ جو ساهه آهي ترار ۾، جيڪا ڏينهن رات هو ساهه سان سانڍيو پيو گهمي، سو خيال ڪيائين ته ’اها ترار مٽيوئي ڪنهن اٽڪل سان هٿ ڪريان ۽ لال ملوڪ کي ماري پوءِ هن ڇوڪريءَ کي وٺي وڃان.‘ پر اها ترار لال ملوڪ ڪڏهن به پنهنجي جان کان جدا ڪونه ڪندو هو. پر ڇوندا آهن ته ’شڪاريءَ کي

جيڪڏهن صبر آهي، ته شڪار ڪڏهن نه ڪڏهن پاڻهي اچي سندس جهوليءَ ۾ پوندو'. سو هڪڙي ڏينهن اتفاق اهڙو ٿيو جو لال ملوڪ ترار گهر ۾ ڇڏي، پاڻ ٻاهر ڪنهن ڪم سان هليو ويو. ڏوتيءَ ٻه ڏٺو ته 'وجهه ته واهه جو اچ مليو آهي، وري اهڙو موقعو هٿ نه ايندو!' سو ڇا ڪيائين، جو هڪدم اها ترار ڪڍي، لڪائي، پاسي واري درياءَ ۾ وڃي اڇلايائين.
ٻئي طرف لال ملوڪ جتي ويل هو انهيءَ گهڙيءَ اتي ئي ڌهي پيو! انهيءَ ئي مهل، سنگتين کي ڏنل لال ملوڪ جا گل اوچتو ڪومائجي ويا. سنگتين خيال ڪيو ته 'اڄ لال ملوڪ تي ڪا آفت اچي ويئي آهي!' سو هر ڪو جتي هو اتان اتي روانو ٿيو. ڏينهن رات هڪ ڪندا، نيٺ سڀ سنگتي اچي لال ملوڪ جي گهر پهتا، ۽ اچي ڪٽي ڏسن ته نه آهي لال ملوڪ نه آهي نه وري ان جي زال- ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. دوستن مان ٻيا ته سڀ آيا، پر راڪاس ڪونه آيو هو تنهنڪري سڀ ڊوڙي ويا راڪاس وٽ. اتي اچي ڏسن ته راڪاس الوٽ ننڊ ۾ ستو پيو آهي. تڏهن ٻڪرين جو ڏڻ هڪلي آڻي هن جي ناسن ۾ وڌائون، ته راڪاس سجاڳ ٿي اتي ويهي رهيو. پوءِ هن کي به لال ملوڪ ۽ سندس زال جي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائون.
ڳالهه هيءَ هئي ته لال ملوڪ جيئن گهران نڪتو تيئن وري نه موٽيو. تنهن تي سندس زال کي ڏاڍي اُڻ تڻ ٿي پيئي، مگر ڏوتيءَ هن کي دلداري ڏيندي چيو: "تون ڪو به فڪر نه ڪر، ڪنهن ڪم سان ٻاهر پريرو نڪري ويو هوندو. پاڻهي موٽي ايندو. تون ڇو ٿي ڳڻتي ڪرين؟" نيٺ هڪڙي ڏينهن ڏوتيءَ ڇوڪريءَ کي چيو ته "هل ته پرسان درياءَ تان گهمي ڦري اچون." ڇوڪري هن کي پنهنجي ناني سمجهندي هئي، سا هن سان گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪتي، ۽ اچي درياءَ تي پهتيون. اتي اڳي ئي رٿيل منصوبي موجب، شاهوڪار جا ماڻهو ٻيڙين سميت تيار ويٺا هئا. ۽ ڇوڪريءَ کي زوريءَ ٻيڙيءَ ۾ وجهي روانا ٿيا ۽ سڌو اچي پنهنجي ماڳ تي پهتا. ڇوڪريءَ کي گهڻي ئي لالچون ڏنائون، آخر ۾ دڙڪو به ڏنائونس ته "شاهوڪار جي پٽ سان شادي ڪر، نه ته توکي ڪوٺيءَ ۾ پوري ڇڏبو." ڇوڪريءَ هنن جي هڪ به نه مڃي، پر هو به هن کي روز ستائڻ لڳا. ڇوڪريءَ ڏٺو ته 'هنن مان هاڻ

ڪيئن جند ڇڏايان. سو هڪ ڏينهن انهن کي چيائين : ”جن جا مڙس مري وڃن ٿا، سي ٻه ٻارهن مهينا ويهن ٿيون. منهنجو مڙس ته جيئرو آهي: گهٽ ۾ گهٽ مون کي ٻه ته ڇهه مهينا ڪن مهلت ڏيو پوءِ آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ هن جو خيال هو ۽ ڪيس اميد هئي، ته ڇهن مهينن اندر لال ملوڪ منهنجي ضرور پوئواري ڪندو ۽ هتان جند ڇٽي ويندي. شاهوڪار خيال ڪيو ته ڇهه مهينا اجهي ڪي اجهي گذريا، تنهنڪري هن کي وڏيءَ خوشيءَ سان مهلت ڏنائين.

لال ملوڪ جا سنگتي ۽ راڪاس ٻه پڇا ڳاڇا ڪندا، آخر اچي انهيءَ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتا. اتي لال ملوڪ جا پاليل ڪتو ۽ ٻلي اڳي ئي ويٺا هئا، جن کي هنن ڇوڪريءَ کي ڳولڻ لاءِ موڪليو. چوندا آهن ته ’ڪتن ۽ ٻلين کان ڪنهن جا گهر لڪل ڪين آهن.‘ سو ڳوليندي ڳوليندي، نيٺ لال ملوڪ جو ڪتو ۽ ٻلو وڃي انهيءَ شهر ۾ پهتا ۽ شاهوڪار جو گهر ڳولي وڃي هٿ ڪيائون، ۽ ڇوڪريءَ کي اڪيئين ڏسي، خاطري ڪري، اچي لال ملوڪ جي دوستن کي ساري حقيقت ٻڌايائون.

ٻئي طرف لال ملوڪ جا دوست، ڪتي ۽ ٻلي کي روانو ڪري، اتي ئي ترسي پيا هئا... جيستائين ڪتو ۽ ٻلي واپس موٽي اچن. هڪڙي ڏينهن سڀ سنگتي انهيءَ درياءَ ۾ وهنجڻ لڳا. چوندا آهن ته ”بخت ورندي ويرم ئي ڪانه ٿئي“. سو واڍي کي وهنجندي وهنجندي، پير ۾ ڪجهه لڳو ۽ جهڙو نوڙي، هٿ وجهي، ڪڍي ٻاهر ڪڍيس، ته ڏسي ته ساڳي لال ملوڪ واري ترار جيڪا پاڻ هٿن سان ناهي هئائين! ترار ڏسي، سيني سنگتين کي پڪ ٿي ته لال ملوڪ سان دغا ٿي آهي. پوءِ ترار مهٽي مهٽي خوب صاف ڪيائون، ۽ اهڙو چلڪايائونس جهڙي وڄ. هيڏانهن ترار صاف ٿيندي ويئي، ۽ هوڏانهن لال ملوڪ جتي هيترا ڏينهن پيو هو اتي ڪر موڙيندو جاڳندو ويو ۽ نيٺ نوبنو ٿي اُٿي ويهي رهيو. پوءِ پيرين سيرين ٿي پنڌ ڪري، انهيءَ گهڙيءَ اچي هو پنهنجي گهر پهتو ۽ ڇا ڏسي ته سڄو گهر ڀڙڀانگ لڳو پيو آهي. ڏسندي وائسندي، پتو پيس ته سڀ سندس دوست درياءَ جي ڪپ تي لٿل آهن ۽ سندس ۽ سندس زال جي ڳولا پيا ڪن. پوءِ لال

ملوڪ هڪدم ڊوڙي اچي دوستن سان مليو ۽ پاڻ ۾ حالي حوالي ٿيا. ايتري ۾ ڪتي ۽ ٻلي به لال ملوڪ جي زال جي خبر آڻي کين ڏني. لال ملوڪ، دوستن سان صلاح ڪري، ڪتي ۽ ٻلي هٿان پنهنجي وفادار زال کي نياپو ڪيو ته "تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. شاهوڪار کي چئُو 'آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر انهيءَ شرط سان تہ شادي ستن ڏينهن اندر ٿئي!" پوءِ جڏهن شاديءَ جي پوريءَ طرح تياري ٿي وڃي، تڏهن شهر جي سڀني زالن کي چئج تہ پنهنجن ٻارن سميت سڀ هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويهي ڳيچ ڳائين. جڏهن اهي ڳيچ ڳائڻ ۾ مشغول ٿي وڃن، تڏهن ٻاهر نڪري، جاءِ کي ڪلف ڏيئي، تاڙي وڄائج. اسين بہ اتي پرسان بيٺا هونداسين، ۽ هڪدم اچي تو وٽ پهچنداسون. ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ توکي واپس وٺي هلنداسون. هاڻي، انهن ڳالهين جي پورائي ڪري، اسان کي جواب واپس موڪل."

ڪتو ۽ ٻلو جي بيحد سياڻا هئا، لال ملوڪ جو نياپو کڻي، هڪ ئي ڊوڙ ۾ وڃي ڇوڪريءَ وٽ حاضر ٿيا. ۽ سمورو نياپو ذري پرزي هن کي رسايائون، جنهن کين روڪي حال في الحال پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو. ڇوڪريءَ پوءِ شاهوڪار کي چوائي موڪليو تہ "آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ هاڻي تيار آهيان، پر انهيءَ شرط سان تہ شادي اڄ کان ٻنهہ ستين ڏينهن ٿئي!" شاهوڪار تہ اڳي ئي آتو ويٺو هو. تنهن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن خوشيءَ ۾ اهڙا وٺي ٻڌا ٻڌا ٽپ ڏنا. جو ماڻهن سمجهيو تہ مغز سان ڪجهہ معاملو ٿي ويو اٿس. مطلب تہ هڪدم شاديءَ جي تياريءَ جو حڪم ڏنائين، ۽ شاديءَ جون تياريون زور شور سان شروع ٿي ويون: ڇوڏاري دعوتون ڏنيون ويون، ٻڪرا ڪسجي ويا، ديڳيون چڙهي ويون، ۽ دعوتي پڻ شاهوڪار جي گهر اچي گڏ ٿيڻ لڳا. ڇوڪريءَ سمورو احوال ڪتي کي ڪن ۾ ٻڌائي، لال ملوڪ ڏانهن روانو ڪيو. جڏهن ڪتو لال ملوڪ وٽ پهتو تڏهن سموري حقيقت معلوم ڪري سڀ خوش ٿيا. ۽ هڪدم اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويهي رهيا.

انجام موجب ٽئين ڏينهن شاديءَ جي تياري پوري ٿي ويئي. رات جو شهر جون ننڍيون وڏيون زالون ٻارن سميت سڀ اچي گڏ ٿيون. ڇوڪريءَ چين تہ "مهرباني ڪري سڀئي هن ڪوٺيءَ ۾ ويهي ڳيچ

ڳايو.“ جڏهن سڀ زالون ڳيچ ڳائڻ ۾ لڳي ويون، ۽ ٻارڙا سمهي رهيا، تڏهن ڪنوار اٿي، انهيءَ ڪوٺيءَ کي ڪلف ڏيئي، ٻاهر نڪري، تاڙي وڄائڻ بيهي رهي. تاڙيءَ جي آواز تي لال ملوڪ ۽ سندس دوست، جي ويس بدلائي آيل هئا، سي سڀ ظاهر ٿيا. پوءِ ته لال ملوڪ جي دوست، راڪاس، زالن واري ڪوٺي هڪدم کڻي وڃي درياءَ جي ٻئي ڪپ تي چڙهي، ۽ واپس اچي، ظالم شاهوڪار ته نهيو پر سڀ شهر جا ماڻهو جيڪي ههڙي ظالم کي شهر ۾ ڇيڪ چڙهيو ويٺا هئا، ۽ هميشه هن جي آڏو هٿ جوڙ ڪيو بيٺا هوندا هئا، ماري ختم ڪري، ۽ سڄي شهر کي باهه ڏيئي، ساڙي ڀسم ڪري، موٽي آيو پنهنجن ٻين سنگتين وٽ ڪوٺي کولي ڏسن ته سبحان الله، اندر ته ڪي اهڙيون حسين حورون ويٺيون آهن، جن جي ڳالهه ئي نه پڇو! پوءِ سڀ گڏجي آيا، لال ملوڪ جي جاءِ تي، جتي لال ملوڪ سيني دوستن کي ٻه ٻه چار چار دل گهريون شاديون ڪرايون. پوءِ هي خير خوشيءَ جا ڪجهه ڏينهن اتي گذاري هڪڙي ڏينهن انهن سنگتين لال ملوڪ کي چيو ته ”يار هاڻ موڪلائيندا سون، وطن پيو ساري!“ لال ملوڪ ڏاڍي ڏک سان دوستن کان موڪلايو ۽ پاڻ سوداگر جي شهر جون زالون ۽ ٻار وٺي، پنهنجي سلڇڻيءَ سهڻيءَ زال سميت وري اچي اهو شهر وسائي ويهي رهيو جنهن هڪ اڪئي راڪاس ڦٽائي نابود ڪري ڇڏيو هو جنهن کي پوءِ هن پاڻ ٽتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ وجهي ڪوڪي ڪري هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو.

هائو سائين، لال ملوڪ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ڪهڙيون ڪجن! جهڙو هوس نالو تهڙوئي بيشڪ هو مڙس لال ملوڪ!

ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهه

بادشاهن جو بادشاهه ته رب پاڪ آهي، پر ڪوڙي زماني جو هڪڙو ڪو بادشاهه هوندو هو جنهن کي مايا ملڪيت جي ته ڪا پرواهه ڪانه هئي، پر سير مٿيءَ (اولاد) جو بکيو هو. اهو بادشاهه ذات جو ڪوري هو. هڪڙو ڏينهن الله جي قدرت سان اهڙو ٿيو جو درٻار ۾ پنجن سينگي اميرن ۽ وزيرن کان صلاح پڇيائين ته "جيڪڏهن آءٌ مري ويس، ته پوءِ منهنجي رعيت ته سڄي دربدر ٿي ويندي! مون کان پوءِ ڪير آهي، جو انهن جي سار سنڀال لهندو! خدا پاڪ ته مون کي ٻيو سڀ ڪجهه ڏنو آهي، پر انهيءَ ڌن جو ڌنار ڪونه ڏنو اٿس. هاڻي هيءَ رعيت ئي منهنجو سچو پچو اولاد آهي، تنهنڪري منهنجو خيال آهي ته آءٌ پنهنجي سموري مايا ۽ ملڪيت جيڪا ئي پنهنجي هن اولاد کي پنهنجن هٿن سان ورهائي ڏيان، ۽ چوان ته اها ملڪيت، جا هوندئن پڻ سندن ئي آهي، سوگهي ڪري پاڻ وٽ سميٽي رکن. البت جيسين منهنجي حياتي آهي، تيسين ان کي هٿ نه لائين. باقي منهنجي مرڻ پڄاڻان پلي پنهنجي ڪم آڻين. سندن وقت پوءِ سٺو پيو گذرندو."

وزيرن ۽ عقل جي ويرين کي بادشاهه جي انهيءَ 'بيوقوفي' تان ڏاڍي ڪل به آئي، مگر ڪنهن کي به همت نه پئي ٿي، جو ڪجهه ڪڇي سگهي! آخر هڪڙي پيرسن وزير دل جهلي، ٻانهون ٻڌي، ڪنڌ نمائي بادشاهه کي چيو: "جهان پناهه! بادشاهه سلامت جي سر بخت جو سدائين شل خير هجي، جنهن جي حڪومت اندر شينهن ٻڪري گڏ ڪائين ٿا. تنهن جي انصاف ۽ عدل جي هنڌين ماڳين هاڪ لڳي پيئي آهي.- اسان سينگي کي بادشاهه سلامت جن جي بي اولاد هجڻ تي دل جو ڏاڍو ارمان ۽ افسوس آهي؛ پر سچو بندو الله جو اُهو آهي، جو مرڻ گهڙيءَ تائين الله پاڪ جي مهربانين مان اميد لاهي نااميد نه ٿئي. ڪالهه اسان کي خبر پيئي آهي ته پنهنجي شهر کان ڏهن ڪوهن جي

پنڌ تي جبل جي هڪڙي غار ۾، هڪ الله لوڪ درويش رهي ٿو جو هميشه خدا جي عبادت ۾ ئي رڌل رهي ٿو ۽ گهٽ ڪري ڪنهن به بني بشر سان ننڍو ڳالهائي. ٻڌو اٿئون ته سندس منهن مان هميشه نور پيو وسي. ڪچهري ڪنهن سان به ڪونه ڪري، سڄو وقت اکيون پوريون پيون اٿس، ۽ تسبيح سوريندو ۽ چپ چوريندو رهي ٿو. جيڪي به پيو پڙهي، سو سڀ دل ۾. اسان جو سائينءَ جن کي عرض آهي ته انهيءَ درويش کان به ته هلي سوال ڪري دعا پني ڏسو! من ڀاڄهارو ڏٺي انهيءَ وليءَ جي مهابي ڪٽي پٺ جي مهرباني ڪري!"

بادشاهه وزير کي وراڻيو ته "اي عقل جا اڪابر وزير! آءٌ تنهنجي انهيءَ نيڪ راءِ سان شامل آهيان. هڪدم سواريءَ جو بندوبست ڪريو ته هلي درويش کي ڏسجي." حڪم جي دير هئي: بادشاهه سلامت ۽ ساڻس گڏجي ويندڙ وزيرن اميرن جي سواريءَ جو يڪدم بندوبست ٿي ويو. درٻار پوري ڪري، منزل ڪوچ ڪئي ويئي: ڏينهن تپي ويو هو جنهن ڪري واٽ تي هڪ وڏي گهاٽي وڻ جي هيٺان ڪاڙهو ناريائون. پر ۾ بينل پاڻيءَ جي ڍُٻن مان گهوڙن کي پاڻي پياريائون، ٿورو وقت آرام ڪيائون، آندل کاڌو کاڌائون، ته مٿان اچي اڳينءَ جي مهل ٿي. سج لڙندو ڏسي، بادشاهه ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڪيو. يڪدم منزل ڪوچ ٿي، ۽ وچينءَ مهل ويجهي درويش وٽ پهتا. درويش به اوڏيءَ مهل غار کان ٻاهر نڪري، پنهنجي ٻهاريل ٽڪريءَ جي وچ ۾ دڪايل دونهينءَ کي ڪڙو ڏيون، ٻاتولي ماري اکيون بند ڪيو ويٺو هو ۽ تسبيح پڙهي رهيو هو. بادشاهه جيڏيءَ مهل دونهينءَ جي ويجهو ويو تيڏيءَ مهل درويش پنهنجي دونهينءَ جي ڀئي پاسي وڇايل تڏي تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪري، کانئس پڇيو ته "بادشاهه سلامت کي اڄ اسان غريبن جي ڪيئن يادگيري آئي، جو هيڏي ساري تڪليف ورتي اٿن!"

بادشاهه فقير کي چيو ته "الله جو ڏنو پيو سڀ ڪجهه آهي: پٽ جو طالبو آهيان، جنهن جي ڳاراٽيءَ ۾ ڳري رهيو آهيان. انهيءَ ڪري ئي اڄ اوهان جي حاضريءَ ۾ حاضر ٿيو آهيان. اوهان درويشن کي الله پاڪ وڏي سگهه ڏني آهي، اوهان جي ڪيل ڪمائيءَ تي پالڻهار راضي

آهي. چوندا آهن تہ ڪامل درويش جي هنئي ڪڏهن بہ ڪين گسي! درويش جي دعا ڪي الله پاڪ بہ نٿو موٽائي. تنهنڪري مون بي اولاد بندي جي حق ۾ الله جي دربار مان دعا گهري. پٽ وٺي ڏيوم. جنهن جو ڏاڍو بڪايل ۽ سڪايل آهيان!"

درويش بادشاهہ جي سموري حقيقت ٻڌي تبيءَ ۾ پئجي ويو. ٿورو وقت صبر ڪري، ڪلي چيائين: "بادشاهہ سلامت! تنهنجي لاءِ اولاد تہ مون کي لکيل ئي نظر نٿو اچي: آءٌ بہ خدا جي سموري خدائيءَ کي اُٿلائي پٿلائي، ڳولي ڦولي آيو آهيان. جنهن صورت ۾ توکي ڪو اولاد ئي لکيل نہ آهي، تنهن صورت ۾ هيءُ گنهگار بندو ڇا ٿو ڪري سگهي!"

اتي، ڏس ڏيندڙ وزير، ٻانهون ٻڌي، وچ ۾ عرض ڪيو تہ "فقير سائين! جيڪڏهن اسان جي بادشاهہ سلامت جي پُٽ پڌري ٿيڻ لاءِ پٽ جو لکيل هجي ها، تہ ضرور ڪيس ملي ها: جڏهن تہ لکيل ئي ڪونہ آهي، تڏهن تہ اوهان جي قدمن ڇهڻ لاءِ اچي حاضر ٿيا آهيون!"

اتي بادشاهہ وچ ۾ وراڻيو: "لکيو تہ سيڪو لهي ٿو پر ڪمائيءَ وارا ڪامل بزرگ ۽ درويش اُهي، جي اڻ لکيا آهن، پلئہ پائين ٿا!"

انهيءَ تي درويش جون ڳاڙهيون مشعل جهڙيون اکيون ڪلي ويون ۽ هڪل ڪري دهشت سان چيائين: "بابا! انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃو خدا جي ڳجهہ ۾ ڪنهن کي بہ هٿ وجهڻ جي طاقت نہ آهي. تنهنڪري ماٺ ڪري جتان آيا آهيو اوڏانهن واپس هليا وڃو!"

بادشاهہ تمام عاجزي ڪري عرض ڪيس: "درويش سائين! اچڻا اچي چڪاسين. باقي اهڙيءَ دربار مان بنا وٽ ونڻ جي هٿين خالي موٽي، پاڻ کي مهٽيهاب ڪين بنائينداسين. تنهنڪري عرض آهي تہ تون پاڻ کي سڃاڻي، سوال ڪري، اسان جو سبب پورو ڪر، تہ اسين مانائتا ٿي موٽي وڃون."

اها حقيقت ٻڌي، فقير سائين وري تبيءَ ۾ پئجي ويو. ڳچ ڳچ جيتريءَ دير کان پوءِ، ڪنڌ لوڏي، ٿورو مشڪي چيائين: "بادشاهہ سلامت! توکي مبارڪ هجي! الله پاڪ جي دربار ۾ عرض اگهاڻو آهي. ستت ئي توکي بہ ٻار ٿيندا. اول نياڻي ۽ ان کان پوءِ پٽ. نياڻي جڏهن وڏي ٿيندي ۽ بلوغت کي پهچندي، تڏهن پير وارن بادشاهن ۾ تنهنجي

لاءِ دشمني پيدا ٿي پوندي ۽ هو لڙاين لاءِ ميدان اچي والاريندا:" فقير وري ٿبيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ساعت کن ڪانپوءِ چيائين: "پر فتح نيٺ تنهنجي ٿيندي"

اها حقيقت ٻڌي، بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آندل سيپيئي تحفا درويش جي اڳيان نذرانو رکي، درويش کان مليل ڪير جو وٽو پي، موڪلائي پنهنجي شهر تخت گاهه ڏانهن روانا ٿيا ۽ خير سلامتيءَ سان اچي پنهنجي شهر ۾ پهتا، جتي بادشاهه ڪي پنهنجي محلات ۾ چڙي، سيڪو وڃي پنهنجي آستاني تي آرامي ٿيو.

خير! ڳالهيون سگهيون پوريون ٿين، ڏينهن پنهنجي مُدي تي گذرن. ٿوري گهٽي ڏينهين بادشاهه جي ٻن راڻين ڪي اميدواري ٿي. بادشاهه ٻه خوشيءَ ۾ ڪيترو ئي خزانو لٽايو. غريبن ٻه بادشاهي انعام وٺي پنهنجا پنهنجا گهر پريا. آخرڪار مدي پوري ٿيڻ تي، هڪ راڻيءَ کي ڌيءَ ڄائي، ۽ مهيني ٻن کان پوءِ ٻيءَ راڻيءَ کي پٽ ڄائو. بادشاهه خدا پاڪ جا شڪرانا ڪري، نجوميءَ کان ٻارڙن جي بخت بنسبت پڇيو جنهن پڻ ڪامل درويش واري ڳالهه ڏسي، بلڪ صاف طرح کولي بيان ڪئي. چي: "بادشاهه سلامت جي ٻنهي ٻچڙن مان صاحبزاديءَ ۽ صاحبزادي جا بخت بلڪل زور آهن. باقي ٿوري رنڊڪ آهي- جيڪڏهن جهان پناهه اسان کي جيئدان ڏئي، ته اُها ٻه بيان ڪريون."

بادشاهه کين وچن ڏنو ته "اوهان بنا ڪنهن خوف جي حقيقت بيان ڪريو." انهيءَ تي آيل نجومين مان هڪڙي جهور پوڙهي نجوميءَ، جنهن جي ڪنن جون پاپڙيون پئي لڏيون، پانهون ٻڌي چيو: 'جيئندا قبلا! جنهن وقت اوهان جي صاحبزادي، بلوغت کي پهچندي، تنهن وقت حڪومت کي ڪجهه لوڏو ايندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر جلد ئي فتح ۽ ڪاميابي اسان جي بادشاهه سلامت جي ٿيڻي آهي، ۽ جيڪي ٻه غنيم چڙهي ايندا، سي هار کائي وٺي ڀڄندا، ۽ انهن سيني جو جنگي مال ۽ اسباب پڻ بادشاهه سلامت جي هٿ ۾ ايندو."

خير، ڏينهن ٻه مندائتا گذري اچي پورا ٿيا. شهزادي ٻه اچي بالغ ٿيڻ کي ويجهي پهتي، سنڌس حسن جي هاڪ هنڌين ماڳين پکڙجي ويئي. چئن ئي پاسن کان ٻين بادشاهن جا قاصد، ڪوري بادشاهه وٽ

سندس ڏيهَ جي سڳاوتيءَ لاءِ ايندا رهيا. بادشاهه به سيني کي چوٽ جواب ڏيندو رهيو. ٻين بادشاهن ته ڪٽي مات ڪئي، پر سندس دنگئي بادشاهه جنهن جو نالو "ڪرمان" هو جو مغز جو ڦريل هو. تنهن دل ۾ چيو ته "هيءُ ڪوريءَ جو پٽ پيدا ڪڏهن ٿيو جو منهنجي پٽ جي متيءَ ڪان ٿو اسان کي عدولي ڇڏي! سندس حڪومت آهي ڪيتري! آءٌ جي پنهجيءَ تي اچان، ته پنهنجيءَ حڪومت مان ڪجهه ڏاڙيل موڪلي به سندس حڪومت هٿ ڪري سگهان ٿو. سو منهنجي هيڏي ساري ڪٽڪ اڳيان ڪيئن دم پٽي سگهندو؟' ساري رات ڪرمان بادشاهه کي اهڙن پورن پچائڻ ۾ پلنگ تي لڇندي پڇندي گذري ويئي، مگر ننڊ نه آيس. صبح جو سويل دربار ۾ جڏهن سڀ امير وزير اچي گڏ ٿيا، تڏهن ڪرمان بادشاهه ساڻن گذريل رات واري سموري حقيقت بيان ڪري، کائن صلاح پڇي: جنهن تي ٻين سيني بادشاهه سان هائو ۾ هائو ملائي، مگر هڪ ٻيڙو وزير مات ۾ ئي رهيو. جنهن تي بادشاهه چيس: "ٻيڙا وزير! تون ڇو نٿو ڪڇين؟ ڇا اسان جي راءِ توکي نه ٿي وڻين؟" ٻيڙي وزير هٿ ٻڌي چيو ته "بادشاهه سلامت جي سربخت جو سدائين خير هجي! جيڪي حضور جن فرمايو آهي، سو سڀ برحق سچ آهي، مگر منهنجي مرضي آهي ته توهان وري به ڪيس هڪ خط لکو جنهن ۾ سموري حقيقت کولي ٻڌايو ته 'جنهن صورت ۾ تو منهنجي پٽ جي آيل مائٽي آهي، تنهن صورت ۾ بادشاهي قاعدي ۽ قانون موجب جنگ ڪرڻ ئي تي جڳائي: هاڻي يا ته سڱ ڏي يا ته جنگ ڪر!' پوءِ هو ڏجي ويندو ۽ ڪٽي سڱ ڏيندو." بادشاهه ۽ ٻين سيني کي ٻيڙي وزير جي اها اصلاح پسند آئي، جنهنڪري بادشاهه کي ڪرمان، پنهنجي خاص ڪاتب کان خط لکائي، شاهي مهر هڻي، ٻيڙي وزير هٿان ڪوري بادشاهه ڏانهن موڪليو. ٻيڙو وزير ڪوري بادشاهه جي دربار ۾ وڃي ادب سان حاضر ٿيو ۽ بادشاهي خط هڪڙي سونين ٿالهيءَ ۾ رکي، ٻيءَ سوني ٿالهيءَ سان ڍڪي، بادشاهه سلامت کي پيش ڪيائين، ۽ ڪرمان بادشاهه کان آندل هيرا ۽ جواهر به تحفو ڪري پيش ڪيائين.

ڪوري بادشاهه پنهنجي اڪابر وزير کان خط پڙهايو ۽ جنگ

جي ڏمڪيءَ جو ٻڌي، تپي باهه ٿي ويو. خط ڦاڙي ساڙيو ويو ۽ آندل هيرا جواهر به اڇلارايا ويا. ۽ آيل ٻيڍڙي وزير کي چيو ويو ”تنهنجي پيرسنيءَ تي قياس ٿو اچيم ۽ خدا جو خوف ٿو ٿئيم. جنهنڪري توکي سلامت واپس وڃڻ ٿو ڏيان؛ هاڻي آندل خط جو اهو جواب اٿيئي، جو پنهنجي مغرور بادشاهه کي وڃي پهچاءِ ته ’جنگ جا دڙڪا نه ڏي؛ لڙائي ڪرڻي اٿيئي، ته لهي اچ ميدان ۾، ته خبر پوي!‘“

ٻيڍڙو وزير بادشاهه جو زباني پيغام کڻي، پنهنجي ڪرمان بادشاهه وٽ پهتو ۽ اکر به اکر وڃي ڪيس ٻڌايائين. ڪرمان بادشاهه سموري حقيقت ٻڌي، تپي باهه ٿي ويو ۽ هڪدم جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. طبل وڄي ويا. جنگ لاءِ سيڌا سامان ۽ هٿيار پنوهار گڏ ٿي ويا. هڪ شاهي ڪٽڪ تيار ٿي ويو. آخرڪار بادشاهه به پنهنجي گهوڙن پيڙن سميت اچي ڪوري بادشاهه جي تخت گاهه کان اڌ ميل ڪن پنڌ تي پنهنجا خيما کوڙيا. ۽ ڪوري بادشاهه کي چوائي موڪليائين ته ”آءٌ لڙائيءَ لاءِ فوج وٺي آيو آهيان. تون به پنهنجي فوج وٺي اچي لڙائي ڪر، يا پنهنجي ڌيءَ جي منهنجي وڏي پٽ سان شادي ڪري ڏي، ته پوءِ آءٌ واپس هليو وڃان!“

ڪوري بادشاهه، پيغام پهچڻ تي، پنهنجو لشڪر تيار ڪري وڏي وزير جي هٿ هيٺ، ڪرمان بادشاهه سان لڙائي ڪرڻ لاءِ موڪليو. وڏي وزير جي جڏهن ڪرمان بادشاهه جي لشڪر تي نظر پيئي، تڏهن پاڻ ۽ سندس سپهه سالار دهلجي ويا. ۽ بادشاهه کي پيغام ڏياري موڪليائون ته ”ڪرمان بادشاهه سان ايڏو ته ڪٽڪ آهي، جو پنهنجو لشڪر ان جي اڳيان ڪجهه به نه آهي: تنهنڪري اسان جو عرض آهي ته اجائي خونريزي ڪرڻ ۽ لشڪر مارائي رت جي ندين وهائڻ مان ڪجهه به ڪين ورندو. سٺو ائين ٿيندو ته اوهان پنهنجي صاحبزاديءَ جو سڱ کڻي ڪرمان بادشاهه جي شهزادي کي ڏيو ائين ڪرڻ سان هڪڙو ته ٻنهي ڌرين جي عزازت ڳنڍجي پوندي، ۽ ٻيو ته ٻنهي بادشاهن جي وچ ۾ ايتري ته محبت وڌي ويندي، جو ٻيو ڪو به ڏاريو غنيم اوهان ٻنهي بادشاهن تي ڪاهه ڪري نه سگهندو.“

ڪوري بادشاهه کي جڏهن پنهنجي وزير جو اهو پيغام پهتو

تڏهن ڪيس ڏاڍي مٺيان لڳي، ۽ ائين سمجهيائين ته "اسان جو لشڪر يا ته ڀڳو آهي، يا ته دشمن جي لشڪر سان ملي هڪ ٿي ويو آهي." تنهنڪري پنهنجي لشڪر کي سبق سيکارڻ ۽ ڪرمان بادشاهه سان دوبدو ٻگالهائڻ لاءِ پاڻ هڪ اڙدو گهوڙو تيار ڪرائي، ان تي سوار ٿي، وٺي گهوڙي کي اڙي هنيائين. ته گهوڙو اک ڇنڀ ۾ بادشاهه سميت اچي سندس پنهنجي ڪٽڪ ۾ ڪڙڪيو. بادشاهه جي گهوڙي، جو ڪرمان بادشاهه جا گهوڙا پريان بيٺل ڏٺا، سو امالڪ ڪٽي انهن ڏي رخ رکيائين. ڪوري بادشاهه، گهٽوئي گهوڙي کي روڪيو پر گهوڙو سندس وَس کان ٻنهه ٻاهر نڪري ويو جنهنڪري بادشاهه کي پنهنجي ڪِرڻ جو اچي خوف جاڳيو. گهوڙو اهو ئي ڀڄندو دشمن جي لشڪر ڏي ڪاهيندو پئي ويو. ڪوري بادشاهه ٻه نيٺ، پنهنجي ڪِرڻ کان بچڻ لاءِ، ڪٽي هڪ وڻ کي ياڪر وڌو. گهوڙو جو ڏوڪيندو پئي ويو، سو وڻ ٻه بادشاهه جي ٻکن ۾ اچي پاڙئن پٽجي ويو ۽ بادشاهه جي ڪلهي تي اچي پيو.

ڪرمان بادشاهه جي ڪٽڪ جڏهن ڏٺو ته "مار! ڪوري بادشاهه جي ٻي فوج ته الائي ڪٽي آهي! سندس فوج جو هڪ رواجي سپاهي ٻه ٻي ڊپو اهڙيءَ ٻهادريءَ سان گهوڙي کي ڪڏائيندو وڻ پاڙئن پٽيو ڪلهي تي ڪنيو اسان تي ڪاهيندو پيو اچي، ۽ اسان جي لشڪر کي چيريندو سڌو بادشاهه سلامت جي تنبوءَ ڏانهن ڏوڪيندو پيو وڃي!" — سي ڊپ ۾ ڇڙوڇڙ ٿي، وٺي ڀڳا.

ڪوري بادشاهه کي سِر سان اچي لڳي، سو ٻه وڏي واڪ دانهون ڪندو پئي ويو ته "ڪٽي ڪِران!" پر ڪرمان بادشاهه ۽ سندس لشڪر سمجهيو ته ڪوري بادشاهه للڪاريندو پيو اچي، ته "ڪٽي ڪرمان!" جڏهن ڪرمان بادشاهه جي ڳن تي هيءَ پڙلاءُ پيو تڏهن تنبوءَ کان ٻاهر نڪتو. جان ڪٽي ڏسي ته سندس فوج ڀڄي ويئي آهي ۽ ڪيترا ماٺهو سرڪش گهوڙي پنهنجي لتن هيٺان آٽي، سنبن سان ئي ماري ڇڏيا آهن... سو ير وارن بيٺل گهوڙن مان تڙ تڪڙ ۾ هڪڙو گهوڙو ڇوڙيندي مٿس سوار ٿي وٺي ڀڳو. مگر مٿيون اهڙيون ته منجهي پيس، جو گهوڙي جي پڇاڙي ڪيڏڻ وسري ويس، جنهنڪري گهوڙي جي، سٽ

ڏيڻ سبب، پوئين جنگھ ڀڄي پيئي! تيسين ڪوري بادشاھ جو گھوڙو بہ اچي مٿس ڪڙڪيو ۽ جيئن بيٺل گھوڙي سان وڙھڻ لاءِ نَرا ڪنيائين، تيئن بادشاھ جي ڪلھي تان پٽيل وڻ ڪِري پيو ۽ وڃي ڪرمان بادشاھ کي لڳو ۽ ڪرمان بادشاھ ان جي ھيٺان چيپاڻجي مري ويو. ھيڏانھن ڪوري بادشاھ خود گسڪي وڃي زمين تي پيرن ڀر بيھي رھيو. ڪوري بادشاھ پاڻ سان خدا جي مدد ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ ڪرمان بادشاھ جو ملڪ ۽ آندل لشڪر جا ھٿيار ۽ سامان سٽرا ڪٽي، وڃي خيرن سان اڳي ڪان بہ وڌيڪ عدل ۽ انصاف سان پنھنجي بادشاھي ھلائڻ لڳو.

ٻڪرار ۽ بادشاهه

بادشاهه پاڻ الله پر زماني جو هڪڙو بادشاهه هوندو هو. جنهن وٽ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي تہ ڪمي ڪانہ هئي، پر اولاد ٿيندو ئي ڪونہ هوس. آخر گهڻي خير خيرات ۽ دعائن ڪانپوءِ، هن کي پٽ ڄائو. بادشاهہ جو پٽ، اڄ ننڍو سيان وڏو نيٺ اچي لائق ٿيو. هڪ تہ بادشاهي ٻار ۽ ٻيو سِڪي سِڪي ڄاول، سو آزاد ٿي پيو گهمندو هو. اُتي هڪ ٻڪرار بہ رهندو هو جنهن سان بادشاهہ جي پٽ جي زياده دوستي ٿي ويس. ٻڪرار ڌڻ ڪاهي جهنگ ڏانهن ويندو هو تہ شهزادو بہ وٽس ساڻس گڏبو هو. بادشاهہ کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ڏاڍو ناراض ٿيو. کيس اها ڳالهہ پسند ڪانہ هئي تہ کو سندس پٽ ٻڪرار جي دوستيءَ ۾ جهنگل گهمندو وتي، مگر پيار ۽ لاڏ سبب کيس چوندو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

هڪڙي ڏينهن، ٻيئي دوست درياءَ جي ڪناري تي ويٺا هئا ۽ ٻڪرين کي پاڻي پيئي پياريائون، تہ هڪ ٻيڙو اچي لنگهيو جنهن تي هڪ چنڊ جهڙي سهڻي، پري پيڪر، انساني روپ ۾ پسار ڪري رهي هئي. سندس حسن جي تجليءَ شهزادي کي موهي ڇڏيو ۽ هو بت ٻڻجي ويهي ڏانهنس ڏسڻ لڳو.

عشق جو تير ٻنهي طرفن لڳي چڪو هو. هڪ ٻئي ڏک سان ٻيئي نشانو بڻجي چڪا هئا- ۽ پريان شهزادي بہ شهزادي سان اکيون اڙائي ويهي رهي.

ٻانهي، جنهن اهو لقاءُ ڏٺو، تنهن شهزاديءَ کي هوش ۾ آندو ۽ چيائينس تہ "پرديسيءَ سان پريت جو پيچ پائڻ آهي پاڻ کي برباد ڪرڻ ڪير ڄاڻي، هيءَ ڪٿي جي بلا!" شهزاديءَ چيو تہ "هيلو آءٌ بہ هلائيندس ، وسيلو پاڻهي ٿيندو!" ائين چئي، شهزادي جي ڏسندي ڏسندي، هڪ ٿالهہ ڪٽي ان ۾ هڪڙي سوپاري وڌائين. وري اُها سوپاري ڪٽي وچ ٿالهہ تي رکيائين: اُتان ڪٽي وري پنهنجيءَ چوٽيءَ تي رکيائين:

اتان ڪٽي وري ڏندن تي رکيائين، پوءِ اُتان ڪٽي، اکين تي رکي، درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائين. آخر پُٽ ورائي، ٻيڙي اندر هلي ويئي. ايتري ۾ شهزادي جي ٻنهه اکين آڏو ٻيڙو مَٿي، اڳتي روانو ٿي ويو.

اهو سڄو تماشو ٻڪرار ٻه پيئي ڏٺو. شهزادي ٻڪرار کان پڇيو ته "انهن اهڃاڻن جو مطلب ڪهڙو؟" ٻڪرار دل ۾ خيال ڪيو ته جي سچي حقيقت، جيئن مون سمجهي آهي، تيئن ڪيس ٻڌائيندس ته شهزادي کي صبر ايندو ئي ڪونه. ۽ چوندو ته هينئر ئي ٻيڙي جي پٺيان هليا هلون!" تنهنڪري جواب ڏنائين ته "آءٌ ٻنهه ٻُوز ٻڪرار. مون کي ڪهڙي خبر ته هن ڇا تي ڇيو؟ گونگن جا اشارا گونگا سمجهن ۽ ٻيا سمجهن گونگن جا مائٽ!"

خير، ٻيڙو ته هليو ويو پر شهزادو انهيءَ حسينه جي فراق ۾ روزبروز ڳرندو ويو. نيٺ شهزادي جي پريشانيءَ جي خبر وڃي بادشاهه تائين پهتي، جنهن نه سوچيو نه ويچاريو ڳنڍ ڪٽي ٻڌائين ته هي سيڪجهه ٻڪرار جي صحبت جو اثر آهي، ۽ هن جي ڪري ئي منهنجي پٽ جي حياتي برباد ٿي رهي آهي!" ۽ حڪم ڏنائين ته "ٻڪرار کي شهر نيڪالي ڏيئي، ڏيهان ڏور ملڪان پري، ڪنهن اهڙي هنڌ اماڻي ڇڏيو جو اتان وري ڪڏهن موٽي هيڏانهن منهن نه ڪري سگهي!"

"ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا"، غريب جي ڇا مجال، جو ڪڇي سگهي! سو ٻڪرار ويچارو اهو شهر ڇڏي، ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن هليو ويو. پر شهزادو هو جو ڏينهون ڏينهن ويو پئي پوئتي پوندو. بادشاهه نيٺ ڪانئس هن ڳڻتيءَ جو سبب پڇيو. جنهن تي شهزادي پهريائين ته ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو پر نيٺ اکين مان زارو زار ڳوڙها ڳاڙيندي ڳاڙيندي، سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائين. بادشاهه پنهنجي وزيرن ۽ اميرن کي گهرائي، شهزادي جي ڳجهارت پڄڻ لاءِ چيو مگر منجهانئن ڪو ٻه ڳجهارت جو حل لهي ڪين سگهيو اتي بادشاهه کي اچي شهزادي جي حياتيءَ جو ڊپ لڳو تنهنڪري حڪم ڏنائين ته "ٻڪرار کي ئي ڪنهن طرح ڳولي هٿ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته نيٺ ٻه هو شهزادي جو دوست آهي، ممڪن آهي ته ڳجهارت جو حل هن وٽان ئي هٿ اچي سگهي!"

حڪم جي دير هئي، بادشاهه جا ماڻهو مٿا مونا هٽي، چارئي

ڪندون نهاري، نيٺ ٻڪرار کي ڳولي وٺي آيا. بادشاهه ڪيس شهزادي جي سموري حقيقت ٻڌائي ۽ چيو ته ”هيءَ هاڻ مرڻ کي اچي ويجهو ٿيو آهي، سندس علاج ڪو توکي سُجهندو هجي، ته مهل هيءَ اٿيئي! هاڻي ٻڌاءِ ته اصل اها ڳالهه ڪيئن آهي؟“ ٻڪرار بادشاهه کي ٻڌايو ته ”بادشاهه سلامت! اها ڳالهه آسان آهي. مون شهزادي سان رڳو انهيءَ ڪري ڳالهه نه ڪئي، جو انهيءَ مهل ٻڌي ها ته يڪدم اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿئي ها، ۽ جهان پناهه جو ڏمر وري به ناحق مون غريب تي ٿئي ها!“

پوءِ ٻڪرار بادشاهه کي ٻڌايو ته ”شهزاديءَ جنهن وقت ٿالهه کنيو تنهن مان مطلب اهو نڪتو ته شهزادي ’ٿالهار‘ شهر جي آهي؛ سوپاري ٿالهه جي وچ ۾ رکيائين، تنهن جو مطلب اهو هو ته سندس محلات وچ شهر ۾ آهي، ۽ ان جي دروازي تي سوپاريءَ جو وڻ بيٺل آهي، چوڙيءَ تي سوپاري رکڻ جو اهو مطلب هو ته چوڙيگر جو دڪان به پرسان ئي اُتي ڪٿي آهي؛ وري سوپاريءَ کي ڏندن تي رکڻ مان هيءُ مطلب ظاهر ٿيو ته هوءَ ’ڏاندار‘ بادشاهه جي ڌيءَ آهي؛ ۽ ان کي اکين تي رکڻ مان مطلب اهو نڪتو ته ’جيڪڏهن توهين اُتي ايندا، ته منهنجين اکين ۾ جايون لهندا.‘ آخر ۾ سوپاريءَ کي درياءَ ۾ اڇلڻ جو مطلب هيءُ هو ته اها ڳالهه ائين ٻڌي ۽ سُڻي، سوپاريءَ جيان خسيس سمجهي، من تان لاهي، وساري نه ڇڏجو!“

ٻڪرار جي ڳالهه ٻڌي بادشاهه ۽ سندس امير وزير ڀيريائين ته حيران ٿي ويا، پر پوءِ ڏاڍو خوش ٿيا. بادشاهه کيس چيو ته ”هاڻي اهو سڄو ڪم تنهنجي حوالي آهي. منهنجي پٽ جي حياتي هاڻ توکي ئي بچائڻي آهي!“ ائين چئي، شهزادي ۽ ٻڪرار ٻنهي جي سفر اسهڻ لاءِ هڪدم بندوبست ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. بس پوءِ ته بيٺي بيٺي تياريون ٿي ويون، ۽ ٻئي ڏينهن شهزادو ۽ ٻڪرار پرديس وڃڻ لاءِ سنيري اچي ٻاهر بيهي رهيا، به ڀلا گهوڙا ناٿي جي خرزينن سان ڀري کين ڏنائون، جن تي چڙهي، انهيءَ ئي مهل ٻيئي اُتي هليا.

ٿوري گهڻين ڏينهين، منزلن پويان منزلون ڪندا، ڏسندا وائسندا، ۽ پڇائون ڳاڇائون ڪندا، نيٺ شهزادو ۽ ٻڪرار اچي ’ٿالهار‘ جي شهر ۾ پهتا. شهر ۾ جاءِ هڪڙي مسواڙ تي ڪري، گهوڙن کي اتي ٻڌي،

هڪدم نڪري شهر ڏانهن گهمڻ لاءِ روانا ٿي ويا. گهمندي ڦرندي ڏٺائون تہ هڪ محل شهر جي وچ ۾ آهي، جنهن جي اڳيان سوپاريءَ جو وڻ بيٺل آهي، ۽ چوڙيگر پرسان دڪان ڄمايون برابر اتي ويٺو آهي. هنن کي پڪ ٿي تہ "هيءَ ئي اھا محلات آهي، جنهن لاءِ هيترا ڪشالا ڪڍي، اسين هت آيا آهيون!" اهڙيءَ طرح ٻيو بہ ڪيترو ئي ملڪ جو واءُ سواءُ لهي، ڪجھ وقت ڪانپوءِ هو موٽي پنهنجي رهڻ واري جاءِ تي آيا، ۽ جو ڪجھ ڏٺو وائٺو هئائون، تنهن تي گهٽيءَ گهٽيءَ تائين ڳالهيون ٻولهيون ڪندي ڪندي، هڪ ڪروٽ تي سمهي رهيا ۽ ننڊ ڪٽي وين.

ٻئي ڏينهن سوير صبح جو اُٿندي ئي، نيرن پاڻي ڪري، ٻڪرار وڃي هڪڙيءَ پوڙهيءَ مائيءَ کي هٿ ڪري آيو ۽ هن کي پئسا ٽڪا ۽ ٻيا دم دلاسا ڏيئي، سمجهائي پڪو ڪري، ٻنهہ پنهنجو ڪري ڇڏيائين: چوندا آهن تہ "هوندئن نہ ماسي، پئسي سان سيڪا ماسي." سو ٻئي ڄڻا هاڻ ڪيس "ماسي ماسي" ڪري سڏڻ لڳا. پوءِ ڪيس چيائون تہ "تون محلات ۾ وڃ، ۽ شهزاديءَ کي فقط ايترو چئو تہ 'تو جيڪي ساريا، سي آيا!' بس، پوءِ تون ڇٽين‌ءَ!" پوڙهي "ماسي" ڦيرائين تہ ڊني، مگر پئسن جي لالچ تي دل ٻڌي شهزاديءَ وٽ ويئي ۽ چيائنس تہ "تو جيڪي ساريا، سي آيا!" شهزادي اها ڳالهہ ٻڌي، باغ باغ ٿي ويئي! ڦيرائين "ماسيءَ" کي ڪجھ انعام ڏنائين، ۽ پوءِ هڪ ٿالهہ آٽي ڏنائينس، جنهن ۾ اتي جا قبا ٺهيل هئا، جن مان هڪ قبو چوٽيءَ کان پڳو پيو هو! تنهن کان پوءِ شهزاديءَ کيس هڪڙي ڏاڍي مار ڏيئي، لوڏي پاڻ وٽان روانو ڪري ڇڏيو! چي: "ڪني رن! ههڙي ٺهڙي، هلي آهين نامحرم مردن جا نياپا پهچائڻ... ٽري وڃ! منهنجي منهن تان، تہ ٻہ سان ڪل نہ پرائي ڇڏيانءِ!" پوڙهيءَ "ماسيءَ" ٿالهہ آٽي ٻڪرار کي ڏنو، جنهن اُتي جو اُتي سڄين ڳجهارتن کي سمجهي ورتو. هي ٻيئي ڄڻا پوءِ اُتي شهر جي چوڏاريءَ چڪر هڻڻ لڳا. نيٺ ڏٺائون تہ شهزاديءَ جيڪي نشان ڳجهارت ۾ موڪليا هئا، انهن نشانن وارا قبا شهر جي ٻاهران بيٺا هئا! رات ٿي، تہ ٻڪرار خاموشيءَ سان، شهزادي کي چوٽيءَ لٽل قبي ۾ ويهاري ڇڏيو. ڪجھ وقت کان پوءِ شهزادي بہ اچي اتي پهتي، ۽ اهڙيءَ طرح شهزادي ۽ شهزاديءَ جي ڦهرين ملاقات ٿي، پوءِ

انهيءَ جاءِ تي روزانو ملڻ جو وعدو ڪري، فجر مهل شهزادي جيئن آئي هئي، تيئن محلات ڏانهن واپس موٽي هلي ويئي.

ٻيءَ رات، ڪيل وعدي موجب، شهزادي مقرر وقت تي محلات ڪان ٻاهر نڪتي، پر اتفاق اهڙو ٿيو جو اڃا شهر جي گهٽين ۾ مس پهتي ته ڪنهن چوڪيدار ڪيس ڏسي ورتو ۽ هڪل ڪري سندس آڏو ڏگ جهلي بيهي رهيو. شهزادي به آواز تي هيسجي، جتي هئي اتي هڪدم بيهي رهي. چوڪيدار ويجهو اچي ڪانئس ايڏيءَ مهل محلات مان نڪرڻ جو سبب پڇيو. تنهن تي شهزاديءَ منهن پڪو ڪري، ڪيس جواب ڏنو ته ”منهنجي فلاڻي پير تي ٻاس ٻاسيل آهي، سو اوڏانهن ٿي وڃان.“ چوڪيدار خاموش ٿي ويو. پوءِ شهزادي چوڪيدار کي ڪجهه ڏوڪڙ ڏيئي، انهيءَ ئي ويل ڏسيل جاءِ تي اچي پهتي، جتي رات جو باقي حصو شهزادي سان رهاڻيون ڪيائين ۽ اڳئينءَ رات وانگر فجر ڪان اڳ موٽي محلات ڏانهن هلي ويئي.

ٽينءَ رات وري چا ٿيو جو شهزادي اڃا قبن وٽ وعدي موجب پهتي ئي مس ته ڪيس مجاور ڏسي ورتو ۽ جڏهن قبي اندر ويئي، تڏهن مجاور ٻاهران بيهي ڳڻائڻ لڳو. ٻڪرار دل ۾ خيال ڪيو ته ”هن وقت، جي ڳالهه رهجي آئي، ته چڱو. نه ته خير ڪونهي.“ سو ظاهر تي سڌو مجاور وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين ته ”پري ڪان پنڌ پيو آهيان; مون کي بنهه هينئر زيارت ڪرڻي آهي- آءٌ قبي اندر ويندس!“ مجاور پهريائين ته اجازت ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو پر ڪيس جڏهن خاصو نذرانو ٻڪرار ڪان مليو، تڏهن راضي ٿيو ۽ چيائينس ته ”ميان، جيئرن جاڳندن ولين جي زيارت ڪان ڪهڙي جهل!“ ٻڪرار ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اندر وڃي، سڄي ڳالهه شهزاديءَ کي ڪري ٻڌايائين. نيٺ صلاح ڪيائون ته 'هتان هاڻي جلد نڪرڻ گهرجي.' شهزاديءَ جواب ڏنو ته ”سياڻي سج لٿي، اونداهيءَ مهل، گهوڙا تيار ڪري هتي پهچجو. پاڻ هتان نڪري هلنداسون!“ پوءِ شهزادي ٻڪرار جو پٽڪو ٻڌي، ۽ ٻڪرار جي اجرڪ ڪلهن تي ويڙهي ۽ پنهنجي جتي هٿ ۾ ڪڍي ٻڪرار جي جُتي پيرن ۾ پائي، قبي ڪان ٻاهر نڪري ويئي. گهڻيءَ گهڻيءَ دير ڪانپوءِ، جڏهن مجاور در کڙڪايو ته ٻڪرار ۽ شهزادو ٻاهر نڪري آيا. جن وري به

خاصو نذرانو ڏيئي، صدق دل سان دعائون گهريون ۽ پوءِ خير سان ٻيئي موٽي اچي پنهنجيءَ جاءِ تي آرامي ٿيا.

شهزادي ۽ ٻڪرار ٻئي ڏينهن سفر لاءِ سامان سڙو ناهي، سڄو ڏينهن آرام ڪيو ۽ رات جو مقرر وقت تي ڏسيل جاءِ وٽ وڃي پهتا. جيسين شهزادي اچي ئي اچي، تيسين ٻڪرار شهزادي کي ڇڏي، پاڻ ويجهڙائي ۾ چڪر هڻڻ لڳو ته جيئن ڪنهن اوچتي خطري جو اڳ بچاءُ ڪري سگهجي. مڇاڻ پرسان ماڙيءَ تي هڪ جادوگرياڻي رهندي هئي، جنهن ان ئي گهڙيءَ پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي پٽي پنهنجي ڪانيءَ مانيءَ جو مقالون ٻڌايون. ٻڪرار جو اهو آواز ٻڌو سو ڪَن ڏيئي ڳالهه ٻڌڻ لڳو. جادوگرياڻيءَ نوڪرياڻيءَ کي پٽي چيو ته "اڄ اسان جي شهر مان ڏاندار بادشاهه جي شهزادي وڃي رهي آهي. ساڻس گڏ هڪ شهزادو به آهي. واٽ تي هيءَ هڪ ٻير جي هيٺان لنگهندا، شهزادو ٻير مان ٻير پٽي کائيندو جنهن جي زهريلي اثر ڪري شهزادو مري ويندو! پر جيڪڏهن اتان هو بچي ويو ته. گس تي هڪ ڏوڏياڻي ڏڌ کنيو پئي ايندي، پر ان ڏڌ ۾ نانگ جو زهر مليل هوندو ۽ جي اهو ڏڌ پيئندو ته اُتي مري ويندو! پر جيڪڏهن اُتان به هو بچي ويو ته جڏهن پنهنجي محلات ۾ سمهندو، تڏهن رات جو هڪ بلا شهزاديءَ جي ڳل تي زهر هاري ويندي، شهزادو ننڊ جي خمار ۾ ڪيس چُمي ڏيندو ته يڪدم مري ويندو! پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو هيءَ ڳالهه ٻڌي، اڳي يا پوءِ، شهزادي کي ٻڌائيندو ته ان ماڻهوءَ جو سڄو بدن پنڊ پهڻ تي پوندو!" اتي نوڪرياڻيءَ جادوگرياڻيءَ کان پڇيو ته "ان ويچاري جو بُت پهڻ مان ڪيئن ڇٽندو؟" تنهن تي جادوگريانيءَ جواب ڏنس ته "شهزادي جي پهريئي پُٽ جو رت سندس بدن تي پوندو ته هو وري ساڳيءَ حالت ۾ ايندو، نه ته هو هميشه ائين ئي رهندو!"

ٻڪرار اها سڄي حقيقت ٻڌي، ماٺ ڪري هليو آيو اتي ڪنهن مهل شهزادي به اچي پهتي، پوءِ هيءَ سڀ گهوڙن تي سوار ٿي، پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. هلندي هلندي، ڏينهن ٿي وين. پهر اڌ سج مٿي چڙهيو ته گس تي هڪ ٻير پڪي ڏٺائون. شهزادي ٻيرن کائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ۽ ٻڪرار کي چيائين ته "ٻير کي ڏوڙ ته ڪجهه کائون!" ٻڪرار

هڪدم "هائو" ڪئي ۽ ٻير کي ڌوڻڻ لاءِ مٿي چڙهيو پر شهزادي کي چيائين تہ "جيسين آءٌ لهي نہ اچان، تيسين ڪنهن ٻير کي چکڻ اوهان تي حرام آهي!" آخر ٻير کي ڌوڻي، ٻڪرار هيٺ لهي آيو ۽ هڪدم ٻيرن سان خرزين پري، ان ۾ تنگ ڪري ڇڏيائين، ۽ شهزادي کي چيائين تہ "اڳتي هلي آرام سان ويهي ٿا ٻير کائون: جتي پاڻي بہ ملي سگهي: رستي تي سِڪڻ وانگر ٻير کائڻ پنهنجي منهن تي ڪونہ ٿو پوي!" شهزادو اها ڳالهہ ٻڌي، لاچار گهوڙو هڪلي اڳتي وڌيو. ٻڪرار بہ پنيان گهوڙي کي ڊوڙايو جيئن گهوڙا ڊوڙيا، تيئن خرزين مان سڀ ٻير هڪ هڪ ٿي پٽ تي ڪري پيا. اڳيان هڪڙي چشمي تي نظر پين، سو اتي لهي، شهزادي ٻڪرار کان ٻير گهريا، ٻڪرار خرزين ۾ هٿ وڌو ۽ رڙ ڪري چيائين "مار.. ٻير تہ سڀ هارجي ويا: خرزين کي ڪو اڳي ئي ٽُنگ هو!" شهزادي ٻڪرار جي اها ڳالهہ ٻڌي، ڪٿي صبر ڪيو. چشمي جي ڪپ تي ٿورو مانجهاندو ڪري، سڀ گهوڙا هڪلي، سڄي رات پنڌ ڪيائون. ورندي ٻئي ڏينهن جڏهن پورن ٻنپهرن جي گهڙي هئي، تہ رستي ۾ ڪين هڪ ڌوڌياڻي مِلي. شهزادي تنهن تي چيو تہ "مون کي اُڃ لڳي آهي، ۽ گرمي بہ چيهہ ڪري ڇڏيا آهن: هتي ترسو تہ ڏُڌ پي، ڪجهہ نڙيءَ کي سائو ڪريون ۽ آرام وٺون!" تنهن تي ٻڪرار چيو تہ "شهزادا سڄي ماٽي ٿا خريد ڪريون، اڳتي هلي آرام سان پيئجوا!" پوءِ ٻڪرار ڏڌ جي سڄي ماٽي خريد ڪري، ڪٿي پنهنجي اڳيان رکي ۽ گهوڙو هڪلي اڳتي وڌڻ لڳو. ڪجهہ پنڌ هليا، تہ ٻڪرار ماٽيءَ مان هٿ ڪٽي ڪڍيو تہ ڏڌ سڀ هارجي ويو ۽ ماٽي پچي پيئي! شهزادي جڏهن ڏٺو تہ ڏڌ سڀ هارجي ويو آهي، تڏهن وري بہ صبر کان ڪم ورتائين ۽ جهڙو هو تهڙو ماٺ ڪري اڳتي هلڻ لڳو.

آخر هلندي هلندي، شهزادو شهزادي ۽ ٻڪرار اچي پنهنجي ملڪ ۾ پهتا. ٻڪرار شهزادي کي چيو تہ "اڄ رات تنهنجي محل تي آءٌ پهرو ڏيندس!" شهزادي ڪلي ڪيس اجازت ڏني، رات جو شهزادو ۽ شهزادي پلنگ تي ستا پيا هئا، تہ اوچتو هڪ بلا آئي، جيڪا شهزاديءَ جي ڳل تي زهر هاري هلي ويئي. ٻڪرار اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهيو هو: تنهن ڇا ڪيو جو يڪدم راڻيءَ جي ڳل تان پنهنجي پٽڪي جي پلوَ سان زهر اگهڻ لڳو.

خدا جي قدرت اوچتو شهزادي سجاڳ ٿي پيئي ۽ پڪ ٿيس ته ماڻهوءَ جي ڪرڻ جي ڪا مند ڪانهي، سو هڪ ٻڪرار جي نيت ۾ به ڪووڙو خلل هوا' سندس دانهن تي شهزادو به اٿي ويهي رهيو! شهزاديءَ سموري ڳالهه کيس ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس ته 'هن نمڪ حرام کي هن گستاخيءَ جي اهڙي سزا ڏجي جو دنيا ڏسي ۽ عبرت وٺي.' شهزادو ڀهريائين ته ٻڪرار جي ههڙيءَ حرڪت جو ٻڌي تپي باهه ٿي ويو پر پوءِ کيس پنهنجي هڪ پڳ مٽ يار جي وفاداري ۽ سچائي ياد پئي، جنهنڪري ٿڌو ٿي، ڪانئس حقيقت پڇيائين. ٻڪرار چيس ته "شهزادا، مون گستاخي برابر ڪئي آهي، مگر انهيءَ ۾ ڪو راز رکيل آهي. مون کان هوند نه پڇو ته بهتر!" شهزادي چيس ته "پنهنجي جان جي امان گهرين، ته اٿي جو اتي ٻڌاءِ ته اهو راز ڪهڙو آهي!" ٻڪرار لاچار ٿي پيو ۽ سڄي ڳالهه ٻڌائي، تيئن تيئن پيرن کان شروع ٿي، مٿي تائين پٿر ٿيندو ويو! ٻڪرار جي هيءَ حالت اکئين ڏسي، شهزادي کي پڪ ٿي ته هن جيڪي چيو ٿي، سو سچ ٿي چيو... ۽ سندس ئي حياتيءَ جو بچاءُ ڪندي، هن پاڻ کي انهيءَ مصيبت جي منهن ۾ وڌو هو. ٻڪرار غريب جي نيٺ حالت هيءَ اچي بيٺي جو هوڏانهن بلا جي زهر واري ڳالهه ۽ پنهنجي ڇوٽڪاري واري ڳالهه ٻڌائي، پوري ڪيائين، ۽ هيڏانهن سِسيءَ سوڌو پٿر بنجي بيهي رهيو!

ٻڪرار جي هيءَ حالت ڏسي، شهزادو ۽ شهزادي ڏاڍا غمگين ٿيا، ۽ دعا گهريائون ته پاڻ کي ڪو پٽ ڄمي، ته هن ٻڪرار تي سندس رت هاري، کيس هن تڪليف کان ڇوٽڪارو ڏيون. نيٺ ٿورن گهڻن مهينن ڪانپوءِ، سندن دعا اگهي ۽ کين چنڊ جهڙو هڪ سهڻو ۽ سلڇڻو پٽ ڄائو پوءِ هڪ ڏينهن شهزادي ۽ شهزاديءَ، ٻنهي صلاح ڪري پنهنجي سڪيلڌي پٽ جو رت ٻڪرار جي بدن تي هاريو ته ٻڪرار صحيح سلامت ساڳي حالت ۾ اچي ويو! اهڙيءَ طرح هي ٽيئي ڄڻا پوءِ خوش ٿي هڪ دفعو وري هڪبئي کي مليا، ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن خير خوبيءَ سان گذارڻ لڳا. شهزادي جي پٽ جي ڏؤنري ٽي سو هڪڙو وڏو جو نشانو سڄي عمر ڇتو ئي ڇتو بيٺو رهيو ڇاڪاڻ ته اتي ئي ٽڪو ڏيئي سندس رت ٻڪرار جي پٿر پهڻ جسم تي هاريو هئائون ۽ پوءِ هو پنهنجي اصلوڪيءَ صورت ۾ آيو هو.

باب ٻيو

راڻين جون ڪهاڻيون

انڀولهه راڻي

ڪنهن ڏور ۾ هڪ دفعي هڪڙي ٻڙ جي وڻ تي ٻه نرماد پکي، چڪوو ۽ چڪوي، آکيرو ٺاهي اچي ويهي رهيا. انهيءَ ٻڙ سان اهڙو ڪو حساب هو جو ڇهين ڇهين مهيني ان کي ٻاهه لڳندي هئي... پر پکين کي اها خبر ڪانه هئي. نيٺ پکين اُتي آنا لاٿا، جن مان ٻه ٻچا ٿيا- ٻيئي نَر هئا. ڇهه مهينا پورا ٿيا، تڏهن ٻڙ کي اوچتو اچي ٻاهه لڳي، چڪوو ته ٻاهه ڏسي، پنهنجي جان بچائڻ لاءِ اُڏامي ويو پر مادي ويچاري پنهنجن ٻچن کي ڪوڙيءَ ۾ ڪري ويهي رهي، ۽ ڏٽيءَ در وينتيون ڪرڻ لڳي ته ”اي مالڪ! تون منهنجن ٻچن کي بچاءِ، توڪانسواءِ اسان کي ڪو اجهو آسرو ڪونهي.“ ڏٽيءَ در هن جو عرض اگهاڻو ۽ ٻاهه ٻرندي ٻرندي، جڏهن آکيري واريءَ ٽاريءَ وٽ آئي، تڏهن اُجهامي ويئي ۽ هو سڀ بچي ويا. جڏهن ٻاهه وساڻي، تڏهن چڪويءَ پنهنجن ٻچن کي چيو ته ”اوهين ويهو ته آءٌ اوهان جي لاءِ چوڳـــو هٿ ڪري اچان.“ ائين چئي، اُتان اڏامي ويئي، هن جي وڃڻ ڪانپوءِ چڪوو آيو ۽ ڏٺائين ته ٻڙ جي ٻاهه وسامي ويئي آهي... تڏهن پاڻ اچي ٻچن جي پرسان ويهي رهيو. ٻچن ڏٺو ته بابا اسان کي تڪليف ۾ ڏسي ڀڄي ويو هو ۽ هينئر آيو آهي، سو ڪين نؤنگا هڻڻ لڳا. چڪوي چين ته ”ٻچا، آءٌ توهان جو پيءُ آهيان- نونگا ڇو ٿا هڻو؟“ ٻچن چيو ته ”جڏهن ٻڙ کي ٻاهه لڳي هئي، تڏهن تون ڀڄي ويو هئين ۽ امان ويٺي هئي... جي تون اسان جو هجين ها، ته ڀڄي ڪونه وڃين ها، هاڻي اسين تنهنجا ٻچا، ۽

نہ تون اسان جو پيءُ.“ انهن جو اڃا جهيڙو هليو پئي، تہ ايتري ۾ مادي ٻہ چوڳو هٿ ڪري آئي. ڇڪويءَ جڏهن مڙس کي ڏنو تڏهن چيائين تہ ”جنهن مهل اسين تڪليف ۾ هئاسين، تڏهن پڇي وئين. ۽ هاڻي وري ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ پنهنجو گس وٺي هليو وڃ! اڄ ڪانپوءِ، منهنجي ٻچن سان تنهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي.“ ائين ٻيئي اچي ٽڪريا ـ ڇڪوو چوي تہ ”ٻچا منهنجا!“ ۽ مادي چوي تہ ”ٻچا منهنجا!“

نيٺ ٻيئي گڏجي، فيصلي لاءِ بادشاهہ وٽ آيا ـ چي: ”تون اسان جو فيصلو ڪر تہ ٻچا پيءُ جا يا ماءُ جا؟“ بادشاهہ چيو تہ ”ٻچا پيءُ جا ٿيندا، ماءُ جو ڇا وڃي!“ ان تي ڇڪويءَ چيو تہ ”بادشاهہ سلامت، غلط فيصلو ڇو ٿو ڪرين؟ جڏهن ٻچا ٻاهہ ۾ ٿي سڙيا، تڏهن تہ هي پڇي ويو ۽ آءٌ ويهي رهيس... ۽ هاڻي وري وڏو وارث هيءُ ٿو ٿئي!“ بادشاهہ چيو تہ ”بس، منهنجو اهو ئي فيصلو آهي.“ تڏهن ڇڪوي ويچاري ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، روئيندي روئيندي، رواني ٿي ويئي... ۽ نيٺ انهيءَ ڏک ۾، ساڻهون وڻ تي ويهي ويهي، آڪيري کي ڏسندي، دم ڏنائين.

مرڻ ڪانپوءِ، ڇڪويءَ جو هڪڙي واڻئي جي گهر ۾ جنم ٿيو جتي هن جو نالو ڪسونٻا رکيو ويو. ڪسونٻا، اڄ ننڍي سيان وڏي، آخر اچي جوان ٿي، سيٺ جي ڀهراڙيءَ ۾ اوڏر رهيل هئي، انهيءَ جي اڳاڙڻ جو خيال ڪري، هن ڪانياواڙ مان هڪڙو پلو گهوڙو گهرايو. اُتي جي بادشاهہ کي جڏهن گهوڙي جي خبر پيئي، تڏهن خيال ڪيائين تہ ’مون وٽ پلي گهوڙي بيٺي آهي، مگر هتي ڪو پلو گهوڙو آهي ئي ڪونہ ـ تنهنڪري جي ڪانياواڙي پلو گهوڙو آيل آهي، سو ڇو نہ گهوڙي ميڙايان، تہ ڦر سنو ٿئي.‘ اهو خيال ڪري، بادشاهہ سيٺ کي نياپو موڪليو تہ ”پنهنجو گهوڙو ڏي، تہ آءٌ پنهنجي گهوڙي ميڙايان.“ اها خبر جڏهن ڇوڪريءَ کي پيئي، تڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين تہ ”بابا، بادشاهہ کي گهوڙو پلي ڏيو پر هڪڙو انجام وٺوس تہ جڏهن ڦر ڇهن مهينن جو ٿئي، تڏهن اسان کي ڏيکاريو وڃي.“ بادشاهہ سيٺ سان اهو انجام ڪري، نيٺ پنهنجي گهوڙي ميڙائي، جڏهن گهوڙيءَ ڦر ڏنو ۽ وڇيرو ٿيو جو ڇهن مهينن تي انجام موجب سيٺ کي ڏيکارڻو هو، تڏهن بادشاهہ ڪان اها ڳالهہ وسري ويئي، ۽ مٿان اچي اٺ مهينا ٿيا.

ڪيائين. آخر ٻنهي ڄڻن صلاح ڪري، هڪڙو هوشيار ماڻهو واڻئي سيٺ وٽ سڱ گهرڻ لاءِ موڪليو جنهن اچي واڻئي سيٺ سان اها ڳالهه ڪئي. واڻئي چيو تہ "سائين! بادشاهہ مسلمان، اسين هندو... تنهن ڪانسواءِ، هو بادشاهہ اسين غريب۔ اهو سڱ ڪونہ ٿهي ٿو؟" مون کي پنهنجي برادري پنچات مان ڪڍي ڇڏيندي! ٻيو جيڪو بہ حڪم بادشاهہ جو ملندو سو مڃڻ لاءِ تيار آهيان. باقي ڇوڪريءَ جو سڱ ڪونہ ڏيندس." اهو ماڻهو واپس موٽي آيو. تڏهن بادشاهہ وزير کي موڪليو۔ تنهن کي بہ واڻئي ساڳيو جواب ڏنو. تڏهن وزير کيس سمجهايو تہ "بادشاهہ کي هڪ پٽ آهي، جو ڏاڍو دادلو آهي. شهزادي ضد ڪيو آهي... تون جي خوشيءَ سان سڱ ڏيندين، تہ واهہ نہ تہ بادشاهہ زوريءَ بہ توکان سڱ وٺندو جنهن ۾ تنهنجي بدنامي ٿيندي." اها خبر نيٺ ڪسونبا کي پيئي۔ ۽ اها بہ خبر پيس تہ شهزادي جي دل ۾ ڇا هو۔ پر پيءُ کي چوائي موڪليائين تہ "اوهين ڳڻتي بلڪل نہ ڪريو... ماٺ ڪري سڱ ڏيو." انهيءَ نياپي ملڻ تي سيٺ بادشاهہ کي سڱ ڏنو ۽ رسم موجب ناريل ڇنڻي ڏنو ۽ ٽپڙو ڏسي، لگن نهاري، شاديءَ جا ڏينهن بہ چٽا ڪري ڏنا. وزير خوش ٿي موٽي ويو ۽ وڃي سچي حقيقت بادشاهہ کي ٻڌايائين، جتي مبارڪون مليون ۽ ڏاڍا شادمانا ٿيا. هنڌ هنڌ ڳالهہ پکڙجي ويئي۔ چي: "واڻئي جي گهر بادشاهہ جي پٽ جو وهانءُ ٿيو آهي!" جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ڪو ڪيئن پيو چوي، ڪو ڪيئن شهزادي کي بہ راڻيون اڳ ۾ بہ هيون، جن کي شهزادي چيو تہ "واڻئي جي ڌيءَ سان آءٌ فقط گهوڙي جي وڇيري جي وير پاڙڻ لاءِ شادي ڪريان ٿو ۽ کيس هفتي اندر طلاق ڏيئي ڪڍي ڇڏيندس." جيئن جيئن شاديءَ جا ڏينهن ويجها پوندا ويا، تيئن تيئن ٻنهي پاسي زور شور سان تياريون ٿيڻ لڳيون. آخر مقرر ڏينهن تي ڄڃ تيار ٿي رواني ٿي، ڪنواريتن ڄڃ جو آدرڀاءُ ڪيو. شادي خير سان پوري ٿي ۽ شهزادو ڪنوار وٺي گهر آيو پوءِ ستن ڏينهن جا ست هفتا گذري ويا. پر شهزادو هجي، جو نئينءَ ڪنوار جي محلات مان نڪري، ڪنهن ڏانهن سنئون منهن ڪري نهاري بہ ڪين. تڏهن سندس اڳين راڻين کيس چوائي موڪليو تہ "اُهي شهزادا ٿي کهڙا،

ڇوڪريءَ پيءُ کي انهيءَ ڳالهہ جي يادگيري ڏياري تہ ”بابا، انجام موجب اجا تائين ڦر ڏيکارڻ لاءِ ڪونہ موڪليو آهي.“ ان تي سيٺ بادشاهہ ڏي نياپو موڪليو. تڏهن بادشاهہ کي يادگيري پيئي ۽ پنهنجن ماڻهن کي چيائين تہ ”گهوڙي وڇيري سميت وڃي وڃو ۽ سيٺ کي ڦر ڏيکاري واپس آڻيو.“ بادشاهہ جا نوڪر گهوڙي وٺي سيٺ وٽ آيا، ۽ سيٺ ڇوڪريءَ کي چيو تہ ”گهوڙي آئي آهي، ان جو ڦر هلي ڏس.“ ڇوڪريءَ چيو تہ ”گهوڙي ڦر سميت حويليءَ ۾ اندر گهرايو.“ آخر گهوڙي اندر آئي، تڏهن ڇوڪريءَ پنهنجن ماڻهن کي چيو تہ ”وڇيرو ٻڌي ڇڏيو.“ انهن وڇيرو ٻڌي ڇڏيو ۽ پاڻ بادشاهہ جي نوڪرن کي چيائين تہ ”وڇيرو اسان جو آهي- اهو فيصلو خود بادشاهہ جو پنهنجو ڪيل آهي- باقي گهوڙي وٺي وڃو ۽ وڃي اها حقيقت بادشاهہ کي ٻڌايو.“ نوڪرن اها حقيقت اچي بادشاهہ سان ڪئي... تڏهن بادشاهہ کي پنهنجي اڳئين فيصلي جي يادگيري پيئي، ۽ ڪٽي مات ڪيائين.

بادشاهہ جي پٽ کي جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي خبر پيئي، تڏهن خيال ڪيائين تہ ’ڇو نہ انهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، پوءِ طلاق ڏيئي، ڪانئس اهو وڇيري وارو وير وٺان!“ هي بادشاهہ جو اڪيلو ۽ دادلو پٽ هو. جنهنڪري بادشاهہ جو مٿس گهڻو پيار هو ۽ جيئن چوندو هو تيئن بادشاهہ ڪندو هو. شهزادي ڇا ڪيو جو اونڌو کٽولو ڪري سمهي رهيو. جڏهن بادشاهہ کي اها خبر پيئي، تڏهن يڪدم ڊوڙندو آيو ۽ اچي پٽ کي ياڪر وڌائين. بادشاهہ چيس تہ ”پٽ، چئہ، توکي ڇا کپي؟ جيڪي چوين، سو آڻي ڏيانءِ... تون ڪو خيال تہ ڪر.“ شهزادي چيو تہ ”بابا، مون کي اها سيٺ جي ڌيءُ پرڻاءِ.“ بادشاهہ کيس سمجهايو تہ ”پٽ، تون شهزادو آهين، ۽ هوءَ پنهنجي رعيت... سو اها شادي نهي ئي ڪانہ ٿي. تنهن ڪانسواءِ پاڻ مسلمان ۽ هو هندو سو ڇوڪري ڪو ڏيندا؟ تنهنجون بہ راڻيون اڳيئي آهن.... وري بہ ڪنهن بادشاهہ جي ڌيءُ جيڪا چئين سان توکي پرڻايان.“ مگر شهزادي ضد ڪيو تہ ”مون کي پرڻائين، تہ اها واڻئي سيٺ جي ڌيءُ پرڻاءِ جي نہ تہ تون ڄاڻ، تنهنجي بادشاهي... آءٌ وڃي ٿو جوڳي ٿيان.“ بادشاهہ ڏٺو تہ شهزادو ضد تان نہ لهندو، تڏهن کيس دلاسو ڏيئي، اچي پنهنجي وزير سان صلاح

جيڪي پنهنجا وچن وساري ڇڏين... ڪا هڪ اڌ نگاهه ته هيڏانهن اسان ڏانهن به ڪيڏيءَ مهل ڪندا ڪريو!“ اتي شهزادي کي پنهنجو قول ياد پيو ۽ ڪسونبا کي چيائين ته ”توکي طلاق ڏيندس!“ تڏهن ڪسونبا ڪلي چيس ته ”مون ۾ ڪهڙي اوڻائي آهي، جو طلاق تو ڏين؟ ڇا تون مون کي طلاق ڏيئي، انبولهه راڻي تورئي پرڻجي ايندين. اهڙو بهادر هجين ها ته پهرين اُها وڃي پرڻجين ها!“ شهزادي کي جا ڪاوڙ لڳي، سو چيائين ته ”تون به هتي، مان به هتي... آءٌ انبولهه راڻي ضرور پرڻبس.“ تنهن تي ڪسونبا چيس ته ”پوءِ پهرين انبولهه راڻي پرڻجي اچ! طلاق مون کي پوءِ به ڏيئي تو سگهين!“ هي ٻڌي، شهزادو پنهنجا ٻيلي ٻانها سنيرائي، گهوڙن تي چڙهي، انبولهه راڻي پرڻجڻ لاءِ اُٿي گهران روانو ٿيو ۽ هڪ ولايت ڇڏي، ٻيءَ ولايت ۾ ويو. جتان ڏس پتو پڇندو، منزلون ماريندو آخر اچي انبولهه راڻيءَ جي ملڪ ۾ رسيو ۽ نيٺ انهيءَ شهر ۾ پهتو جتي انبولهه راڻي رهندي هئي.

انبولهه راڻيءَ جو شرط هو ته ”جيڪو ماڻهو مون سان شادي ڪرڻ چاهي، سو پهرين نغاري تي ڏونڪو هڻي، آءٌ ان کي اندر گهرائيندس، ۽ سڄي رات پاڻ وٽ رهائيندس- ۽ انهيءَ وچ ۾ آءٌ اصل ڪونه ڪڇنديس... پر جي مون ساڻس ڳالهايو ته پوءِ آءٌ ڪيس مباح آهيان- ۽ جي نه ڳالهايم، ته صبح جو اُهو منهنجو غلام ٿي رهندو ۽ آءٌ ڪيس پنهنجي مرضيءَ موجب وڪڻي ڇڏينديس: اهو شرط جنهن کي قبول هجي، سو اچي نغاري تي ڏونڪو هڻي!“

شهزادو به انبولهه راڻيءَ جي شهر ۾ ڪجهه وقت رهي، سموري خبر چار وٺي، هڪڙي ڏينهن وڃي نغاري تي بيٺو ۽ ڪٽندي ڏونڪو زور سان هڪڙو پيو. ٿيون هڪ ساهيءَ ۾ وهائي ڪڍيائينس. نغاري جو آواز ٻڌي، انبولهه راڻيءَ هڪدم ڪيس اندر گهرايو. پوءِ ته ساري رات شهزادي کي جيڪي مرليون وڄائڻيون هيون، سي وڄائي وڃي دنگ ڪيائين- پر راڻيءَ کي، جو نه ڳالهائڻو هو سو چپ سبي ويهي رهي... تان جو اچي صبح ٿيو ۽ انجام موجب راڻيءَ هن کي پنجن ڪوڏين ۾ هڪڙي چاڪيءَ وٽ وڪڻي ڇڏيو جنهن هن کي وٺي وڃي گهاڻي تي بيهاريو جتي ويچارو سڄو ڏينهن ڍڳو ٿيو پيو گهاڻو گهليندو هو.

شهزادو جيئن گهران نڪتو تيئن سندس پيءُ کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي تہ هي ڪيڏانهن ويو. بادشاهہ جي ليکي تہ شهزادو اڳيئي گهمڻ ڦرڻ ۽ سير شڪار تي ويندو آهي ۽ موٽي ايندو آهي، سو هينئر بہ گهمڻ ڦرڻ ويو هوندو. تي چار مهينا گذريا، شهزادو نہ موٽيو تڏهن پڇا ڪيائين... سڀ پيا چون تہ "اسان کي خبر ناهي." آخر شهزادي جي ٻن راڻين جي محلات مان پڇا ڪيائين، جتان بہ ڪو پتو ڪونہ پيس. نيٺ بادشاهہ شهزادي جي ننڍي راڻيءَ وٽ لنگهي ويو جنهن سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس تہ "اڙٻنگ شهزادو انبولهہ راڻي پرڻجڻ ويو آهي!" بادشاهہ انبولهہ راڻيءَ جا شرط اڳيئي ٻڌا هئا. سو خاطري ٿيس تہ شهزادي کان اُهي شرط پورا ٿي نہ سگهيا آهن، ۽ هو ڪنهن نہ ڪنهن تڪليف ۾ ضرور آيو آهي، ۽ تنهنڪري واپس موٽي نہ سگهيو آهي، سو پنهنجن ماڻهن کي چيائين تہ "وڃي شهزادي کي ڳولي وٺي اچو." بادشاهہ جا ماڻهو پوءِ چئن ئي ڪنڊن تي پکڙجي ويا، پر ڪيترائي ڏينهن گذري وين ۽ منجهائن ڪوبہ واپس ڪونہ موٽيو. تڏهن ڪسونٻا راڻيءَ بادشاهہ کي چيو تہ "اڃا تہ شهزادي جو ڪو پتو ڪونہ پيو آهي، هاڻي مون کي نوڪر چاڪر ڏيو تہ آءٌ ٿي شهزادي کي هٿ ڪري اچان." بادشاهہ کيس اجازت ڏني ۽ نوڪر چاڪر ۽ مال اسباب ڏيئي، کيس روانو ڪيائين.

ڪسونٻا ڇا ڪيو جو مردانو ويس ڪري، ٻيلي پانها وٺي، گهوڙن تي چڙهي رواني ٿي، ۽ هڪليندي هڪليندي، نيٺ اچي انبولهہ راڻيءَ جي شهر ۾ پهتي، اُتي هڪڙو مندر هو جنهن ۾ سڀ وڃي لٿا. انهيءَ مندر ۾ هڪڙو جوڳي رهندو هو جيڪو ڇهہ مهينا سمهي ننڊ ڪندو هو ۽ ڇهہ مهينا جاڳي ڏٽيءَ جي عبادت ڪندو هو. هي جڏهن اتي پهتا، تڏهن جوڳي ننڊ ۾ هو ۽ جڏهن هن جي جاڳڻ جو وقت ويجهو آيو تڏهن ڪسونٻا، راڻيءَ جا مرداڻي ويس ۾ هئي، تنهن وڃي هن لاءِ دونهين دکائي تيار ڪئي، ڇهہ مهينا پورا ٿيا، جوڳي جاڳيو... ۽ ڏسي تہ دونهين اڳي ئي تيار آهي، ۽ سامهون هڪ سهڻو جوان ڪرنش ۾ بيٺو آهي. پوءِ ڪسونٻا هٿ ٻڌي چيو تہ "آديس گهروا" جوڳي هن جي اهڙي نماڻائيءَ تي بلڪل خوش ٿيو ۽ دونهين مان رک ڪڍي، ٻت کي ملي،

پيوت ٿي، ڏيان ۾ ويهي رهيو... ۽ دير دير ڪانپوءِ جولان ۾ اچي، هن ڏانهن منهن ڪري چيائين "ٻچا جيڪڏهن آديس گهرو نه ڪرين ها ته آهر جيڏا داڻا ڪري ڇڏيونءِ ها. هاڻي جيڪو گهرڻو هجئي، سو گهر!" تڏهن ڪسونٻا چيو ته "مون کي انٻولهه راڻيءَ سان شادي ڪرڻي آهي- مهرباني ڪري مدد ڪريو جيئن من جي مراد پوري ٿئي." تڏهن جوڳيءَ خوش ٿي، هن کي آسيس ڪئي ۽ دونهين مان ڪجهه رک ڪڍي هن کي ڏيئي چيائين ته "هيءَ رک پاڻ سان قابو ٻڌي ڇڏ. توکي راڻيءَ جي شرطن جي خبر آهي.... جڏهن راڻي توکي اندر گهرائي ۽ تون ڳالهائي ڳالهائي ڪڪ ٿين- ۽ راڻي توسان نه ڳالهائي- تڏهن راڻي جي ڪاٻي هٿ جي چيچ جهلي، ان کي هيءَ رک ملج... انٻولهه راڻي پنهنجي ٻالڪي آهي- اميد ته تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي" ڪسونٻا رک وٺي قابو ڪئي ۽ جوڳيءَ کان آسيس وٺي، موڪلائي ٻاهر نڪتي، ۽ وڃي نغاري تي ڏونڪو هنيائين. نغاري جو آواز ٻڌي، انٻولهه راڻيءَ کيس اندر گهرايو پوءِ ته ڪسونٻا ڪيتريون ئي هيٺيون مٿيون، اوپاريون لهواريون ڳالهيون ويهي ڪيون، پر انٻولهه راڻي اهڙي ڪچي جهڙي پٽ، پوءِ پرهه ڦٽيءَ مهل، ڪسونٻا راڻيءَ جي ڪاٻي هٿ جي چيچ جهلي، ان کي رک ملي... ۽ پوءِ ٽڏو ساهه پري چيائين: "انٻولهه راڻي، هاءِ هاءِ!" ڪسونٻا جي بس ايتري چوڻ جي دير هئي- ۽ انٻولهه راڻيءَ کان جهليو نه ٿيو ۽ چيائين: "جيءُ ڙي ڪسونٻا راءِ!" پوءِ، ڪسونٻا ته ڪسونٻا، پر جنهن ڳالهه ٻڌي، سو حيران ٿي ويو- چوڌاري واڌايون وري ويون، ۽ ماڻهن ڊوڙي وڃي اها خبر انٻولهه راڻيءَ جي پيءُ بادشاهه کي ٻڌائي، جو به ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم دهل گهرائي شاديءَ جي تيارين کي لڳي ويو ۽ ڏينهن چٽا ڪري، ڪسونٻا سان ڌيءُ جي شادي ڪرائي ڇڏيائين.

انٻولهه راڻيءَ جي شادي، جو ٿي، سو پٽ جي بازار لڳي ويئي- امير اُمرا، غريب غربا، سڀ ڪائي خوش ٿي پئي ويا... جيڪو آيو سو کائي پي، پٽ جي هڙ ٻڌي ٿي موٽيو- سڄو شهر پئي کائڻ آيو. تڏهن چاڪيءَ پنهنجي نوڪر "شهزادي" کي چيو ته "تون به وڃ، شادي ڏسي پٽ کائي اچ ۽ اسان جي لاءِ به ڪڻي اچ." سو هي به ويچارو پٽ کائڻ ويو.

ڪسونبا حڪم ڪيو تہ ”جيڪو ماڻهو پت ڪاڻڻ اچي سو پهرين مون وٽ حاضر ڪري، پوءِ ان کي پت ڪارائيندا وڃو.“ نوڪر سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي هن وٽ وٺي پئي آيا ۽ ڪسونبا انهن کي ڏسي، نوڪرن کي حڪم پئي ڏنو تہ ”هاڻي هن کي پت ڪارائي، ڍؤ ڪرائي، روانو ڪريو.“ جڏهن شهزادو چاڪيءَ جي نوڪرن جي ويس ۾ پت ڪاڻڻ لاءِ آيو تڏهن نوڪر کيس ڪسونبا وٽ وٺي آيا. جنهن کيس سڃاتو ۽ نوڪرن کي چيائين تہ ”هن کي ڪٽو ڪٽو پت ڪارايو جيئن آهستي آهستي ڪائي، ۽ پوءِ ڪائي بس ڪري، تہ مون وٽ وٺي اچوس.“ هن ويچاري گهاڻي جي ڍڳي دل ۾ چيو تہ ”يا خدا، هي ڇا؟ ساري خلقت ڪايو وڃي، مون لاءِ هتي بہ مصيبت- جيڪا ٽڙي، سا ڪاڻي جي اک ۾! هاڻي، الاجي، ڇا ڪندا؟ الاجي ٻي وري ڪهڙي مصيبت اچڻي آهي.“ سو ويچاري کي ڏپ وچان ماني بہ نہ وڻي ۽ مٿان وري چونس تہ ”ڍؤ ڪري ڪاءُ- شاهي حڪم آهي!“ پوءِ تہ چانور چانور ڪري، چٽي چٽي، ويچاري جي ڄڙهہ ٽي نڪري ويئي... مٿان اچي رات پيس، تڏهن مس وڃي ڪا ذري پت جي نڙيءَ کان هيٺ لٿس. پوءِ غريب کي ڇڪي وٺي آيا ڪسونبا راڻيءَ وٽ، جنهن ڪانئس حال احوال پڇيو ۽ چيائينس تہ ”ڏپ نہ ڪر، سچي سچي حقيقت ڪري ٻڌاءِ- توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟“ پوءِ ڏڪندي ڏڪندي، هن سڄي سچي حقيقت ڪري ٻڌائي... تڏهن ڪسونبا بادشاهہ جي وزير کي گهرائي، چيو تہ ”هن ويچاري جي قيمت ٿي ڪيتري! هاڻي گهاڻائيءَ وٽ وڃ، پنجن ڪوڏين بدران پنج ٽڪا کيس ڏيئي، هن جي جند ڇڏائي اچ!“ وزير گهاڻائيءَ کي گهرائي چيو تہ ”تنهنجي نوڪر جي بادشاهہ جي نانيءَ کي ضرورت آهي، تو پنجن ڪوڏين ۾ خريد ڪيو آهي، اسين توکي هن جا پورا پنج ٽڪا ڏيون ٿا- سي وٺ ۽ نوڪر ڏي.“ گهاڻائيءَ ڏنو تہ پنجن ڪوڏين جا پنج ٽڪا بہ ٿا ملن، ۽ هن روڱٽيءَ صورت مان جند بہ ٿي ڇٽي- ۽ بادشاهہ جو نٺون ناني بہ راضي ٿئي- سو وزير کي چيائين تہ ”سائين لهي تہ هيءُ ڪوڙي ڪوڏي بہ ڪونہ. اوهان تہ مون کي پنجن ڪوڏين جا پنج ٽڪا ٿا ڏيو! آءٌ تہ هونئن ئي هن ڪوڙي ڍڳي مان ڪڪ آهيان... ڪڏو پنج ٽڪا ۽ ڪاهيو هن گاهہ جي وڻاهہ کي!“ پوءِ

وزير هن ڏکي شهزادي جي جند ڇڏائي، ان کي آڻي ڪسونڀا وٽ حاضر ڪيو ۽ ٻڌايائينس ته چاڪيءَ ڪھڙا ٿي هن جي ساراھ جا ڏيک ڏيريا... جيڪي وزير جي واتان ٻڌي، ڪسونڀا ڪلي ڪلي ڪيري ٿي پيئي!

رات جو انبولھ راڻي جڏھن ڪسونڀا سان گڏي، تڏھن ڪسونڀا وچان ترار رکي، رات گذاري صبح ڪيو... ۽ اهڙيءَ ريت جڏھن ٻه چار راتيون گذريون، تڏھن انبولھ راڻيءَ هن کان ان جو سبب پڇيو. تنھن تي ڪسونڀا چيو ته "سبب ته ڪو به ڪونھي، پر منھنجي باس باسيل آهي ته ڇھ مهينا عورت کي ويجھو نه ويندس. جن مان چار مهينا ٿيا آهن، باقي ٻه مهينا آهن، اُهي پورا ٿين، ته پوءِ تون منھنجي راڻي آهين ۽ آءٌ تنھنجو شهزادو... تون ڪو به خيال نه ڪر."

پوءِ ڪجھ وقت اُتي رهڻ بعد، موڪلائي، سڀ واپس موٽيا. شهزادو به نوڪر جي حالت ۾ ساڻس گڏ هو. منزلون ڪندا، اچي پنھنجي شهر کي ويجھو پھتا. شهر کان اڃا منزل ٻن جي پنڌ تي ئي هئا ته ڪسونڀا هنن کي چيو ته "اوهين هتي ترسو ته آءٌ هتان جي بادشاھ سان ملاقات ڪري ٿو اچان." ائين چئي، هنن کي ڇڏي، پاڻ بادشاھ وٽ آئي، ۽ اچي سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائينس، ۽ پاڻ زنانا ڪپڙا ڪري، چپ چاپ وڃي محلات ۾ ويٺي. بادشاھ ٻاهر نڪري انبولھ راڻيءَ وٽ ويو ۽ هنن کي ڏاڍن دهلن دمامن سان گھر وٺي آيو. شهزادو پنھنجي پيءُ کي ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو. پوءِ ته بادشاھ هن کي ڀڪر ڀاڪرن پاتي، پريرو وٺي وڃي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي، جيڪا ٻڌي شهزادو ڏاڍو شرمندو ٿيو. انبولھ راڻي به هيءَ ڳالھ ٻڌي، عجب ۾ پئجي وين، ۽ وڏي محلات ۾ ويئي، جتي ڪسونڀا زناني ويس ۾ ويٺي هئي. ٻئي جڻيون هڪٻئي کي ڏسي، اچي ڪل ۾ ڇٽيون، ۽ ڪلي ڪلي پيٽ ۾ سور پئجي وين. هي اڃا ڪل چرچي ۾ هيون، ته مٿان شهزادو به آيو. ڪسونڀا ڪيس ادب سان اٿي چيو ته "انبولھ راڻيءَ سان شادي ڪري موٽيا آهيو ان لاءِ مبارڪون هجنوَ. پر ڏينھن سو گھٽا لاٿو!" شهزادو ڏاڍو شرمسار ٿيو. بس ڌرتي جاءِ ڏئيس، ته هوند پيهي وڃي... ۽ ڪسونڀا کي ڪٺي پاڪر وڌائين. چي: "سبق سڪڻو هوم، سو سکيس... وڏيڪ بچڙو نه ڪرينم. نه ته باقي جيئڻ ئي ڪھڙو!" پوءِ ڪسونڀا شهزادي کي

لعل بادشاهہ ۽ هيرا راڻي

هڪڙي ملڪ ۾ هڪڙو غريب شخص هوندو هو. جو ڇيٽا ميڙي وڪڻي گذران ڪندو هو. هڪڙي ڀيري، جيئن ڇيٽن جي ڀري کڻي، گهر ڏانهن پئي موٽيو ته هڪ نانگ سندس پٺيان ڪاهي پيو. جڏهن ڏنائين ته نانگ اچي پيرن ۾ پيو آهي، تڏهن ڇيٽن جي ڀري کڻي نانگ مٿان اڇلايائين، ۽ ڏندو کڻي بينو ڇيٽن کي ڪٽڻ. جڏهن دل ۾ پڪ ٿيس، ته هاڻي نانگ ضرور مري ويو هوندو، تڏهن ڇيٽن کي هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳو ڇا ڏسي ته نانگ ته ڪونهي، باقي هڪڙو ڳاڙهو مڻيو ڇيٽن ۾ پيو آهي- سو کڻي آيو پنهنجي گهر، ۽ اهو آڻي پنهنجي زال کي ڏنائين، ۽ چيائينس ته "هي مڻيو شهر ۾ وڃي وڪڻي اچ!"

ان شهر جي بادشاهہ کي اولاد ڪونہ هوندو هو ۽ سندس راڻيءَ جي مٽين ميڙڻ تي ڏاڍي دل هوندي هئي. غريب ڪانير جي زال اهو مڻيو وڃي راڻيءَ کي ڏنو. مڻيو بلڪل بي بها هو ۽ ان جهڙو اڳ راڻيءَ بلڪل ڪونہ ڏٺو هو تنهن اهو مڻيو وٺي، سوني ٿالهہ ۾ وجهي، کڻي هندوري ۾ رکيو. ۽ ڪانير جي زال کي چڱو انعام اڪرام، ڍوڪڙ پئسا ڏيئي، خوش ڪري پنهنجي گهر روانو ڪيائين.

منجهند جو بادشاهہ بہ راڻيءَ وٽ آيو. راڻيءَ بادشاهہ سان لعل مڻئي جي خريدڻ جي ڳالهہ ڪئي. بادشاهہ راڻيءَ کي چيو ته "اهو لعل مڻيو کڻي اچ، تہ آءٌ بہ ڏسان." راڻي جيئن مڻئي کڻڻ لاءِ هندوري وٽ پهتي، تہ ڇا ڏسي ته سبحان الله! ٿالهہ ۾ مڻئي بدران هڪڙو خوبصورت ٻار پيو آهي، ۽ پيو روئي. راڻي يڪدم بادشاهہ وٽ ڇوڪرو کڻي آئي. پوءِ تہ ٻنهي جي خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي. ڀلا ڪين اولاد جو ڪونہ ٿيندو هو. سو خوش ڇو نہ ٿيندا! هنن جو شهزادي جهڙو ٻار هڪڙي لعل مڻئي مان حاصل ڪيو هو تنهنڪري هن تي نالو ئي رکيائون "لعل شهزادو."

لعل شهزادو اڄ ننڍو سڀان وڏو اچي جوان ٿيو. سندس حسن تہ هٽي هر ڪنهن کي حيران ڪري وڌو هو! انسان تہ ڇا، پر حورون ۽

پريون بہ سندس سهڻي صورت ۽ موهڻي مورت تي حيران هيون.

لعل شهزادو جڏهن بلوغت کي پهتو، تڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين تہ ”جهڙو آءٌ سهڻو آهيان، زال بہ اهڙي سهڻي پرڻايوم.“ پوءِ تہ بادشاهہ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پڙهو ڏياريو تہ ”جيڪي بہ ڪنواريون ڇوڪريون آهن، سي سڀ فلاڻيءَ تاريخ، فلاڻي هنڌ، هار سينگار ڪري، اچي گڏ ٿين. جنهن تي منهنجي پٽ جي دل ٿيندي، اها ڪيس شادي ڪرائي ڏبي.“ رعيت جا غريب ماڻهو تہ ڇا، پر امير بہ خواهان هئا تہ لعل بادشاهہ جهڙو سدا سهڻو اسان جي پلئہ پوي: سو مقرر تاريخ تي، سڀ رعيت جون ڪنواريون نينگريون اچي هڪ هنڌ ڪٺيون ٿيون

سيڪنهن ڇوڪريءَ جي اها ئي مرضي هئي تہ لعل شهزادو شاديءَ واسطي مون کي چونڊي، پر لعل شهزادي جي ڪنهن تي بہ دل نہ سُرڪي. انهن نينگرين ۾ هڪ ڪاڻي بہ آئي هئي، تنهن لعل شهزادي کي طعنو هڻي، چيو تہ ”اديون، هيءُ اسان کي ڪو قبوليندو ڇا؟ هيءُ پرڻبو هيرا راڻي.“

لعل شهزادي ڪاڻيءَ جو اهو طعنو ٻڌي، چيو تہ ”هائو آءٌ پرڻبس بہ هيرا راڻي!“

هيرا راڻي ڪنهن ولايت ۾ رهندي هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ هرهنڌ مشهور هئي. ڪئين شهزادا سندس سڪ ۾ سُڪي سوڙها ٿيا هئا. مگر هن بہ ڪنهن کي ڪونہ ٿي قبوليو. اُن ڪي بہ انهيءَ سبب ڪان سنديس ڪنهن ساهيڙيءَ طعنو هنيو هو تہ ”هاءِ هاءِ! هيءَ مائي بہ شادي ڪندي تہ لعل شهزادي سان ڪندي ٻيو ڪو مرد هن کي وڻندو ڇا!“

هوڏانهن لعل شهزادي کي ڪاڻيءَ جي ٽُنڪي تايو هو تہ هيڏانهن هيرا راڻيءَ کي ساهيڙيءَ جي مهڻي تپايو هو. تنهنڪري هنن ٻنهي جي دل ۾ هڪٻئي جي محبت جو سلو بنا ڏٺي ئي، ساماڻجڻ لڳو. هوڏانهن لعل شهزادو هيرا راڻيءَ جي سڪ ۾ نڪري پيو، تہ هيڏانهن هيرا راڻي لعل شهزادي جي محبت ۾ موهجي، هن جي ڳولا لاءِ نڪري پيئي. نيٺ هلندا هلندا، هڪڙي هنڌ ٻيئي اچي هڪٻئي سان مليا، ۽ هڪٻئي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ هڪ ٻئي جي محبت ۾ مست مگن ٿي ويا.

آخر لعل شهزادو هيرا راڻيءَ کي وٺي، پنهنجي پيءُ وٽ آيو. بادشاهه ۽ راڻيءَ هھڙي نازڪ بدن، سدا سهڻي، من موهڻي نُنهن ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا. ۽ وڏيءَ ڏام ڌوم سان سندن شادي ڪيائون.

لعل شهزادو ۽ هيرا راڻي هاڻي هميشه گڏ رهڻ لڳا. ۽ ٻنهي جو هڪٻئي کان پري هڪ پل به نه سرندو هو.

ڪاڻيءَ، جنهن لعل شهزادي کي طعنو هنيو هو، سا هنن کي خوش ڏسي، دل ۾ ڪامڻ ۽ پچڻ لڳي، ۽ دل ۾ رٿ ڪيائين ته ڪيئن به ڪري هنن ٻنهي ۾ وڇوڙو وجهان. سا سدائين پيئي حيلا وسيلا هلائيندي هئي. هن کي اها خبر هئي ته لعل شهزادو هن ملڪ جي بادشاهه ۽ راڻيءَ جو پيٽ ڄڻيو پُٽ ڪونه آهي، پر هن نانگ مان لعل، ۽ لعل مان ڦري لعل شهزادو ٿيو آهي. ۽ سندس بنياد اصل نانگ آهي.

سو هن ڪاڻيءَ اچي هيرا راڻيءَ سان ساهيڙپ ڳنڍي، ۽ ڏهاڙي اچي هن کي نيون نيون خبرون ٻڌائي ويندي هئي- ۽ ائين گهري ٿيندي ٿيندي، راڻيءَ سان حجتڻ ٿي ويئي. آخر هڪڙي ڏينهن، راڻيءَ کي چيائين ته "ادي، تون ڪڏهن پنهنجي مڙس کان هي پڇ، ته تنهنجي ذات ڪهڙي آهي؟ مان ته ڀانيان ٿي ته هو توکي پنهنجي ذات اصل نه ڏسيندو پر تون ڪيئن به ڪري ڪانئس سنديس ذات ضرور پڇجان!"

رات جو جڏهن لعل شهزادو ۽ هيرا راڻي اڪيلا ٿيا، تڏهن هيرا راڻيءَ انگل ڪري، لعل شهزادي کي چيو "پيارا جيڪڏهن گستاخي معاف ٿئي، ته هڪڙو سوال توهان کان پڇان!" لعل شهزادي چيو ته "بيشڪ پڇ." تنهن تي هيرا راڻيءَ چيس ته مون کي ٻڌايو ته "توهان جي ذات ڪهڙي آهي؟" لعل شهزادي چيو ته "راڻي انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. اها ڳالهه مون کان نه پڇ. جو انهيءَ تان ڏاڍا ڏک ڏسندينءَ."

اُن وقت ته راڻي وڏيڪ ڪانه ڪڇي؛ پر ٻئي ڏينهن به ڪاڻيءَ ڏاڻڻ هيرا راڻيءَ کي اچي چوريو- چي، "هيرا! راڻي! هيءُ وري ڪهڙو محبت جو دستور آهي، جو لعل شهزادو سڏائي تنهنجي محبت وارو ۽ تنهنجو چوڻ مڃي ٿي نٿو جو رڳو توکي پنهنجي ذات ئي نٿو ٻڌائي!" هيرا راڻي، اهو ٻڌي، جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو تڏهن لعل شهزادي سان ضد ٻڌي بيٺي ته "هينئر پنهنجي ذات ٻڌاءِ" نيٺ لعل شهزادي ڪڪ ٿي، هيرا راڻيءَ

کي چيو تہ ”چڱو پلا سپاڻي تيل ميٽ ملي هلنداسين تلاءَ تي غسل ڪرڻ، پوءِ اُتي توکي آءٌ پنهنجي ذات ٻڌائيندس.“

ٻئي ڏينهن، هيرا راڻي تيل ميٽ ملائي، لعل شهزادي وٽ ڪٺي آئي ۽ اچي چيائينس تہ ”لعل شهزادا هاڻي هلو هلي پنهنجو واعدو پورو ڪريو.“ پوءِ لعل شهزادو ۽ هيرا راڻي ٻئي ڄڻا تلاءَ تي آيا. ۽ تيل ميٽ مکي، پاڻيءَ ۾ گهڙيا. اتي وري بہ هيرا راڻيءَ لعل شهزادي کان ساڳيو سوال ڪيو. تنهن تي لعل شهزادي اکين ۾ پاڻي آڻي، وري بہ راڻيءَ کي چيو تہ ”راڻي انهيءَ ضد تان لهي وڃ.“ مگر هن جي زناني هوڏ هئي، سا اصل نہ مُڙي. تنهن تي لعل شهزادي چيس تہ ”چڱو راڻي، هاڻي ڏسجان تہ آءٌ ذات جو ڪير آهيان.“ ائين چئي، تلاءَ ۾ ٽٻي هڻي، نانگ ٿي نڪتو ۽ ”هَي هَي هيرا راڻي“، ”هِي هِي هيرا راڻي“ چوندو لڙهندو هليو ويو. هيرا راڻيءَ، اهو حال ڏسي، وٺي آهون ۽ دانهون ڪيون، ۽ پنهنجي دوست جي جدائيءَ ۾ واويلا مچائي ڏنائين. هن جو آهُن ۽ دانهن جو آواز پري پنڌ تائين پئي ٻڌڻ ۾ آيو.

اتفاق سان هيرا راڻيءَ جي هڪ ساهيڙي، جنهن جو نالو نور پري هو سا درياءَ تان مٿان اُڏامندي پئي ويئي. هيرا راڻيءَ جون دانهون ۽ فرياد ٻڌي اُها هيٺ لهي آئي، ۽ هيرا راڻيءَ کان ههڙي ڏک ۽ تڪليف جو سبب پڇڻ لڳي. تنهن تي هيرا راڻيءَ سچو قصو ڪري ٻڌايس. نور پريءَ چيس تہ ”ادي، هتين پئي هاج، هاڻي ڪچو ڪيچين کي چئين. تو پاڻ سان پاڻيهي ڪئي آهي، هاڻي لکيو ويٺي لوڙ. پر ادي، الله مان آسرو نہ لاهہ. من مولي وري اوهان وڇڙيلن جا ميلا ڪري! هاڻي غم نہ ڪر، آءٌ اڄ ئي لعل شهزادي کي ڳولڻ لاءِ ڪوشش ڪريان ٿي. رب الله تي، سڀ سٺائي ٿيندي.“

ائين چئي، نور پري تہ اُڏامي ويئي، ۽ هيرا راڻي هَي هَي ڪندي، حسرت ۽ ارمان سان اچي گهر پهتي، ۽ ڪاٺ پيئڻ زهر ٿي ويس. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ نور پري اوچتو اچي هيرا راڻيءَ وٽ پهتي، ۽ چيائينس تہ ”پيڻ، لعل شهزادي جو ڪجهہ پتو پيو اٿم. هاڻي مولي مڙيئي موچاري ڪندو، تون دلجاءِ ڪر.“ اتي هيرا راڻيءَ کي ڪجهہ پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ نور پريءَ کان پڇيائين تہ ”ادي، پلا ڪر خبر!“ نور پريءَ چيو

تہ ”فلاڻيءَ ولايت ۾ واسينگ نانگ جو مڪان آهي. اُهي آهن نانگ، پر انساني صورت ۾ بہ اچي سگهن ٿا. لعل شهزادو انهن نانگن جي بادشاهہ جو پٽ آهي. هن پنهنجي پيءُ کان ڪاوڙجي، انساني صورت اختيار ڪئي هئي، جنهنڪري توکي اچي مليو. هن جي جدائيءَ ۾ سندس مائٽن جي ڏاڍي بُري حالت ٿي رهي هئي، ۽ تنهنجي بدقسمتيءَ کان جڏهن هو توکان جدا ٿي وڃي پنهنجي مائٽن سان مليو آهي، تہ هو خوش ٿي پيا آهن، ۽ هينئر ڏاڍا سرها آهن.

”هاڻي لعل شهزادي کي هٿ ڪرڻ جي هيءَ تجويز آهي، جو هن جي پيءُ کي راڳ ٻڌڻ جي ڏاڍي سِڪ رهي ٿي. تنهنڪري هو پري پري جا راڳيندڙ گهرائي، انساني صورت ۾ ٿي، هر جمعي جي رات، ڳائڻ وڄائڻ جي محفل ڪندو آهي. هاڻي منهنجي صلاح آهي تہ تون اُن جي اڳيان هلي ناچ گانو ڪري هن کي راضي ڪر. پوءِ خوش ٿي پاڻهي توکي چوندو تہ ”هاڻي گهُر، جيڪي گهُرڻو اٿيئي.“ پوءِ تون اُن وقت کانئس لعل شهزادي جي ٻانهن جي گهُر ڪجانءِ. انهيءَ تجويز کانسواءِ ٻيو ڪو بہ حيلو ڪونهي.“

هيرا راڻي هيءَ تجويز ٻڌي خوش ٿي، ڇو تہ هوءَ ڳائڻ وڄائڻ توڙي ناچ ڪرڻ ۾ اڳيئي بلڪل پڙ هئي. هيڪاري پنهنجي پرينءَ جي جدائيءَ ۾، هن جي سُر آواز ۾ بہ ڏاڍو سوز ۽ اثر ٿي ويو هو. سو هيءَ نور پريءَ سان گڏجي لعل شهزادي جي پيءُ جي ڪچهريءَ واري جاءِ تي اچي پهتي. اتفاق سان اهو ڏينهن بہ جمعي جو هو. تنهنڪري لعل شهزادي جو پيءُ بہ پنهنجي راڳيندڙن جي ٽولي سان اچي ديرو ڄمايو.

يڪدم فرش تي غاليچا وڇائجي ويا. محفل جو سامان بہ اچي ويو. بادشاهہ اچي ويٺو. ڳائڻ وارا بہ پنهنجا ساز طنبورا تيار ڪري، پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا. ڪجهہ وقت کان پوءِ، هيرا راڻي، جيڪا ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجي ساهيڙيءَ نور پريءَ سان لڪي ويٺي هئي، اها بہ ظاهر ٿي اچي ويٺي... ۽ پوءِ بادشاهہ کان ڳائڻ جي اجازت وٺي، ناچ ۽ گانو شروع ڪيائين... ۽ اهڙي سوز سان ڳاياين، جو سڄيءَ مجلس ۾ مدهوشي ڇائنجي ويئي. بادشاهہ بہ مست ۽ مگن ٿي، هيرا راڻيءَ کي چوڻ لڳو تہ ”اي ڳائڻ واري، جيڪي گهرڻو اٿيئي، سو گهُر!“ اتي هيرا

راڻيءَ چيو ته ”اي بادشاهه! عالم پناهه، مون کي فقط منهنجو محبوب، لعل شهزادو عنايت ڪر، جو هن جي وڇوڙي منهنجو ساهه سڪائي ڇڏيو آهي.“ بادشاهه اهو ٻڌي، انڪار ڪيو. چيائين ته ”نه نه، اهو توکي نه ملندو. باقي ٻيو جيڪي گهرين، سو حاضر ڪريون.“ راڻيءَ وري به ساڳي صدا ڪئي. مگر وري به نه اگهاڻي. محفل برخواست ٿي، نانگ هليا ويا. هيرا راڻي نِراس ٿي، وري ٻئي جمعي جو انتظار ڪرڻ لڳي.

خير سان ٻيو جمعو به آيو. هن دفعي به هيرا راڻيءَ ڏاڍي درد ۽ سوز مان ڳايو وڄايو. وري به بادشاهه هن کي چيو ته ”اي ڳائڻ واري، گهر جيڪو گهرڻو هجيئي!“ تنهن تي هيرا راڻيءَ وري به ساڳي صدا ڪئي. مگر بادشاهه وري به انڪار ڪيو. اهڙيءَ طرح سان ٽيون جمعو به آيو. هن دفعي راڻيءَ اهڙي ته درد ۽ سوز فراق مان ڳايو جو ٻڌندڙن جون دليون ميڻ وانگر رِجي اٿيون. هن دفعي بادشاهه جي دل ۾ رحم اچي ويو ۽ هيرا راڻيءَ کي چيائين ته ”هيرا راڻي! لعل شهزادو مون توکي ڏنو. هاڻي مون سان گڏجي هل، ته لعل شهزادو منهنجي جگر جو ٽڪرو پنهنجي هٿن سان ڪڍي هلي توکي ڏيان.“ پوءِ هيرا راڻيءَ کي بادشاهه پنهنجي محلات ۾ وٺي ويو. اتي لعل شهزادو پلنگ تي ليٽيو پيو هو ۽ هيرا راڻيءَ جي فراق ۾ بيچين ۽ بيقرار، گهڙيءَ گهڙيءَ ”هَي هَي هيرا راڻي“ جي ٻولي پئي ڪيائين. هيرا راڻي به آهستي آهستي اچي سندس سيرانديءَ کان ٿي بيٺي. لعل شهزادي جيئن پاسو ورايو ۽ اکيون کوليون، ۽ هيرا راڻيءَ جو نالو ورتو تيئن هيرا راڻي به اچلجي سندس جهوليءَ ۾ ڪري پيئي ۽ چيائينس ته ”جيءُ! منهنجي سر جا سائين!“ ائين هي ٻيئي وڇڙيل هڪٻئي سان مليا، ۽ هڪٻئي کي ڪٽي ڀاڪر وڌائون، ڄڻ ته ٻه نه آهن بلڪ هڪ آهن. ان بعد، هيرا راڻي ۽ لعل شهزادو ڪجهه وقت اتي رهي، بادشاهه کان موڪلائي، پنهنجي اصلوڪي ملڪ ۾ آيا، ۽ ٻيئي ڄڻا عيش آرام سان پنهنجي زندگي گذارڻ لڳا.

جهڙي طرح هنن وڇڙيلن جو واليءَ وصل ڪرايو اهڙيءَ طرح شل جڳ جهان جون مرادون موليٰ سائين پوريون ڪري.

باب ٽيون

شهزادن جون ڪهاڻيون

ڪدو شهزادو

بادشاهه پاڻ الله پر هڪ ملڪ تي هڪ بادشاهه حڪومت ڪندو هو. ڪيس ڪوبه اولاد ٿيندو ئي ڪونه هو. آخر سِڪي سڪي هڪڙي ڌيءَ ڄاڻيس، جنهن کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپايائون. جڏهن شهزادي وڏي ٿي، تڏهن بادشاهه هن جي رهڻ لاءِ درياءَ جي ڪپ تي تمام سهڻو محلات ٺهرايو جنهن ۾ شهزادي پنهنجي ساهيڙين سرتين سميت رهڻ لڳي. هوءَ اهڙي ته نازڪ بدن هئي، جو روزانو سونيءَ ترازيءَ ۾ فقط هڪڙي گلاب جي گل ۾ ترندي هئي.

هڪ دفعي، هوءَ پنهنجين سرتين سان گڏجي تلاءَ تي وهنجڻ ويئي. انهيءَ تلاءَ جي ڪنڌيءَ سان ڪدوءَ جون ڪيتريون ئي سايون سهڻيون وليون پکڙيون پيون هيون، جن ۾ مزيدار پِيلا پِيلا سهڻا گل ٽڙيا بيٺا هئا. وهنجندي وهنجندي هڪڙي گل ڏانهن شهزاديءَ جي دل ڇڪجي ويئي ۽ اهو ول مان ڇڄي، اچي تلاءَ ۾ پيو ۽ پوءِ ترندو ترندو لڏندو لمندو سڌو شهزاديءَ وٽ آيو ۽ اتفاق سان شهزاديءَ جي وات ۾ پئجي ڳهجي ويو. پوءِ وهنجي سهنجي شهزازي موٽي پنهنجي محلات ۾ آئي.

ڪجهه ڏينهن گذاريا ته هڪڙي ڏينهن شهزاديءَ جي تور هڪ گل مان وڌي ٻه گل تي پيئي، وري ٻئي ڏينهن ٽي گل ۽ اهڙيءَ طرح شهزاديءَ جي تور وڌي وڌي وڃي گلن جي ٽوڪريءَ کي پهتي، ۽ اچا به هر روز هڪ گل شهزاديءَ جي تور روزانو وڌندي رهي. اتي باغائڻ شهزاديءَ کي چيو "سائڻ!

آهي ته خير، جو تنهنجي تور روزانو وڌندي وڃي!“ شهزادي پاڻ به حيران هئي، جو چيائين، ”مون کان ٿي پڇين...! مون کي ڪهڙي سُڌ!“

باغائڻ سڌي بادشاهه وٽ آئي، ۽ اچي کيس ساري حقيقت ٻڌايائين. بادشاهه باغائڻ جي واتان اهڙي ڳالهه ٻڌي، سڌو ڌيءُ وٽ آيو. گهڻو ئي پڇيائينس ڳاڇيائينس... پر ويچاري شهزادي ڪجهه به ٻڌائي ڪانه سگهي.

پوءِ ٿوري گهڻي ڏينهن معلوم ٿيو ته شهزادي ٻن جيئن سان آهي! هڪڙي ڳالهه ٻڌي، ٻئي کي ٻڌائي... ۽ ٿيندي ٿيندي، چوڌاري ڳالهه پکڙجي ويئي- تان جو ڳالهه وڃي بادشاهه جي ڪنن تائين پهتي. بادشاهه کي ڏک به ٿيو ۽ ڪاوڙ به لڳي... ۽ نيٺ ويچاري، شهزاديءَ کي چوائي موڪيائين ته ”رات وچ ۾ محلات ڇڏي، جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هلي وڃ!“

شهزادي ويچاري، پيءُ جو حڪم ٻڌي، اڌ رات جو محلات ڇڏي، پنهنجي اڀاڳ تي روئيندي، جهنگ منهن ڪري رواني ٿي. هلندي هلندي، صبح ٿي ويس ۽ شهزادي ٿڪجي پيئي. شهزادي ڀلا نازڪ ۽ نفيس ساهه سو ڏپ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ۽ چا ڏسي ته چوڌاري برپٽ لڳو پيو آهي...! نيٺ دير دير کان پوءِ پريان جهڳٽو ساون ساون وڻن جو ۽ هڪڙي جهوپڙي ڏٺائين.... ۽ شهزادي لاچار انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ گهڙي ويئي، جهوپڙيءَ ۾ به پيرسن زال مڙس رهندا هئا، ۽ جي هڙيءَ منهن ملوڪ نينگريءَ کي ڏسي حيران ٿي ويا ۽ پرسان ويهاري، هن کان خبر چار ورتائون... جنهن تي شهزاديءَ ٻڌاين: ”هونءَ ته آءٌ شهزادي آهيان، پر هن وقت منهنجو ڪوبه ڪونهي... توهان وٽ پناهه وٺڻ آئي آهيان... ۽ هتي ئي حياتيءَ جا باقي ڏينهن گذاريندس!“ پوءِ شهزاديءَ جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا... ۽ هن جي موهڻي مورت ۽ بيڪسيءَ کي ڏسي، ٻنهي زال مڙسن کي رحم اچي ويو ۽ چيائون: ”اي شهزادي! تون ڪا چنتا نه ڪر... اڄ کان وٺي، تو اسان جي ڌيءُ آهين: جهڙو اسان جو غريباڻو حال آهي، تهڙو توسان ونڊيو پيا هلنداسين.“ هنن جي دلداريءَ تي شهزاديءَ جي اکين مان لڙڪ وهڻ بند ٿيا ۽ هوءَ اتيئي رهڻ لڳي.

ڪجهه ڏينهن بعد، شهزاديءَ کي هڪڙو گول مول ننڍڙو ’ڪدو‘ ڄائو. وڏي مائي ويچاري ڏاڍي حيران ٿي.... شهزاديءَ کي ٻڌايائين، جنهن چيس: ”ڪدوءَ کي ڇا ڪنداسين؟ ڪٺي وجي ڍير تي ڦٽو ڪريوس!“ وڏي مائي ڪدوءَ کي ڪٺي ڍير تي ڇڏي، اچا آئي مس، ته ڏسن ته ساڳيو ڪدو ٽپ ٽپ ڪندو اچي گهر ۾ گهڙيو. وري به هن کي ڍير تي ڇڏي آيا، ته وري ٽپ ٽپ ڪندو واپس اُتي پهچي ويو. اتي شهزاديءَ جي دل پرچي آئي ۽ ڪدوءَ کي ڪٺي ڇاتيءَ سان لاتائين.

جڏهن جاڳي جاڳي سڀ ماڻهو سمهي پوندا هئا ۽ شهزاديءَ جي به اک لڳي ويندي هئي، تڏهن ڪدوءَ کي به ماءُ جي پاسي ۾ ننڊ ڪٺي ويندي هئي. صبح جو شهزادي اچا ستي ئي پيئي هوندي هئي، ته ڪدو سوير ئي اکيون کولي ويٺو ٻوليون ڪندو هو! اهڙيءَ طرح اڄ ننڍو سڀان وڏو.... جڏهن ڪدو اچي وڏو ٿيو تڏهن هن کي ڍور وٺي ڏنائون، جيڪي هي پيو چاريندو هو. جهنگ ۾ ڏاراڙ هن سان جهيڙو جهٽو ڪندا هئا، ته انهن کي ٽپڪيون ڏيئي، ڇڳي سيڪت ڏيندو هو پر هن جي هڪڙي عادت هوندي هئي، جو ٻين جي سامهون ڪڏهن به تلاءَ ۾ ڪين وهنجندو هو. ڇو ته تلاءَ ۾ وهنجڻ لاءِ ويندو هو ته ڪدوءَ جا پڙدا لاهي هڪ سدا ملوڪ شهزادو ٿي پوندو هو ۽ گهڻي دير تائين گل وانگر پاڻيءَ ۾ پيو ترندو هو.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي تلاءَ تي هي ڪدوءَ جا پڙدا لاهي، اڪيلو ئي اڪيلو پئي وهنتو ته ان ملڪ جي ڪا شهزادي هئي، جا پنهنجي سهيلين سان شيل شڪار تي نڪتي هئي، تنهن هن کي ڏسي ورتو ۽ هن تي عاشق ٿي پيئي. هي ته وهنجي سهنجي، ڪدوءَ جا پڙدا پهري، موٽي پنهنجي گهر آيو. پر شهزاديءَ پنهنجي پيءُ کي چيو ته ”آءٌ پرڻبيس ته ڪدوءَ سان!“ بادشاهه پنهنجي ڌيءَ جي انگل رکڻ لاءِ، هن ڏانهن اٺ ڏهه ڪدو ڏياري موڪليا! شهزادي ڪدو واپس ڪري پيءُ کي چوائي موڪليو: ”هنن ڪدن سان منهنجو ڪهڙو واسطو! مون کي هلندڙ گهمندڙ ڪدو گهرجي.“ بادشاهه حيران ٿي ويو ۽ اچي ڳڻتي ٿيس ته ’شهزادي چري ٿي پيئي آهي؟ هلندڙ گهمندڙ ڪو ڪدو ٿيو؟“ نيٺ پڇا ڳاڇا مان خبر پيس ته برابر هڪ اهڙو ڪدو آهي... ۽

بادشاهه اُن کي گهرائي، شهزاديءَ ڏي موڪليو. شهزادي ان کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ پنهنجي پيءُ کي چوائي موڪليائين ته ”آءٌ هن سان شادي ڪنديس.“ بادشاهه ٻڌي اچي ٿهڪن ۾ پيو. چي، ڏيءُ چري آهين ڇا؟ ڪدوءَ سان به ڪنهن شادي ڪئي، جو تون ٿي ڪرين! شهزاديءَ چيو:”ڪجهه به هجي، پر آءٌ ته هن سان شادي ڪنديس.“ اها ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي، هر ڪو پيو کلي. چي:”شهزادي ڪدوءَ سان شادي ٿي ڪري!“ بادشاهه پنهنجي اميرن وزيرن سان صلاح ڪئي، جن چيس ته ”بادشاهه سلامت! شهزادي آهي ٻار ياڻئي ته ڪنهن گُڏي سان شادي ڪري. اسان شهزاديءَ جو انگل ڪٽي پورو ڪيو. پوءِ ڏسو ته شهزادي جهٽ ۾ ڪڪ تي ڪدوءَ کي ڪيئن اڇلائي ٿي ڇڏيس!“ مطلب ته نيٺ شهزاديءَ جي ڪدوءَ سان شادي ٿي.

هڪڙي ڏينهن، بادشاهه وٽ هڪ ايلچي آيو. چي: ”توهان هن سال آنڪي ڪانه ڀياري آهي. سو يا ته آنڪي ڏيو يا جنگ لاءِ تيار ٿيو!“ بادشاهه وزيرن سان صلاح ڪئي ته ”هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ وزيرن صلاح ڏنس ته ڪدوءَ کي انهيءَ جنگ تي موڪلجي... جي فتح ڪري آيو ته ساري عمر آنڪي ڀرڻ کان ڇٽي پونداسين، ڀلا جي مارجي ويو ته شهزاديءَ جي هيءَ ڇرپائپ لهي پوندي.“ بادشاهه جنهن کي شهزاديءَ جي ڳڻتي رهندي هئي، تنهن کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي. سو ايلچيءَ کي چيائين ته ”آنڪيءَ ڀرڻ وارا ڏينهن گذري ويا... جي توهان جي بادشاهه کي جنگ ڪرڻ جو ارادو آهي، ته اسين تيار آهيون.“ ايلچي روانو ٿي ويو ۽ بادشاهه جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو. جڏهن جنگ جو وقت ويجهو آيو، تڏهن بادشاهه ڪدوءَ کي چيو ته ”هاڻي جنگ لاءِ تيار ٿيءُ!“

نيٺ ڪدو لشڪر وٺي جنگ جي ميدان تي آيو ۽ پنهنجي سڄي لشڪر کي چيائين:”ڪوبه ماڻهو جنگ نه ڪري. آءٌ هڪ ئي هنن لاءِ ڪافي آهيان.“ ائين چئي دشمنن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو. هن کي جيڪو ڏڪ هڻي، تنهن جو ڏڪ هن کي لڳي ئي نه، ۽ جي لڳي ته اثر ئي ڪونه ڪريس. ۽ هي ٽپو ڏيئي ڪنهن جو مٿو ڦيهيو وڃنو آهي. ڪنهن جون پاسيريون ڀڃيو بيٺو آهي. ڪنهن جي ٽنگ ڇٽ، ڪنهن جي

ٻانهن چٽ... تان جو هن ڪيترائي ماڻهو ماري ڇڏيا. ۽ نيٺ وڃي لشڪر جي، سردار کي جهليائين. دشمن جي فوج سمجهيو ته ’هيءَ الائجي ڪهڙي ازغيبي آفت آهي! هن کان ڪير بچي، ڪير بچندو!‘ سو پويان پير ڪري، اُتي ڀڳا. پوءِ ڪدو لشڪر جي سردار کي ڪنڌ کان جهلي، بادشاهه وٽ وٺي آيو. اهو ڏسي، بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪدو جنگ ڪٽي محلات ۾ آيو ۽ اچي پنهنجي شهزاديءَ سان مليو رات ٿي... سيڪو وڃي آرامي ٿيو. ڪدو به پنهنجي لِڪَ واري پوشاڪ لاهي سمهي رهيو. ڪدوءَ جي پردن لهي وڃڻ ڪري سڄيءَ محلات ۾ شعاع ٿي ويو ۽ فتح جي شادمانن ۾ جيڪي ماڻهو جاڳيا پئي، تن شعاع ڏسي سمجهيو ته محلات ۾ باهه لڳي آهي. سي ڊوڙي بادشاهه وٽ ويا. بادشاهه پاڻ به حيران ٿي ويو ۽ سڌو محلات تي آيو. اچي ڪٽي ڏسي ته شهزاديءَ جي پير ۾ هڪڙو سداملوڪ شهزادو ستو پيو آهي، ۽ وهاڻي جي پرسان ڪدوءَ وارا اُودا پِيلا پڙدا لٿا رکيا آهن! اتي بادشاهه پنهنجي هھڙي پريزاد نانيءَ کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ماڻهن کي ٻڌايائين ته "اها باهه ڪانهي، پر منهنجي پريزاد نانيءَ جي سونهن جي تجلي آهي." اها ڳالهه ٻڌي، هر ڪو ماڻهو واپس موٽي ويو.

ڪدو رات رات جو پردا لاهي سمهندو هو ۽ ڏينهن جو چاڙهي ڇڏيندو هو. شهزاديءَ کي اها ڳالهه نه وڻي، تنهن ڇا ڪيو جو هڪڙيءَ رات ڪدوءَ جا پردا ڪٽي ساڙي ڇڏيائين. ڪدو صبح جو اُٿي ڏسي، ته پردا آهن ئي ڪونه! شهزاديءَ کان پڇيائين، جنهن چيس: "اهي ته مون ساڙي ڇڏيا." اها ڳالهه ٻڌي، هو ڪاوڙجي پيو ۽ يڪدم ليٽي پيٽي، ڪبوتر ٿي اڏامي هليو ويو... ويندي وقت شهزاديءَ کي چئي ويو ته "منهنجا پردا سو ساڙيا اٿئي، پر تون به سڄي عمر پيئي سڙنديندءَ پڄرنديندءَ!"

چون ٿا ته اها شهزادي پوءِ ڪبوترن کي ڏاڍو پيائيندي هئي... ۽ جڏهن ڏسبو هوس، تڏهن تلاءَ تي ڪدوءَ جي ڳلن ڏانهن وڃي ڏسندي هئي... ۽ ائين ئي پيئي هر گهڙيءَ تڏا ساهه پريندي هئي.

فقير ۽ شهزادو

هڪ بادشاهه هوندو هو جنهن کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. هن هڪ ٻئي پٺيان اولاد لاءِ ست زالون پرڻيون، پر قدرت سان هڪڙيءَ مان به اولاد ڪونه ٿيس. هن انهيءَ لاءِ گهڻيئي ڏس پنڌ پڇيا. فقيرن جا در پيتيا، مگر ڪجهه ڪين وريو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه سان وزير ڳالهه ڪئي ته "قبلا، پنهنجي شهر جي ٻاهران هڪ اهڙي فقير اچي بيٺڪ هنئي آهي جو جيڪو به ڪنهن به سوال لاءِ وٽس وڃي ٿو ته ان جو مطلب پورو ٿئي ٿو- سو انهيءَ بزرگ وٽ هلي سوالي ٿجي، من ڪا مراد پوري ٿئي!" بادشاهه چيو ته "سڀاڻي صبح جو هلنداسين.

ٻئي ڏينهن، بادشاهه ۽ وزير ٻئي گڏجي، فقير ڏي ويا، ۽ فقير کي پنهنجو دلي مطلب ٻڌايائون ۽ عرض ڪيائونس ته "اي سائين بابا، بادشاهه جي حق ۾ ڪا دُعا گهرو!" فقير چيو ته "اي بادشاهه، سڀاڻي صبح جو تير ڪمان کڻي پنهنجي باغ ۾ وڃجو ۽ ڏٺيءَ کي ياد ڪري ٻير جي وڻ ۾ تير هڻجو- جيترا ٻير ڪِرندا، اوترا اوهان کي پُٽ ڄمندا، ۽ جيترا پن ڪِرندا اوتريون ڌيئر.... پر، شرط اهو آهي ته هڪ پٽ مون کي ڏيندا." بادشاهه هائو ڪئي، ۽ فقير کان ادب سان موڪلائي، ۽ وزير سان گڏجي پنهنجي محلات ڏي موٽي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، بادشاهه تير ڪمان کڻي، پنهنجي باغ ۾ وڃي پهتو ۽ ٻير جي سامهون بيهي تير ڪمان تيار ڪري، وٺي جو ٻير جي وڻ ۾ تير هنيائين، ته قدرت سان ست ٻير اچي زمين تي ڪِريا. بادشاهه اهي ٻير کڻي، سڌو پنهنجي محلات ڏي آيو ۽ هر هڪ راڻيءَ کي اچي هڪ هڪ ٻير کارايائين. خدا جي قدرت اهڙي، جو سيني راڻين کي ڏهين مهيني پٽ ڄائو. بادشاهه خوش ٿيو پر وري اچي فڪر لڳس ته فقير سان وعدو ڪيو هوم ته هڪڙو پٽ کيس ڏيندس- سو دل ئي نه چويس ته ڪو پٽ فقير کي ڏيان. نيٺ هڪ وڏو ڪوٽ ٺهرايائين، جنهن جي اندر ست ئي شهزادا پٽي نپنيا ۽ چوڪيدارن کي

حڪم ڪيائين ته ڪوبه شهزادو ڪوٽ کان ٻاهر نه ڪڍيو وڃي. اهڙيءَ طرح ڪيترا ڏينهن گذري ويا ۽ شهزادا، اڄ ننڍا سياڻي وڏا، اچي سمجهه ڀريا ٿيا. هڪڙي ڏينهن، فقير کي ويٺي ويٺي دل ۾ خيال آيو ته بادشاهه کي ته ضرور ست پٽ ڄاوا هوندا. پر بادشاهه مون کي هڪ شهزادو نه ڏنو. هاڻي هلي، بادشاهه کي ڏسان ته ڪهڙي حال ۾ آهي؟ سو سڌو آيو بادشاهه جي محل ڏي. چوڪيدارن وڃي بادشاهه کي ٻڌايو ته "قبلا، هڪ درويش آهي، جو اوهان سان ملاقات ڪرڻ ٿو گهري." بادشاهه ٻڌڻ شرط يڪدم سمجهي ويو ته ڀڪ سان ساڳيو فقير آهي، جنهن سان قول ڪيو هوم پر خير هلي ٿو منهن ڏيانس. پوءِ حڪم ڪيائين ته فقير کي باعزت وٺي وڃي مهمان خاني ۾ ويهاريو وڃي. چوبدارن فقير کي باعزت وٺي، وڃي مهمان خاني ۾ ويهاريو. بادشاهه به نهي سنيري فقير وٽ ويو ۽ وڏيءَ عزت سان فقير سان گڏيو. فقير بادشاهه سان حال احوال ڪندي، اشارو ڏنس ته "سائين هاڻي پنهنجو قول پورو ڪريو!" بادشاهه فقير کي صاف جواب ڏنو ته "سائين! بابا، مون کي اڃا ڪو اولاد ڪونه ٿيو آهي." فقير کي پڪ هئي ته بادشاهه کي ست پٽ ڄاوا آهن. پر خاموش ٿي، بادشاهه کان موڪلائي، واپس ويو ۽ وڃي بادشاهه جي ڪوٽ جي ٻاهران، هڪ وڻ هيٺ دونهين دکائي ويهي رهيو.

هڪڙي ڏينهن اهڙو اتفاق اچي بنيو جو بادشاهه جي ستن ئي شهزادن پاڻ ۾ ڪينهي راند پيئي ڪئي، ته ڪينهو وڃي پٽ کان ٻاهر ڪريو. سيني پائرن گڏجي ٻن پائرن کي مٿي چاڙهيو ته وڃي بال ڪٽي اچن. جيئن هو ٻيئي پائر هيٺ لٿا تيئن درويش به هنن کي ڏسي ورتو ۽ يڪدم ڊوڙي اچي شهزادن وٽ پهتو. شهزادن کان پڇيائين ته "اوهين بادشاهه جا پٽ آهيو؟" شهزادن چيو "هائو سائين بابا!" نيٺ ڇوڪرن کي فقير چيو ته "بابا، منهنجو هڪڙو ڪم آهي- اهو ته مهرباني ڪري، ڪري آڻي ڏيو!" شهزادن چيو ته "هائو بابا ٻڌاءِ!" فقير هڪڙو لوٽو ڏيئي چين ته "بابا، هي ته مون کي ماڪ سان ڀري آڻي ڏيو." شهزادا "حاضر سائين" چئي، پرسان ننڍڙن ٻيٽل ٻوٽن ڏي روانا ٿيا، اُتي وڃي هنن گهڻي ڪوشش ڪئي، ته ماڪ لوٽي ۾ گڏ ٿئي پر لوٽي ۾ ته

ماڪ جو ڦڙو به نه پيو گڏ ٿئي. نيٺ هڪڙي چيو ته ”ادا ڪپڙو جهل ته آءٌ ان تي ماڪ کي ڏوڙڻ ڏيان، ۽ پوءِ جڏهن اهو سڄو پُسي پوندو، تڏهن لوٽي ۾ نپوڙي وجهنداسين.“ ٻنهي ڄڻن ائين ڪيو ته ٿوريءَ ئي ويرم ۾ لوٽو ماڪ سان پرجي ويو. پوءِ ٻنهي ڄڻن لوٽو آڻي فقير کي ڏنو. فقير لوٽو ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شهزادن کان پڇيائين ته ”بابا، اهو ڪنهن جو عقل هو؟“ هڪڙي شهزادي ٻئي ڏانهن اشارو ڪري چيو ته ”اهو هن شهزادي جو عقل آهي.“ پوءِ ته فقير نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم، ڪٽنديءَ اُن شهزادي کي رفو چڪر تي ويو ۽ ان کي ڪٺي، اچي پنهنجي ملڪ کان نڪتو.

هڪڙي ڏينهن صبح ساڻ، فقير شهزادي کي چيو ته ”وڃي جهنگ مان ڇيٽا چونڊي آءُ، ته ٻاهه ٻاريون.“ شهزادو ڪپڙو ڪٺي نڪتو ڇيٽا چونڊڻ، اڃا ٿورو اڳيرو ويو ته ڏٺائين ته هڪ وڻ تي ٻه سرٽيون ويٺيون آهن، پر هڪڙي روئي پيئي ۽ ٻي ويٺي کلي. شهزادي کي تعجب لڳو سو سرٽين کان پڇيائين ته ”چو هڪڙي روئي ويٺي ۽ ٻي ڪِلي ويٺي؟“ تڏهن هڪڙيءَ جواب ڏنو ته ”تنهنجي سهڻي صورت ڏسي ڪلان ٿي؛“ ۽ ٻيءَ جواب ڏنو ته ”تنهنجي حياتي آهي باقي اڄوڪو ڏينهن، تنهنڪري تي رُئان.“ شهزادي چيو ”سو وري ڪيئن؟“ سرڻ جواب ڏنو ته ”هن بي ايمان فقير جو اهو دستور آهي جو جيڪو سهڻو ٻار آڻي، تنهن کي ائين ڇيٽا گڏ ڪرايو پوءِ هڪڙي وڏي تئي چاڙهي، ان هيٺان ٻاهه ٻاريندو آهي؛ پوءِ تئي گرم ٿئي، تڏهن اڳيان ڪري ڇوڪري کي ۽ پنيان تئي پاڻ، ۽ ونيو ڪاڻاهه کي ڦِري؛ پوءِ ٻنهي ڦيرا ڏيو ڪنيو ڇوڪري کي ڌڪو ڏئي، ته ڇوڪرو ڏُو ڪاڻاهه ۾، جتي تِڪي ٿيو پوي، ۽ هي آدمخور ان کي ڪڍي کايو ڇڏي“ شهزادي چيو ته ”پوءِ آءٌ ڇا ڪريان؟“ سرٽين چيس ته ”تون هاڻي هيئن ڪج، جو جيڏي مهل فقير توکي چوي ته ”ڦِر ڦِر چيلا:“ ته تون چئجانس ’آڳي گرو ته پيڇي چيلا!‘ شهزادو پوءِ ڇيٽا چونڊي، پري ٻڌي، سڌو اچي فقير جي آستاني تي پهتو. فقير به دستور موجب چلهه جي مٿان هڪ وڏي ڪاڻاهه رکي، ڪٺي تيل سان پري ۽ چلهه ۾ ڇيٽا وجهي، وٺي ڇيٽن کي ٻاهه ڏنائين. ڪجهه مهل ڪانپوءِ، جڏهن تيل ٺهڪڻ لڳو تڏهن شهزادي کي چيائين

تہ ’ڦرڦر چيلا!“ تہ شهزادي يڪدم چيو تہ ”آڳي گرو، تہ پيڇي چيلا!“ فقير اهو ٻڌي، اڳيان پاڻ تي ڦرڻ لڳو ۽ پٺيان شهزادو. اجا بہ ڦيرا مس ڏنائون تہ وٽي جو شهزادي فقير کي ٽيلهو ڏنو تہ ڏو ڪاٽاهہ ۾ اندر۔ بس جلدي ٽڪي تي پيو. شهزادي پوءِ يڪدم فقير جي ڪوٺيءَ مان ڪنجيون ڪڍي وجي ٻيون ڪوٺيون کوليون تہ گهڻيئي مال متاع ڏٺائين. پر هڪڙي جاري تي هڪڙو موتي پيل ڏٺائين، جو ڏاڍو پئي جرڪيو. هن اهو موتي ڪڍي کيسي ۾ وڌو ۽ انهيءَ ئي پيرين اتان وٺي پڳو. رستي تي آيو تہ ڏٺائين تہ اهي ئي سرٽيون ويٺيون آهن، پر کلن پيون. شهزادي انهن کان پڇيو تہ ”هاڻ اوهين کلو ڇو پيون؟“ سرٽين جواب ڏنو تہ ”اي شهزادا! اسين تنهنجي عقل تان کلون ٿيون، تہ اهو تنهنجي کيسي ۾ جيڪو موتي پيو آهي، سو تو ائين بيڪار سمجهي ڪڍي کيسي ۾ وڌو آهي، پر حقيقت ۾ اهو ڏاڍي ڪم وارو آهي!“ شهزادي پڇيو تہ ”هن ۾ ڀلا ڪهڙو اسرار آهي؟“ سرٽين جواب ڏنو تہ ”اهو موتي وات ۾ وجهڻ سان جهڙي شڪل تون چوندين، اهڙي تي پوندي، ۽ وري وات مان ڪيڍڻ سان اڳي وانگر ساڳيو ئي ماڻهوءَ جي شڪل تي پوندين. شهزادي آزمودي وٺڻ لاءِ موتي وات ۾ وجهي، وٺي چيو تہ ”ڍڳو ٿي پوان!“ تہ يڪدم شهزادو ڍڳو ٿي پيو ۽ وري موتي وات مان ڪڍيائين، تہ ساڳئي صورت ۾ اچي ويو.

پوءِ شهزادو وات وٺي، پنهنجي ملڪ ڏي روانو ٿيو. ٿوري پنڌ کان پوءِ هڪ واٽهڙو گڏيس، جنهن چيس تہ ”آءٌ غريب ماڻهو آهيان، منهنجي مدد ڪر!“ شهزادي چيس تہ ”چڱو آءٌ ڍڳو ٿي ٿو پوان، تون مون کي هلي وڪڻ۔ جيڪي پئسا ملنئي، سي وٺي وڃي پنهنجي ڪتب آڻجانءِ!“ اُن غريب شخص سندس شڪرانا بجا آندا، ۽ چيائينس تہ ”اهو تہ تون مون سان وڏو ڪرين!“ تنهن کانپوءِ، چوڪر مٽڪو ڪڍي وات ۾ وڌو تہ ڍڳو ٿي پيو... ۽ اُهو غريب شخص اُن کي ڪاهي اُتي هليو. رستي تي هڪڙا ڪُڙمي گڏين، جن کي ڍڳي جي ضرورت هئي. انهن اُن غريب شخص کان پڇيو تہ ”ڀائو اهو ڍڳو ڪيڏانهن ٿو ڪاهي وڃين؟“ اُن شخص وراڻي ڏني تہ ”ادا وڪڻڻ ٿو وڃان.“ انهن پڇيس تہ ”گهڻو ملهہ آهي تنهنجي ان ڍڳي جو؟“ ان شخص پوءِ ڍڳي جو ملهہ

ڀڙايو... ۽ ڪڙمين کي ٻه هئي جا ضرورت، سو جيترا هن پئسا ڇپيا، اوترا پئسا هن کي ڏيئي، ڍڳو خريد ڪري، وچي گهر ٻيهارياڻون. جڏهن رات ٿي، تڏهن شهزادي وات مان موتي ڪڍيو ته وري ساڳيو شهزادو ٿي پيو ۽ اُتان پڇي وري اچي انهيءَ ساڳي غريب شخص وٽ پهتو ۽ چيائينس ته "هاڻي آءٌ گهوڙو ٿي ٿو پوان، ۽ تون وري مون کي وڪڻي، ٻيا پئسا ڪماءِ ۽ اڳو پوءِ قرض پڪا لاهي، پنهنجا بند آزاد ڪراءِ."

هوڏانهن قدرت سان ڏاڍو ڪو اچي مينهن پيو- سو مينهن جون ڦڙيون جو اُن ٽِڪي تي ويل فقير تي پيون، ته يڪدم ٽِڪيءَ مان ڦري، وري اهو ساڳيو فقير ٿي پيو اُتڻ شرط هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته ڏٺائين ته شهزادو به ڪونهي. وري يادگيري پيس ته شهزادو ته مون کي هن ڪاڻاهه ۾ ڏکو ڏيئي پڇي ويو هو. بس پوءِ ته نڪا ڪيائين هم نڪا تم، ورتائين ڪٽي ساڳيو رستو. نيٺ شهزادي کي ڳوليندي ڳوليندي، ڪنهن مهل ان شخص تي وچي نظر پيس، جو اهو گهوڙو ڪاهيو پئي وڪڻڻ ويو. هيءُ به وڏي اچي گهوڙي وٽ پهتو ۽ ڏٺائين ته برابر اهو ساڳيو شهزادو آهي، پوءِ اُن شخص کان پڇيائين ته "ميان، گهوڙو وڪڻندين؟" واتهڙوءَ جواب ڏنو ته "هائو- انهيءَ لاءِ ته وٺيو پيو وڃانس." نيٺ فقير منهن گهري رقم هن کي ڏيئي اهو گهوڙو خريد ڪيو ۽ خوش ٿي اچي پنهنجي ماڳ تي پهتو ۽ گهوڙي کي خوب مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏيائين. صبح جو گهوڙي کي وٺي واهه تي پاڻي پيارڻ لاءِ آيو. شهزادو يڪدم موقعو جانچي، ڏيڏر ٿي واهه ۾ ٽهڪي ويو ۽ تکو تکو ترندو اُتي پڳو. فقير به ڇرڪو ٻڌجي سندس ڪڍ ورتي. ڏيڏر ٻي ڪا واهه نه ڏسي، هڪدم هڪ مائيءَ پاڻيءَ جو دلو پئي ڀريو اُن جي دلي ۾ گهڙي ويو ۽ مائي دلو کڻي پنهنجي گهر ڏي رواني ٿي. فقير به مائيءَ جي پٺ وٺي هلڻ لڳو ۽ مائيءَ کي چيائين ته "توکي هي پئسا ٿو ڏيان، تون اهو دلو ڀڃ." مائيءَ ڀيرپائين ته فقير کي چريو ڪري سمجهيو پر نيٺ جڏهن ڏٺائين ته فقير هيترا پئسا ڪڍيو پيو ڏي، تڏهن پئسا وٺي يڪدم ڪٽي دلو ڀڳائين. دلي جو ڀڄڻ ۽ پاڻيءَ جو وهي اُتي هلڻ... پر ڏيڏر به ٽپڪيون ڏيندو اُتي جو اُتي گاهه ۾ لڪي ويو. پوءِ فقير ٻيهي ڏيڏر کي ڳولڻ لڳو! اتفاق اهڙو ٿيو جو اُتي هڪ مينهن پئي

چنو، سو گاهہ سان گڏ اُن ڍيڏر کي بہ کائي ويئي. فقير ڏٺو تہ اهو تہ ظلم ٿي ويو جو مينهن ڍيڏر کي کائي ويئي، سو پڇندو پڇندو سڌو آيو مينهن جي ڌڻيءَ وٽ، ۽ چيائينس تہ ”مينهن جا پيسا وٺ، ۽ مينهن کي هتي جو هتي ڪُھہ۔ گوشت توهان کائو باقي پيٽو رکو مون کي ڏجو!“ مينهن جي مالڪ قبول ڪيو ۽ مينهن جي قيمت وٺي مينهن کي ڪٺي ڪٺائين، پر وڃيندي ٽڪيندي اها ڳالهہ وسري ويس تہ پيٽو ڪو فقير کي ڏيڻو آهي، سو پيٽو ڪڍي، ڪٺي پري ڦٽو ڪيائين. مڃاڻ هڪ سرڻ انهيءَ مهل گوشت تي پئي لامارو ڏنو تنهن ڪڻندي پيٽو وٺي مٿي لُوهہ ڪئي. فقير بہ نڪا ڪئي هم نڪا تمر. گرڙ پڪي تي وٺي سرڻ جي پٺيان اُڏاڻو سرڻ لامارو ڏيئي، اچي بادشاهہ جي محلات تي ويٺي. فقير بہ سرڻ کان پيٽي ڇڏائڻ لاءِ، جهڙو لامارو ڏنو تهڙو سرڻ جي چنبن مان پيٽو ڪري پيو ۽ وڃي بادشاهہ جي محل ۾ ڪريو. شهزادو يڪدم هڪ بنهہ انمول، نولکو هار بنجي وڃي شهزاديءَ جي ڳچيءَ ۾ پئجي رهيو. فقير يڪدم وري پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ ٿي، اچي محلات جي در تي صدا هنئي، تہ ”الله جي نالي، اهو نو لکو هار ڏيو!“ شهزاديءَ فقير کي چيو تہ ”اي فقير، پيو جيڪي کپئي سو گھر، پر نو لکو هار نہ ڏينديس.“ نيٺ فقير انهيءَ ڏينهن ويو هليو ۽ وري ٻئي ڏينهن آيو ۽ اچي محلات تي ڌرڻو ماري ويهي رهيو شهزاديءَ گھڻو ئي سمجهايس، پر فقير باز نہ آيو. نيٺ شهزاديءَ ڪاوڙ مان فقير جي اڳيان وٺي هار توڙيو تہ موتي موتي جدا ٿي ويو ۽ اهي ڦري مڪائيءَ جا داڻا ٿي پيا. فقير، جو اهو حال ڏٺو سو يڪدم ڪڪڙ ٿي اُهي داڻا چڳڻ لڳو اجا پڇاڙيءَ جو داڻو ٿي چڳيائين، تہ شهزادو يڪدم هڪ ٻلو ٿي پيو ۽ وٺي جو ڪڪڙ جي ڳچيءَ ۾ وات وجهي سٽ ڏنائين تہ فقير جو ڪنڌ ڀڄي پيو بس پوءِ تہ اُتي جو اُتي شهزادو يڪدم پنهنجي اصلوڪيءَ شڪل ۾ اچي شهزاديءَ جي سامهون بيهي رهيو. هيڏانهن شهزادي بہ ڏاڍي خوش ٿي... ايڏي خوش ٿي، جو بس چوڻ کان ٻاهر!

تورن گھڻن ڏينهن بعد، نيٺ شهزاديءَ جي شهزادي سان شادي وڏي ڌام ڌوم سان ٿي، ۽ پوءِ شهزادو پنهنجي ملڪ، راڻيءَ سميت روانو ٿيو ۽ اچي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀائرن سان گڏيو.

تاج الملوڪ شهزادو

بادشاهه ته پاڻ الله آهي- مگر هن ڪوڙيءَ دنيا جو هڪ بادشاهه هو جنهن کي اولاد ڪونه هو. راڻيءَ جا علاج ۽ سُتيون ڪرايائين، ڦيڻا چنڊا تنهن کان ڏار-- ٻيون به به شاديون ڪيائين، پر اولاد ڪونه ٿيس. نين راڻين جي محبت ۾ بادشاهه اهڙو ته محو ٿي ويو جو پنهنجي اڳينءَ ڏاڍي پوڙهيءَ زال کي صفا وساري ڇڏيائين. راڻيءَ کي ڏک ته البت گهڻو ٿيو پر "مُني به ماٺ ته مِني به ماٺ" ڪري ويهي رهي ۽ خدا کي ٻاڏائڻ لڳي. هميشه "حيلي رزق، بهاني موت" ايندو آهي، سو هڪ ڏينهن بادشاهه ڪٽان ٿي لنگهيو ته ٻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جو پڙلاءُ ڪن تي پيس: هڪڙو ٻئي کي چئي رهيو هو ته "يار ڏس ته سهي، بادشاهه ڪهڙو انڌير ڪيو آهي، جو ويچاريءَ اڳينءَ ڏاڍي پوڙهيءَ زال کي وساري، ڏارين کي ڪٽي اڪين سان لاتو اٿس! اڳتي ڪهڙو جواب ڏيندو؟" بادشاهه ڳالهه ٻڌي، دل ۾ چوڻ لڳو ته 'برابر ويچاريءَ بيگناهه جو گناهه ڪنيو اٿم'... سو سڌو آيو محلات ۾ ۽ اتي اچي ٻنهي راڻين کي چيائين ته "اڄ آءٌ ڪنهن پاسي وڃان ٿو، منهنجو انتظار نه ڪجو." ائين چئي، بادشاهه اڳينءَ راڻي جي محلات ڏانهن هليو آيو. بادشاهه کي اندر ايندو ڏسي، راڻيءَ کي خوشيءَ وچان اکين ۾ آب اچي ويو ۽ گهڻيءَ سڪ مان بادشاهه کي روئيندي ڪٽي ياڪر پاتائين. راڻيءَ جي سڪ ۽ سچائي ڏسي، بادشاهه جي دل به پيچي پيئي، ۽ گهڻيءَ حب سان راڻيءَ سان ويهي دل جا حال اورڻ لڳو ۽ رات راڻيءَ وٽ گذاري، صبح جو اچي دربار ۾ ويهي رهيو.

نين راڻين کي ڪهڙي خبر ته بادشاهه ڪيڏانهن ويو سو ڪين شڪ گمان ڪونه جاڳيو. خدا جي قدرت، انهيءَ رات ڏاڍي پوڙهيءَ راڻيءَ کي حمل ٿي ويو. وقت ۽ وير ڪنهن لاءِ نه ترسندا آهن.... پلڪن مان پهر، پهرن مان ڏينهن، ۽ ڏينهن مان مهينا ٿي، وقت گذرندو رهيو. آخر ڏهن مهينن بعد بادشاهه کي چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو پٽ ڄائو. جنهن

جو نالو تاج الملوڪ رکيائون. هر طرف خوشيون ٿي ويون. بادشاهه ٻه ڏاڍي ڏام ڏوم سان خيرخيراتون ڪرڻ لڳو. نيون راڻيون خبر ٻڌندي ئي، ساڙ کان سڙي ويون. بادشاهه جو چاهه ٻه هاڻي اڳينءَ راڻي ۽ پٽ تي ٿي ويو سو هنن راڻين وٽ گهڻو اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنائين. تنهن تي هيڪاري هو حسد ڪرڻ لڳيون، ۽ وير وٺڻ لاءِ بهانا ڳولڻ لڳيون.

هوڏانهن شهزادو اچ نڍو سيان وڏو. آخر اچي جوان ٿيو. هڪ ڏينهن، ڪنهن ڪم سانگي بادشاهه ڪيڏانهن ويٺو هو سو ضروري گهرو ڪم ڪار پٽ کي سمجهائي ويندو رهيو. پنيان ٻيئي راڻيون صلاح ڪرڻ لڳيون ته ڪو اهڙو بهانو ناهجي، جو بادشاهه شهزادي کي مارائي ڇڏي، ته آزار کان ڇٽي پئون. گهڻيءَ مٿاڪُٽ ڪرڻ بعد، هڪڙيءَ راڻي ٻيءَ کي چيو: "مون کي هڪ اٽڪل ياد آئي آهي ائين جي ڪيوسين، ته پوءِ پڪ بادشاهه کي ڪاوڙ ايندي، ۽ پٽ کي مارائي ڇڏيندو. هاڻي هيئن ڪجي، جو جڏهن بادشاهه محلات ۾ اچي، تڏهن پنهنجي منهن آهستي آهستي ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون، جڏهن ويجهو اچي، تڏهن ماٺ ڪري ويهي رهون: پري کان ڳالهيون ڪندي ۽ ويجهو ماٺ ۾ ڏسي، بادشاهه کي ضرور شڪ پوندو ۽ ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ زور ڀريندو- پر پاڻ ويهي ٽٽائيندونسين. جڏهن بادشاهه ڪک ٿي، ڪاوڙ ڪندو تڏهن چونديونسين ته 'شهزادي اسان سان هٿ چراند ڪئي آهي.' پوءِ ڏس ته لقاءُ، ڪيئن نه گهڙين جا فيصلا ٿين!" ٻيءَ راڻي چيو ته "ڳالهه ته واه جا ڪئي اٿئي! ائين ضرور ڪبو. پوءِ ڪتن ياڳ."

ٿورن گهڻن ڏينهن کانپوءِ بادشاهه موٽي آيو. تڏهن، ٺاهيل اٽڪل موجب، زارو زار روئي، بادشاهه کي چيائون ته "اوهان ٻاهر ويا هئا، تڏهن اوهان جو شهزادو هڪ رات اچي اسان سان هٿوپائي ڪرڻ لڳو. اسان کي تمام گهڻو تنگ ڪيائين، گهٽ ۾ گهٽ پيءُ جي لڄن جو خيال ۽ حياءُ ته ڪري ها." بادشاهه ڳالهه ٻڌي باهه ٿي ويو ۽ ٻاهر اچي نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته "شهزادي کي وٺي ڪنهن رڻ پٽ ۾ وڃي ڪُهو ۽ اُن جون ٻيئي اکيون ڪڍي مون کي اچي ڏيکاريو." هيءَ ٿهر جهڙو حڪم ٻڌي، نوڪر ڏڪڻ لڳا، پر بادشاهه اڳيان انڪار ڪير ڪري! آخر هو شهزادي کي وٺي اچي هڪڙيءَ سيج ۾ نڪتا. اُتي شهزادي کي

جهلي ڪهڻ لڳا... تڏهن شهزادي وٺي دانهون ڪيون، ۽ نوڪرن کي چيائين ته ”مون کي ڇو ٿا ماريو؟ مون ڪهڙو گناهه ڪيو آهي؟“ نوڪرن جواب ڏنس ته ”اسان کي بادشاهه وٽان اهڙو حڪم مليل آهي... ٻي اسان کي ڪا خبر ناهي.“ شهزادي تڏهن منٿون ڪندي چيين ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته اوهين ڪنهن هرڻ کي ماري، ان جون اکيون ڪڍي، وڃي بادشاهه کي ڏيو. منهنجي حياتي به بچي پوندي، ۽ بادشاهه به خوش ٿيندو.“ ايتري ۾ هڪ هرڻ خدا جي قدرت سان اُتي اچي نڪتو ۽ شهزادي جي رڙين جو سبب پڇڻ لڳو. نوڪرن کيس ساري حقيقت ٻڌائي. هيءَ دردناڪ خبر ٻڌي، هرڻ کي شهزادي تي رحم اچي ويو ۽ نوڪرن کي چيائين ته ”منهنجون اکيون ڪڍي وڃو ۽ شهزادي کي ڇڏي ڏيو.“ نوڪرن کي به قياس پئجي ويو. سو هرڻ جون اکيون ڪڍي، بادشاهه کي وڃي ڏنائون، ۽ شهزادي کي اُتي ڇڏي ڏنائون. شهزادو پوءِ اُتي ئي جهنگ ۾ اُن انڌي هرڻ جي خدمت ڪرڻ

ويهي رهيو.

خدا جي قدرت سان هڪ ڏينهن هرڻ جيئن ننڊ منجهان اُٿيو تيئن اُن جي نظر وري سالم ٿي پيئي ۽ شهزادي کي چيائين ته ”توکي شاباس هجي، جو آءٌ ته حيوان هوس، پر تو انسان ٿي ڪري، هن جهنگ ۾ رهي، منهنجي خدمت ڪئي آهي. هاڻي توکي موڪل آهي، تون ڀلي ڪنهن شهر ۾ وڃي، ماڻهن سان گڏجي گذار... مان ته حيوان آهيان، سو هتي ئي گذاريندس.“

خير شهزادو تاج الملوڪ به هرڻ کي سچو ڏسي، ڪانئس موڪلائي، اُتي هليو. ڀلا بادشاهي ٻار، سو به اڪيلو جهنگ ۾، ويتر مٿان اچي سج لٿو. سو هيڪاري منجهي پيو. پر ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، اڳتي هلندو هليو. ڪجهه پنڌ ڪرڻ کانپوءِ، پري کان کيس هڪ شهر ڏسڻ ۾ آيو. شهزادو ڏاڍيءَ جا شڪرانا ڪري، اُن شهر ڏانهن تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. شهر ۾ پهچندي، ڏنائين ته هڪ گهر ۾ ڪا پوڙهي مائي آهي، جنهن جو پٽڪو پيو پوي... گهر ۾ ٻيو ڪير ڪونهي. شهزادي کي مائيءَ جي اهڙي حالت ڏسي، قياس اچي ويو ۽ اندر وڃي، هن کي چوڻ لڳو ”اي اما! ڏي خبر، تون ايترو ڇو ٿي روئين؟“ مائيءَ چيو

تہ "ابا! تون ڪو مسافر ٿو ڏسجين. تون پنهنجي واٽ وٺي هليو وڃ... منهنجي سورن کي تون ڇا ڪندين؟" شهزادي چيو تہ "تون مون کي پنهنجو حال ٻڌاءِ. آءٌ تنهنجي پوري مدد ڪندس." آخر, لاچار ٿي, پوڙهيءَ شهزادي کي چيو تہ "هن شهر ۾ روزانو رات جو راڪاس ايندو آهي, جنهن کي هڪ ماڻهو واري تي ملندو آهي. اڄ منهنجي پٽ جو وارو آهي. منهنجو دين دنيا ۾ هڪڙو ئي اهو ٻچڙو آهي, تنهن ڪري ان ٻچڙي لاءِ ٿي دانهون ڪريان; ڇوان پنهنجي قسمت کي, ٻيو ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان..."

شهزادي دل ۾ خيال ڪيو تہ هن ويچاريءَ پوڙهيءَ جي واهر ضرور ڪرڻ گهرجي, سو مائيءَ کي چيائين تہ "جيجل تون ڪوبہ غم نہ ڪر... اڄ تنهنجي مدد لاءِ خدا مون کي موڪليو آهي- اڄ تہ تنهنجي ٻچڙي جي پاران مان ٿو وڃي سر ڏيان, باقي اڳتي ڪٿڻ تنهنجا ڀاڳ." شهزادي کي هيئن چوندو ڏسي, پوڙهيءَ جي پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ شهزادي کي دعائون ڪرڻ لڳي.

بادشاهہ جو اعلان هو تہ 'جيڪو بہ انهيءَ راڪاس کي ماريندو تنهن کي اڌ بادشاهيءَ جو ۽ پنهنجي نياڻي ڏيندس.' شهزادو وقت تي, راڪاس جي اچڻ واري هنڌ تي آيو ۽ ڏسي تہ هڪ ڏيگو ٻڌو بيٺو آهي. سمجهيائين تہ اهو بہ راڪاس لاءِ ئي هوندو سو ماٺ ڪري اتي ويهي رهيو. ويٺي ويٺي, خيال ڪيائين تہ مرڻو تہ ضرور آهي, ڇو نہ مقابلو ڪري مرجي. اهو خيال ڪري, ير واري بادشاهہ جي باغ ۾ لنگهي ويو ۽ باغائيءَ کي ترار ۽ ڍال آڻڻ لاءِ چيائين. باغائيءَ هن کي هڪ عاليشان ترار ۽ ڍال آڻي ڏني. شهزادو اها ترار ۽ ڍال کڻي ساڳيءَ جاءِ تي آيو ۽ ڏيگي کي کهي, ان جي ڏونگهريءَ ۾ لڪي ويهي رهيو.

ٿوري دير گذري تہ راڪاس بہ مينهن واءُ ڪندو اچي اُتي نڪتو. شهزادو بہ ترار سنڀالي, هوشيار ٿي ويهي رهيو. راڪاس ايندي شرط اچي ڏيگي تي مارو ڪيو. شهزادي رکي رکي, اوچتو ئي اوچتو ٽڪاءُ جو ترار ڪيس, تہ راڪاس جي منڍي سرڙاٽ ڪري وڃي پري پيئي, پوءِ ڏٽيءَ جا شڪرانا ڪري شهزادي موٽي اچي مالهيءَ کي سموري حقيقت ٻڌائي. باغائي کي بہ مس پيٽ ۾ ساهہ پيو. پوءِ شهزادو بہ اُتي ئي

مالهيءَ وٽ رات ترسي پيو. پلا هڪ گهڙين راتين جو اوجاڳيو پيو پنڌ جي ٿڪاوٽ. تنهنڪري شهزادي کي يڪدم ننڊ ڪٽي ويئي. ۽ مالهي به سمهي رهيو. مالهيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته راڪاس ڪنهن ماريو.

پرهه ڦٽيءَ مهل هاري ناري ۽ ڪمي ڪاري ڪم تي ٿي ويا. ته ڏسن ته راڪاس مُئو پيو آهي. انعام جي لالچ تي ڪو گاهه جو ڏاٿو رت ۾ ٻريو وڃي، ڪو ڳُڏ جو رنبو ڪنيو وڃي. ته ڪو ڪهاڙيءَ کي رت لائي، بادشاهه ڏانهن پيو وڃي. دل ۾ اهو خيال هون ته جي بادشاهه ڏيءَ نه پرڻائيندو ته به انعام سان ته گهر ڀري ڇڏيندو ۽ گاهه پٽي ڪرڻ کان ڇٽي پونداسين. سو سيڪو بادشاهه کي اچي چوڻ لڳو ته ”سائين! راڪاس مون ماريو آهي، مون کي انعام ڏنو وڃي.“ بادشاهه راڪاس جي مرڻ ڪري خوش ته ٿيو پر منجهي پيو ته هاڻي انعام ڪنهن کي ڏيان. نيٺ وزير کان پڇيائين ته ”وزير، صلاح ڏي ته انعام ڪنهن کي ڏيڻ گهرجي.“

وزير چوڻ لڳو ”بادشاهه سلامت! ڏاٽن ۽ رنبن سان به ڪڏهن راڪاس مئا آهن؟ باقي ڪهاڙيءَ واري همراهه جي ڪهاڙي تکي ٿي ڏسجي۔ راڪاس پڪ انهيءَ ماريو آهي.“ تنهن تي بادشاهه چيو ته ”جيڪڏهن راڪاس انهيءَ ماريو آهي، ته هاڻي دير نه ڪريو! بس، مون انجام موجب ڌيءُ انهيءَ کي ڏني، ۽ شاديءَ جي تياري ڪريو.“

بادشاهه جو حڪم ڏيڻ ۽ دهلن شرنائين جو وڄڻ. چوڌاري خوشيءَ جا هل مچي ويا. گوڙ تي شهزادي جي اک کلي پيئي، ۽ باغائيءَ کان پڇڻ لڳو ته ”ڏي خبر، هي گوڙ ڇا جو آهي؟“ دُهل شرنائيون ڇو پيون وڄن؟“ باغائيءَ چيو ته ”توکي خبر ڪانهي ته راڪاس جي مارڻ لاءِ بادشاهه وڏو انعام رکيو هو؟ هينئر بادشاهه کي ڪنهن ڪوڙ وڃي ٻڌايو آهي ته راڪاس مون ماريو آهي، سو شايد بادشاهه پنهنجي نياڻيءَ اُن سان ٿو پرڻائي.“ شهزادو ڳالهه ٻڌي، عجب ۾ پئجي ويو ۽ مالهيءَ کي چيائين ته ”هاڻي وارو ڪر۔ راڪاس کي ماريو مون ۽ پرڻجن ٿا ٻيا! اها ڳالهه ڏاڍي خراب ٿيندي... تنهنڪري هاڻي ئي بادشاهه کي وڃي چئُ ته ’تڪڙ ڪري نياڻي نه پرڻايو. انهيءَ راڪاس

جو وڏو ياءُ سانجهيءَ وير وٺڻ ضرور ايندو. ان کي جيڪو ماري، سگهه به ان کي ڏجو.'' مالهي اُتي پڳو ۽ سارو ذڪر اچي بادشاهه سان ڪيائين. ڪُهاڙي وارو جو هيستائين ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو تنهن جا ته ڏند ئي پيڙجي ويا، ۽ ٽڙڪڻ لڳو. بادشاهه ڳالهه ٻڌي، چيو ته ”واهه جا ڳالهه ڪئي اٿئي. اڙي ڪهاڙيءَ وارا جوان! سانجهيءَ تنهنجو ۽ راڪاس جي وڏي ياءُ جو مقابلو آهي.“

ڪهاڙيءَ واري چيو ”سائين مون توبهه ڪئي اهو ته نهيو پر راڪاس جو ننڍو ياءُ به مون ڪونه ماريو هو! مون کي جيئدان ملي!“ بادشاهه وڏي ڏاتي واري ۽ رنبي واري کان پڇيو ته ”اڙي، اوهان سچ چئو راڪاس ڪنهن ماريو هو؟“ هو به خوف کان چوڻ لڳا ته ”بادشاهه سلامت معافي ملي. اسان نه راڪاس ماريو آهي، نه ئي ڪا خبر اٿئون ته ڪنهن ماريو!“ بادشاهه وري مالهيءَ کي چيو ته ”تون سچ، ٻڌاءِ ته راڪاس ڪنهن ماريو آهي؟“ مالهي چوڻ لڳو ”حضور! سچي حقيقت هيئن آهي ته هڪڙو پرديسي جوان، جو مون وٽ مهمان آهي، اُنهيءَ ئي هيءَ مڙسي ڪئي آهي، ۽ انعام به ان کي ئي ڏنو وڃي.“ آخر بادشاهه ان نوجوان کي گهرايو. شهزادو به تهي نڪي، بادشاهه وٽ اچي حاضر ٿيو. بادشاهه هن کي پري کان ڏسي، دل ئي دل ۾ هن کي داد ڏيڻ لڳو. ويجهو اچڻ تي، شهزادي کان پڇيائين ته ”اي نوجوان، راڪاس تو ماريو آهي؟“ شهزادي هائوڪار ڪئي. تنهن تي بادشاهه چيس ته ”سانجهيءَ ان راڪاس جو وڏو ياءُ اچڻو آهي، ان سان مقابلو ڪر، ته وعدي موجب توکي انعام ڏنو وڃي.“ شهزادي اها ڳالهه ٻڌي، ڪلي ڏنو. بادشاهه پڇيس ته ”ڪلين ڇو ٿو؟“ تنهن تي شهزادي چيس ته، ”سائين راڪاس جو ڪوبه ننڍو وڏو ياءُ ڪونهي... هو ته نامراد هڪڙو ئي هو جو ڍير ٿيو پاهر ڪنو پيو ٿئي! مون کي اوهان جي انعام جي بلڪل خبر ڪانه هئي، پر جڏهن دهل شرنائيون ٻڌم، تڏهن اوهان جي مالهيءَ کان پڇيم، جنهن ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي. انهيءَ کي مون ٻئي راڪاس جي اچڻ جو چئي، اوهان ڏانهن موڪليو هو ته جيئن اُهي ڪوڙا پهلوان پڌرا پيجي وڃن، ۽ انعام حقدار کي ملي.“ بادشاهه هن جي ڳالهائڻ جي فضيلت، بهادري ۽ عقل مان سمجهي ويو ته هي ڪو

بادشاهي ٻار آهي، ۽ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ته ههڙو عقل وارو ناٺي ته مون کي ڳوليو به ڪونه لڀندو. پوءِ يڪدم شاديءَ جو حڪم ڏنائين، ۽ ڏاڍي ڌام ڌوم سان شهزادي جي شادي ٿي ويئي ۽ اڌ بادشاهي به مليس.

گهوٽ ڪنوار ڏاڍا خوش گذارڻ لڳا. نه ڳڻتي نه اوسيئڙو. قادر جي قدرت آهي. ڪڏهن ڏک ڪڏهن سک، ڪڏهن روئڻ ۽ ڪڏهن کلڻ جو وارو ايندو آهي. شهزاديءَ جي ماءُ گذاري ويئي هئي، باقي ماٽيجون مائون هيس، سي سندن ايڏو قرب ڏسي، دل ۾ سڙڻ لڳيون ۽ هن کي اُٿندي ويهندي، ستائڻ ۽ بيزار ڪرڻ لڳيون. شهزادي ويچاري هنن جا عذاب سهي سهي، هڪڙي ڏينهن شهزادي وٽ آئي، ۽ روئي اچي چيائينس ته "هاڻ ماٽيجن مائرن منهنجو هتي رهڻ زهر ڪري ڇڏيو آهي؛ منهنجي مرضي آهي ته پاڻ هي شهر ڇڏي ڪنهن ٻئي پاسي هلي رهون اُتي نه هي هونديون ۽ نه ڪجهه ڪري سگهنديون." شهزادي جو زال سان گهڻو پيار هوندو هو تنهن يڪدم ڪٽي ڳالهه منظور ڪئي. پوءِ بادشاهه کان موڪلائي، ٻيئي زال مڙس، خدا تي توڪل رکي، اُتي پنڌ پيا. هلندي هلندي، آخر ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي پهتا، ۽ اُتي ڪا جاءِ وٺي رهڻ لڳا. شهزادو دل ۾ چورڻ لڳو ته ڪاڏي کوهه به ڪتي ويندا آهن، چڱو ائين ٿيندو ته ڪا نوڪري هٿ ڪري، مزي سان وقت گذارجي. هڪ ڏينهن پڪو ارادو ڪري، اُن شهر جي بادشاهه وٽ لنگهي ويو ۽ نوڪريءَ لاءِ عرض ڪيائينس. بادشاهه هن کي پاڻ وٽ پهريدار ڪري رکيو.

بادشاهه جي محلات تي ٿي پيا به چوڪيدار هئا. بادشاهه شهر جي واءَ سواءَ لهڻ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن چمڙا پوش ڪري، پاڻ وڃي شهر گهمندو هو. شهزادي جي عادت هئي، جو محلات تي پهري جو مدو پورو ڪري، وري پاڻمرادو اچي شهر تي پهرو ڏيندو هو. بادشاهه هن کي ڪيئي دفعا ائين ڪندو ڏسي، دل ۾ چورڻ لڳو "هي ڪهڙو نه حلالي آهي، جو سڄي رات پهرو ڏئي ٿو پر مون کي ڪڏهن به نٿو ٻڌائي." تنهنڪري بادشاهه هن تي مهربان ٿيڻ لڳو. شهزادي جي گهر ۾ اميدواري هئي، ۽ وقت تي کيس سدا سهڻو پٽڙو ڄائو. ڏينهن گذرندا رهيا، ۽ بادشاهه هن تي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مهربان ٿيندو ويو.

هڪڙيءَ رات شهزادو محلات جي پھري ڪان واندو ٿي، شهر تي چؤنڪي ڏيڻ ويو. چونڪي ڏيندي، ڇا ٿو ڏسي ته هڪ مائي آهي، جيڪا عاليشان ڪپڙن ۽ سونن زيورن سان جنجھي، بادشاهه جي محلات مان ٻاهر نڪريو ٿي وڃي. مائيءَ کي ويجھو اچي، شهزادي چيو ته "اي مائي! هن اويلي وقت، اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃين؟" پر مائيءَ ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ ماٺ ڪري هلندي رهي. شهزادي وري هڪل ڪري چيس، "اي مائي! هن وقت ڪيڏانهن ٿي وڃين؟" تنهن تي مائيءَ وراڻيو ته "آءٌ بادشاهه جي لڇمي آهيان، ۽ مان هينئر بادشاهه کان ڪاوڙجي وڃي رهي آهيان." قدرت خدا جي، اُن وقت بادشاهه به گھمندو ڦرندو اُتي اچي، لڪي لڪي، انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. شهزادو مائيءَ جي ڳالهه ٻڌي، ارمان ڪرڻ لڳو. مائيءَ کي گھڻو ئي روڪيائين، پر هُن هڪ به نه ٻڌي. شهزادي پنهنجي بادشاهه جي لڇمي ويندي ڏسي، مائيءَ کي چيو ته "نيٺ تون ڪنهن قول تي موٽيندينءَ به؟" مائيءَ چيو ته "هائو جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهنجي اڳيان پنهنجو پٽ ڪهي، بادشاهه تان قربان ڪري، ته آءٌ وري بادشاهه وٽ موٽي ويندس." شهزادي چيس ته "مون کي تنهنجو شرط قبول آهي." شهزادو مائيءَ کي اُتي ترسائي، پاڻ ڊوڙندو آيو ۽ پنهنجي زال کي اچي چيائين ته "اڄ پنهنجي بادشاهه جي لڇمي ٿي هن کان رسيو وڃي، تنهنڪري بادشاهه جي لڇمي ورائڻ لاءِ پنهنجي ٻچڙي جي قرباني ڪرڻي آهي.... سو تون رنج نه ٿجانءِ." شهزادي جي زال چيو ته "آءٌ به توهان جي، هيءَ شيءِ به توهان جي... جنهن ۾ توهين خوش، اُن ۾ اسين اڳي ئي خوش آهيون." پوءِ شهزادي يڪدم پنهنجو معصومڙو ڪٺي اچي اُن مائيءَ جي اڳيان ڪُٺو ۽ مائي هن جي هيءَ قرباني ڏسي واپس محلات ڏانهن هلي ويئي. بادشاهه هن جي ايڏي وفاداري ڏسي حيران ٿي ويو. دل ۾ چيائين ته "اڳي سڄي رات پھرو ڏيندو هو پر ڳالهه نه ڪندو هو... ۽ اڄ ته ههڙي قرباني ڪئي اٿس، سو صبح جو ضرور ڳالهه اچي ڪندو."

شهزادو سڄي رات پھرو ڏيئي، صبح جو مئل پٽڙي کي ڪٺي، اُتي گھر ڏانهن هليو. ان کي غسل ڏيئي، زمين جي حوالي ڪيائين. ۽ پوءِ اُتي بادشاهه جي ڪچهريءَ ڏانهن هليو. ڪجھه دير ٿي ويئي هئس، ۽

ماٺ ڪري اچي درٻار ۾ ويهي رهيو. بادشاهه دل ۾ چيو ته اجهو ٿو راتوڪي ڳالهه ڪري.. پر ڏسندي ڏسندي، ڪچهري اُٿڻ جو وقت ٿي ويو پر شهزادي ڪڇيو به ڪونه. بادشاهه کي ماٺ اچي ويئي. دل ۾ چوڻ لڳو ته اهڙي سچائي پنهنجو پٽ به ڪونه ڪندو. هن کي ضرور نيڪ بدلو ڏيڻ گهرجي.

ٻيو ڏينهن ٿيو. بادشاهه پنهنجي اڳئين وڏي وزير کي ڪڍي، هن کي پنهنجو وڏو وزير مقرر ڪيو ۽ کيس گهڻا انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيائين. شهزادو ته پنهنجي ايمانداريءَ سان وزارت هلائڻ لڳو، پر اڳئين وزير کي اچي ساڙ ٿيو سو هن کي نقصان رسائڻ لاءِ بهانا ڳولڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن، بادشاهه جو مالهي بادشاهه کي اچي چوڻ لڳو ته "سائين اوهان جي باغ ۾ جيڪو سهڻن گلن وارو وڻ آهي، تنهن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي، جو روز بروز سُڪندو وڃي ٿو. مون گهڻا علاج ڪيا آهن، پر مون کان زور آهي، ۽ هاڻي ته صفا سُڪڻ ۾ آهي- مهرباني ڪري ان جو علاج ڪرايو." بادشاهه ته ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو. مالهيءَ به ٻه ٽي ڀيرا بادشاهه کي ساڳيو عرض ڪيو پر بادشاهه ڌيان ئي نه ڏنو. اُتي ڪچهريءَ ۾ ٻئي ملڪ جو هڪ سوداگر به ويٺو هو جنهن مالهيءَ کي چيو ته "ابا، انهيءَ وڻ جو علاج هي آهي ته ڪي سَتي جَتي زال مڙس انهيءَ وڻ جي پاڙ ۾ وهنجن، ته ان کان بيماري ختم ٿي ويندي."

بادشاهه سوداگر جي ڳالهه ٻڌي، نوڪرن کي ستي جتي زال مڙس آڻڻ جو حڪم ڏنو. پر شهزادي، نوڪرن کي روڪي، بادشاهه کي چيو ته "سائين اجائي تڪليف ڪرڻ جو ضرور ڪونهي: منهنجي زال ۽ مان جيئن ڄاوا آهيون، تيئن ڪنهن ٻئي انسان جو انگ نه ڏٺو اٿئون، تنهنڪري اسان ئي انهيءَ ڪم جي پورائي ڪنداسين." اتي اڳئين وزير کي وير وٺڻ جو بهانو هٿ اچي ويو تنهنڪري بادشاهه کي چيائين ته "سائين، هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي. هن جي زال بدچلن آهي- ٻيو ته نهيو خود مون سان به لحاظ اٿس. اوهان دانشمند هوندي به، هن جي ڳالهه تي ڪٿي اعتبار ڪيو آهي." وڏي وزير ڳالهه ٻڌي، بادشاهه کي چيو ته "سائين اسان جو هڪ خدا شاهد آهي، هي ناحق بهتان ٿو هڻي: هن وٽ ڪا به ثابتي ڪانهي." تنهن تي بادشاهه اڳئين وزير کي چيو ته "چڱو تون هن

جي زال جي ڪا پڪي نشاني ڏيکار. نہ تہ توکي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو.“ وزير ڇئن پنجن ڏينهن جي مهلت گهري، ۽ پوءِ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. ناٽي جا ٿيلها پري، هڪ وڏي ڏوتي تي سجهيس، اُن وٽ آيو. ان کي چيائين تہ ”تون بادشاهہ جي وزير جي زال جون ڪي بدن جون خاص نشانيون ڏسي اچي ٻڌاءِ، تہ هن ڪان بہ وڏيڪ انعام ملنديءِ.“ ڏوتي ايترا پيسا ڏسي، يڪدم تيار ٿي ويئي، ۽ هن کي چيائين تہ ”بس، ڳالهہ بہ ايتري! تون ٽئين ڏينهن نشانيون لهڻين.“

پوءِ ڏوتيءَ ڇا ڪيو، جو عاليشان ڪپڙا ڪٽي سبايائين ۽ پيو بہ سوکڙيءَ پاکڙيءَ جهڙو سامان تيار ڪيائين، ۽ نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، وڏي ٺٺ ٺاهہ سان اُتي شهزادي جي زال ڏانهن هلي. محلات جي اندر نياپو ڏياري موڪليائين تہ ”تنهنجي ماسي، جا فلاڻيءَ ولايت ۾ هئي، سا اڄ توکي ملڻ آئي آهي.“ شهزادي جي زال جي ماسي تہ هئي ڪانہ، پر سمجهيائين تہ ’آءٌ ننڍي آهيان، شايد مون نہ ڏٺي هجي- منهنجي ماسي ٿي هوندي،‘ سو ٻانهيون موڪليائين تہ يڪدم وٺي اچوس. ڏوتيءَ، اندر اچي، روئيندي پاکر پاتس، ۽ هن کي هيڏانهن هوڏانهن جون لهواريون اوپاريون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳي. شهزادي جي زال جو بہ گمان لهي ويو ۽ هن کي سڄي ماسي سمجهڻ لڳي، ۽ ويهي هن کي پنهنجو حال احوال ٻڌائڻ لڳي. مطلب تہ ڏوتيءَ پيار ڏيئي، هن جا سيئي شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا. پوءِ، ڏوتي رات بہ اُتي رهي پيئي. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن شهزادي جي زال کي چيائين تہ ”اچ تہ، امان! پاڻ گڏجي وهنجون.“ هوءَ بہ ويچاري ماسيءَ جي مرضي ڏسي، ڪنڌ نہ ڪڍائي سگهي، ۽ ٻيئي گڏجي وهنجڻ لڳيون. وهنجندي، ڏوتيءَ هن جي چيلهہ تي ٻينل تِر تاڙي ورتو. وهنجي سهنجي، ٻيئي اچي ماني کائڻ لڳيون. ماني کائيندي، ڏوتيءَ جي اک اوچتو وڃي هڪ عاليشان ڪؤنري تي پيئي. شهزادي جي زال کان پڇيائين تہ ”امان! هي ڪؤنرو ڪٿان آندو اٿيئي؟“ هن چيو تہ ”ماسي اهو بادشاهہ منهنجي مڙس کي سوکڙي ڪري ڏنو آهي.“ تنهن تي ڏوتي چوڻ لڳي تہ ”امان! اهو ڪؤنرو تہ مون کي ڏي- تنهنجي ڪا نشاني مون ماسيءَ وٽ بہ رهي!“ شهزادي جي زال دل ۾ چوڻ لڳي تہ ’هاڻي ڪيئن ڪريان،

ڪؤنرو ڏيندس، ته مڙس ناراض ٿيندو جو هن کي بادشاهه سوڪڙي ڪري ڏنو آهي، ۽ جي نه ڏيندس، ته ماسي چوندي ته هيتريءَ دنيا هوندي، هڪ ننڍڙو ڪؤنرو نٿي ڏئي.' نيٺ ڏوتيءَ کي چيائين ته "ماسي! پلي- ڪؤنري جي ڪهڙي ڳالهه آهي- ڪڍي وڃ!" ڏوتي، اهو ڏينهن به سڄو اتي رهي شهزاديءَ کان موڪلائي، اُٿي هلي، ۽ سڌو اچي اڱڻين وزير کي نشاني به ٻڌايائين، ۽ ڪؤنرو به هٿ ۾ ڏنائينس.

وزير ڏنو ته خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي- چي، "ٻه چار پئسا ويا ته ڇا ٿيو بادشاهه جي اڳيان ته سچو ٿيندس." سو ڏاڍو دهل دمام وڄائي، وڏي آڪڙ سان اُٿي، بادشاهه ڏانهن هليو. بادشاهي ڪچهريءَ ۾ اچي، شهزادي جي منهن تي بادشاهه کي چيائين ته "سائين! هن کان پڇو ته برابر هن جي زال کي چيله ۾ ڪارو تِر آهي؟" بادشاهه شهزادي کان پڇيو جنهن هاڪار ڪئي، پوءِ ڪؤنرو ڪڍي، ڪڍي بادشاهه جي اڳيان رکيائين- چي، "سائين! هيءَ آٿو ٻي نشاني." بادشاهه ڏٺو ته برابر هي سچو آهي، هي ڪونرو به مون ئي شهزاديءَ کي سوکڙي ڪري ڏنو هو- سو يڪدم شهزادي کي وزيريءَ تان لاهي، ڪڍي هٿڪڙيون هڻايائينس، ۽ اڱڻين وزير کي وري وزيري ڏيئي ڇڏيائين.

جڏهن وزير دهل شرنائيون وڄائيندو بادشاهه ڏانهن ٿي ويو، تڏهن شهزادي جي زال هڪ ٻانهي موڪلي، ته وڃي حقيقت لهي اچ ته هي اوچتا دهُل دماما ڇا جي ڪري پيا وڄن. ٻانهيءَ وڃي پڇا ڪري ڳالهه معلوم ڪئي، ۽ موٽي اچي هن کي ٻڌايائين ته "اڱڻين وزير کي ههڙيءَ طرح وزيري ملي آهي، ۽ تنهنجو مڙس ڦاسيءَ تو چڙهي." شهزادي جي زال اها ڳالهه ٻڌي، اُمالڪ ڪڍي گوڏن تي ڏڪ هنيو- چو ته "پنهنجي وڍيءَ جو نه ويڄ نه طبيب."

آخر سوچ ويچار ڪري، بادشاهه جي خاص رقاصه وٽ آئي، ۽ هن کي روئيندي چيائين ته "ههڙيءَ طرح منهنجي سر جو سهارو تو ڦاسيءَ چڙهي، خدا جي نالي منهنجي مدد ڪر." رقاصه هن کي بيحال ٿيندو ڏسي، ڪيس دم دلاسا ڏنا، ۽ پوءِ هن سان صلاح ڪري تيار ٿي، بادشاهه وٽ ويئي، ۽ چيائين ته "بادشاهه سلامت! منهنجي پيڻ اوهان جي ڪچهريءَ ۾ ڳائڻ لاءِ پري کان ڪشالا ڪري، هتي آئي آهي- اوهان

پاڻ وٽ اچڻ جي مهرباني ڪري اجازت ڏيوس.“ تنهن تي بادشاهه چيو ته ”تنهنجو راڳ ته روزانو پيا ٻڌون: اڄ تنهنجي پيڻ جو نئون آواز ۽ نئين صدا ٻڌبي.“

شهزادي، هار سينگار ڪري، بادشاهي ڪچهري ۾ ويئي. سامهون مڙس کي ٻڌل ڏسي، اکين مان آب وهڻ لڳس. شهزادو به هن کي ڏسي سڙي ويو ۽ اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. بادشاهه هن کي ڳائڻ لاءِ حڪم ڏنو. بس ساز سرود وڄڻ شروع ٿي ويا. شهزادي جي زال اهڙو ته درد وارو راڳ ڳايو جو بادشاهه کي لوڻءَ لوڻءَ ۾ چيڀي ويو. هن کي چيائين ته ”گهر جيڪي گهرڻو هجيئي.“ تنهن تي شهزادي جي زال چوڻ لڳي ته ”بادشاهه سلامت! مون کي ٽڪي ٽڪر جي بک ڪانهي، مان اوهان جو نالو ٻڌي، پري کان ڪشالا ڪڍي، اوهان وٽ فرياد ڪٺي آئي آهيان. خدا لڳ مون مسڪين جو عرض ورنايو.“ بادشاهه چيو ته ”توکي جيڪي چوڻو هجي، سو بنا ڊپ چئي ڏي.. مان تنهنجو انصاف ضرور ڪندس.“ تنهن تي شهزادي جي زال روئي چوڻ لڳي ته ”سائين منهنجا! آءٌ اوهان جي پير واري بادشاهه جي ڪچهري ۾ راڳ ڳائيندي آهيان، هڪ ڏينهن هي اوهان جو وزير مون وٽ آيو ۽ منهنجو راڳ ٻڌي، منهنجا هيترا هيترا پيسا ۽ مٽيا منديون چوري ڪري، ڀڄي هتي آيو آهي- مان سائينءَ جن کي اها دانهن ڏيڻ آئي آهيان، ته جيئن اوهان مون کي پنهنجو حق ڏيو.“ بادشاهه، ڳالهه ٻڌي، وزير کان ڪڙڪو ڪري پڇيو ته ”ڳالهه ڇا آهي؟“ تنهن تي وزير چيو ”سائين، هيءَ الائي ڪير آهي، ۽ ڪٿان آئي آهي... مان ته هن کي سڃاڻان به ڪونه ٿو. هيءَ مون کي ناحق بدنام ٿي ڪري“ وزير جي ڳالهه ٻڌي، شهزادي جي زال چيو ته ”سائين! اوهان جو وزير ڪوڙ ٿو ڳالهائي، هن کان قسم پرائي پڇو ته هن کان اڳ هن مون کي ڪڏهن ڏنو به نه آهي، يا منهنجي سامان جي چوري به نه ڪئي آهي؟“ وزير ڏهه قرآن مٿي تي کڻي بيهي رهيو- چي، ”سائين! مون هن جي نه چوري ڪئي آهي، ۽ نه هن کي سڄي عمر ڪڏهن ڏٺو اٿم- مان هن کي سڃاڻان به ڪونه ٿو.“ اُتي شهزادي جي زال يڪدم چيو ته ”سائين! جي هن مون کي ڪڏهن به نه ڏٺو آهي، ته پوءِ منهنجو بيگناهه مڙس ڇو ٿو ڦاسيءَ چڙهي؟“ اُتي وزير

جون "ٻه ٻه ويون، ته ڇهه ٻه ويون." دل ۾ چيائين ته "هاءِ! تنهن کان هن کي اُهي پيسا پري ڏيان ها، ته وزيري ته نه وڃي ها." بادشاهه يڪدم هن کي ڦاسيءَ جو حڪم ڏنو ۽ شهزادي کي يڪدم وڏي ڌام ڌوم سان پاڻ وٽ ساڃيو وزير مقرر ڪري رکيائين، ۽ وڏا وڏا انعام ڏيئي، هن کي خوش ڪيائين ۽ پوءِ شهزادو ۽ سندس زال اڳهي وانگر پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي ويا.

ٿوري گهڻي ڏينهين، بادشاهه کان موڪلائي، شهزادو شهزاديءَ سميت پنهنجي اصل ملڪ موٽي آيو ۽ اچي پنهنجي پيءُ سان مليو جيڪو راڻين جي چوڻ پٽيان، ابهرو ٿي هيڪر ته هن جي قتل جو حڪم ڏيئي ويٺو هو پر پوءِ ترت ئي معاملي کي سمجهي ويو هو ۽ ڏاڍو پڇتايو هئائين، ۽ روئي روئي اکين جو نور ٻه وڃائي ويٺو هو. هنن راڻين کي ٻه اڳيئي ملڪ نيڪالي ڏياري ڇڏي هئائين... ۽ هاڻ جو پنهنجو سڪيلڏو پٽ هيئن جيئرو جاڳندو پنهنجي اڳيان ڏٺائين سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم هن کي پنهنجي مهاراڻيءَ وٽ وٺي ويو ۽ وڃڻ سان وري ٻه وڃي هن کان روئي معافي ورتائين... ۽ پوءِ هو سڀ گڏجي هميشه هميشه پنهنجي عزت آبروءَ ۽ راڄ ڀاڳ سان خوش گذارڻ لڳا.

عقلمند شھزادو

هڪڙي بادشاھ کي ست پٽ هئا. جن منجھان ننڍي پٽ کي بادشاھ گھڻو پيار ڪندو هو. اُن جو نالو عقلمند هو. ۽ سچ پچ تہ هيءَ سيني ڀائرن کان عقل ۾ اڪابر هو. ڀائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هوندي هئي. هڪڙي ڏينھن، شڪار ڪرڻ لاءِ ست ئي ڀائر سنيري نڪتا. خيال ڪيائون تہ ٻہ چار ڏينھن سانده شڪار ڪري پوءِ گھر موٽجي. انهيءَ خيال سان، شڪار جي لالچ ۾ هلندي هلندي ٽئين ڏينھن پنھنجي ملڪ جي حد کان ٻاهر نڪري ويا. سڄو ڏينھن شڪار ڪرڻ کانپوءِ، هنن ڪنھن وسنديءَ جي ڳولا ڪئي. پري کان هنن کي هڪ وڏو محلات نظر آيو. اُتي وڃي ڏسن تہ چوڌاري باغ باغيچا لڳا پيا آهن. تن جي پر ۾ هڪ محلات آهي، جنھن ۾ ٻين ننڍن ڪمرن کانسواءِ ست وڏا ڪمرا آهن، ۽ ستن ئي ڪمرن جي دروازن تي ست نوجوان شھزاديون هار سينگار ڪيون بيٺيون آهن. هي جڏهن ويجھا پھتا، تہ اُنھن مان وڏيءَ چيو: ”ادي! اسان جا مڙس اچي ويا.“ پوءِ هڪڙيءَ هڪڙيءَ ڄڻيءَ وڃي اچي هڪ هڪ شھزادي جو گھوڙو ورتو. هي حيران ٿي ويا، پر دل جھلي انھن کان حال احوال پڇيائون. هنن ٻڌايو تہ ”اسان هن ملڪ جون شھزاديون آهيون... اسان جو پيءُ مري ويو آهي ۽ مرڻ وقت چئي ويو آهي تہ ’اوهان جا مڙس اوهان جي ڳولا ۾ هت ايندا‘ ـ ڪيترن ڏينھن جي انتظار کان پوءِ اڄ اوهان آيا آهيو.. هاڻي اسين اوهان جي ملڪيت آهيون.“ پوءِ تہ زالن جي شوق ۾ هنن کان ملڪ ۽ مائٽ سڀ وسري ويا، ۽ ست ئي ڀائر اتي ديرو دمائي ويهي رهيا. صبح جو شڪار تي ويندا هئا، ۽ شام جو موٽي ايندا هئا. عقلمند پنھنجي ڀائرن جا گھوڙا سنجيندو هو. تنھنڪري شھزاديون سمجھنديون هيون تہ هو سندن نوڪر آهي، ۽ انهيءَ تي پنھنجي ننڍيءَ ڀيڻ کي چيڙائينديون رهنديون هيون. ننڍي راڻي سيني کان سياڻي هئي. تنھن اُن ڳالھ ڏانھن گھڻو خيال نہ ڏنو پر نيٺ عقلمند کان

هڪ رات حقيقت پڇيائين. عقلمند چيس: ”هاڻي هيئن ڪر، جڏهن منهنجي پائرن کي ننڊ اچي، تڏهن وڃي ڪين جاڳاءِ ۽ چوين ته اوهان جي پاءُ عقلمند کي پيٽ ۾ سور پيو آهي.“ هن ائين ڪيو ته ڇهه ئي شهزادا روئيندا پٽيندا اُٿيا، ۽ جتيون ۽ پٽڪا ٻه هٿ ڪين آين. شهزاديءَ کي پڪ ٿي ته هي پاڻ ۾ پائر آهن. هن جي عقلمند سان ڏاڍي محبت هئي، تنهنڪري هن عقلمند کي ٻڌايو ته ”اسين شهزاديون نه آهيون پر ڏائڻيون آهيون- جڏهن اوهان کي هتي ست راتيون پوريون ٿينديون، تڏهن اوهان کي ماري، اوهان جو گوشت کائينديونسين.“ عقلمند اِها ڳالهه ٻڌي ڪنبي ويو ۽ چيائينس: ”ڀلا تون مون کي ڇو ٻه کائيندينءَ؟ ڏائڻ چيس: ”جي توکي کائڻ جو خيال هجيم ها، ته توکي ٻڌايان ڇو ها؟“ هاڻي هيئن ڪر، پنهنجي پائرن کي شڪار تي موڪلي، تون سياڻي هتي ترس، ۽ ويهي اسان جو تماشو ڏس.“ عقلمند صبح جو پائرن کي چيو: ”اوهان اڄ پلي شڪار تي وڃو مان ڪجهه خوش نه آهيان.“ پهريائين ته هن جا پائر شڪار تي نه پيا وڃن پر پوءِ تيار ٿيا. گهوڙن کي سنجڻ لڳا، ته سنج ڪين وجهڻ ئي نه پيا اَچن... نيٺ عقلمند اٿي گهوڙا سنجي ڏنن. ننڍيءَ ڏائڻ کي هاڻي خبر پيئي ته روز عقلمند ڇو پائرن جا گهوڙا سنجيندو آهي. جڏهن عقلمند جا پائر شڪار تي ويا، تڏهن عقلمند جي زال مڙس کي ڪنجيون ڏيئي، چيو ته ”اسان شڪار تي وينديونسين- پٺيان تون سڀ ڪوٺيون جاچي ڏسجانءِ.“

ڏينهن ڪجهه مٿي چڙهيو ته ڏائڻيون شڪار لاءِ اُڏامي هليون ويون. هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ، عقلمند پهرين ڪوٺي وڃي کولي- ڏسي ته ان ۾ ست گهوڙا اهڙي قسم جا بيٺا آهن، جو وٽي جو هوند پنڌ ڪن، ته پکين جي به ساڻن مجال نه آهي. ٻي ڪوٺي وڃي ڏسي ته سڄي شاهي هٿيارن سان پري پيئي آهي. ٽين کولي ڏنائين ته سڄي ماڻهن جي سسين سان سٽيل نظر آيس، جن سيني هن کي ڏسي پهريائين ته روئي ڏنو پر پوءِ ٻيهي کلڻ لڳيون. عقلمند حيران ٿي اُنهن کان روئڻ ۽ کلڻ جو سبب پڇيو. سِرين ٻڌايس ته ”روئڻ انهيءَ ڪري هو ته تو جهڙو سهڻو جوان ستن راتين ڪانپوءِ مارجي ويندو ۽ تنهنجي سسي به اچي اسان سان ملندي. کلون انهيءَ ڪري ٿيون ته پوءِ کهڙي ڳالهه آهي!

اسين ٻه ته نيٺ تو جهڙن شهزادن جون ئي سسيون هيونسين!“ عقلمند ڪي پڪ ٿي ته هِتي جيئڻ محال آهي. پوءِ هي يڪدم ڪوٺيون بند ڪري، خاموشيءَ سان اچي سمهي رهيو.

جڏهن شام ٿي، تڏهن ڏائڻيون ٻ هن جا پائر آيا. رات جو عقلمند زال کي چيو ”مون سيڪجهه ڏٺو. هاڻي مون کي يقين آهي، ته تو جيڪي چيو سو سچ آهي. پر خدا جي نالي منهنجي پائرن جو بچاءُ ڪر. باقي آءٌ حاضر آهيان.“ ڏائڻ چيس ”خيال نه ڪر. تنهنجي صدقي اُهي ٻه بچي پوندا. هاڻي هيئن ڪجو جو صبح جو سوير، شڪار جي بهاني اٿي، پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿي ويجو ۽ جڏهن شام ٿئي، تڏهن ڪنهن ٽڪر تي چڙهي گهوڙن جون ڪُچون ترارين سان ڪپي، اُتي ويهي رهجو ۽ جڏهن اسين ڳوليندي ڳوليندي توهان وٽ اچي پهچون، تڏهن اوهان چئو ته ’اسان اڄ رات هتي رهي، صبح جو شڪار ڪندا ڪندا گهر موٽنداسون، اوهان پنهنجا گهوڙا اسان ڏانهن ڏياري موڪلجو‘!“

جڏهن صبح ٿيو تڏهن هي شڪار تي روانا ٿيا. اتي عقلمند پنهنجي پائرن کي سڄي حقيقت ٻڌائي، چيو ته ”جيترو ٿي سگهي، گهوڙن کي هڪليو.“ سيني کي ساهه جي لڳي ويئي، ۽ اهڙو گهوڙن کي چوٽ چڙهيائون، جو ٻن ڏينهن جيترو پنڌ هڪڙي ڏينهن ۾ ڪري ويا. جڏهن شام ٿي، تڏهن هڪ ٽڪريءَ تي چڙهي ويا، ۽ اُتي گهوڙن جون ڪُچون ڪپي، ويهي رهيا.

شام ٿي ۽ هي جو ڪونه موٽيا، ڏائڻين کي ائين شڪ پيو ته شهزادا شايد ڀڄي ويا. سيئي صلاح ڪري، هنن کي ڳولڻ نڪتيون ۽ نيٺ هنن کي ڳولي اچي لڌائون. جڏهن وٽن پهتيون، تڏهن شهزادن چيو: ”اسان کي اڄ شڪار نه لڳو آهي... ٽڪر ۾ گهوڙن جا سنب ٻه ڦٽجي پيا آهن- هاڻي ڪي اوهان گهوڙا موڪليو ته پوءِ گهر اچون.“ اهو ٻڌي، هي موٽي ويون، ۽ يڪدم پنهنجا ساموندي گهوڙا وٺي آيون. جڏهن هنن شهزادن کي هلڻ لاءِ زور رکيو تڏهن عقلمند چيو ته ”اسان جي عادت آهي ته هتين خالي گهر نه موٽندا آهيون. سڀاڻي شڪار ڪري، پوءِ گهر ايندا سين.“ ڏائڻيون هليون ويون، ۽ هنن گهوڙن تي زينون رکيون، ۽ جيترو ٿي سگهين، گهوڙن کي وٺي هڪليائون-

سڄي رات ۽ ٻيو ڏينهن گهوڙا ڪاهيائون. رات ٿي، هو نہ موٽيا، سو ڏاڏٽيون صلاح ڪري وري هنن جي ڳولا ۾ نڪتيون. ننڍيءَ پيڻ گهڻو ئي هيڏانهن هوڏانهن ڏيڙيون، پر نيٺ ڪيترو ڏيون ٽڙن! پري کان ڪنهن مهل ڏٺائون تہ مڙس وڃن ٿا اُڏاٽا! ڏاڏٽين ڪي ڏسي، وڌيتر هنن بہ گهوڙن تي مار وڌي. دنگ باقي ٻن چئن وکن تي رهيو ٻيا سڀ ٽپي ويا، باقي عقلمند. جو سيني جي پٺيان هو تنهن جي گهوڙي جي پيچ ۾ هڪ ڏائڻ جو هٿ پئجي ويو. ننڍيءَ ڏائڻ سمجهيو تہ هاڻي جوان جو سر ٿو وڃي، تنهن رڙ ڪئي تہ "انڌا، گهوڙي جو پيچ نٿو ڪپين."عقلمند ڪيندي ترار گهوڙي جي پيچ تي وهائي ڪڍي، تہ پيچ ڪپجي وڃي پري پيو ۽ گهوڙو ٽپي وڃي دنگ جي هن پار ٿيو. ڏاڏٽيون هٿ ملي ٻيهي رهيون، ۽ پنهنجي پيڻ کي ميارون ڏينديون، موٽي ويون ۽ شهزادا صحيح سلامت اچي پنهنجي ملڪ پهتا.

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ عقلمند کي اچي انهيءَ ڏائڻ جي سڪ ٿي. مڙس خيال ڪيو تہ "ڪجهہ بہ ٿي پوي، پنهنجي محبوب جو منهن ضرور ڏسندس." ڀائرن گهڻو ئي سمجهايس، پر هي پڙ ڪڍي ويٺو. آخر عقلمند کان جيڪو وڏو ڀاءُ هو تنهن چيو "ادا جي تون وڃين ٿو تہ مان بہ توسان هلندس- توکي اڪيلو ڪيئن ڇڏيان!" پوءِ ٻيئي ڄڻا اتي اوڏانهن روانا ٿيا. هڪلينداهڪلينداهڪڙي ڪوهہ جي ڀرسان اچي مانجهاندو ڪرڻ لاءِ هڪ پپر هيٺان لٿا. عقلمند جو ڀاءُ گهوڙن جون واڳون ڪڍي، ويو پاڻي ڀرڻ، تہ ڏسي تہ ڪوهہ جي پٿر مٿان هڪ اهڙي مورت چٽيل آهي جو اهڙي سهڻي عورت نہ دنيا ۾ پيدا ٿي نہ ٿيندي، هن خيال ڪيو تہ جيڪڏهن عقلمند اها مورت ڏٺي، تہ انهيءَ تي عاشق ٿي پوندو. اهو خيال ڪري، هن ڪوهہ مان پاڻي ڪڍيو ۽ گارو ٿاهي، انهيءَ مورت کي ان سان لنبي ڇڏيائين. پاڻ پوءِ پاڻي ڀري ڪٽي آيو ۽ ماني ٽڪي تيار ڪري، کائي پي، سمهي رهيا. اُٿڻ مهل پاڻيءَ جي ضرورت ٿين. عقلمند جو ڀاءُ پاڻيءَ لاءِ وڃڻ لڳو تہ عقلمند روڪيس. چي، "هاڻي منهنجو وارو آهي." هن گهڻو ئي روڪيس، پر عقلمند نہ مڙيو ۽ جڏهن ڪوهہ تي ويو تہ اها مورت ڏسي بيهوش ٿي ويو. ڀاڻس وڃي ڪيس ڪنيو ۽ پاڻي وجهي هوش ۾ آنداءينس. ڀاڻس منهن وراڻي

جو ڏسي، تہ اها ساڳي مورت جيئن پهرين ڏٺي هئائين، تيئن پٿر مثال صاف ٿي صاف اٿين بيٺي آهي! عقلمند جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن ڀاءُ کي چيائين: ”جيڪڏهن انهيءَ مورت واري عورت پرڻائين تہ واه. نہ تہ اسان جو مڙهہ مقام انهيءَ ڪوهہ تي آهي.“ عقلمند جو ڀاءُ حيران ٿي بيهي رهيو.. ڪو چارو نہ پيو سجهيس. ڀاءُ کي چيائين: تون وري ساڳئي هنڌ تي ويهہ، تہ مان ڳولا ڪريان.“ هن وري بہ گارو ٿاهي، انهيءَ مورت کي لنبي ڇڏيو ۽ پاڻ ويهي تماشو ڏسڻ لڳو. جهٽ ڪانہ گذري تہ هڪ ڪارو نانگ اچي انهيءَ مورت تي ليٽڻ لڳو ۽ اُتي جو اتي وري اڳي وانگر مورت صاف ٿي ويئي. هن سمجهيو تہ حرڪت پڪ ٿي پڪ انهيءَ نانگ ۾ آهي. پوءِ هن ڪوهہ ۾ چتائي ڏٺو، تہ ڪوهہ جي پاسي ۾ هڪ دري لڳل آهي، پر بند آهي، گمان ٿيس تہ ضرور انهيءَ دريءَ اندران ڳالهہ جو پتو پوندو. اهو خيال ڪري، هيءُ ڀاءُ وٽ آيو. ڀاءُ کي چيائين: ”گهوڙي جون واڳون ڳنڍ، ۽ مون کي ڪوهہ ۾ لاهہ... پوءِ ڏٺو هوندو، تہ ڪجهہ ڪجهہ ٿي پوندو.“ عقلمند واڳون ڳنڍي ڀاءُ کي ڪوهہ ۾ لاٿو. هي سڌو انهيءَ دريءَ وٽ ويو. اندرئين پاسي، انهيءَ مورت واري شهزادي ويٺي هئي، ۽ هڪ ديو سندس گوڏي تي سر رکيو ستو پيو هو. شهزاديءَ هن کي ڏسي عبرت ۾ پئجي ويئي، ۽ اشاري سان ڪيس خاموش رهڻ لاءِ چيائين، ۽ پوءِ آهستي آهستي اٿي دري کولي ڇڏيائين. اٿين ڪندي، شهزاديءَ دريءَ مان منهن ڪڍي، مٿي جو ڏٺو تہ عقلمند نظر آيس. ٻنهي جون اکيون اٽڪي ويون. عقلمند جي ڀاءُ شهزاديءَ کي اشارو ڏيئي چيو: ”تون گوڏو ڪڍي ٻاهر ٿي تہ مان گوڏو ڏيانس.“ شهزادي پهريائين تہ ڪجهہ هبڪي، پر پوءِ همت ٻڌي اُٿي، ۽ پڙڪو ڏيئي هڪدم وڃي ڪوهہ جي پڳ تي پير ڪوڙيائين. هيڏانهن عقلمند بہ ڪٽي گهوڙي تي چاڙهيس، ۽ وٺي ڪٽي گهوڙي کي اڙي هنيائين، ۽ پنهنجي ڀاءُ ڏانهن نهاريائين بہ ڪين.

ديو کي جڏهن جاڳ ٿي، تڏهن چيائين: ”او منهنجا يار!“ عقلمند جي ڀاءُ ورندي ڏنس ”تنهنجي يار کي ڪٽي ويو منهنجو يار.“ ديو خار مان چيس ”بيوقوف! اُهو يار نہ هو پر يارن جو خار هو- ياريءَ جا پنڌ اڃا پري آهن.“ هن وري بہ جواب ڏنس ”تنهنجي يار کي ڪٽي ويو منهنجو

يار.“ ديو وري بہ چيس ”بيوقوف، اهو يار نہ هو پر يارن جو خار هو- ياريءَ جا پنڌ اجا پري آهن.“ اهڙيءَ طرح جڏهن ديو ٽيون دفعو سڏيو ۽ هن ساڳيو جواب ڏنس، تڏهن ديو چيس: ”بيوقوف، ٻڌ تہ مان توکي يارن جي ڳالهہ ٻڌايان.“ تنهن کان پوءِ ويو هيءَ ڳالهہ ٻڌائي. هڪ سوداگرزادي ۽ هڪ چاڪيءَ جي پاڻ ۾ ياري هئي. جڏهن سوداگر واپار تي ويندو هو ۽ ڇهہ ڇهہ مهينا لائي پوءِ موٽندو هو تڏهن انهيءَ وچ ۾ چاڪي وڃي سوداگر جي گهر ٽڪندو هو ۽ رات جو سوداگر جي زال سان ساڳيءَ کٽ تي سمهندو هو. شهر ۾ اها ڳالهہ هُلي ويئي، ۽ ڪن وڃي بادشاهہ جا ڪن ڀريا. بادشاهہ رات جو چمڙا پوش ڪري وڃي سوداگر جي گهر جي پير ۾ لڪو. سنجهو ٿيو تہ چاڪي آيو ۽ هنڌ وڇائي سوداگر جي زال سان وڃي ستو. بادشاهہ ڏٺو تہ سوداگر جي زال بيحد سهڻي آهي، ۽ هن کي پڪ ٿي تہ چاڪي انهيءَ زال سان ضرور ڪريل آهي. پر اهڙو لقاءُ اکين سان ڏسڻو هوس. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ٻنهي کي ننڊ ڪٽي ويئي. ننڊ ۾ جيڪڏهن مائيءَ جي ڪپڙي جو پلؤ اچي چاڪيءَ کي ٿي لڳو، تہ چاڪيءَ رڙ ٿي ڪئي- ’ادي پنهنجو ڪپڙو سنڀال‘، ۽ جي وري چاڪيءَ جو پلؤ مائيءَ کي ٿي لڳو تہ اُنهيءَ دانهن ٿي ڪئي- ’ادا ڪپڙو سنڀار.‘ بادشاهہ سڄي رات اهو تماشو ڏسندو رهيو.صبح جو وزير کي چيائين: ’چاڪي بيشڪ وفادار دوست آهي.‘ وزير چيو: ”برابر سائين، چاڪي وفادار آهي.“ پوءِ ٻيئي ڄڻا چاڪيءَ وٽ هلي آيا. چاڪي گهاڻو هلائي رهيو هو وڏي بادشاهہ ۽ وزير کي ادب سان مليو ۽ هٿ ٻڌي، اچڻ جو پڇيائين. بادشاهہ چيو: ”مان توسان ياري رکڻ آيو آهيان.“ چاڪيءَ عرض ڪيو: ”قبلا، مان تيلي آهيان، ڪائڻ جيترو بہ ڪونهيم. سو مان ڪيئن ياريءَ جهڙو ٿيس!“ بادشاهہ چيو: ’ڪجهہ بہ ٿي پوي، مان ضرور توسان ياري رکندس.‘ چاڪيءَ ڏٺو تہ بادشاهہ نہ مڙندو، تنهنڪري هن کي هڪ پراڻو تڏو وڇائي ڏنائين، ۽ زال کي چيائين تہ ’جوئر جي رٻ اهڙي تيار ڪر، جا پيئڻ ۾ سُرڪڻ جهڙي هجي.‘ جڏهن رٻ تيار ٿي، تڏهن ٺڪر جي ٻن ڀڳل پيالن ۾ وجهي، آڻي حاضر ڪيائين. وزير تہ سڙي ويو پر بادشاهہ بسم الله ڪري رٻ سرڪڻ شروع ڪئي. لاچار وزير بہ رٻ سُرڪي پوري

ڪئي ۽ پوءِ چاڪيءَ کان موڪلائي ٻيئي هليا ويا. وزير بادشاهہ کي چيو: ’ڪميڻي چاڪيءَ اسان سان ڪريز ڪري ڇڏي آهي، اوهان بہ قهر ٿا ڪريو ۽ ساڻس دوستي ٿا رکو!‘ بادشاهہ هن کي جواب نہ ڏنو... پر ٻئي ڏينهن چاڪيءَ وٽ پاڻ اڪيلو ويو. چاڪيءَ بادشاهہ کي اڪيلو ڏسي، سندس ڏاڍي آجيان ڪئي، ۽ وڃي مٿي ماڙيءَ تي ويهاريائينس. زال کي چيائين: ’ڀلي ڀلا ڪاڏا تيار ڪر.‘ بادشاهہ ڪاڏو ڪائي اچرج ۾ پئجي ويو. وري جو چاڪيءَ جي زال ڏٺائين چوڏهينءَ جو چنڊ، تڏهن تہ وڏيڪ حيران ٿي ويو... ۽ سندس دل ڪوٺي تي پيئي. چاڪيءَ بہ تاڙي ورتو تہ بادشاهہ جي نيت ۾ خلل آهي. پوءِ بادشاهہ کي ويهي زور ڏيڻ لڳو. بادشاهہ جو خيال هجي تہ چاڪي ننڊ ڪري تہ سندس زال سان محبت جا ڪي ٻہ ٻول ونڊيان. پر چاڪي زورن کان بس ئي نہ ڪري، ۽ بادشاهہ جي روڪڻ تي بہ نہ مڙي. ٿيندي ٿيندي، ائين ئي سڄ اُڀري ويو. چاڪيءَ، بادشاهہ جي پيرن تي هٿ رکي چيو: ’سائين! ياريءَ جا پنڌ اڃا پري آهن، جيڪڏهن مان ننڊ ڪريان ها، تہ تنهنجي نيت ڪا ٻي هئي. هل تہ مان توکي پنهنجا دوست ڏيکاريان. هاڻي، تون ڪوتوال جا ڪپڙا ڪري، مون کي هٿ ڪڙيون هڻي سوداگر جي زال وٽان هلي لنگهہ.‘ بادشاهہ تماشي ڏسڻ لاءِ ائين ڪيو. جڏهن چاڪيَ سوداگر جي گهر وٽان اچي لنگهيو، تڏهن بادشاهہ هڪل ڪري چيو: ’هل ڙي چاڪي، تو بہ گهڻا ڏينهن ملڪ ڪاڏا آهن!‘ مائيَ، چاڪيءَ جي نالي ٻڌڻ سان ئي ڊوڙي دروازي تي آئي، ۽ ڪوتوال کي ڏسي ڏڪي ويئي، ۽ چوڻ لڳي: ”ادا انهيءَ کي ڇڏي ڏي، جيتري دنيا وٺئي، مون کان وٺ.“ بادشاهہ چيو: ’اصل نہ ڇڏيندوسانس.‘ مائيءَ چيو: ’هيءَ سڄي جائداد تون وٺ. مان رڳو پوتي مٿي تي رکي، ٻاهر نڪري ٿي بيهان– پر تون چاڪيءَ کي ڇڏ!‘ چاڪيءَ بادشاهہ کي چيو تہ ’هاڻي فلاڻي مڪان وٽ هل.‘ بادشاهہ هن کي اوڏانهن وٺي ويو ۽ مڪان جي ٻاهران هڪل ڪيائين: ’هل ڙي چاڪي، تو بہ گهڻا ڏينهن ملڪ ڪاڏا آهن!‘ مڪان ۾ هڪ ملنگ ويٺو هو جنهن اهو آواز ٻڌي، ٻاهر اچي ڏٺو تہ ساڳيو چاڪي سندس دوست آهي. بس، پوءِ تہ ڀنگ وارو ڏنڊو کڻي، بادشاهہ تي سڌو ٿي آيو ۽ چيائينس تہ ”چاڪيءَ کي ڇڏ، نہ تہ هڪڙو ئي ڏنڊو

سِر ۾ ڏيندوسانءِ.“ بادشاهه لاچار ٿي، چاڪيءَ کي ڇڏي ڏنو. هلندي
ويل، چاڪيءَ بادشاهه کي چيو ”دوستي ائين ٽيندي آهي.“ بادشاهه
قبول ڪيو ته ’بيشڪ تنهنجي دوستيءَ جي ڏانءُ جو آءٌ نه آهيان!‘“

ديو ائين چئي هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي جو جهوٽو ڏنس،
ته وڃي ڪوهه کان ٻاهر پيو. اُتي ڏسي ته سندس گهوڙو ٻڌو بيٺو آهي،
باقي نه عقلمند آهي ۽ نه شهزادي. هيءُ سڌو گهر آيو. اُتي عقلمند
مليس، جنهن کي چيائين ”ادا، ديو سلام ڏيندو هوءِ!“ عقلمند، شرمندو
ٿي، ڪٺي ياءُ کي ياڪر وڌو.

لعل شهزادو ۽ لعلان شهزادي

هڪڙو هو بادشاهه. جنهن کي سِڪي سِڪي، هڪ سهڻو ۽ سدا ملوڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو رکيائين "شهزادو لعل." شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو نيٺ اچي جوان ٿيو. هڪ ڏينهن، شهزادي لعل پنهنجي پيءُ کي چيو ته "بابا سائين! منهنجي شادي فلاڻيءَ ولايت جي شهزاديءَ لعلان سان ڪرايو نه ته آءٌ هتي ڪونه رهندس." بادشاهه کيس چيو ته "ابا، انهيءَ ولايت جو بادشاهه اسان جي دشمنن مان آهي- ۽ پنڌ به ڏاڍو ڏورانهون ۽ اٽانگو آهي... هرو ڀرو جي تنهنجو ارادو آهي، ته ڪجهه وقت ترس." لعل شهزادي، جنهن لعلان جي سونهن ۽ سندس سوڀيا حد کان وڌيڪ ٻڌي هئي، تنهن کي ڀلا ڪٿي ٿو قرار اچي؟ سو رات ٿيڻ تي، ڪجهه ٿيڙ ۽ روڪڙ کڻي، اڪيلي سر وٺي انهيءَ ولايت جو رخ رکيائين.

هلندي هلندي، نيٺ هڪڙي ڏينهن، وڃي انهيءَ ولايت ۾ پهتو ۽ اتي پڇا ڪرڻ منجهان پتو پيس ته شهزادي لعلان هڪ مُلان جي مدرسي ۾ پڙهندي آهي. هيءُ به وڃي انهيءَ مدرسي ۾ پڙهڻ ويٺو. ٿوري گهڻي ڏينهين، هنن ٻنهي جي محبت جا پيچ ڳنڍجي ويا- ايتري قدر جو هڪٻئي کي ڏسڻ کانسواءِ هنن جو کاڌو پيتو حرام ٿي ويو. آخر هڪ ڏينهن، لعلان پنهنجي پيءُ کي چئي ڏنو ته "مون کي مڙس گهرجي، ته هيءُ گهرجي." بادشاهه ڌيءُ جو راز ۽ شهزادي لعل جي دانائي ۽ محبت ڏسي، شهزاديءَ جي شادي لعل سان ڪرائي، ۽ هنن کي هڪ نئين محلات جوڙائي، انهيءَ ۾ رهاياائين.

هڪڙي ڏينهن، بادشاهه شهزاديءَ کي چيو ته "ڌيءُ، اڄ آءٌ شڪار تي وڃان ٿو تنهنڪري تنهنجي مڙس کي به وٺيو ٿو وڃان." شهزاديءَ لعلان کيس چيو ته "بابا سائين! هن کي ڀلي وٺي وڃو- مگر هي آهي نازڪ مزاج. تنهنڪري کيس ڪا تڪليف ڪانه ڏجو ۽ سندس خيال رکجو." ٻئي ڏينهن، بادشاهه شهزادي لعل کي ساڻ ڪري، ويو

شڪار تي، شڪار گاهه ۾ اُس ۾ ڪاڙهي هئڻ سبب ڪيس هڪ نهر جي ڪناري تي، جتي وڻراهه ۾ تڏڪار هئي، اتي ويهاري، پاڻ ويو شڪار سان. نه ڄاڻ ته اتي ڪو ديو بيٺو هو سو ويس بدلائي، اچي شهزادي کي کڻي ويو. بادشاهه شڪار کان موٽڻ بعد، گهڻو ئي هن جي ڳولا ڪرائي، مگر هن جو پتو ئي ڪونه پيو. آخر ڏاڍي ڏک ۾ پرجي، اچي ڏيئه کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. شهزادي لعلان هيڪر ته ڏندڻجي ويئي، پر پوءِ گلاب جي پاڻيءَ ۾ خوشبوءِ ڇنڊڻ سان هوش ۾ آئي، رات ڏينهن روئڻ ڪانسواءِ ٻي تات ئي ڪانه هيس. آخر هڪڙي ڏينهن، مرداڻو ويس ڍڪي، ساهيڙيون ۾ زر زيور ساڻ ڪري، هٿيارن پنهوارن سان گهوڙن تي سوار تي، اُتي انهيءَ شڪارگاهه ڏي رواني تي. جڏهن انهيءَ نهر تي پهتي، تڏهن اُتي ڪيس هڪ پري نظر آئي. شهزادي لعلان وڃي ان جي پيرن تي ڪِري، ۽ پنهنجي مڙس جو پتو پڇيائينس. پريءَ چيس ته "برابر، تنهنجي مڙس کي منهنجي مڙس کڻي پاڻ وٽ لڪايو آهي." شهزادي روئي ڪيس ايلاز ۽ منٿون ڪرڻ لڳي، جنهن تي پريءَ کي رحم آيو. ۽ چيائينس ته "توهان هاڻي هتان هليا وڃو... رات ٽيڻ تي آهي، ۽ ديو به اچڻ وارو آهي. سندس اچڻ تي، ڪيس چئي، مان شهزادو توکي وٽي ڏينديس." رات جو ديو جڏهن آيو تڏهن هن کان انهيءَ ڪوٺيءَ جي ڪُنجي وٺي رکيائين، ۽ صبح جو جڏهن ديو ٻاهر نڪري ويو، تڏهن شهزادي به موٽي اُتي آئي، جنهن کي هوءَ انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويئي، ۽ شهزادي لعل کي ٻاهر ڪڍي هٿ ۾ ڏنائينس، ۽ ڪيس چيائين ته "هتان جلدي نڪري وڃو نه ته ديو آيو ته سيني کي کڻي قيد ڪندو." شهزادي لعلان شهزادي لعل سان مِلي ڏاڍي خوش تي، ۽ ڪيس گهوڙي تي سوار ڪري، محلات ۾ وٺي آئي، ۽ مزي سان پاڻ ۾ گڏ گذارڻ لڳا.

هڪڙي پيري بادشاهه وري شڪار تي تيار ٿيو ۽ شهزاديءَ کي اچي چيائين ته "امان! آءٌ لعل کي شڪار تي وٺي ٿو وڃان." شهزاديءَ چيس ته "بابا سائين! اڳي به لعل کي وڃائي آيو هئين، ۽ مان وڃي، وڏن ڪشالن سان، ڪيس واپس وٺي آئي هيس. هينئر مان هن کي موڪل ڪونه ڏينديس- باقي اوهان مالڪ آهيو." آخر بادشاهه ضد ڪري،

لعل کي وري به شڪار تي وڃڻ ويو ۽ وڃي انهيءَ نهر تي ڪيس ويهارڻائين. اوچتو اهو ساڳيو ديو اچي هن کي کڻي ويو. شڪار تان موٽڻ بعد، بادشاهه سندس گهڻي ئي ڳولا ڪرائي، پر هن جو پتو ئي ڪونه پيو. نيٺ نااميد ٿي، اچي پنهنجي ڏيءَ سان خبر ڪيائين. شهزاديءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ وري به ساڳيءَ طرح سنبري اوڏانهن ويئي، ۽ وڃي پريءَ جي پيرن تي ڪري، روئي حال ڪيائين. پريءَ ڪيس چيو ته ”ادي، اوهان جي وڃڻ کانپوءِ، ديو اچي لعل جي جاچ ڪئي، ۽ پوءِ هن کي نه ڏسي، اچي مون تي ڪاوڙيو ۽ اڄ ڏينهن تائين رخ ڏيئي مون سان ڳالهائي به ڪونه ٿو. ۽ هن پيري لعل کي ڪوٺيءَ ۾ پورڻ بدران، وڏو اٽس پنهنجي مٿي جي وارن ۾. تنهنڪري جڏهن هو اچي، تڏهن تون پاڻ ڪيس ايلاز منٿ ڪري ڏس... مَن ڪو قياس پئجي وڃيس، جيڪڏهن هو توکي چوي ته ’مون وٽ ڪونهي.‘ ته تون ڪيس چئج ته ’توهان جي وارن ۾ لڪل آهي!‘ پوءِ اميد ته توکي ڪڏهن ڏيندو پر هڪڙي ڳالهه ياد رک ته جي هيءُ پيرو شهزادو توکي مليو، ته وري هن کي هيڏانهن ڪڏهين به نه موڪلج.“ شهزادي رات اتي رهي پيئي، ۽ جڏهن ديو آيو تڏهن ”ماما! ماما!“ ڪري وڃي ديو جي پيرن تي ڪري. ديو ڪيس چيو ته ”جي ’ماما، ماما!‘ نه ڪرين ها، ته هوند سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها.“ شهزاديءَ ڪيس چيو ته ”ماما! هاڻي به حاضر آهيان.“ ديو وراڻيو ته ”هاڻي ڇڱ ڇا تي ڇئين؟ ڇو هتي آئي آهين؟“ شهزاديءَ سموري حقيقت ڪري ٻڌايس. ديو چيو ته ”اهو ته مون وٽ ڪونهي.“ شهزاديءَ چيس ته ”ماما! اُهو اوهان جي مٿي جي وارن ۾ پيل آهي.“ اهو ٻڌي، ديو ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ يڪدم وارن مان ڪڍي لعل کي لعلان جي اڳيان کڻي ويهاريائين ۽ چيائينس ته ”هن کي وٺي وڃ، ۽ وري ڪيس منهنجي حد ۾ ڪڏهن به نه موڪلج.“ پوءِ شهزادي لعلان شهزادي لعل کي ساڻ ڪري پنهنجي شهر ۾ آئي ۽ مزي سان پاڻ ۾ گڏ گذارڻ لڳا.

هڪڙي ڏينهن، شهزادي لعل بادشاهه کي چيو ته ”چاچا سائين! منهنجي پيءُ ۽ ماءُ جو حال نه معلوم ڪهڙو ٿيو هوندو! چڱو ائين آهي ته هاڻي مون کي اجازت ڏيو ته وڃي پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملان، ۽ وڃي

اُتي رھان.“ بادشاھ اھا ڳالھ مناسب ڄاڻي، ڪيس اجازت ڏني ۽ ھن کي شھزاديءَ جي ٻانھن ۽ حفاظتي لشڪر ۽ سفر جو سامان ساڻ ڏيئي، روانو ڪيو ھلندي ھلندي، ھڪڙي ڏينھن، لعل شھزادو اچي پنھنجيءَ ولايت ۾ پھتو ۽ وڃي پيءُ ماءُ سان مليو. سندس ماءُ پيءُ تہ ھن کي مُئو سمجھي، روئي پٽي، آسرو لاھي، ويھي رھيا ھئا. سو ڪيس ڏسي، بادشاھ، راڻي ۽ امير امراءُ سڀ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ انھيءَ خوشيءَ ۾ بادشاھ حڪم ڏنو تہ ”پوري شھر ۾ ڪوبہ پنھنجو ڪاڌو نہ پچائي، چاليھ ڏينھن سيني کي بادشاھي لنگر تان ڪاڌو ملندو.“ بس، پوءِ تہ گھر گھر خوشي ۽ شھزادي لعل جي اچڻ سان شادمانا ٿي ويا. ۽ بادشاھي حڪم موجب سموري شھر جي ماڻھن کي پورا چاليھ ڏينھن، گھر ويٺي ماني پئي ملي. حفاظتي لشڪر، جو شھزادي لعل سان گڏجي آيو ھو، تنھن کي ٻہ ٽي مھينا بادشاھ پاڻ وٽ وڏي مان سان رھايو ۽ پوءِ انھن جي منٿ تي، ڪين بادشاھ لاءِ شاھي سوکڙيون پاکڙيون ۽ سفر جو سامان ساڻ ڏيئي، واپس وڃڻ لاءِ موڪل ڏنائين. جن وڃي پنھنجي بادشاھ سان ملي، ساڻس سموري حقيقت بيان ڪئي، ۽ پوءِ ٻيئي بادشاھ عمرين جا زنگ وساري، ھڪٻئي جا گھاتا يار بنجي ويا... ھنن جي مرڻ کانپوءِ، ٻنھي بادشاھين کي گڏي ھڪڙي بادشاھي ڪيائون، ۽ شھزادو لعل ڏاڍي آب تاب سان تخت نشين ٿيو. شھزادي لعلان ۽ شھزادو لعل پوءِ پنھنجي باقي عمر جا ڏينھن، انھيءَ بادشاھيءَ ۾، گڏجي ڏاڍي موج مزي سان گذارڻ لڳا.

باب چوٿون

وزيرن جون ڪهاڻيون

ٽڪو وزير

هڪڙو غريب ڪانير هو جو روزانو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري اچي پر واري شهر ۾ وڪڻندو هو جنهن مان هن کي ٽڪو ملندو هو ۽ ويچارو انهيءَ ٽڪي مان پيٽ پنهنجو ڏکيو سکيو گذر سفر ڪندو هو. هڪ ڏينهن جيئن هو شهر مان ڪاٺيون وڪڻي گهر پئي آيو تيئن هڪڙي چاڪيءَ سڏ ڪري چيس ته "اي شخص! تون ڏسڻ ۾ تمام مسڪين ٿو اچين. مون کي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي: جي مون وٽ پگهار تي بيهين، ته هوند ڏاڍو خوش رهين!" ڪانير دل ۾ خيال ڪيو ته پنهنجو ڪم ٽڪي روز سان، "سو جهڙو چور وٽ تهڙو چاڪيءَ وٽ" پيا وهنداسين. سو چاڪيءَ کي چيائين ته "هائو ادا! آءٌ بيهندس." چاڪيءَ پڇيس ته "پگهار ڇا وٺندين؟ ڪانير جواب ڏنس ته "ٽڪو روز." چاڪيءَ ڏنو ته هيءُ شخص ته بنھ ڪو ڀالو ڀولو ٿو ڏسجي، سو ٽڪي روز تي ڪٽي پاڻ وٽ بيهاريائينس. ڪانير، جو اڳيئي محنت تي هريل هو سو ڏينهن رات چاڪيءَ وٽ دل لائي محنت ڪرڻ لڳو. هوڻءَ جو چاڪيءَ جي گهاڻي ۾ ڪڙ جون ٻه چار نريون مس لهنديون هيون، سو ڪانير جي اچڻ ڪان پوءِ، هن جون ٻيڻيون ٽيڻيون نريون لهڻ لڳيون – ۽ ٿينديءَ ٿيندي چاڪي شاهوڪار ٿي ويو. پر ڪانير جو اهو ئي ٽڪو روز...... ۽ ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا.

ان ملڪ جي بادشاھ جو دستور هوندو هو ته روزانو رات جو ڇمڙا پوش ڪري، رعيت جو ڏک سک ۽ ملڪ جو واءُ سٽاءُ لهڻ نڪرندو هو.

پهريائين جڏهن بادشاهه انهيءَ چاڪيءَ جي گهر وٽان لنگهندو هو ته چاڪيءَ جو گهر ڪڪائون ڏسندو هو ۽ هن جو گهاڻو ڪڏهن وهندو پيو هو ته ڪڏهن بيٺو هوندو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه چاڪيءَ جي ڪکائين جهوپڙيءَ بدران اتي هڪ عاليشان پڪسري جڳهه ڏٺي، ۽ گهاڻو وهندو ڏٺو. نيٺ بادشاهه کان رهيو نه ٿيو سو لنگهي اندر ڏٺائين ته چاڪي ستو پيو آهي، ۽ هڪ شخص آهي، جو گهاڻي کي لڳو پيو آهي. بادشاهه سلام ڏيئي ان کان پڇيو ته "اي شخص! تون هن گهاڻي جو مالڪ آهين؟" ڪانير جواب ڏنو ته "نه سائين! هن گهاڻي جو مالڪ ستو پيو آهي، ۽ آءُ هن وٽ پگهار تي آهيان." بادشاهه پڇيس ته "هيءُ توکي گهڻو پگهار ڏيندو آهي؟" ڪانير چيو ته "سائين! ٽڪو روز. بادشاهه اهو ٻڌي وائڙو ٿي ويو. چيائين ته "هيتري ساري محنت ۽ صرف ٽڪو روز!" ڪانير جواب ڏنو ته "سائين مالڪ خوش ته آءُ خوش، آءُ هن ٽڪي ۾ ئي خوش آهيان." اهو ٻڌي بادشاهه دل ۾ چيو ته "هيءُ ڪو نيڪ انسان ٿو ڏسجي". سو ڪانير کي چيائين ته "مون وٽ نوڪري ڪندين؟" ڪانير جواب ڏنو ته "سائين! "مون لاءِ ته ڳالهه ساڳي آهي، پر مالڪ کان اجازت وٺو." بادشاهه اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي، ۽ چاڪيءَ کي اٿاري ڪانئس ڪانير جي اجازت ورتائين. ڀلا چاڪي بادشاهه کان ڪٿي ٿو ڪنڌ ڪيرائي سگهي، سو هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ ڪانير کي خوشيءَ سان اجازت ڏنائين. جڏهن بادشاهه، ڪانير کي وٺي اٿي هليو تڏهن هن کان پڇيائين ته "پگهار ڇا وٺندين؟" ڪانير جواب ڏنو ته "سائين ٽڪو روز. تڏهن بادشاهه کلي ڪانير کي چيو ته "چڱو ميان! اڄ کان تنهنجو نالو ئي ميان ٽڪو آهي، ۽ تنهنجو ڪم صرف اهو آهي، جو رات جو محلات تي پهرو ڏيندين." ڪانير اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ هر روز ڏينهن جو آرام ڪندو هو ۽ رات جو محلات تي پهرو ڏيندو هو.

ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. هڪڙيءَ رات اهڙو اچي واقعو بڻيو جو جيئن هي پهرو ڏيئي رهيو هو تيئن پري کان رڙين جو آواز ٻڌائين. ڪانير رڙين جي آواز تي ڪن ڪڙا ڪيا ۽ پنهنجو ڏنڊو سنڀالي، جتان رڙين جو آواز پئي آيو اوڏانهن روانو ٿيو. اڳيرو ٿي ڏسي

تہ رڙين جو آواز محلات جي پاسي واري ڦاسي گهاٽ مان پيو اچي. هيءُ بہ اندر ڦاسي گهاٽ ۾ لنگهي ويو. ڏسي تہ هڪ وڻ آهي، جنھن تي هڪڙو ڇوڪرو پيو لڙڪي ۽ هيٺان هڪڙي زال ويٺي رڙيون ڪري هيءَ اچي زال وٽ پھتو ۽ پڇيائينس تہ "مائي! ڇو ٿي رڙيون ڪرين؟" مائيءَ جواب ڏنو تہ "هيءُ منھنجو پٽ آهي، جنھن کي بادشاهہ اڄ ڦاسي ڏني آهي، هاڻي آءُ منهن ڏسڻ آئي آهيانس. پر هي تہ تمام مٿي آهي، آءُ تہ پھچي نٿي سگھان. هاڻي منھنجي ڪا مدد ڪر." ميان ٽڪي چيس تہ "چڱو مائي! تون منھنجي ڪلهن تي چڙهي ڇوڪري کي ڪٽي لاهي وٺ." پوءِ هن مائيءَ کي ڪلهن تي چاڙهيو ۽ سڌو ٿي اٿي بيٺو. مائيءَ ڇا ڪيو جو ڇوڪري کي ڦابو جھلي، اتي جو اتي ان جو هيانءُ ڪڍي ورتائين. جڏهن هيٺ ميان ٽڪي تي ڇوڪري جي رت جا ڦڙا ڪريا، تڏهن ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏسي تہ مارا هن ڏائڻ ڇوڪري جو هيانءُ ڪڍي ورتو! پر تيستائين ڏائڻ هن جي ڪلهن تان لهي وٺي ڀڳي. ميان ٽڪي بہ يڪدم ڏنڊو ڪٽي ٺڪاءُ ڪرايو ڏائڻ کي; جو وڃي هن جي ٻانهن ۾ لڳو ۽ سندس ٻانهن ڀڄي پيئي، ڏڪ لڳڻ سان ڏنڊو بہ ڏائڻ جي پوتيءَ ۾ وچڙي پيو. جنھنڪري پوتي ڏنڊي ۾ ويڙهجي اتي ڪري پيئي ۽ ڏائڻ وٺي ڀڳي. ميان ٽڪي کي ڏائڻ جي ڀڄي وڃڻ جو ڏاڍو خيال ٿي بيٺو. پر ڪري ڪجهہ بہ نہ سگهيو. لاچار ماٺ ڪري اها پوتي کڻي واپس پنھنجي ماڳ تي آيو. صبح جو هن پوتي کڻي آڻي بادشاهہ کي ڏني ۽ رات واري سڄي حقيقت بہ ٻڌايائينس. بادشاهہ اها پوتي کڻي پنھنجي محلات ۾ ويو. ان بادشاهہ کي ست راڻيون هيون، تن جڏهن هھڙي خوبصورت پوتي ڏٺي، تڏهن هر ڪا چوي تہ "اها پوتي آءُ پايان. نيٺ بادشاهہ بہ منجهي پيو تہ آخر پوتي هڪڙي سا ڪنھن کي ڏجي؟ لاچار راڻين کي ڇڏي، پوتي کڻي سڌو آيو ٽڪي وٽ ۽ چيائينس تہ "ميان ٽڪا! هھڙيون ٻيون بہ ڇهہ پوتيون آڻي ڏي، ۽ آڻيون بہ ضرور اٿئي!" اهو ٻڌي ويچارو ٽڪو حيران ٿي ويو تہ هاڻي اهڙيون پوتيون اچن سي اچن ڪٿان؟ لاچار اها پوتي کڻي، سھي سنيري بادشاهہ کان موڪلائي، اٿي سفر تي روانو ٿيو.

ڪن ڏينھن جي سفر بعد، هو هڪڙي اهڙي ملڪ ۾ اچي نڪتو

جنهن جي بادشاهہ کي هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ اولاد ڪو نہ هو. قدرت اهڙي جو سندس پٽ کي اهڙو ڪو مرض هو جو جيئن ڪو ماڻهو صفا مري ويندو آهي، تيئن مري ويندو هو. پر جڏهن ان جو لاش کڻي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ ويندا هئا، تہ ڪانڌين مان تہ ڪو بہ واپس ڪو نہ ايندو هو باقي شهزادي جو لاش جيئرو جاڳندو وري محلات ۾ ايندو هو ۽ رات ٽيندي هئي تہ وري ان جي ساڳي حالت ـ ۽ جي قبرستان نہ نيندا هئس، تہ اهو ئي لاش جو لاش بنيو گهر ۾ پيو هوندو هو. انهيءَ ڪري بادشاهہ جو حڪم هو تہ ”جيڪي بہ پرديسي شهر ۾ اچن، هر رات انهن مان ٻن کي لاش سان ڪانڌي ڪيو وڃي. حڪم موجب جيڪو بہ ٻاهريون ماڻهو شهر ۾ پيو ايندو هو ان کي پڪڙي بادشاهہ وٽ آڻي پيش ڪندا هئا، هيڏانهن جڏهن ميان ٽڪو ان شهر ۾ پهتو تڏهن ان کي بہ دستور موجب سپاهين پڪڙي اچي بادشاهہ وٽ پيش ڪيو. بادشاهہ حڪم ڏنو تہ ”جيستائين ٻيو ڪو ماڻهو هٿ اچي، تيستائين هن کي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ چڙهي اچو.“ پوءِ سپاهين هن کي وٺي وڃي شهزادي جي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ چڙهيو ۽ ٻاهران ڪلف ڏيئي ڇڏيائون. هيءُ ويچارو حيران تہ هيءَ مون سان ڪهڙي ماجرا ٿي! پر آخر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟ ماٺ ڪري لاش جي پاسي ۾ هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾، ڏنڊو پاسي کان رکي ويهي رهيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏسي تہ جاءِ جي دريءَ مان هڪڙو ديو اندر گهڙي آيو ۽ ايندي شرط پٽ تي ويهي، بغل مان چوپڙ ڪڍي کڻي اڳيان رکيائين. پوءِ ان چوپڙ کي کڻي سنئون ڪيائين، تہ شهزادو جيئرو ٿي اٿي ويهي رهيو. پوءِ گهڻيءَ دير تائين، ديو ويهي شهزادي سان چوپڙ راند ڪئي ۽ وڃڻ وقت وري بہ کڻي چوپڙ اونڌي ڪيائين، تہ شهزادو لاش ٿي ڪري پيو. ديو جيئن پنهنجي چوپڙ ويڙهڻ لڳو تيئن ميان ٽڪي ڪيس بيخيالو ڏسي، خدا کي ياد ڪري، پنهنجو ڏنڊو سنڀاري پر ڪري کڻي مٿي ۾ ٽڪاءُ ڪرايس. ديو هي اوچتي آفت ڏسي اهڙو تہ دهلجي ويو جو چوپڙ بہ اتي ئي وسري ويس ۽ ائين وٺي ڀڳو جو پٺتو ئي ڪو نہ پيو. ميان ٽڪي اها ديو واري چوپڙ کڻي پاڻ وٽ قابو ڪئي. انهيءَ وچ ۾ بادشاهہ جي سپاهين کي ڪو ٻيو مسافر ملي

ڪو نہ سگهيو سو ميان تڪي ڪي شهزادي جي لاش واري ڪوٺي ۾ ويٺي ويٺي ساري رات گذري ويئي.

جڏهن صبح ٿيو تڏهن بادشاهہ جو وزير ملان ڪي وٺي شهزادي جي ڪفن دفن لاءِ اچي ڪوٺيءَ جي ٻاهران بيٺو. ڇو تہ انهن کي پڪ هئي، تہ رات وچ ۾ هو ختم ٿي ويو هوندو. هي ڪوٺيءَ جو دروازو لاهي جهٽ اندر ٿي گهڙيا. تهڙو ميان تڪو ڏنڊو ڪٽي پنيان ڪاهي پين. ملو ۽ وزير ڊپ ۾ اٿي ڀڄا ۽ سڌو اچي بادشاهہ اڳيان بيٺا. بادشاهہ جڏهن ڪانئن حقيقت پڇي، تڏهن ٻڌايائون تہ "بادشاهہ سلامت! راتوڪو مسافر تہ جيئرو جاڳندو اندر ويٺو آهي، اسين وياسين تہ مرڳو ڏنڊو ڪٽي اسان جي پويان ڪاهي پيو. بادشاهہ پاڻ اها ڳالهہ ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين تہ "چڱو هلو تہ آءٌ ٿو هلي ڏسان. پوءِ بادشاهہ وزير سان گڏجي سڌو ان شهزادي واري ڪوٺيءَ تي آيو. ميان تڪي جو بادشاهہ کي ايندو ڏٺو تنهن يڪدم اچي ڪيس ادب سان سلام ڪيو ۽ هٿ ٻڌي چيائين تہ "بادشاهہ سلامت! مون سڄي رات شهزادي جي علاج جو ويچار ڪيو آهي.... هاڻي جيڪڏهن آءٌ شهزادي کي انهيءَ بيماري کان صفا ڇڏائي ڇڏيان تہ ڇا ملندو؟" بادشاهہ چيس تہ "اي مسافر! مون هن لاءِ اڳيئي اعلان ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيڪو بہ ماڻهو شهزادي کي مرض مان آجو ڪندو، ان کي اڌ راڄ جو ڏيندس ۽ پنهنجي ڌيءَ بہ ان کي پرڻائيندس. ميان تڪي چيو تہ "چڱو بادشاهہ سلامت! هاڻي مون سان گڏجي اندر ڪوٺيءَ ۾ اچو." جڏهن هي سڀ اندر شهزادي جي لاش وٽ پهتا. تڏهن ميان تڪي چوپڙ ڪڍي زمين تي رکي، پوءِ جو ڪٽي ان کي سنئون ڪيائينس تہ شهزادو جيئرو جاڳندو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ کي سڃاڻي، يڪدم ياڪر پائي چنبڙي پيو. شهزادي کي چڱو ڀلو ڏسي، بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم سڄي شهر ۾ جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. پوءِ ميان تڪي اها چوپڙ ساڙي ڇڏي. ٽن ڏينهن جي جشن بعد، بادشاهہ ڏاڍي ڌام ڌوم سان سندس شادي شهزاديءَ سان ڪرائي، ۽ پنهنجو اڌ راڄ بہ کين ڏاج ۾ ڏنائين.

ڪجهہ ڏينهن جي عيش ۽ آرام کان پوءِ، ميان تڪي پوتيءَ واري

حقيقت بادشاهہ ۽ شهزاديءَ سان ڪئي ۽ ڪانئن اجازت وٺي، اٺي مسافريءَ تي نڪتو. ڪجهہ ڏينهن جي مسافريءَ بعد، هڪڙي برپٽ ۾ اچي پهتو. اتي هن کي پري کان گنبذ جي نموني هڪڙي عاليشان جڳهہ ڏسڻ ۾ آئي. هن خيال ڪيو تہ ڪجهہ دير انهيءَ جڳهہ ۾ آرام ڪجي ۽ پوءِ اڳتي هلجي. سو وڃي اچي ان جڳهہ وٽ پهتو. ڇا ڏسي تہ جڳهہ جي پاسي کان هڪڙي نالي هيرن جواهرن جي پيئي وهي. اهڙي نالي ڏسي، هو عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڪيتري دير اتي ئي بيٺو رهيو. آخر ٿوريءَ دير کان پوءِ، هو دروازي ڳولڻ لاءِ جڳهہ کي چوڌاري ڦرڻ لڳو پر هن کي ڪو بہ دروازو هٿ نہ آيو. نيٺ ماٺڙي ڪري هڪڙي پاسي اهو خيال ڪري لڪي ويهي رهيو تہ ڏسان تہ هن جڳهہ ۾ ڪهڙو اسرار آهي، جو نہ اٿس در نہ دروازو. اجان ويرم ئي ڪانہ گذري، تہ ڏسي تہ اهو ساڳيو ديو جنهن کي مٽي ۾ ڏنڊو هنيو هٽائين، سو مينهن واءُ ڪندو انهيءَ جڳهہ ڏي پيو اچي. جڏهن ديو ان جڳهہ کي ويجهو آيو تڏهن پٽ تي هڪڙي هنڌ هٿ هنيائين تہ دروازو ظاهر ٿي پيو ۽ هو اندر هليو ويو. ميان ٽڪي اهو دروازي وارو هنڌ ڏسي ڇڏيو پوءِ ماٺ ڪري سمهي پيو. جڏهن صبح ٿيو تڏهن ڏٺائين تہ ديو ساڳئي، هنڌان ٻاهر نڪري جهنگل ڏي هليو ويو. هي يار بہ ان دروازي مان لنگهي ٿيو اندر ۽ هلندو هلندو اچي هڪڙي ڪوٺيءَ وٽ پهتو. ڪوٺيءَ ۾ اندر وڃي ڏسي، تہ هڪ نازنين آهي جا پلنگ تي تمام گهريءَ ننڊ ۾ پوتي تاڻي ستي پئي آهي. ٽڪي جو سندس منهن تان پوتي لاٿي، تہ ان جي سسي ڏڙ کان ڌار ٿيل ڏٺائين ۽ ان مان جيڪي رت جا ٽيپا ڪريا ٿي، سي وري ڪٽ هيٺان پاڻي ۾ وهندڙ ناليءَ ۾ پئجي هيرا موتي ٿي پيا ٿي. هي عجب ۾ پئجي واٺڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. اوچتو نازنين جي سيرانديءَ واري پاسي، جاري تي هڪ اونڌي تختي رکيل ڏٺائين، جنهن تي هڪ نقش پڻ اڪريل هو. هن اها تختي سنئين ڪري نازنين جي منهن تائين آندي، تہ هوءَ سجاڳ ٿي اٿي ويهي رهي، ۽ جڏهن ميان ٽڪي تي نظر پيس تہ ان کي ڏمڪائڻ لڳي ۽ پڇيائينس تہ "تون ڪير آهين ۽ هت ڪيئن آيو آهين؟" هن جواب ڏنس تہ "اي نازنين! تون ڪاوڙج نہ — آءٌ هڪ مسافر آهيان ۽ رلندي رلندي اچي هتي نڪتو

آهيان.“ تڏهن نازنين چيس تہ ”اي نوجوان! تون چڱو ماڻهو ٿو ڏسجين، تنهنڪري بهتر ٿيندو تہ تون هينئر ئي هتان هليو وڃ. نہ تہ جيڪر منهنجي پيءُ توکي هتي ڏسي ورتو تہ اقت ماري ڇڏيندءِ.“ اِتي ميان ٽڪي وري چيس تہ ”اي نازنين! اهڙو ظلم تہ نہ ڪر. هينئر آءٌ ڪيڏانهن وڃان؟ هتي تہ ٻي ڪا اهڙي وسندي بہ ڪانهي، جتي وڃي پاڻ لڪايان.“ هن جي انهن ڳالهين تي نازنين کي مٿس رحم اچي ويو. سو چيائين تہ ”چڱو پلا، تون هن وڏي پيتيءَ ۾ لڪي ويهہ. پوءِ بابو ايندو تہ آءٌ پاڻهي ان سان سمجهنديس.“ اهو ٻڌي ميان ٽڪو ڪجهہ سرهو ٿيو ۽ ان نازنين کي چيائين تہ ”چڱو آءٌ هن پيتيءَ ۾ لڪي ٿو ويهان، پر جڏهن تنهنجو پيءُ اچي، تہ ان کان پڇج تہ هو ڪنهن کان ڊڄندو بہ آهي يا نہ؟ “نازنين اها ڳالهہ قبول ڪئي، پوءِ هيءُ وڃي پيتيءَ ۾ لڪي ويهي رهيو. ڪا مهل تي تہ ديو بہ ”آدم بوءِ، آدم بوءِ“ ڪندو اچي نڪتو. ڌيءَ چيس تہ ”بابا! آدمزاد جي ڪهڙي مجال جو هتي اچي سگهي!“ اهو ٻڌي ديو ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ پنهنجي ڌيءَ سان ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳو. رهاڻ ڪندي، ڪجهہ دير کان پوءِ، ڌيءَ پڇيس تہ ”بابا! تون ڪهڙي شيءِ کان ڊڄندو آهين؟ تڏهن ديو چيس تہ ”ڌيءَ! آءٌ فقط ميان ٽڪي کان ڊڄندو آهيان، جنهن مون کي اهڙو ڏنڊو هنيو هو جو اجا مٿي ۾ ڦٽ بيٺو آهي. اتي ميان ٽڪو بہ پيتيءَ مان ٻاهر نڪري، ڏنڊو ڪڍي اچي ديو جي سامهون بيهي رهيو ۽ چيائينس تہ ”اجان ڳالهہ ڪٿي آهي؟ جهل مٿو ٻيو ڏنڊو ٿو اچيئي!“ ديو جو ميان ٽڪي کي ۽ ان جي هٿ ۾ ڏنڊو ڏٺو سو اچي ٿڙڪڻي ٿيس ۽ يڪدم هٿ ٻڌي اتي بيهي رهيو ۽ ميان ٽڪي کي چيائين تہ ”ٻيلي! نالو اٿئي الله جو ٻيو ڌڪ نہ هڻج، مون کي جيئدان ڏي، آءٌ پنهنجي ڌيءَ جي شادي بہ توسان ٿو ڪرايان.“ اتي ميان ٽڪو بہ ڪجهہ ڍرو ٿيو. پوءِ ٻئي ڏينهن ديو پنهنجي ڌيءَ جي شادي ميان ٽڪي سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪئي. ميان ٽڪي اتي بہ ٻہ ٽي ڏينهن عيش آرام سان گذاريا. پوءِ پوتين جي ڳولا واري ڪم جي ڳالهہ ٻڌائي، اتان موڪلايائين ۽ اتي پنڌ پيو.

ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ بعد، هن کي پري کان هڪڙو قلعو نظر آيو جو سڄو سفيد پٿر جو ٺهيل هو ۽ پري کان پئي چلڪيو.

جڏهن قلعي جي ويجهو آيو تڏهن ڏٺائين ته ان قلعي کي فقط هڪڙو دروازو هو. پوءِ هن گهٽيءَ در کڙڪايو ۽ سڏ ڪيائين. پر ڪوبه بني بشر هن جي سڏن تي ٻاهر نه نڪتو. لاچار هيءُ آهستي آهستي ڪري دروازو کولي اندر قلعي ۾ گهڙي ويو. اندر هن کي هڪڙو تلاءُ ڏسڻ ۾ آيو جنهن جي چئني پاسن کان هڪ هڪ سون جو تهيل هاٿي بيٺل هو جن مان پاڻيءَ جا ڦوهارا نڪري رهيا هئا. تلاءُ جي ڪپ تي هڪ ڪوٺي ٺهيل هئي، جنهن جو در پيڪڙيل هو. هي آهستي آهستي دروازو کولي اندر گهڙي ويو. ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ سان سندس نظر پلنگ تي ويٺل هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ تي وڃي پيئي، ڇوڪريءَ جو هن کي ڏٺو سا يڪدم اٿي بيٺي ۽ هن کي ٻانهن مان جهلي ادب سان اچي کٽ تي ويهاريائين. ميان تڪي، ان کان پڇيو ته "تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن اچي ڦاٿي آهين؟" تڏهن ڇوڪريءَ ٻڌايس ته "آءٌ هتي پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ رهندي آهيان — تو جهڙي شهزادي جوان کي ڏسي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي؛ پر ڇا ڪجي جو تون خود هن طلسمي چڪر ۾ اچي ڦاٿو آهين. هاڻي هتان تنهنجو بچڻ مشڪل آهي." تڏهن ميان تڪي پڇيس "سو وري ڪيئن؟" ڇوڪريءَ ٻڌايس ته "منهنجي ماءُ ڏائڻ آهي، جا توکي ماري ڇڏيندي. اِتي هن کي شڪ پيو ته متان اها ساڳي ڏائڻ نه هجي، جنهن ان رات ڇوڪري جو هيانءُ ڪڍيو هو جنهن جي پوتي به مون وٽ آهي، سو ڇوڪريءَ کي چيائين ته "تون گهٻراءِ نه. آءٌ لڪي ٿو وڃان. پر تون رڳو ايترو ڪج. جو جڏهن تنهنجي ماءُ اچي، تڏهن تون ڳالهه ڪندي، ان کان صرف ايترو پڇج ته "تون ڪنهن کان ڊڄين به ٿي يا نه؟" ڇوڪريءَ اها ڳالهه قبول ڪئي . پوءِ هن کي دروازي جي اوٽ ۾ لڪائي ويهاريائين. ڪا مهل ٿي، ته ڏائڻ به اچي اتي نڪتي. ميان تڪي ڏسڻ سان سڃاڻي ورتس ته هيءَ اها ساڳي ڏائڻ آهي. ڏائڻ سڌو اچي پلنگ تي ويٺي ۽ ڌيءَ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳي. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڇوڪريءَ ماءُ کان پڇيو ته "امڙ تون ڪنهن کان ڊڄين به ٿي يا نه؟" تڏهن ماڻس چيس ته "ڌيءَ! عمر ۾ رڳو ميان تڪي کان مس مس جند ڇڏائي سگهي هيس، جنهن ڏاڍي سان هٿ منهنجي ٻانهن ئي پڇي وڌي هئي؛ باقي ٻئي

ڪنهن کان بہ ڪون‍ہ ٿي ڊڄان.“ اهو ٻڌي ميان تڪو بہ ڏنڊو سنڀرائي، دروازي جي اوٽ مان ظاهر ٿيو ۽ ڏائڻ کي هڪل ڪري چوڻ لڳو ”هاڻي جهل ٻي ٻانهن، اچئي ٿو ڏنڊو!“ اتي ڏائڻ جا حواس ئي خطا ٿي ويا ۽ دانهن ڪري چيائين ”ميان تڪا! خدا جي واسطي مون کي جيئدان ڏي - آءٌ پنهنجي ڌيءَ جو سڱ توکي ٿي ڏيان ۽ پيو بہ جيئن چوندين تيئن ڪنديس.“ اهو ٻڌي ميان تڪو ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي ڏينهن ڏائڻ جي ڌيءَ سان شادي ڪري، اتي عيش آرام سان رهڻ لڳو.

ڪجھ ڏينهن گذرڻ بعد، تڪي پوتي ڪڍي پنهنجيءَ سس کي ڏيکاري ۽ چيائينس تہ ”درحقيقت آءٌ انهن پوتين جي ڳولا ۾ نڪتو آهيان. تڏهن ڏائڻ چيس تہ ”اهڙين پوتين جي تہ مون وٽ ڪمي ڪانهي، سو جڏهن تون وڃين تڏهن جيتريون پوتيون گهرجنئي اوتريون ڪڍي وڃج.“ ٿورن ڏينهن بعد ميان تڪي ڏائڻ کان موڪلايو جنهن کيس خوشيءَ سان اجازت ڏني، هڪڙي پري پوتين جي ۽ هڪڙي اڏام کٽولي بہ ڏنائينس ۽ چيائينس تہ ”هن اڏام کٽوليءَ کي جتي بہ چوندين اتي هلي توهان کي لاهيندي.“ پوءِ هيءُ پنهنجي زال ۽ پوتين جي پريءَ سميت اڏام کٽوليءَ تي چڙهي ويٺو ۽ سڌو اچي ديو جي محلات تي لٿو. ديو جي ڌيءَ هنن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ميان تڪي بہ ٿي ڏينهن اتي رهي، ديو کان واپس وطن ورڻ جي اجازت گهري. ديو کين خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ هلندي مهل هڪ جوڙي جادوئي ڏونڪا ڏيئي چيائينس تہ ”جنهن وقت بہ ڪا اوکي پوئي تڏهن هنن ڏونڪن کي وڄائجانءِ تہ اسين سڀ اچي تو وٽ پهچنداسين.“ ميان تڪي اهي ڏونڪا وٺي پاڻ وٽ قابو ڪيا، پوءِ ٻنهي زالن سميت اڏام کٽوليءَ تي چڙهي وطن ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي ان بادشاهہ وٽان بہ ٿيندو آيو جنهن جي پٽ کي جيئرو ڪيو هئائين، ۽ اتان پنهنجي ٽيئن زال شهزاديءَ کي بہ پاڻ سان ڪنيائين. رستي ۾ ديو جي ڌيءَ چيس تہ ”جنهن وقت پنهنجي وطن کان هڪ ميل ڪن اورتي پهچين، تڏهن مون کي ٻڌائج.“ جڏهن ميان تڪو پنهنجي ملڪ کان ميل ڪن پنڌ تي هو، تڏهن ديو جي ڌيءَ کي ٻڌايائين تہ ”هاڻي پنهنجي ملڪ جي حد ۾ داخل ٿيا آهيون.“ ديو جي ڌيءَ کيس هڪدم اتي لهڻ جي صلاح ڏني،

جنهن ڪري هو اتيئي لهي پيا. پوءِ ديو جي ڏيءَ، ڍڪس کان ملبل ڏونڪا وٺي زور سان وڄايا ته ڪن پل ۾ ديو ديو جي ذات اچي اتي مڙي. پوءِ هن انهن کي حڪم ڏنو ته ”هتي هڪ عاليشان محل تيار ڪرايو. بس، حڪم جي دير هئي، يڪدم محل تيار ٿي ويو ۽ ميان ٽڪو ٽنهي راڻين سميت ان ۾ رهڻ لڳو. ٻئي ڏينهن هن بادشاهه کي نياپو موڪليو. جنهن پوٽين کڻڻ لاءِ پنهنجي وزير کي وٽس موڪليو. وزير پوٽيون کڻڻ لاءِ ٽڪي جي محلات ۾ آيو ۽ اتي ٽنهي راڻين کي ڏسي حيران ٿي ويو. آخر هو پوٽيون کڻي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ ڪيس آٽي ڏنائين. بادشاهه پوٽيون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي وزير کان ويهي ميان ٽڪي جون خبرون چارون پڇڻ لڳو. وزير بادشاهه کي چيو ته ”سائين! ميان ٽڪو ته اهڙيون راڻيون پرڻجي آيو آهي، جو اوهان جون راڻيون انهن اڳيان ٻانهيون سونهن. اهي راڻيون ڪيئن به ڪري هٿ ڪرڻ گهرجن. انهيءَ لاءِ صلاح به سولي آهي، ته اوهين سڀاڻي هن جي پاڻ وٽ دعوت ڪريو. پوءِ ماني کائڻ بعد ڪيس وٺي وڃي پنهنجو باغ گهمايو. جڏهن پنهنجي باغ واري کوهه تي پهچو تڏهن ڪنهن اٽڪل سان چلو ان کوهه ۾ ڪيرائي ڇڏيو ۽ پوءِ ميان ٽڪي کي چئجو ته کوهه مان اهو چلو ڪڍي ڏي، نه ته ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندين، پوءِ نڪو ميان ٽڪو چلو ڪڍي سگهي، نڪي بچي!“ بادشاهه وزير جي ڳالهه ٻڌي کڻي چپ ڪئي.

ٻئي ڏينهن وزير، بادشاهه طرفان ميان ٽڪي کي دعوت ڏياري موڪلي. دعوت کائڻ کان پوءِ گهمندي گهمندي اچي باغ ۾ کوهه وٽ پهتا. اتي وزير يڪدم دانهن ڪري چيو ته ”بادشاهه سلامت! اوهان جيڪو چلو مون کي جهلڻ لاءِ ڏنو، سو کوهه ۾ ڪري پيو. هاڻي ته ميان ٽڪو اهو چلو ڪڍي سگهندو. باقي ٻئي جي جاءِ نه آهي.“ تڏهن بادشاهه لاچار ميان ٽڪي کي چلي ڪڍڻ لاءِ چيو. ميان ٽڪو سمجهي ويو ته وزير اچي منهنجي پٺيان پيو آهي، پر دل جي ڳالهه دل ۾ رکيائين ۽ بادشاهه کي چيائين ته ”حاضر سائين، سڀاڻي صبح جو اهو چلو مون کان وٺجو.“ وزير ڏنو ته نڪي ميان ٽڪو کوهه مان چلو ڪڍي سگهي ۽ نه وري بادشاهه وٽ پنهنجو قول پاڙي سگهندو، سو خوشيءَ ۾ بغل ٺوڪيندو وڃي پنهنجي محل ۾ آرامي ٿيو.

شام جو ميان ٽڪي جادوئي ڏونڪا ڪڍي ونئي جو زور سان وڄايا، تہ ديو ديو جي ذات اچي حاضر ٿي. هن انهن مان ٻن زور وارن ديون کي چونڊيو، کين سڄي حقيقت ٻڌائي. ديو تہ حڪم جا ٻڌا هئا، سي انهيءَ محل ئي وڃي ڪوهہ کي لڳا. هڪڙي ديو بيٺي بيٺي پاڻي پي ڪوهہ سڪائي ڇڏيو ۽ ٻئي پٽيندي چڪ کي، جيئن جو تيئن ڪڍي ٻاهر اڇلايو ۽ چلو ڪيڏي وڃي ميان ٽڪي کي ڏنائون. ٻئي ڏينهن ميان ٽڪي اهو چلو ڪڍي، پريءَ دربار ۾ آڻي بادشاهہ کي ڏنو. وزير تہ چلو ڏسي سڙي ويو پر ڪڍي في الحال چپ ڪيائين، ڇو جو ڪري بہ ڪجهہ نٿي سگهيو. گهڙي کن ڪان پوءِ باغ جي مالهي، بادشاهہ کي اچي فرياد ڏنو تہ "سائين! رات وچ ۾ باغ واري ڪوهہ جو پاڻي تہ سڪي ويو پر ڪنهن ان جو چڪ بہ ڪيڏي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو آهي." رات جو وري وزير، بادشاهہ کي چيو تہ "بادشاهہ سلامت! ميان ٽڪي کي چئو تہ تون اهڙو بهادر آهين، تہ اسان جي پلهوانن سان مقابلو ڪر. پوءِ ڪنهن ڪيڏ سان ڪيس ختم ڪرائي ميدان صاف ڪري ڇڏبو ۽ ٽيئي راڻيون پنهنجي قبضي ڪبيون." بادشاهہ بنا سوچ ويچار جي، ٽڪي کي گهرائي مقابلي لاءِ چيو. اتي ٽڪي کي پڪ ٿي، تہ هيءَ حرڪت سڀ وزير جي آهي، سو بادشاهہ سان مقابلي جو ڏينهن مقرر ڪري گهر آيو ۽ راڻين سان ساري حقيقت ڪيائين.

مقابلي واري ڏينهن ميان ٽڪي، ديو جي ڏونڪن کي ڪڍي زور سان وڄايو تہ ديو ديو جي ذات اچي حاضر ٿي ۽ ڪانئس گهرائڻ جو سبب پڇيائون. ٽڪي ساري حقيقت ٻڌائي کين چيو تہ "تاڙي وڄائڻ تي، بادشاهہ جي پهلوانن کي ختم ڪري، پڇاڙيءَ ۾ وزير جي سسي بادشاهہ جي روبرو لاهي، پوءِ پلي هليا وڃجو. آخر مقرر وقت تي ميان ٽڪو سهي سنيري گهوڙي تي سوار ٿي ميدان ۾ آيو. هن طرف بادشاهہ جا پهلوان بہ هٿيارن سان اچي ميدان ۾ بيٺا. ايتري ۾ بادشاهہ جو حڪم ٿيو ۽ پهلوانن ميان ٽڪي تي جلهہ ڪئي. هن فقط تاڙي وڄائي، تہ ديون جو ڪٽڪ اچي ميدان ۾ پيو ۽ سيني پهلوانن کي ختم ڪري ڇڏيائون، سڀ تماشائي وٺي ڀڳا. بادشاهہ ۽ وزير — جي پڻ هاٿين تي سوار ٿي مقابلو ڏسي رهيا هئا — سي بہ ديون جي دهشت جهلي نہ

سگهيا ۽ هاٿين کي پوئتي موٽائي پڇڻ لڳا. ايتري ۾ هڪڙي ديو اچي وزير کي ڪنڌ کان جهليو ۽ بادشاهه جي اڳيان سندس سسي مروڙي هليو ويو.

پوءِ ڏينهن تي بادشاهه، ميان ٽڪي کي باعزت گهرائي پنهنجي وڏور ڌيءَ سان شادي ڪرائي، ڪيس پنهنجو وزير مقرر ڪيو. ان کان پوءِ ٽڪو وزير پنهنجي چئني راڻين سان، باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش ۽ آرام سان گذارڻ لڳو.

شادي ڪنهن سان ٿيڻ گهرجي؟

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن جو وزير ڏاڍو هوشيار ۽ عقلمند هو. وزير کي ٽي پٽ هئا، پر انهن کي نه ڪا تعليم ڏياريائين ۽ نه وري ڪو هنر ئي سيکاريائين. آخر جڏهن اهي جوان ٿيا، تڏهن ٽنهي ڀائرن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي ته "پاڻ کي بابي نه ڪي پڙهايو ۽ نه ڪي هنر سيکاريو جو پاڻ ٻين جي محتاجي کان ڇٽي پنهنجي پيٽ گذران ڪرڻ جھڙا ٿيون. سو هاڻي به ڪا مهل ڪا نه ويئي آهي، ڇو نه ڪٿي هلي ڪو علم پرائجي، ۽ هنر سکجي؟" اهو فيصلو ڪري ٽيئي ڄڻا گڏجي، علم ۽ هنر سکڻ لاءِ گهران روانا ٿيا.

هلندي هلندي هڪڙي بادشاهي ڇڏي ٻيءَ ۾ اچي پهتا، پر اتي به ڪو چاڙهو نه ڏسي، وري پنڌ پيا ۽ ٽينءَ بادشاهيءَ ۾ اچي پهتا. اتي هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڦرندي ڪين هڪڙو واڍو ڏسڻ ۾ آيو جنهن هڪڙي عجيب نموني جي ٻيڙي پئي تيار ڪئي. سو ويهي ڪجھه وقت هن جو هنر ڏٺائون. واڍي جو هنر ڏسي خيال ڪيائون ته جي هي هنر نه سکياسين ته ڇڻ ڪجھه به نه ڪيوسين. تنهنڪري هن کي چيائون ته "ٻلائي ڪري اسان جي هن ننڍي ڀاءُ کي اهو هنر سيکار." واڍي چيو ته "ادا! جي سکندو ته آءٌ بيشڪ سيکاريندوسانس، مون وٽ اڄ تائين ته ڪو به هنر سکڻ جو ڪوڏيو ڪو نه آيو آهي، پر جي ڪو دل سان ويهي منهنجو شاگرد ٿيندو ته اهو ڪم ۾ پاڻ مون کان به ٻه رتيون وڌيڪ هوشيار ٿي نڪرندو." قصو ڪوتاهه ننڍي ڀاءُ کي اتي واڍي وٽ هنر سکڻ لاءِ ڇڏي، باقي ٻه ڀائر اتان روانا ٿيا ۽ وڃي چوٿين بادشاهيءَ ۾ نڪتا.

گهمندي گهمندي هڪڙي هنڌ اچي ڏسن ته هڪڙو ماڻهو بندوق وٺيو ناهي، جيڪا اهڙي آهي جو هڪڙي ئي ڌڪ سان ڇهني طرفن ڏي نشان پئي ڇٽي. اتي ٻئي وزيرزادا ويهي هن جي ڪاريگريءَ کي ڏسڻ لڳا، ۽ چيائونس ته "ٻيلي، واهه جي ڪاريگري ڪئي اٿئي! اهڙو هنر نه

هوند اسان کي سيکارين؟“ ڪاريگر چين ته ”ڀيلي، جيڪو پاڻ دليئون خواهشمند هوندو تنهن کي چو کين سيکاريندس، پر اهو ياد رکو ته جيڪو مون کان هيءُ هنر سکندو سو مون کان ٻه ڀه رتيون ڪثر تيندو.“ اهو ٻڌي وڏي ڀاءُ چيس ته ”ادا! پوءِ هن منهنجي ڀاءُ کي اهو هنر سيکاري اهڙو قابل ڪر.“ ڪاريگر هائوڪار ڪئي ۽ پوءِ هڪڙو ڀاءُ اتي رهيو. باقي ٻچيو وڏو ڀاءُ جو وري به اتان روانو ٿيو.

پنڌ ڪندي ڪندي اچي پنجينءَ بادشاهيءَ ۾ پهتو. اتي هڪڙي هنڌ ڏسي ته هڪڙو نجومي ويٺو آهي، جو ماڻهن کي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪي ٿئي پيو سو ويٺو ٻڌائي. هن خيال ڪيو ته جيڪر اهو علم سکان. سو نجوميءَ کي وڃي چيائين ته ”سائين! ڀلائي ڪري اهو علم سيکارينم. نجوميءَ ڇوڪري جي دل ڏسي پاڻ وٽ رهايو ۽ کيس علم سيکارڻ لڳو.

ائين هي ٽيئي ڀائر پنهنجي پنهنجي استادن وٽ رهي علم ۽ هنر سکندا رهيا. ڪجهه سالن کان پوءِ سکي پڙ ٿيا، تڏهن پنهنجي استادن کان موڪلائي، هر هڪ ڀاءُ سکيل هنر مان ناهيل شيون کڻي روانا ٿيا. ننڍي ڀاءُ ٻيڙي ناهي، وچين ڀاءُ بندوق ڪنئي، وڏو وزي نجوميت جا ڪتاب کڻي روانو ٿيو. تورن ڏينهن کان پوءِ اچي پنهنجي ڳوٺ پهتا. پيءُ کي اچي ٻڌاياڻون ته ”اسين خير سان ڪجهه هنر ۽ علم سکي آيا آهيون.“ وزير پڇين ته ”ڪهڙو هنر سکي آيا آهيو؟“ تڏهن هڪڙي چيو ”آءُ اهڙي ٻيڙي ناهي سگهان ٿو جا ست ئي سمنڊ پار ڪري ويندي، پر جي پڇي پوي ته ان کي وري اهڙيءَ طرح درست ڪري سگهان ٿو جو ڪنهن کي به پتو پئجي نه سگهندو ته ڪٿان ڀڳل آهي. تنهن کان سواءِ ڪا به ڀڳل شيءِ مونکي ڏيو ته اها به اهڙيءَ طرح جوڙي سگهان ٿو جو ڪو به پرک نه ڪري سگهندو.“ وري ٻئي ڄڻي چيو ته ”آءُ اهڙي بندوق تيار ڪري سگهان ٿو جا هڪڙي ئي ڌڪ سان چئني طرفن نشان چٽي سگهي ٿي ۽ ان جو ڌڪ خالي نه وڃي.“ ٽئين چيو ته ”آءُ نجوميت جو علم سکي آيو آهيان، ان جي وسيلي زمين ۽ آسمان تي جيڪي ڪجهه ٿئي پيو ۽ هن کان پوءِ جيڪي ٿيندو ان جي سڀ خبر پئجي سگهي ٿي.“ اهو ٻڌي وزير چين ”چڱو آءُ انهيءَ جو

آزمودو وٺندس ته اوهين برابر ڪجهه سگهي به آيا آهيو يا اجايون ڏاڙون پيا هڻو."

پرسان هڪڙو وڻ هو ان ۾ ڪنهن پکيءَ جو آکيرو هو. اهو ڏسي وزير پهرين وڏي پٽ نجوميءَ کان پڇيو "پلا خبر ڏي ته هن آکيري ۾ ڪيترا آنا آهن؟" هن ٿوريءَ دير ۾ حساب ڪري ٻڌايس ته "هن آکيري ۾ چار آنا آهن." مٿي چڙهي وڃي ڏسن ته برابر چار آنا پيا آهن.اهي هيٺ لاهي، ميز جي چئن ڪنڊن تي رکي، بندوق واري پٽ کي چيائين ته "هاڻي هڪڙي ڌڪ سان چارئي آنا نشان ڪري ڏي." هن بندوق پري نڪاءِ ڪرائي ته هڪڙي ئي ڌڪ سان چارئي ڀڃي پيا. تڏهن ٻيڙيءَ ٺاهڻ واري ننڍي پٽ کي چيائين ته "هاڻي تون وري اهي چارئي اڳئين وانگر ڳنڍي تيار ڪري ڏي." تڏهن هن وري سيئي ڳنڍي تيار ڪيا، جي بلڪل اڳي وانگر ٺهي پيا ۽ وري آکيري ۾ رکي ڇڏيائون. وزير جڏهن پنهنجي ٽنهي پٽن جو اهو آزمودو ورتو تڏهن هنن جي هنر ۽ علم کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

اتفاق سان هڪڙي ڏينهن اتي جي بادشاهه جي وڏهر ڌيءَ جنهن جي حسن جي هاڪ هنڌين ماڳين پکڙيل هئي، سا اوچتو ئي اوچتو محلات مان گم ٿي ويئي. ڪيتري ڳولا بعد به ان جو پتو پئجي نه سگهيو. بادشاهه لاچار ٿي پڙهو گهمايو ته "جيڪو به شخص شهزاديءَ کي هٿ ڪري ايندو يا سندس نشان پتو ٻڌائيندو. تنهن جي شادي شهزاديءَ سان ڪرائي، ڪيس اڌ راڄ ۽ پاڳ جو وارث ڪندس." اهو پڙهو هنن ٽنهي ڀائرن به ٻڌو پوءِ نجوميءَ کي چيائون ته "تون نجوم هڻي ٻڌاءِ ته شهزادي ڪٿي آهي؟" نجوميءَ ڀائرن جي چوڻ تي حساب ڪتاب ٺاهي ٻڌايو ته "شهزاديءَ کي هڪڙو ديو کڻي ويو آهي، جو سٽين سمنڊ جي وچ ۾ هڪڙي ٻيٽ تي رهي ٿو." تڏهن ٻيڙيءَ واري ڀاءُ کي چيائون ته "تون ڪا اهڙي ٻيڙي تيار ڪري وٺ، جو جلدي هلي انهيءَ ٻيٽ تي پهچون"، آخر هن ٻيڙي تيار ڪئي جنهن ۾ چڙهي هي ٽيئي ڀائر روانا ٿيا، ۽ اچي خير سان انهيءَ ٻيٽ تي پهتا.

ٻيٽ تي لهي شهزاديءَ جي ڳولا ڪندي ڪين پري کان هڪڙو محلات ڏسڻ ۾ آيو وڏي اچي محلات کي ويجها ٿيا. اندر گهڙي ڏسن ته

شهزادي هڪڙي پلنگ تي ويٺي آهي پر ديو آهي ئي ڪونہ. هو ڏينهن جو ٻاهر نڪري ويندو هو ۽ رات جو موٽي ايندو هو. شهزاديءَ جو هنن کي ڏٺو سو عجب ۾ پئجي ويئي ۽ خيال ڪيائين تہ ويجهڙائيءَ ۾ ديو ڪو ماڻهو جيئرو ڇڏيو ئي ڪو نہ آهي. هي الاجي ڪيئن ۽ ڪٿان آيا آهن، ضرور هي ويچارا بہ ائين مارجي ويندا! جو هنن کان پڇيائين "اوهين ڪير آهيو ۽ هتي ڪيئن آيا آهيو؟" هنن جواب ڏنو تہ "اسين تنهنجي ملڪ جي وڏي وزير جا پٽ آهيون ۽ توکي ديو جي قيد مان ڇڏائڻ لاءِ آيا آهيون." شهزادي پنهنجي ماڻهن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، پر پوءِ افسوس سان چيائين تہ "شام جو ديو آيو تہ اوهان کي پڪ ماري ڇڏيندو، سو مونکي ڪيئن وٺي هلندا؟" تنهن تي ٽنهي ڀائرن چيس تہ "شام تائين اسين ترسون ڇو ٿا؟ تون هينئراتي تيار ٿيءُ تہ هلون. ٻيڙي درياءَ تي تيار بيٺي آهي. رڳو ان ۾ چڙهڻ جي دير آهي، هوا وانگر اڏامندا هلي ڳوٺ پهچنداسين. ان وچ ۾ جي ديو اچي نڪتو تہ پڪ ڄاڻجو تہ اسان کان سئين لڱين ڪو نہ بچندو." شهزاديءَ جڏهن هنن ٽنهي جوانن جو اهڙيون فلڪ واريون خبرون ٻڌيون، تڏهن همت ڪري يڪدم اٿي ۽ سنيري تيار ٿي. هنن سان گڏجي محلات مان نڪتي. ٿوري وقت اندر اچي ٻيڙي تي سوار ٿيا ۽ هڪدم ٻيڙي ڪٺي ڇوڙيائون.

اچا هنن جي ٻيڙي رواني مس ٿي تہ پٺيان ديو بہ موٽي آيو. محلات ۾ تہ ڪاريءَ وارا ڪک ڏسي ٻاهہ ٿي ويو. يڪدم "آدم بوءِ، آدم بوءِ" ڪندو ڏسي هنن جي پيرن جي نشان تي پٺيان ڪاهي پيو. ڳچ پنڌ ڪانپوءِ اچي ويجهو پيس. شهزاديءَ جو ديو کي پريان ايندو ڏٺو سو ساهہ ئي سڪي ويس ۽ هنن کي چوڻ لڳي تہ "هاڻي خير ڪونهي سڀئي مارجي وينداسين." پر هنن کيس دلداري ڏني تہ "شهزادي! تون ڪو بہ خيال نہ ڪر، ڀلي ديو ويجهو اچي پوءِ ويٺي تماشو ڏس." ايتري ۾ ديو بہ اچي ويجهو پهتن. تڏهن بندوق واري جوان کي ڀائرن چيو تہ "هاڻي وارو ڪر". هن هڪدم بندوق تيار ڪري نشان چٽيو نشان تہ گسڻ جو هو ئي ڪونہ. جو اچي ديو جي مغز ۾ لڳو ۽ هو ڏڙام ڪري جيڏي جو تيڏو وچي پاڻيءَ ۾ ڪريو. اهو ڏسي شهزاديءَ کي پيٽ ۾

ساهه پيو ۽ هنن جي بهادريءَ جي واکاڻ ڪرڻ لڳي. ڪجهه وقت بعد سيئي سلامتيءَ سان اچي ڪناري تي پهتا ۽ جلدي اتان روانا ٿي اچي پنهنجي ڳوٺ پيڙا ٿيا. شهر ۾ اڳواٽ خبر پئجي ويئي ته ٽيئي ڀائر شهزاديءَ کي وٺيو پيا اچن. شهر جا ماڻهو ۽ بادشاهه اڳيرو وڌي آيا ۽ هنن کي خوشي سان ملي پاڻ سان گڏ شهر ۾ وٺي هليا.

ڪجهه ڏينهن جي خوشيءَ بعد بادشاهه هنن ٽنهي ڀائرن کي سڏايو ۽ چيائين ته "آءٌ شهزاديءَ جو سڱ ۽ بادشاهي جو اڌ. انجام موجب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." اهو ٻڌي هنن ٽنهي ڀائرن ۾ اچي ڇڪتاڻ ٿي، سيڪو پيو چوي ته "شهزاديءَ جو حقدار آءٌ آهيان." بادشاهه خود به سندن اها حالت ڏسي منجهي پيو ته "هاڻي ڇا ڪريان ۽ شهزاديءَ جو سڱ ڪنهن کي ڏيان!" اچا تائين هو ڪو به فيصلو ڪري ڪو نه سگهيو. هاڻي اوهين ڪٿي ٻڌايو ته شهزاديءَ جي شادي ٽنهي سان ڪنهن سان ٿيڻ گهرجي ۽ ڪنهن جي هنر جو انصاف ڪرڻ گهرجي.

باب پنجون

سوداگرن جون ڪهاڻيون

سوداگرزادو ۽ چنيھ لڪٽي ڇوڪري

هڪڙو هو سوداگر، جنهن وٽ مال متاع جي تہ ڪمي ڪا نہ هئي، پر خدا جي قدرت ڪيس اولاد بچندو ئي ڪونہ هو. سوداگر ويچارو انهيءَ پريشانيءَ ۾ ويندو هو ڳرندو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن درويش دعا ڪري چيس تہ ”توڪي پٽ ڄمندو پر ان جي شادي ننڍي هوندي ئي ڪنهن چنيھ لڪٽي ڇوڪريءَ سان ڪري ڇڏيندين، تہ پوءِ اولاد بچي پوندئي.“

ٿوري گهڻي ڏينهن سوداگر کي هڪڙو سدا سهڻو پٽڙو ڄائو. هن فقير جي چوڻ موجب ، پٽ جي شاديءَ لاءِ هڪڙي چنيھ لڪٽي ڇوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪئي. ڳولا ڪندي ڪندي هڪڙي ڏينهن، سوداگر اچي ڪنهن شهر ۾ پهتو. شهر جي ٻاهران ڪيترن ئي ٻارن راند پئي ڪئي، جن ۾ هڪڙي ننڍڙي سهڻي ڇوڪري بہ هئي، جا هن کي ڏاڍي وڻي. سوداگر پوءِ شهر ۾ هڪڙي جوتشيءَ وٽ ويو ۽ ان کي چيائين تہ ”انهيءَ ڇوڪريءَ جو ڀاڳ ٻڌاءِ.“ جوتشيءَ ڏارو هڻي حساب ڪري، سوداگر کي ٻڌايو تہ ”برابر اها ڇوڪري بخت واري آهي.“ اهو ٻڌي سوداگر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڇوڪريءَ جي مائٽن کان پنهنجي پٽ لاءِ سڱ گهريائين. ڇوڪريءَ جا مائٽ ويچارا غريب هئا، تن خوشيءَ سان ڪيس سڱ ڏيڻ قبول ڪيو. آخر سوداگر هنن ٻنهي معصومن جو نڪاح پڙهائي ڇڏيو.

سوداگرزادو اڃ ننڍو سيان وڏو تان جو اچي جوان ٿيو. هڪڙي

ڏينهن هن ماءُ کي چيو تہ ”امان! هاڻي آءٌ وڏو ٿيو آهيان. منهنجي شادي ڪراءِ!“ ماڻس اها ڳالهہ سوداگر سان ڪئي. جنهن چيس تہ ”ڇوڪرو ڀلي تہ اجان وڏو ٿئي، تہ پوءِ شادي ڪرايانس.“ پر سوداگرزادي کي سڪ ئي ڪونہ ٿي آيو. سو هر روز پيو ماءُ پيءُ کي چوندو هو. نيٺ هڪڙي ڏينهن پڻس ڪڪ ٿي چيس تہ ”ابا! تنهنجي شادي تہ ننڍي هوندي ئي ڪرائي ڇڏي اٿم. تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. جڏهن وقت ايندو، تڏهن تنهنجيءَ ڪنوار کي گهر وٺي ايندا سون.“ ڇوڪري جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو پيءُ کان پڇيائين تہ ”جيڪڏهن منهنجي شادي ٿيل آهي، تہ پوءِ منهنجي زال ڪٿي آهي؟“ سوداگر چيس تہ ”تنهنجي زال فلاڻي شهر ۾ فلاڻي شخص جي نياڻي آهي.“ تڏهن سوداگرزادي چيس تہ ”جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ اوهين هلويا نہ. پر آءٌ وڃان ٿو پنهنجيءَ زال وٽ.“ پوءِ هو اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. ماڻس گهڻو ئي سمجهايس تہ ”ابا! اجائي تڪڙ نہ ڪر!“ پر هن هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ اٿي ان شهر ڏانهن روانو ٿيو. ان شهر ۾ پهچي، هو پنهنجي ساهراڻي گهر ويو ۽ پنهنجي زال کي ڏٺائين. ڪجهہ ڏينهن اتي آرام ڪيائين، پر پوءِ ساهرن کان موڪلائي، پنهنجيءَ زال کي وٺي وطن ڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي هنن کي هڪڙي جهنگ ۾ رات پئجي ويئي. هي زال مڙس بہ ڏاڍا ٿڪل هئا، سو هڪڙي وڻ جي هيٺان وڃي ويهي رهيا. مڙس، زال کي چيو تہ ”آءٌ ٿورو وقت ننڊ ڪري ٿڪ ٿو ڀڃان، تون ويهي جاڳ، تہ پوءِ وري آءٌ اٿي پهرو ڏيندس ۽ تون آرام ڪجانءِ.“ سوداگرزادو ائين چئي، زال جي گوڏي تي ڪنڌ رکي سمهي رهيو. جنهن وڻ جي هيٺيان هي زال مڙس ويٺل هئا، ان تي ڪي پکي بہ ويٺا هئا. جن پنهنجي ٻوليءَ ۾ سوداگر جي زال کي چيو تہ ”اي مائي! هتان ڪجهہ پريرو هڪ درياءَ اٿئي، ان ۾ هڪ لاش لڙهندو پيو اچي. تون ان لاش جي چيچ مان منڊي لاهي، اچي هن وڻ جي پاڙ کي هڻ تہ هن ۾ هڪڙي دري ٿي پوندي، جنهن جي اندر ستن بادشاهين جو خزانو پوريل آهي.“ زال پکين جي ڳالهہ ٻڌي، مڙس جو ڪنڌ آهستي آهستي ڪري گوڏي تان لاهي، اٿي درياءَ ڏانهن رواني ٿي. پٺيان اتفاق سان سوداگرزادو بہ جاڳي پيو. تنهن جو زال کي ويندو ڏٺو سو يڪدم اٿي هن جي پٺ ورتائين.

سوداگرزادي جي زال جڏهن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتي، تڏهن ڏسي ته برابر هڪڙو لاش لڙهندو اچي. جڏهن اهو لاش ويجهو آيو تڏهن پاڻيءَ ۾ گهڙي ان کي ٻاهر ڪڍيائين. پوءِ ان جي چيچ مان منڊي لاهڻ لڳي.

پر منڊي چيچ ۾ سوگهي ڦاٿل هئي، تنهنڪري اچان چڪ وجهي ٿي لاٿائين ته ايتري ۾ سوداگرزادو به اچي ويجهو پهتس. سوداگرزادي جو ڏٺو ته هيءَ لاش کي پيئي چڪ وجهي، سو پڪ ٿيس ته هيءَ ڪا ڏائڻ آهي؛ تڏهن مٿيون پيڙي وٺي پوئين پيرين ڀڳو ۽ سڌو وڃي گهر ساهه پٽيائين.

سوداگرزادي جي زال جڏهن منڊي لاهي واپس آئي، تڏهن ڏسي ته مڙسس آهيئي ڪونه! اتي هن ويچاريءَ کي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پيئي؛ پر پوءِ خيال آيس ته شايد مون کي هتي نه ڏسي، منهنجي پٺيان ويو هوندو سو اجهو ٿو موٽي اچي. پوءِ هن اها منڊي ڪٽي وڻ جي ٿڙ کي لاتي، ته اتي هڪ دري کلي پيئي، جنهن مان اندر جهاتي پائي ڏسي ته واقعي ستن بادشاهين جو خزانو اندر پيو هو. هيءَ هيترو مال متاع ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ دل ۾ چيائين ته "مڙس اچي ته پوءِ گڏجي هي خزانو ڪڍون"؛ پر صبح تائين مڙس جو پتو ئي ڪونه پيو. مائيءَ مڙس جو گهر به ڪو نه ڏٺو هو. سا لاچار موٽي اچي پنهنجي مائٽن ۾ رهڻ لڳي.

هوڏانهن سوداگرزادي کان جڏهن مائٽس پڻس خبر چار پڇي، تڏهن ٻڌايائين ته "منهنجي زال ڏائڻ آهي ۽ هوءَ مون کي به کائي ڪپائي ڇڏيندي؛ ان ڪري آءٌ ڪڏهن به پنهنجي گهر ڪونه آڻيندوسانس." مائٽن ڪانئس انڪار جو سبب پڇيو پر هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ۽ چيائين ته "مون کي سامان جو غوراب ڀرائي ڏيو ته آءٌ واپار به ڪري اچان ۽ ٻيءَ ولايت مان شادي به ڪري اچان." سوداگر گهڻو ئي سمجهايس، پر سوداگرزادو پنهنجي ضد تان نه لٿو. آخرڪار سامان جا غوراب ڀرائي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوداگر خيال ڪيو ته ڇونه روبرو وڃي پنهنجي نُنهن جي خبر چار وٺي اچي! اهو خيال ڪري هي سڌو آيو پنهنجي نُنهن وٽ، جنهن کيس سچي ڳالهه ٻڌائي. پوءِ سوداگر نُنهن کي

دلاسو ڏيئي، وڻي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن ان وڻ وٽ پهتا، تڏهن سوداگرزادي جي زال، وڻ جي دري کولي، سُهري کي خزانو ڏيکاريو. سوداگر جو ايتري ساري دولت ڏٺي، سو خوشيءَ ۾ ئي نہ پيو ماپي! نيٺ ڪجهہ قيمتي هيرا جواهر ڪٺي، دري بند ڪري، وري اٿي پنڌ پيا ۽ اچي پنهنجي گهر پهتا.

سوداگرزادي جي زال جڏهن گهر ۾ پنهنجي مڙس کي نہ ڏٺو تڏهن سس کان پڇيائين، جنهن چيس تہ "امڙ! مڙسهين ٻاهر ويو آهي، ۽ ٿورن ڏينهن ۾ واپس اچي ويندو." پر جڏهن گهڻو وقت گذري ويو ۽ سوداگرزادو بہ واپس نہ وريو تڏهن سندس زال کي هيڪاري ڳڻتي ٿي پيئي. آخر هن کي ڪڙڪ پئجي ويئي تہ هو ٻيءَ زال پرڻجڻ لاءِ ٻيءَ ولايت ويو آهي. اهو ٻڌي هن ويچاريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. سوداگر کي چيائين تہ "مون کي بہ سامان جو غوراب پري ڏيو تہ آءٌ بہ واپار ڪري اچان." هن ننهن کي بہ گهڻو ئي سمجهايو پر جڏهن هوءَ بہ هوڏ تان نہ لٿي، تڏهن لاچار هن کي بہ سامان سان غوراب پرائي ڏنائين. هوءَ مردانو ويس ڪري اٿي سفر تي رواني ٿي.

سوداگرزادي جي زال منزلون هڻندي، واپار ڪندي هڪڙي ڏينهن ڪنهن بندر تي اچي لنگر هنيو. جڏهن غوراب مان لهي هيٺ ڪناري تي آئي، تڏهن ان شهرجي راڻيءَ جا ماڻهو چوڏاري ڦري ويس، ۽ چيائونس تہ "راڻيءَ جو حڪم آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو هن شهر ۾ اچي، سامان سميت مون وٽ وٺي اچوس تہ پهريائين مون سان چوپڙ راند ڪري، پوءِ جي هو مون کان کٽي ويو تہ آءٌ ان سان شادي ڪنديس، ۽ جي هاريائين تہ ان جو سمورو مال ملڪيت منهنجي حوالي ٿيندو تنهنڪري اي سوداگر! پهريائين هلي راڻيءَ سان راند ڪر! "اهو ٻڌي هوءَ پهرين تہ ڏاڍي حيران ٿي، پر پوءِ ٿورو ويچار ڪري، انهن کي چيائين تہ "حاضر! آءٌ اوهان جي راڻيءَ سان راند ڪندس، پر اڄ ڏاڍي ٿڪل آهيان، تنهنڪري اڄ مون کي معافي ملي، باقي سڀاڻي اول خير ضرور هلندس."

خير، راڻيءَ جا ماڻهو اهو جواب ٻڌي هليا ويا. پر هن ويچاريءَ کي اچي هورا کورا ٿي تہ آخر اصل ڳالهہ ڇا آهي، ۽ ڪهڙو سبب آهي جو

راڻيءَ اهي شرط رکيا آهن. تنهنڪري هن ڇا ڪيو جو ٿا مونا هٽي وڃي راڻيءَ جي هڪ خاص ٻانهيءَ کي هٿ ڪيائين، ۽ ان کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي، اهو راز معلوم ڪيائين. ٻانهيءَ ٻڌايس ته ”دراصل راڻي راند ۾ ڪا ايتري چالاڪ ڪانهي، پر جڏهن هوءَ پنهنجي راند وڃندي ڏسندي آهي، تڏهن يڪدم پنهنجيءَ سٿر تان ڪپڙو هٽائي ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري راند ڪندڙ جو سڄو خيال ان طرف هليو ويندو آهي، انهيءَ وچ ۾ راڻي پنهنجون بگڙيل ڳوٽون سڌيون ڪري ڇڏيندي آهي، اهڙيءَ طرح راڻي راند کٽي ويندي آهي.“ سوداگرزاديءَ جي زال اهو راز دل ۾ رکيو. ٻئي ڏينهن جڏهن راڻيءَ جا ماڻهو آيا، تڏهن هيءَ مردانو لباس ڪري، ڏاڍو سهڻو جوان بنجي، اچي راڻيءَ وٽ حاضر ٿي.

راڻيءَ جو ههڙي سهڻي جوان کي ڏٺو سا ٿس اکن ڇڪن تي پيئي ۽ دل ئي نه پيئي چويس ته ڪو ههڙي ملوڪ مرد سان ٺڳي ڪري. پر جيئن ته هوءَ به پنهنجي قول کان مجبور هئي، تنهنڪري ويهي راند کرڻ لڳي. سوداگرزادي جي زال انهيءَ راند ۾ تورو هوشيار هئي، تنهنڪري هن ڳوٽن منجهان اک ئي نه ڪڍي، جو راڻيءَ کي ڳوٽن کي بدلائڻ جو موقعو ملي، انهيءَ ڪري ٿوريءَ دير ۾ هوءَ راڻيءَ کان راند کٽي ويئي. انهيءَ تي راڻي ڏاڍي پشيمان ٿي ۽ پنهنجي ڪيل قول مطابق يڪدم هن جي اڳيان اٿي، هٿ ٻڌي بيهي رهي ۽ چوڻ لڳي ”اي سوداگر! هاڻي هيءَ سڄي بادشاهي به تنهنجي ۽ آءٌ به تنهنجي آهيان ...... جيئن کپي تيئن ڪر.“ سوداگرزادي جي زال چيس ته ”اهي ڳالهيون پوءِ ٿينديون، پهريائين مون کي اِهو ٻڌاءِ ته جيڪي ٻيا سوداگر ۽ شهزادا تو ڦري فقير ڪيا آهن، سي ڪٿي آهن؟“ تڏهن راڻيءَ چيس ته ”اهي سڀ هن شهر ۾ آهن ۽ محنت مزوري ڪري پيا پيٽ گذر ڪن.“ اهو ٻڌي، هوءَ راڻيءَ سان ٻئي ڏينهن ملڻ جو انجام ڪري هلي ويئي.

سوداگرزادي کي پڪ ٿي ته سندس مڙس به هن راڻيءَ وٽ ڦرجي فقير ٿيو هوندو ۽ هن ئي شهر ۾ ڪٿي هوندو. تنهنڪري هوءَ مڙس کي ڳولڻ لاءِ شهر جي گهٽي گهٽي ڪري گهمڻ لڳي. آخر پڇائيندي پڇائيندي هڪڙي ناناڪي دڪان وٽان اچي لانگهائو ٿي. اندر دڪان ۾ کٽي جو نهاري ته سندس مڙس سوداگرزادو ميرن ۾ ڦاٿلن

ڪپڙن ۾ بينو لوھ ڪٽي. مڙس جي اھا حالت ڏسي، ھن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پوءِ ماٺ ميٺ ۾ ھن کي ناناري کان خريد ڪري، پاڻ سان گڏ محلات ۾ وٺي آئي. کيس يڪدم عطر عنبير سان تڙ ڪرائي، نوان ويس وڳا پھرائي، اڳي جھڙو اڇو اجرو بڻايائين. سوداگرزادو جڏھن تيار ٿي اچي ويٺو تڏھن کانئس خبرون چارون پڇڻ لڳي، جنھن ھن کي سموري ڳالھ ڪري ٻڌائي. اِھا ڳالھ ٻڌي ھن پنھنجي مڙس کي جنھن اڃان کيس ڪو نه سڃاتو ھو چيو ته ”تون ڪو به فڪر نه ڪر، آءٌ تنھنجي شادي ھتي جي راڻيءَ سان ٿو ڪرايان.“ پوءِ راڻيءَ کي گھرائي، حڪم ڪيائين ته ”تون ھن سوداگرزادي سان شادي ڪر.“ راڻي ڪو به انڪار نه ڪري سگھي، ۽ ٻئي ڏينھن سوداگرزادي ۽ راڻيءَ جي شادي ٿي.

شاديءَ ٿيڻ کان ڪجھ ڏينھن پوءِ، سوداگرزادي جي زال، پنھنجي مڙس کي پنھنجو اڳوڻو سڀ مال متاع واپس ڏياريو ۽ پنھنجي طرفان به گھڻو مال خزانو ڏيئي، راڻيءَ سميت کيس ٻيڙيءَ ۾ چاڙھي، پنھنجي وطن ڏانھن روانو ڪيو ۽ پاڻ راڄ ھلائڻ جي بھاني سان، اتي ئي رھي پيئي. پوءِ جڏھن ھن کي پڪ ٿي ته سوداگرزادو وڃي پنھنجي وطن پھتو ھوندو، تڏھن ھيءَ به بادشاھيءَ جون واڳون وزيرن جي حوالي ڪري، وطن ڏانھن رواني ٿي.

ھوڏانھن جڏھن سوداگرزادو اچي ماءُ ۽ پيءُ وٽ پھتو تڏھن پيءُ کي ڏاڍي آڪڙ مان چيائين: بابا! تو به مون کي زال پرڻائي ھئي، پر منھنجي ھيءَ زال به ڏس، راڻي آھي راڻي! ائين چئي پوءِ ھن ٻيون به ڪيتريون ئي ٻٽاڪون سٽاڪون ھڻي، پنھنجي واکاڻ پاڻ ڪئي. سوداگر، پٽ جون اِھي ڳالھيون ٻڌي ۽ مال ملڪيت ڏسي، ھن جي ڪارنامن تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وڏي ڏام ڏوم سان ھڪ وڏي محفل ڪيائين. ان محفل ۾ شھر جا وڏا وڏا ماڻھو آيا، جي سوداگرزادي جون ڳالھيون ٻڌي سندس واکاڻ ڪرڻ لڳا.

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ، سوداگرزادي جي پھرين زال به اچي ان شھر ۾ پھتي، ۽ ڪيتريون ئي سوکڙيون پاکڙيون ڪٺي آٽي سھري کي ڏنائين. سوداگر جو پنھنجيءَ نُنھن کي ڏٺو سو ويتر خوش ٿيو ۽ چيائين

تہ ””امان! تنهنجو مڙس بہ اچي ويو آهي، پر ٻي زال پرڻجي آيو آهي.“ انهيءَ تي هن چيس تہ ”جيڪڏهن هو ٻي زال پرڻجي آيو آهي، تہ چڱو ٿيو پر اوهين مهرباني ڪري هن کي مون ڏانهن موڪليو ڇو تہ آخر آءٌ بہ سندس زال آهيان!“ سوداگر وڃي پٽ کي چيو هن بنهہ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ ”ڇا بہ ٿي پوي، پر آءٌ ان ڏائڻ وٽ ڪونہ هلندس.“ اهو ٻڌي هن ويچاري، ننهن کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي. اتي سوداگرزادي جي زال ڪان ڪل نڪري ويئي، چيائين تہ ”جيڪڏهن ائين نٿو اچي، تہ آءٌ مردانو ويس ڍڪي ٿي ويهان ۽ توهين وڃي چئوس تہ تنهنجو فلاڻو ڪي فلاڻو دوست ملڻ آيو آهي.“ سوداگرزادي کي جڏهن اهو نياپو پهتو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ محل ئي هن وٽ آيو. پوءِ زال کي دوست سمجهي، هن سان ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳو. ڳالهين مٿان ڳالهيون پئي نڪتيون، سوداگرزادو انهيءَ وچ ۾ الاجي ڪهڙا ڪوڙ ٻَدوڙ ۽ ٻڌاڪون سٺاڪون هڻي وڃي پار پيو. ايتري قدر جو ائين بہ چيائين تہ ”ڪيترن ئي بادشاهن منهنجي ساراهہ ٻڌي، مون کي سڳ ڏيڻ لاءِ منٿون ڪيون، پر مون ڪنهن کي بہ منهن ڪونہ ڏنو. آخر پنهنجي منهن وڃي هڪڙي وڏي بادشاهہ جي ڌيءَ سان شادي ڪري آيو آهيان!“ اتي زال ڪان بہ رهيو نہ ٿيو سو سوداگرزادي کي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين، ۽ اهي ڪپڙا جيڪي ٿاٿارڪي دڪان تي پهريل هئس، سي بہ ڪڍي ڏيکاريائينس. اِها حقيقت ٻڌي ۽ پنهنجا ڪپڙا ڏسي، سوداگرزادي شرم کان ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو. سوداگرزادي جي پيءُ جڏهن هي قصو ٻڌو، تڏهن عجب ۾ پئجي ويو ۽ پٽ کي چيائين تہ ”پٽ! هيءَ اٿئي منهنجي اڳوٽي ننهن، جنهن توکي هيترين مصيبتن مان بچايو ۽ خير سلامتيءَ سان هتي پهچايو نہ تہ مورڳو سر ويئي ها. “اتي سوداگرزادو ويتر شرمسار ٿيو ۽ زال کان اتي معافي وٺڻ لڳو.

پوءِ هڪڙي ڪي ڏينهن تہ هنن جا ائين خوشيءَ سان گذري ويا. پوءِ هڪڙي ڏينهن سوداگرزادي جي زال، مڙس ۽ سهري کي ساڻ ڪري، وڻ جي ٽڙ ۾ پيل خزانو ڪڍي آئي، ۽ پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍين مزن ۾ گذارڻ لڳا.

جاڳڻ ڪم جوان جو

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو جنهن جو پري پري تائين واپار هلندو هو. ان سوداگر وٽ اولاد سان گڏ دولت جي ڪمي ڪا نه هئي. سندس وڏا پٽ ڪانئس جدا، پنهنجي سر پيا واپار ڪندا هئا. رڳو هڪڙو ننڍو پٽ هو جيڪو هن سان گڏ رهندو هو. جڏهن اهو ڇوڪرو جوان ٿيو تڏهن سوداگر خيال ڪيو ته هن کي به سوداگريءَ جي پورهئي تي هيرايان. اهو خيال ڪري هن ڪيترو ئي سامان ڪٺو ڪري پٽ کي ڏنو ته وڃي ٻين شهرن ۾ واپار ڪري اچي. ڇوڪرو سوداگريءَ جو سامان ڪٺي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪن منزلن کان پوءِ، هڪڙيءَ منزل تي سوداگرزادي وٽ هڪڙو فقير آيو ۽ هن کي هڪڙي سونهري تختي ڏيکاريائين. سوداگرزادي کي اها تختي ڏاڍي وڻي ويئي، سو فقير کي چيائين ته: اي درويش! اها تختي مون کي ڏي، ان جي بدران جيڪا به قيمت گهرندين، سا توکي ملندي“ فقير چيس ته: اي سوداگرزادا! تون هن تختيءَ جي قيمت ڏيئي ڪون سگهندين، تنهنڪري انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. سوداگرزادي کي تختي بنهه وڻي ويئي هئي، سو چيائينس ته: آءٌ هر ڪا قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“ آخر جڏهن هي هٽ تان نه لٿو تڏهن فقير چيس ته: تون پنهنجي سوداگريءَ وارو اهو سڀ سامان مون کي ڏي، ته پوءِ تختي ڏيانءِ. سوداگرزادو زبان ڪري ويٺو هو تنهنڪري اهو شرط قبول ڪيائين، ۽ فقير کان تختي وٺي، ان جي بدران پنهنجو سڀ سامان ڏئي ڇڏيائينس. ان کان پوءِ هي نوڪرن چاڪرن سميت پنهنجي وطن موٽي آيو.

پڻس، جو ڇوڪري کي جلدئي واپس ايندي ڏٺو سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خيال ڪيائين ته: منهنجو پٽ ڪو ڏاڍو سياڻو ٿو ڏسجي، جو هيترو سارو سامان ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڪڻي آيو آهي، پر جڏهن هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ فقير واري تختي به ڏيکاريائينس، تڏهن

ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ۽ چيائينس تہ: تو تہ منهنجي ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏي، هاڻي يڪدم منهنجي گهر مان نڪري وڃ. ۽ خبردار جو وري مون کي پنهنجو منهن ڏيکاريو اٿئي!" پڻس جا اهي گفتا ٻڌي، ڇوڪري کي ڏاڍو ارمان ٿيو. سو مانڙي ڪري، فقير واري تختي کڻي روانو ٿي ويو.

گهر مان ٻاهر نڪتو پر خيال ڪيائين تہ ڪيڏانهن وڃان! سو پهرين تہ شهر جو چڪر چاڙي هنيائين، پر ڪو بہ يار دوست ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس. آخر ٿڪجي ٽٽي پنهنجي ڀائرن ڏانهن ويو. جن هن کي ڏکاري حال ۾ ڏسي، حال احوال معلوم ڪري هن کي بهانو ڪري چيائون تہ: ادا! تون اسان جي تہ اکين تي، پر بابي کي خبر پوندي، تہ هو اسان تي بہ ڪاوڙبو. اهو ٻڌي ڇوڪرو يڪدم اٿي پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي اچي ڀيڻ جي گهر وٽان لنگهيو. اتي دل ۾ خيال ڪيائين تہ "اديءَ وٽ وڃان، من اها ڪا مدد ڪري!" سو لنگهي ويو ڀيڻ جي گهر. پوءِ هيءُ ڪيترائي ڏينهن پنهنجي ڀيڻ وٽ رهيو پيو هو. پر آخرڪار ڀيڻس بہ بيزار ٿي پئي، سو هڪڙي ڏينهن هن بہ بهانو ٺاهيو تہ: ادا! منهنجو مڙس الاجي ڇو پيو ڪاوڙجي..... شايد تنهنجي ڪري ٿو اٿين ڪري!" ڇوڪري جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو سهي نہ سگهيو ۽ ڀيڻ تي ارمان ڪندو اتان بہ روانو ٿيو.

پنهنجن جا اهي حال ڏسي، ڇوڪري کي هڪڙو گهاٽو دوست ياد آيو جيڪو ٻئي شهر ۾ رهندو هو. تنهنڪري هي ٻيا سڀ خيال لاهي، ان طرف روانو ٿيو ۽ هلندي هلندي اچي اتي پهتو. دوست جي در تي پهچي، ٻاهران سڏ ڪيائين. دوست هن جو سڏ ٻڌي، يڪدم ٻاهر نڪري آيو ۽ هن سان ڏاڍيءَ حب مان ڀاڪر پائي اچي مليو. پوءِ ڏاڍيءَ عزت سان وٺي وڃي گهر ۾ ويهاريائينس. هو ڪيترائي ڏينهن اتي پنهنجي دوست وٽ رهيو پيو هو ۽ دوست بہ انهيءَ عرصي ۾ پنهنجي هوند آهر هن جي ڏاڍي خدمت پئي ڪئي. آخر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، ڇوڪري خيال ڪيو تہ هاڻي دوست کي وڌيڪ تڪليف ڏيڻ مناسب نہ آهي، تنهنڪري دوست کان موڪلائي، ڪنهن ٻيءَ ولايت وڃڻ جو ارادو ڪيائين. وڃڻ وقت سندس دوست کيس ڪيترائي پئسا ۽ ٻيون

ضروري شيون ڏنيون، پر هن انهن کي هٿ به نه لاتو ۽ دوست جي مهربانين جا شڪرانا مڃيندو روانو ٿي ويو.

هلندي هلندي هو ڪنهن ٻيءَ ولايت ۾ وڃي نڪتو. شهر ۾ گهڙيو ته ڪوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪو نه آيس، آخر هڪڙي ڪچي گهر وٽ اچي بيٺو. اتي رات به ٿي ويئي هئي، سو ان گهر جو دروازنو ڪڙڪائڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو پير مرد ان جڳهه مان نڪري آيو. جنهن کي چيائين ته: اي بزرگ! آءٌ پرديسي آهيان، مون کي مهرباني ڪري رات جا چار پهر پنهنجي اجهي ۾ پناهه ڏي! "پوڙهي کي هن ڇوڪري تي قياس اچي ويو سو هن کي گهر ۾ وٺي آيو ڇوڪرو اندر اچي ڏسي ته هڪڙو نوجوان، ڪنهن ڏک سببان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي، ۽ ان جي پرسان سندس پوڙهي ماءُ ويٺي روئي. ڇوڪري اهو حال ڏسي، هنن کان ان جو سبب پڇيو. تڏهن پوڙهي ٻڌايس ته: ابا! هن شهر ۾ هر مهيني هڪڙو راڪاس ايندو آهي. جنهن کي هڪڙي گاڏي ان جي ۽ هڪڙو ماڻهو ٻڪ طور ڏيندا آهن. اڄ اهو راڪاس اچڻو آهي. بدقسمتيءَ سان هن پيري منهنجي پٽ جو وارو آهي." اها ڳالهه ٻڌي ڇوڪري پوڙهي کي ڪجهه دلداري ڏني ۽ چيائينس ته: ابا! تون ڳڻتي نه ڪر، اڄ تنهنجي پٽ جي پاران آءٌ ويندس." پوڙهي گهڻوئي جهليس ته: تون پرديسي آهين، منهنجو فرض آهي، ته آءٌ تنهنجي حفاظت ڪريان." پر ڇوڪري هن جي هڪ به نه ٻڌي، ۽ ڏس پتو وٺي، تلوار کڻي اتي آيو جتي ان گاڏي اڳ ۾ ئي بيٺي هئي. اتي دستور اهو هوندو هو ته ان جي گاڏيءَ مٿان ماڻهوءَ کي ويهاري، ان تي پوتي وجهي ڇڏيندا هئا. اڌ رات جو راڪاس اچي انهيءَ ماڻهوءَ سوڌو ان کائي ويندو هو. ڇوڪري ڇا ڪيو جو هڪڙو وڏو ٻُنڊ هٿ ڪري، اهو ان جي مٿان رکي ڇڏيائين، ۽ پاڻ گاڏيءَ جي اوٽ ۾ اگهاڙي تلوار هٿ ۾ جهلي، لڪي ويهي رهيو.

ڇوڪري ويچاري سڄو ڏينهن مسافري ڪئي هئي، ۽ هن وقت تائين اک ٻوٽڻ جو ئي موقعو نه مليو هئس...... ٻيو وري ان وقت ڏاڍي ٿڌڙي هوا پئي لڳي، سو هن کي جهوٽو اچي ويو ۽ جهوٽي ۾ مٿو وڃي گاڏيءَ سان لڳس. اتي وري هوشيار ٿيو ۽ خيال ڪيائين ته اهڙي ڪا

ٽل ڪجي، جو ننڊ نہ اچي. نيٺ خيال آيس تہ، ڇو نہ اها تختي ڪڍي ويهي پڙهان؟ ڏسان تہ سهي تہ ان تي ڇا لکيل آهي! خير، تختي ڪڍي پڙهيائين تہ ان تي لکيل هو ”پيءُ لبِي جو ماءُ بي لبِي، ياءُ لبِي جو پيڻ لبِي جي، يار مهل جو جاڳڻ ڪم جوان جو.“ اهو پڙهي، ڇوڪري دل ۾ چيو تہ بيلي، ڳالهہ واقعي سچ ٿي ڏسجي... بابو برابر لبِي جو هو جو بنا لبِي جي گهر مان ئي ڪڍي ڇڏيائين. ماءُ بيشڪ بي لبي هئي، جا مون تان ساهہ صدقو ڪندي هئي. يائر ۽ پيڻ بہ لبي جا ثابت ٿيا ۽ دوست بہ واقعي وقت تي ڪم آيو. پر هاڻي ڏسجي تہ جاڳڻ ڪم جوان جو ڪيئن آهي! اهي ئي ڳالهيون سوچيندو خبرداريءَ سان سجاڳ ٿيو ويٺو رهيو. اوچتو پريان گجگوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس، ڏسندي ئي ڏسندي، راڪاس واچوڙي وانگر اچي ان جي گاڏيءَ مٿان ڪريو. ڇوڪري ڇا ڪيو جو هڪدم پاڻ سنڀالي، ڦڙتيءَ سان راڪاس جي ڪنڌ تي زور سان ترار وهائي ڪڍيائين. ڌڪ لڳڻ سان راڪاس جي سسي ٻُل ڏيئي وڃي پري ڪري، اهو ڏسي ڇوڪرو خوش ٿيو. پوءِ تہ راڪاس جي سسي ۽ پڇ وڍي، پاڻ سان کڻي سڌو پوڙهي جي گهر آيو ۽ لت ڪوڙي سمهي پيو.

صبح جو پوڙهو اٿي ڏسي، تہ ڇوڪرو تہ مزي سان اگهور ننڊ ۾ ستو پيو آهي. هن کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ساڳئي وقت خوشي بہ ٿيس، سو ڇوڪري کي ننڊ مان جاڳائي خبرچار وٺڻ لڳو. ڇوڪري کيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ راڪاس جي سسي ۽ پڇ بہ ڪڍي ڏيکاريائينس. صبح سان اها ڳالهہ سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي. تان جو وڃي بادشاهه جي ڪنن تائين پهتي. ان ڳالهہ تي بادشاهه بہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ماڻهو موڪلي ڇوڪري کي پاڻ وٽ گهرايائين، ۽ چيائينس تہ: اي ڇوڪرا! مون اهو قول ڪيو هو تہ جيڪو ماڻهو ان راڪاس کي ماريندو ان کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيندس. ان کان پوءِ، بادشاهه ڏاڍي ڌام ڌوم سان پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي ان ڇوڪري سان ڪرائي.

ڪجهہ ڏينهن اتي آرام ڪرڻ کان پوءِ، ڇوڪري بادشاهه کان وطن ورڻ جي موڪلي ورتي. هن کين خوشيءَ سان اجازت ڏني، ۽ وڃڻ وقت کيس پنهنجي اڌ ملڪيت بہ ڏنائين. پوءِ ڪيترا نوڪر چاڪر

ساڻ گڏجي، هنن کي وطن روانو ڪيائين. ڇوڪرو ڏاڍي شان مان سان منزلون ڪندو، پنهنجي دوست سان ملندو جڏهن پنهنجي شهر کي ويجهو پهتو، تڏهن شهر جي ٻاهران ئي منزل ڪيائين، ۽ پنهنجي پيءُ ڏانهن نياپو ڏياري موڪليائين. پڻس، جو منزل جي اهڙي ٺاهه ٺوهه ڏٺي ۽ ايترا نوڪر چاڪر ڏٺا، سو پهرين ته اعتبار ئي نه پيو اچيس، ته ڪو واقعي اهو قافلو سندس پٽ جو ٿي سگهي ٿو. پر پوءِ جڏهن پٽ کي اکين سان ڏٺائين، تڏهن خوشيءَ ۾ وڃي اچي ڀاڪر پاتائين ۽ ڏاڍيون دعائون ڪيائينس. ڀائرن جو هن جو هيڏو بخت ڏٺو سي، به مڙئي اچي پرسان بيٺس. اهڙيءَ طرح ڇوڪري تي پيءُ به راضي ٿيو ۽ ڀائر به وري هن جا ٿي پيا. پوءِ هو وري سڀئي گڏجي گذارڻ لڳا ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍا سکيا آسودا گذاريائون.

سؤ گهوڙن وارو سوداگر

هڪڙو هو بادشاهه. جنهن کي اچي شوق ٿيو ته هڪ رنگا گهوڙا گڏ ڪجن. سو پنهنجي وزير کي حڪم ڪيائين ته "هڪ رنگ جا هڪ سؤ گهوڙا وٺي اچ، ۽ جيڪو به خرچ ٿئي، تنهن جي توکي اجازت آهي." وزير، گهوڙن جي ڳولا ۾ گهمندي گهمندي اچي هڪڙي سوداگر سان ملاقاتي ٿيو. جنهن وٽ هڪ سؤ سرخا گهوڙا بيٺل هئا. وزير هن کي ٻڌايو ته "بادشاهه سلامت کي ساڳي رنگ روپ جا گهوڙا گهرجن.... تو وٽ اهڙا گهوڙا بيٺل آهن، اهي ڏي ته ڪاهي وڃان، انهن جي عيوض جيڪا به قيمت وٺندين، سا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." سوداگر چيو ته "اي وزير! هي گهوڙا ائين ئي بيڪار بيٺا منهنجو خرچ کائين، تنهنڪري اهي سڀ بادشاهه کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ ٿو چاهيان، انهن جي قيمت اصل نه وٺندس." وزير اهي سڀ گهوڙا ڪاهي، اچي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيا، جن کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، تقدير الاهي سان اهو سوداگر ڪٿي پيو. اهڙو ڪنگال ٿي ويو جو کائڻ لاءِ به نه رهيس. ان وقت اها ڳالهه ياد آيس ته، فلاڻي بادشاهه کي سؤ گهوڙا بنا پئسن جي سوکڙيءَ طور ڏنا هئم ـ ان وٽ وڃان، من ڪا مدد ڪري! اهو خيال ڪري اچي وزير سان مليو ۽ کيس سمورو احوال ٻڌايائين. وزير کيس مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ وجهه وٺي هن کي بادشاهه سان ملايو. وزير، بادشاهه کي ٻڌايو ته "هي اهو سوداگر آهي، جنهن سائينءَ جن لاءِ هڪ رنگا گهوڙا تحفي طور ڏنا هئا..... هن وقت سندس حالت تمام تنگ آهي، ۽ مدد جي اميد رکي آيو آهي!" بادشاهه پهرين ته سوداگر ڏانهن ڪو به توجهه نه ڏنو پر پوءِ حڪم ڪيائين ته "سوداگر کي سرڪاري خزاني مان روز هڪ رپيو ڏنو وڃي، جنهن مان مڇ وٺي. ان مان واڻ وٽي، روز شام جو بازار ۾ نيڪال ڪري اچي. ان مان جيڪا به پيدائش ٿئي، سا سرڪاري خزاني ۾ آٽي جمع ڪرائي. ان بعد شاهي مهمانخاني ۾ سندس رهڻ جو بندوبست ڪيو وڃي."

سوداگر، بادشاهہ جي انهيءَ حڪم تي دل ۾ ڏاڍو رنج ٿيو. چيائين تہ ”بادشاهہ منهنجو چڱو قدر سڃاتو آهي!“ پر مجبوري تمام بڇڙي شيءِ آهي، جنهن هن کان واڻ وٽڻ جهڙو خسيس ڪم ڪرايو. ٻئي ڏينهن حڪم موجب هو خزانچيءَ کان روپيو وٺي، بازار مان مڃ خريد ڪري، ان مان واڻ وٽڻ لڳو. هن اڳ ڪڏهن بہ واڻ نہ وٽيو هو. سو سمورو زيان ڪري ويهي رهيو ۽ جيڪو واڻ وٽيائين، تنهن جي بازار مان پنج ٽڪا قيمت مس مليس، جا هن سرڪاري خزاني ۾ آڻي جمع ڪرائي. بہ ٽي ڏينهن سوداگر جو ساڳيو حال رهيو پر پوءِ انهيءَ ڪم تي ڏيان ڏيڻ شروع ڪيائين. آهستي آهستي آزمودو ٿيندو ويس، تان جو سندس روزاني پيدائش پنجن ٽڪن مان وڌي اچي پنجاهہ ٽڪن تائين پهتي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ، سوداگر واڻ وٽڻ جو سٺو ڪاريگر ٿي ويو. سندس واڻ سهڻو ۽ سٺو ٿيڻ لڳو. تنهن ڪري پيدائش بہ وڌندي وڌندي ٻن رپين تائين وڃي پهتي. بادشاهہ خزانچي جي معرفت هن جي سموري حساب ڪتاب جي خبر لهندو هو. سوداگر، ماني بادشاهہ سان گڏ کائيندو هو رهڻ لاءِ جدا محلات، پر پورهيو واڻ وٽڻ جو ڪرڻو پوندو هئس. هو دل ئي دل ۾ پيو وٽ کائيندو هو تہ ”بادشاهہ واهہ جي دوستي نباهي آهي. مون کي ڪتي ڪهڙيءَ ڪنيو هو جو هن وٽ مدد لاءِ آيس. بادشاهہ کي خزاني جي ڪهڙي ٻڪ؟ جيڪڏهن لک سوا مهرن جو ڪٽي ڏئيم ها، تہ ڇا ٿي پويس ها؟“ ويچارو سوداگر اِهي پور پچائيندو، روزانو واڻ وٽي بازار ۾ وڪڻندو رهيو. تان جو اچي ڇهہ مهينا گذريا. آخر هڪڙي ڏينهن جڏهن بادشاهہ کي اطلاع مليو تہ سوداگر جي ڪمائي هاڻي ٻيڻي ٿي آهي. تڏهن هن کي گهرائي چيائين تہ ”دوست سوداگر! هاڻي گهر جيڪي گهرڻو اٿئي! هينئر آءٌ هر طرح تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ سوداگر کي هيڪاري حيراني وٺي ويئي، ۽ ڏاڍو ڏک مان بادشاهہ کي چيائين تہ ”بادشاهہ سلامت! مون تنهنجي پر پٺ ياري مڃي هئي. دوستي انهيءَ لاءِ رکبي آهي، تہ ڪا نہ مهل ڪنهن جهڙي هڪ سڄ بہ پاڇا. وانگر جيڪڏهن ڪو دوست ڪري پوي، تہ ان جي مدد ڪري سگهجي. سو آءٌ بہ تو ۾

اميد ڄاڻي مدد لاءِ آيو هئس، پر ارمان آهي جو تو مدد تہ مدد جي ماڳ، اٽلو مون کي اهڙي خسيس ڪم تي ڪٽي ڇڏيو جنهن کان ٻڏي مرڻ بهتر هو. پر هڪڙو پرديس، ٻيو پاڻ ڏاڍي سان دوستي، تيون مسڪيني حالت، تنهنڪري سور پيي، توهان جي حڪم جي تعميل ڪندو رهيس. توهين چاهيو ها تہ منهنجي ان وقت ئي مدد ڪري سگهو ها، پر ڇهہ مهينا بيڪار ويهاري، پوءِ مدد ڏيڻ، ان جو سبب خبر ناهي تہ ڪهڙو؟" تڏهن بادشاهہ کلي جواب ڏنس تہ "دوست! مون بہ تنهنجي پر پٽ ياري مڃي هئي. جڏهن تون ڏتڙيل حالت ۾ مون وٽ پهتين، تڏهن سمجهيم تہ ڀاڳ تو وٽان موڪلائي ويو آهي. انهيءَ وقت آءٌ توکي ڪٽي سڄي بادشاهي ڏيان ها، تہ بہ تنهنجا اهي ئي ساڳيا حال وڃي ٿين ها. تنهنڪري خيال ڪيم تہ جيستائين تنهنجو ڀاڳ وري، تيستائين توکي هٿ ۾ خزانو نہ ڏيان تہ چڱو. هاڻي تنهنجي بخت جي خبر ڪيئن پويم تہ ڪڏهن ٿو وارو وريئي، تنهنڪري اها اٽڪل ڪييم تہ تون مڃ وٺي، واڻ ناهي وڪڻين. جيستائين توتي نياڳ جو اثر هو تيستائين پئي نقصان پيو. جڏهن ڏٺم تہ هاڻي تنهنجو ڀاڳ سڄائو ٿيو آهي، ۽ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندين، تنهن مان فائدو ئي فائدو ٿيندو، تڏهن توکي چوان ٿو تہ جيڪي گهرڻو اٿئي سو گهر!" اها سموري حقيقت ٻڌي، سوداگر، بادشاهہ جو تمام گهڻو شڪرگذار ٿيو ۽ چيائين تہ "بادشاهہ سلامت! جيڪڏهن هاڻي منهنجو ڀاڳ وريو آهي، تہ الله تعاليٰ اڳتي پنهنجي مان ئي گنج ڪري ڏيندو. آءٌ اوهان جي هاڻي مدد وٺڻ نٿو گهران. ايتري ۾ سوداگر ڏانهن قاصد آيو تہ "اوهان جو سامان سميت جيڪو جهاز گم ٿي ويو هو سو لڌو آهي." ٿوريءَ دير بعد وري ٻيو قاصد آيس تہ "فلاڻي حساب ۾ ليکي جي چڪ هئي، جا لڌي آهي؛ ان مان تنهنجا هيترا پئسا وريا آهن." مطلب تہ سوداگر لاءِ رنگ لڳي ويا. پوءِ بادشاهہ ۽ وزير کان موڪلائي، پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو ۽ وري پنهنجي ڪاروبار ڪي لڳي ويو.

باب ڇهون

عقلمندن جون ڪهاڻيون

وڏڙن جو عقل

ڪنهن بادشاهہ کي هڪڙي وڏور ڌيءُ هئي. جيئن تہ ڪيس پيو ڪو بہ اولاد ڪو نہ هوندو هو تنهنڪري انهيءَ شهزاديءَ سان ڏاڍي دل هيس. بادشاهہ شهزاديءَ جي شاديءَ لاءِ اهڙا ڏکيا شرط وجهي ڇڏيا هئا، جو ڪو بہ شاديءَ جو خواهشمند اهي شرط پورا ڪري نٿي سگهيو. جيڪو بہ شهزادو يا امير بادشاهہ وٽ سڱ لاءِ ايندو هو سو شرط پورا نہ ڪرڻ سبب، تمام خوار خراب ٿي موٽي ويندو هو. اها ڳالهہ ملڪان ملڪ پڌري ٿي ويئي. آخرڪار ڪنهن ڏورانهين ملڪ جي شهزادي تائين اها حقيقت وڃي پهتي، جو شهزاديءَ جي سونهن ۽ دانائيءَ جي هاڪ ٻڌي مٿس پرپٺ عاشق ٿي پيو ۽ دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ انهي شهزاديءَ سان شادي ضرور ڪبي، نہ تہ سڄي عمر ائين ڪنوارو رهبو. قدرت سان اهو شهزادو بہ پنهنجي پيءُ ماءُ کي اڪيلو پٽ هو تنهنڪري خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن هن خبر کان پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي واقف ڪندس تہ اهڙي اجازت نہ ڏيندا. تنهنڪري هڪڙي ڏينهن سواءِ ڪنهن نوڪر چاڪر ۽ يار دوست کي ٻڌائڻ جي، اڪيلي سر گهوڙي تي چڙهي، ڪجهہ ڪاڏي پيتي جو سامان پاڻ سان کڻي اٿي پنڌ پيو. آخرڪار مسافري ڪندي منزلون هڻندي، هڪڙي ڏينهن اچي انهيءَ بادشاهہ جي ملڪ ۾ سهڙيو.

شهزادي مسافرخانو پڇائي وڃي اُتي آرام ڪيو. ٿي ڏينهن شهر کي خوب گهمي ڦري ڏٺائين. آخر چوٿين ڏينهن ٿهي جڙي بادشاهہ جي

دربار ۾ اچي پهتو. شهزادي نهايت ادب سان جهڪي بادشاهه کي سلام ڪيو جنهن کيس ڏاڙهي ملڪ جو ڏسي چڱو آدر ڀاءُ ڏنو ۽ پوءِ ڪانئس حال احوال پڇڻ لڳو. شهزادي پنهنجو نالو نشان ٻڌائي، چيو ته ”جيئندا قبلا! غلاميءَ جي آس رکي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان.“ بادشاهه سندس مطلب سمجهي ويو ۽ چيائينس ته ”اي شهزادا! اهو دنيا جو دستور آهي ته ڪا به جوان ڌيءُ مائٽن جي گهر ۾ ڪا نه ٿي سونهي. تون به تمام پرانهين ملڪ کان سفر ڪري هتي پهتو آهين، پر آءٌ پنهنجي فيصلي کان لاچار آهيان، جو مون ڪي شرط وجهي ڇڏيا آهن، جيڪو به شخص منهنجا اهي شرط پورا ڪندو سو ئي اها اميد ماڻيندو. ٻيءَ حالت ۾ سندس سمورو مال ملڪيت کسي کيس خوار خراب ڪري، پنهنجي ملڪ ڏانهن اماڻيو ويندو.“ شهزادي اهو حال ٻڌي ادب سان جواب ڏنو ته ”سائين جن جي هر حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان. مهرباني ڪري شرطن کان آگاهه ڪريو.“ تنهن تي بادشاهه چيس ته ”اي جوان! پهريون پهريون شرط اهو آهي ته جڏهن تون شاديءَ لاءِ ڄڃ آڻين، ته ان ۾ ڪو به پير مرد يا پيرسن عورت نه هجي.“ اهو شرط ٻڌي، شهزادي جواب ڏنو: ائين سائين! بلڪل ائين ٿيندو. قصور جي حالت ۾ سزا جو حقدار آهيان.“

ٻئي ڏينهن تي شهزادو بادشاهه کان شاديءَ جو ڏينهن وٺي وطن ڏانهن واپس وريو ۽ اچي شاديءَ جي تيارين ۾ لڳو پر اهو جو پير مرد ۽ پوڙهي عورت جي نه وٺي اچڻ جو شرط پيل هو تنهن کيس ڏاڍو منجهائي وڌو هو. ڇو ته سندس پيءُ ۽ ماءُ جهور پوڙها هئا، ۽ انهن کان سواءِ شاديءَ ۾ کيس به ڪو مزو ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿي آيو. وري جو سندس پيءُ به اها ڳالهه ٻڌي، تنهن چيس ته ”بابا! تون اڃا ٻار آهين، هيءُ ته هڪڙو شرط آهي، پر بادشاهه ٻيا الاجي ڪهڙا شرط وجهي، تنهنڪري اسان جو توسان گڏ هجڻ تمام ضروري آهي.“ اها ڳالهه ٻڌي شهزادو ته ويتر منجهي پيو ته ”هاڻي ڪريان سو ڪريان ڇا؟“ نيٺ هڪڙي ڏينهن پيءُ کي ويهي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. جنهن چيس ته ”پٽ! گهٻراءِ نه، اها تمام خسيس ڳالهه آهي. تون هيئن ڪر جو به ڪاٺ جون وڏيون پيٽيون ٺهرائي پاڻ سان کڻ. انهن مان هڪڙيءَ ۾ آءٌ

پاڻ ويهندس، ۽ ٻيءَ ۾ تنهنجي ماءُ کي ويهارينداسين. پوءِ اهي ٻئي پيتيون ڄڃ جي سامان سان هلنديون، جنهن ڪري ڪنهن کي به ڪو شڪ ڪو نه پوندو ۽ تنهنجي شادي به ڪائي ايندا سين.“ شهزادي سموري ڳالهه سمجهي هڪدم ڪاٺ جي ٻن وڏين پتين ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو.

ڄڃ جو سمورو انتظام ڪري، شهزادو ڪنوار جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. سامان سان گڏ اهي ڪاٺ جون پيتيون به هيون، جن مان هڪ ۾ سنڌس پيءُ ۽ ٻيءَ ۾ پنهنجيءَ ماءُ کي ويهاريوهئائين. بس انهن ٻن بزرگن کان سواءِ ٻيو ڪو به اڃي مٿي وارو شخص ڄڃ سان شامل ڪو نه هو. ڄڃ منزلون ڪندي اچي ڪنوار جي ملڪ ۾ پهتي، ۽ سڌو اچي شاهي مهمان سراءِ ۾ قيام ڪيائين. بادشاهه به پنهنجي اميرن وزيرن کي ساڻ ڪري، هنن جي سڌسماءَ لاءِ آيو ۽ ڄڃ جي چڪاس ڪيائين، پر ڪيس ڪو به اڇي مٿي وارو پيرسن بلڪل نظر نه آيو. اتي دلجاءِ ٿيس ته پهرئين شرط جي پوئواري ٿي آهي، پوءِ خوش ٿي محلات ڏانهن واپس وريو. محلات ۾ پهچي شهزادي کي گهرائي چيائين ته ”هڪڙو شرط تو برابر پورو ڪيو پر هاڻي ٻيو شرط باقي آهي. جيڪڏهن اهو پورو ڪيئي ته پوءِ ٻئي ڏينهن تي شاديءَ جو انتظام ڪيو ويندو.“

شهزادي، بادشاهه جي ڳالهه ٻڌي عرض ڪيو ته ”جيئندا قبلا! حڪم ڪريو، آءٌ هر شرط پوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ بادشاهه چيس ته ”چڱو ٻيو شرط هيءُ آهي ته سياڻي صبح جو جيترا ماڻهو تنهنجي ڄڃ ۾ آهن، انهن جي حساب سان اوترا ٿويا انّ جا ۽ اوترا مَٽَ شربت جا اوهان کي ڏنا ويندا. جي اوهان کي هڪڙي ڏينهن ۾ شام تائين سڀ ڪائي پي ختم ڪرڻا آهن! جيڪڏهن انهن مان شام تائين ڪجهه بچي پيو يا ڪٿي اڇلايل نظر آيو ته اوهان جو سمورو سارو سامان ضبط ڪيو ويندو ۽ سڄي ڄڃ کي خوار خراب ڪري هتان ڪڍي ڇڏبو.“ هيءُ شرط ٻڌي شهزادو هڪو ٻڪو ٿي ويو. خيال ڪيائين ته ايترو ان ۽ پاڻي هڪڙو هڪڙو ماڻهو هڪ ڏينهن ۾ ڪيئن ڪائي پي سگهندو! پر ڦڪو منهن ڪري بادشاهه سان هائوڪار ڪيائين، ۽ موٽي اچي ڄڃ سان

مليو. فڪر ۾ پئجي ويو ته آخر ڇا ڪجي! ڪائي ڳالهه دماغ ۾ ئي نه پيئي اچيس ته ڇا ڪريان. نيٺ خيال ڪيائين ته ڇو نه پيءُ سان ڪٺي صلاح ڪريان، سو جڏهن هئو مئو ٿريو، تڏهن وڃي ونئي پيتيءَ جو ڪلف کولي، سڄي حقيقت پيءُ کي ڪري ٻڌايائين. پٽس سڄي ڳالهه ٻڌي پٽ کي چيو ته "ابا! پرواهه نه آهي. چانورن جي ڪپاڻ جي صلاح آءٌ ٿو توکي ڏيان، باقي شربت جي صلاح وڃي پنهنجي ماءُ کان پڇجانءِ جڏهن صبح جو توکي بادشاهه وٽان اَن ملي. تڏهن هڪدم هيئن ڪجانءِ جو پهريائين هڪڙو ٽويو چانورن جو رڌي، سڄيءَ ڄڃ ۾ ورهائي ڏجانءِ ظاهر آهي ته اهو ٽويو اَنّ جو ماڻهن ۾ داڻو داڻو ٿي ويندو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ ڪان پوءِ ٻيو ۽ ٽيون ٽويو رڌائي ماڻهن کي پيو ڏجانءِ آءٌ سمجهان ٿو ته ائين ڪرڻ سان شام تائين ڪو ڪٽو به اَنّ جو باقي نه رهندو. باقي هونئن ته ڳالهه کي پورو پئجي ڪو نه سگهبو." اها ڳالهه ٻڌي، شهزادو وري ماءُ جي پيتي کولي، ڪانئس شربت جي صلاح وٺڻ ويو. ان به پٽس وانگيان ٻڌايل حقيقت وانگي ڪيس صلاح ڏني ۽ چيائينس ته "پٽ! اول هڪ مَٽ شربت جو تيار ڪري ڄڃ ۾ ورهائج، جو هڪ هڪ ڍڪ ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح ٻيو ۽ ٽيون پوءِ واري سان وڃجانءِ مَٽ خلاص ڪندو. اها اٽڪل ڪندين ته شام کان اڳ ئي نه شربت جو ڍڪ رهندو ۽ نه چانورن جو ڳٽو."

شهزادي، ماءُ ۽ پيءُ جي اها صلاح ٻڌي دلجاءِ ڪئي ۽ بيفڪر ٿي اچي سمهي پيو. خير سان صبح ٿيو. بادشاهه، شهزادي کي گهرائي جيترا ماڻهو هئا، اوترا ٽويا چانورن جا ۽ اوترا ئي مَٽ شربت جا ڏنا ۽ وري به ساڳيو تاڪيد ڪيائين ته "جيئن سانجهيءَ تائين انهن مان ڪجهه به نه بچي ۽ سڀ ڪائي پي ڇڏجي." شهزادي، بادشاهه کي جواب ڏنو: قبلا! ائين ئي ٿيندو." سڀ مَٽ شربت جا اَنّ سوڌا ڪٽائي اچي ڄڃ ۾ پهتو. پهچڻ شرط راتوڪي ٻڌايل اٽڪل وانگر چانور رڌائي ۽ شربت ٺاهي ويو. ڄاڃين کي ڪارائيندو پيارائيندو، تان جو شام کان اڳ ئي سڀ چانور ۽ مَٽ شربت جا ختم ٿي ويا ۽ هيءُ همراهه هر طرح سان آسودو ۽ بي فڪر ٿي ويهي رهيو.

سانجهي ٿي ته بادشاهه به اچي پهتو هن سمجهيو هو ته هيءُ شرط ضرور شهزادو پورو ڪري ڪو نه سگهندو پر هتي پهچي جو ڏٺائين ته،

سيئي چانور ختم ۽ شربت جا مَٽَ ڏوتا پيا آهن. اتي ڏاڍو عجب لڳس.
هونئن تہ خيال هوس تہ شهزادي وري بہ وٽس ئي رهندي ۽ هيءُ شهزادو
بہ ٻين شهزادن وانگر شرط هارائي خوار خراب ٿي تڙجي ويندو. پر هاڻي
تہ بادشاهي زبان کي پاڙي ڏيڻو هوس. ۽ واعدي موجب شهزادي کي ڏيءُ
جو سڱ ڏيڻو پيس. سو نيٺ رات جو کيس نڪاح وجهي، پنهنجي
نياڻيءَ جو سڱ ڏنائين، ۽ وٽي وڃي محلات ۾ رهايائينس. صبح جو
جڏهن دستور موجب شهزادو پنهنجي سهري سان گڏجڻ لاءِ آيو تہ،
ڳالهين ڪندي بادشاهہ پڇيس تہ "ابا! ڌيءُ توکي ڏنيم سا ڏنيم. هاڻ
ڪو ڏڏو ڪير ٽڻين ڪو نہ پوندو. پر اها ڳالهہ تہ مون کي ٻڌاءِ تہ هيءُ
عقل تنهنجو يا ڪنهن ٻئي جو؟ ڇو تہ تو جهڙي ننڍيءَ ڄمار واري
ناتجربيڪار جوان جو هھڙو عقل اصل ٿي ڪو نہ ٿو سگهي! جي ائين
هجي ها تہ هوند هيترا سارا شهزادا اڳ مفت ۾ خوار خراب ٿي ڪو نہ
ٿين ها. ۽ ڪڏهوڪو شهزاديءَ کي ماڻيو ويٺا هجن ها!" اهو ٻڌي
شهزادي هڪدم جواب ڏنس تہ "جيئن سائين جن فرمايو تيئن درست
آهي. اهو عقل برابر منهنجو ڪونهي. هاڻ اچو تہ انهن بزرگن سان
ملايانوَ." ائين چئي بادشاهہ کي وٺي آٽي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ وارين
پيٽين تي بيهاريائين ۽ انهن جا ڪلف ڪولي، پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي
ظاهر ڪندي بادشاهہ کي عرض ڪيائين تہ "قبلا! هيءُ منهنجو والد ۽
والده آهن، جن جي سمجهاڻين ۽ عقل سان هي شرط پورا ڪيا اٿم."

بادشاهہ هن شهزادي جي همت ۽ ڏاهپ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن
جي پيءُ ۽ ماءُ کي وڏي عزت سان مليو ۽ چوڻ لڳو تہ "اهو نيڪ آهي،
جيڪو بہ ماڻهو وڏڙن مائٽن جي صلاح سان دنيا ۾ هلي ٿو سو ڪڏهن
بہ ڪا خطا ڪو نہ ٿو کائي." ڳالهيون ڪندي بادشاهہ، شهزادو سندس
پيءُ ۽ ماءُ سيئي گڏجي حرمسراءِ ۾ آيا. جتي شهزادي پنهنجي سس ۽
سهري کي هيئن هٿيڪو ڏسي ڏاڍي سرهي ٿي ۽ هڪٻئي سان گڏجي
گهڻو خوش ٿيا.

انڌي جو عقل

هڪڙو بادشاهه پنهنجي ٻانهي ۽ وزير کي ساڻ ڪري شڪار تي چڙهيو. هلندي هلندي هڪڙو شڪار نظر چڙهين، پنهنجا گهوڙا ڪٽي ان جي پٺيان ڇڏيائون. شڪار ته ڪجهه پنڌ ڪانپوءِ جهنگ ۾ غائب ٿي ويو پر هي ٽيئي ڄڻا هڪٻئي کان وڇڙي ويا. وزير ۽ ٻانهي کي بادشاهه جي ڏاڍي ڳڻتي هئي، سي ڪيس ڳولڻ لاءِ جهنگ ۾ جدا جدا گس وٺي روانا ٿيا. هڪڙو انڌو فقير جو دنيا کي ترڪ ڪري اچي انهيءَ جهنگ ۾ ويٺو هو سو به اتفاق سان انهيءَ گس جي پرسان رهندو هو جنهن تان ٻانهو پئي ويو. ٻانهو جڏهن فقير وٽان لنگهيو تڏهن هڪل ڪري پڇائينس ته "اڙي انڌا! تو ڪو بادشاهه هتان ويندو ڏٺو؟" فقير يڪدم وراڻيس "نه ڙي گولا!" اهو ٻڌي ٻانهو اڳتي روانو ٿي ويو. گهڙي ڪا نه گذري ته وري وزير به اتان اچي لنگهيو جنهن به گهوڙي تي ويٺي ئي فقير کي هڪل ڪئي ته "اي انڌا وير! تو هتان بادشاهه ته ڪو نه ويندي ڏٺو؟" فقير جواب ڏنس ته "اي وزير! هتان هڪ ٻانهو لنگهي ويو آهي. وزير به هليو اڳتي. اڃان ڪجهه دير گذري ته اتفاق سان بادشاهه خود اتان اچي لنگهيو تنهن گهوڙي تان لهي، فقير کان ويجهو ٿي پڇيو ته "اي انڌا شاهه! منهنجا ماڻهو ته هتان ڪو نه لنگهيا؟" فقير به نهايت ادب سان جواب ڏنس ته "هائو بادشاهه! توري دير ٿيندي جو هتان ٻانهو ۽ وزير ٻئي لنگهي ويا آهن. بادشاهه حيران ٿي ويو ته هن انڌي فقير اسان کي ڪيئن سڃاتو!"

ڪانئس انهيءَ حقيقت جو سبب پڇڻ لڳو. تنهن تي فقير چوڻ لڳو ته "سائين! مون حقيقت ۾ هر هڪ کي سندس گفتگو مان سڃاتو. جڏهن ڪنهن ماڻهو مونکي انڌا ڪري سڏيو تڏهن ڄاتم ته پڪ هيءُ ڪو گولو آهي، جو پنهنجي لياقت ظاهر ٿو ڪري. ان ڪان پوءِ شايد وزير صاحب هو جنهن مونکي انڌو وير ڪري سڏيو. تنهنڪري اهو ڄاتم ته هيءُ ضرور ڪو سمجهدار ۽ نيڪ بندو آهي، تڏهن ڪيس

وزير ڪري وراڻي ڏنم. وري سائين جن مون کي انڌا شاهه ڪري سڏيو تنهن مان ڄاتم ته اهي لفظ خود بادشاهه جي مُک مان نڪتا آهن، تنهنڪري بادشاهه چئي جواب ڏنم.“ بادشاهه کي فقير جو جواب ڏاڍو وڻيو سو کيس چيائين ته ”انڌا شاهه! اوهين جهنگ کي ڇڏي ڏيو. کاڌي خوراڪ لاءِ توهان کي روزينو مقرر ڪري ٿا ڏيون.“ بادشاهه جي هيتري رضامندي ڏسي انڌي فقير کي ڏاڍي خوشي ٿي، سو بادشاهه جي لشڪر سان گڏجي اتي هليو. هاڻي فقير روزانو بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ اچي حاضري ڀريندو هو.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه وٽ هڪ لعل وڪامڻ آيو. بادشاهه چيو ته ”اهو لعل انڌي فقير کي ڏيکاريو جيڪڏهين اهو پسند ڪري، ته پوءِ وٺنداسون.“ هن فقير لعل کي ڏسي چيو ته ”اهو لعل بلڪل سٺو آهي، پر هن جي اندر هڪ جيت آهي جو لعل کي اندر ئي اندر پيو کائي.“ تڏهن بادشاهه فقير کان پڇيو ته ”تو ڪيئن سهي ڪيو ته هن لعل ۾ اندر جيت آهي؟“ انڌي جواب ڏنو ”سائين! مون لعل جي وزن مان سهي ڪيو آهي، ڇو ته لعل ڏسڻ ۾ ته وڏو پيو اچي، پر وزن اٽس ئي ڪو نه، تنهنڪري ڄاتم ته لعل ۾ جيت آهي.“ بادشاهه يقين خاطر اهو لعل ڀڄائي ڏٺو ته واقعي ان مان هڪ جيت نڪتو. تڏهن بادشاهه هن جي عقلمنديءَ تي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ حڪم ڪيائين ته آئينده لاءِ انڌي فقير کي سنڌس روزيني ۾ ٻن جي بدران ٽي رپيا ۽ ٽي وقت شاهاڻي ماني ڏني وڃي.

ٿوري گهڻي ڏينهن بادشاهه وٽ هڪ سهڻي عورت آندائون، ان خيال کان ته بادشاهه ان کي پنهنجي حرم ۾ قبول ڪري. بادشاهه انهن ماڻهن کي چوڻ لڳو ته ”پهريائين فقير کي اها عورت ڏيکاريو، جيڪڏهن کيس پسند آئي ته پوءِ هن کي محلات ۾ رهڻ جي موڪل ڏني ويندي.“ جڏهن هن عورت کي فقير وٽ آندو ويو ته هن نه ڪئي هم نه تم، پري ڪچهريءَ ۾ عورت کي مٿي کان وٺي پيرن تائين هٿ گهمائي، جائزو وٺڻ لڳو ۽ پوءِ يڪدم چوڻ لڳو ”هيءَ عورت بادشاهي گهراڻي جي لائق نه آهي. هن ۾ ٻيون ته سڀ خصلتون سٺيون آهن، پر ڪسبياڻي جي ڌيءَ ڏسجڻ ۾ اچي ٿي.“ تڏهن بادشاهه وري اچي انڌي

فقير جو پاسو ورتو ۽ پڇيائينس ”تو ڪيئن سهي ڪيو ته هيءَ ڪسبياڻيءَ جي ڌيءُ آهي؟“ فقير چيس ”جيئندا قبلا! مون جڏهن هن کي مٽي ۾ پٽيءَ تي هٿ لاتا ته هن ذرو به ڪين ڪيٻايو ۽ جيئن جو تيئن بيٺي رهي. آخر به ته آءٌ بيگانو ۽ ڌاريو مرد هوس. ڪا به شريف ۽ خانداني عورت ڌارئي ماڻهوءَ جو هٿ ائين جسم تي ڪين پسند ڪندي. تنهن ۾ سمجهيم ته هن عورت ۾ البت ڪو اهڙو بنيادي اثر ضرور آهي، جو ڪو به الڪو ڪو نه ٿي ڪري. پڪ ٿيم ته هيءَ ڪا ڪسبياڻيءَ جي ڌيءُ آهي.“

بادشاهه کي انڌي جو هيءُ جواب به ڏاڍو وڻيو ۽ حڪم ڪيائين ته ”اڄ کان وٺي ڪيس روزانو چار رپيا روڪڙا ڏجن.“ بادشاهه جو اهو حڪم ٻڌڻ سان هن چيو ته ”بادشاهه! تون به بخيلن جو ڪو بابو ٿو ڏسجين! انصاف ۽ قدر ته تو وٽ به ڪونهي. جي سخي مرد هجين ها ۽ انصاف ڄاڻين ها ته مون کي انعام سان ڏيائي ڇڏين ها. پر خير هاڻي پنهنجي موڪلائي آهي.“ ائين چئي ڪچهريءَ مان اُٿي هليو ويو.

باب ستون

نصيحت واريون آکاڻيون

ٽڪ عيسو، ٽڪ موسو، مال مڙيئي ڏنڊڻ جو

ڪنهن ڳوٺ ۾ ٽي ڀائر رهندا هئا. هڪڙي جو عيسو ٻئي جو موسو ۽ ٽئي جو نالو ڏنڊڻ هو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هنن جڏهن پاڻ ۾ ملڪيت ورهائي تڏهن عيسي ۽ موسي صلاحو ٿي ڏنڊڻ کي فقط هڪڙي مينهن ڪٽي ڏني ۽ ٻيو سڀ مال پاڻ ورهائي ڪنيو. ڏنڊڻ ويچارو هيڪلو ۽ ننڍو هو تنهنڪري جيڪا هڪڙي مينهن مليس سا ماٺڙي ڪري ڪٽي قبول ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن ڏنڊڻ لوهار کي ربيو ڏيئي چيو تہ "ادا! مونکي اهڙو ڇڙو ٺاهي ڏي جنهن مان اهو آواز اچي تہ ""ٽڪ عيسو ٽڪ موسو مال مڙيئي ڏنڊڻ جو." لوهار هن کي ڇڙو ٺاهي ڏنو جو اچي پنهنجي مينهن جي ڳچي ۾ ٻڌي ڇڏيائين.

روز شام جو جڏهن مينهن چري موٽندي هئي تہ ان جي ڇڙي مان اهو ئي آواز پيو ايندو هو تہ "ٽڪ عيسو ٽڪ موسو مال مڙيئي ڏنڊڻ جو" . عيسو ۽ موسو اهو آواز ٻڌندا هئا، ڪين انهي تان ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي هئي. سو هڪڙي ڏينهن ٻنهي ڄڻن فيصلو ڪيو تہ ڇو نہ مينهن کي ئي ماري ڇڏجي نہ هوندي مينهن ۽ نہ وڄندو ڇڙو. آخر هڪڙي ڏينهن وجهہ وٺي ڏنڊڻ جي مينهن کهي ڇڏيائون. ڏنڊڻ کي انهيءَ ڳالهہ جي جڏهن خبر پئي تڏهن صبر ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونہ هوس. پر ايترو سو ڀائرن کي چيائين تہ "ادا! مينهن تہ اوهان کهي ڪاڌي گوشت اوهان کي مباح باقي ڇوڙو تہ مونکي ڏيو." هنن خيال ڪيو تہ ڇوڙي مان هن کي ڇا ملندو. سو کيس موٽائي ڏنائون.

ڏنڊڻ ويچاري ڇوڙو وني گهر سڪائڻو رکيو. هفتي ٻن کان پوءِ جڏهن سڪي ويو تڏهن وڪڻڻ لاءِ شهر ڏانهن کڻي ويو. رستي تي رات پئجي ويس. خيال ڪيائين ته رات جو مٿان جانور نه کائي وڃن، تنهنڪري هڪڙي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. ڪا مهل مس گذري ته ڪي چور چوري ڪري انهي وڻ جي هيٺان اچي مال ورهائڻ ويٺا. انهن چورن ۾ هڪڙو ڪاڻو چور به هو ٻين چورن هن کي ڪجهه پتي گهٽ ڏني، جنهن تي هو رڙيون ڪري ٻين کي پٽڻ لڳو ته ”خدا ڪندو ته مٿان ڪا ڇت ڪرندو“. ڏنڊڻ ته وڻ تان اهو سمورو تماشو پي ڏٺو تنهن ڇا ڪيو جو سڪل ڇوڙو يڪدم هنن جي مٿان کڻي اڇلايائين. ڇوڙو هو ٻروءِ سڪل، سو مٿان ٿي وڻ جا سڪل ڏارءِ ٽاريون ڀڃندو ڪڙ ڪڙ ڪندو اچي هنن جي مٿان ڪريو. چورن ڀهرين آواز ٻڌوءِ پوءِ جو مٿان ڇوڙو ڪرين، سو پڪ ٿين ته ڪاٽي جي پٽ هٽي وڃي هنڌ ڪيو آهي، تنهنڪري ڊپ ۾ وٺي ڀڳا.

چورن جي ڀڄڻ کان پوءِ ڏنڊڻ وڻ تان هيٺ لهي مال ميڙي کڻي اچي گهر پهتوءِ ڏيءَ کي چيائين ته ”امان! وڃي چاچهن جي گهران پاٽي وٺي اچ ته ناڻو ميون. ڏنڊڻ جي ڏيءَ پنهنجن چاچن، عيسي ۽ موسي وٽ ويئي ۽ ڪانئن پاٽي گهريائين. تنهن تي موسي پڇيس ته ”مائي! ڪر خبر، اڄ تنهنجي پيءُ ڇا آندو آهي. جو مئين تي؟“ ڇوڪري وراڻي ڏنس ته ”چاچا ٻيو ڪجهه به ڪونهي، بابي چيو آهي ته پاٽي کڻي اچ ته ناڻو ميون.“ هنن پاٽي ته ڪيس ڏني، پر پوءِ ويچارڻ ويٺا ته ڪالهه تائين ته ڏنڊڻ بکيو ڀانگ هو. اڄ ايتري دولت ڪٿان آيس، جو ڳڻي ئي نٿو سگهي! سو يڪدم سندس هڏڏوڪي ٻنجي خبرچار وٺڻ جي خيال سان وٽس آيا. ڳالهين مٿان ڳالهيون ڪندي نيٺ پڇيائونس ته ”ادا! ڪر خبر ته ايترو ڌن آندءِ ڪٿان.“ ڏنڊڻ کي به هنن سور ڏنا هئا سو خيال ڪيائين ته هنن کي سيڪت ڏيڻ جي مهل اها آهي. تنهن ڪري دل ۾ ناهه ناهي چيائين ته ”ادا! ٻيو ته ڪجهه ڪونهي باقي فلاڻي شهر ۾ سڪل ڇوڙي جو ڏاڍو اگهه آهي. آئون به پنهنجي مينهن جو ڇوڙو اتي وڪڻي آيو آهيان. جو ايترو ڌن مليو اٿم.“

عيسوءَ موسو اها ڳالهه ٻڌي سڌو گهر آيا. ڇا ڪيائون جو ڏن جي لالچ ۾ سموريون مينهون ڪهي انهن جا چوڙا لاهي سڪائڻا وجهي ڇڏيائون. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گاڏي ۾ چوڙا ڪڻائي ڏس مليل شهر ڏانهن روانا ٿيا، اتي هنن ڪي ڪنهن پڇيو بہ ڪونہ....نيٺ لاچار ٿي هڪڙي ماڻهوءَ سان اها حقيقت ڪيائون تہ "ادا! اسان وٽ چوڙا ويڪائو آهن. ٻڌو اٿئون تہ هتي چوڙن جو تمام گهڻو ملهہ ملندو آهي." ماڻهوءَ چين تہ "هتي چوڙن جو اگهہ ٿئي ئي ڪونہ... باقي جي چئو تہ آئون توهان کي وڪڻائي ڏيان؟" اتي هنن کي پڪ ٿي تہ ڏنڊڻ اسان کي ٺڳي ويو آهي. نيٺ ٿورن گهڻن پيسن ۾ چوڙا وڪڻي منهن مٿو پٽيندا اچي ڳوٺ پهتا. جتي پهچڻ شرط خار ۾ ڏنڊڻ جي گهر کي باهہ ڏيئي ساڙي رک ڪري ڇڏيائون. ڏنڊڻ کي انهي تي ڏاڍو ڏک ٿيو پر دل جو سور دل ۾ رکي مانڙي ڪري گهر جي رک جو هڪڙو ٻورو ڀري گڏهہ تي رکي اتي هڪ طرف روانو ٿيو.

ڳوٺ کان ٿورو اڳيرو ٿيو تہ هڪڙو شاهوڪار اچي گڏيس جو پڻ واپار ڪريو ڏن جو ڀريل ٻورو پنهنجي گڏهہ تي رکي ساڳئي پاسي پئي ويو. هڪ ٻئي سان سلام ڪلام ڪري گڏ هلڻ لڳا. ڏنڊڻ خيال ڪيو تہ هڪ کان ٻہ ڀلا ٿي پياسون. سو ٻئي يار گڏهن تي چڙهيو منزلون ڪندا هلندا پئي ويا. هڪڙي هنڌ شاهوڪار کي جهنگ جو اچي خيال ٿيو. ڏنڊڻ کي چيائين تہ "ادا! تون هن گڏهہ کي اڳتي ڪاهيندو هل تہ آئون جهنگ جو خيال لاهي ٿو اچان." ڏنڊڻ دل ۾ خيال ڪيو تہ ڀيلي وقت ڏاڍو سنو مليو آهي سو ڇا ڪيائين جو سندس رک وارو ٻورو لاهي شاهوڪار واري گڏهہ تي رکيائين ۽ شاهوڪار وارو ڏن سان ڀريل ٻورو لاهي پنهنجي گڏهہ تي رکيائين. ايتري ۾ شاهوڪار بہ اچي رسيو. ڏنڊڻ ڪجهہ پنڌ ساڻس هلي هڪڙي هنڌ هن کي چيو

تہ "يار! آئون هاڻي هن پاسي ويندس. پنهنجي موڪلاڻي اٿئي." خير ٻئي هڪبئي کان موڪلائي پنهنجو پنهنجو رستو وٺي روانا ٿيا. ڏنڊڻ بہ ڦيرو ڏيئي اچي پنهنجي گهر پهتو.

گهر پهچڻ سان ڏنڊڻ پنهنجي ڏيءَ کي چيو تہ "چاچهن جن کان پاتي وٺي اچ تہ ڏن ميون." ڇوڪري، جا پنهنجي گهر سڙي وڃڻ کان

پوءِ چاچن جي گهر رهندي هئي. سا وچي پاڻي وٺي آئي. عيسي ۽ موسي جي هئي ڏاڍ هريل سو وري به سمجهيائون ته لاشڪ ڏنڊڻ ڪٽان ڏن وٺي آيو آهي. سو وري به ساڙيا ڳانڙيا ٿي اچي ڏنڊڻ جي پر ورتائون، وري جو دولت جو ٻورو ڏٺائون سو ويتر اچرج لڳن. ڪانئن پڇيائون ته "ادا هيترو سارو ڏن ڪٽان ڪمائي آيو آهين؟ هن ڀائرن کي ٻڌايو ته "ادا! فلاڻي شهر ۾ رک جو اگهه ڏاڍو چڙهيل آهي، سو مون به پنهنجي سڙيل گهر جي رک ڪٽي وچي هوڪا ڏنا. ماڻهن کي هئي ڏاڍي گهرج سو رک جي هڪڙي لپ جي عيوض جهولي ڏن جي ٿي ڏنائون. مون وٽ جيڪا رک هئي سا سموري ختم ٿي ويئي. پر اڃا به ڪين گهرج هئي. آئون سڀاڻي ٻي رک به ڪٽي ويندس." عيسي ۽ موسي کي مٿس ويساهه اچي ويو. سو ٻنهي ڀائرن پاڻ ۾ فيصلو ڪيو ته "اڄ ئي گهر ساڙي رک جا ٻورا ڀري شهر هلون. متان وري نه ڏنڊڻ پهچي وڃي." ان بعد ٻئي ڄڻا اٿي سڏو گهر آيا ۽ گهر کي ڪٽي تيلي ڏنائون. جڏهن گهر سڙي رک ٿي ويا. تڏهن رک جا ٻورا ڀري، اچي انهيءَ شهر ۾ پهتا ۽ هوڪا ڏيڻ لڳا: چار وبڪاڻو چار. ماڻهن کي سندن انهي هوڪي تي ڏاڍي کل آئي. چي "ميان! چريا ته ڪونه ٿيا آهيو. ڪڏهن چار به وڪاڻي؟" اتي هنن کي پنهنجي بيوقوفيءَ تي ارمان ٿيو ۽ ڏنڊڻ تي ڪاوڙ به لڳن. تنهنڪري شوڪجي ڦوڪجي اچي ڳوٺ پهتا ۽ يڪدم ڏنڊڻ کي موچڙا هڻي درياءَ جي ڪپ تي ڪلا ڪوڙي رسن سان قابو ٻڌي چيائونس ته "هاڻي جوڳ اٿئي، پلي ته درياءَ جي چولين ۾ ٻڏي مرين!" ائين چئي ٻئي ڄڻا ويندا رهيا.

ڏنڊڻ ويچارو درياءَ جي ڪپ تي ٻڌو پيو هو ته اتي هڪڙو ميهار پاڻي پيارڻ لاءِ پنهنجون مينهون وٺي آيو. ڏنار ڏنڊڻ کي ٻڌل ڏسي ڪانئس پڇيو ته "ادا! توکي انهي آزار مان ڇڏايان؟" ڏنڊڻ جواب ڏنس ته "نه اڙي ادا! آئون ته ٻڌل خوش آهيان، ڇو جو خواجه خضر جي زيارت وٺو ڪريان. تنهنڪري ڇوڙڻ جي تڪليف نه ڪر." اها ڳالهه ٻڌي ميهار کي شوق ٿيو ته "ڇو نه آئون به خواجه خضر جي زيارت ڪريان." سو ڏنڊڻ کي منٿون ڪرڻ لڳو ته "ادا پلائي ڪري مونکي به ٿوري دير لاءِ اتي ڪٽي ٻڌ ته آئون به خواجه خضر جي زيارت ڪري

پنهنجي دل خوش ڪريان.“ ڏنڏڻ چيس ته ”يار! تون مڙس ڪو حبدار ٿو ڏسجين، توکي اها زيارت ضرور ڪرائيندس. هاڻي مونکي ڪول.“ ميهار يڪدم ڪيس ڪوليو. پوءِ ڏنڏڻ لت ڏيئي ڪٽي هن کي ٻڏو ۽ چيائينس ته ”يار! هاڻي وڃو خواجه خضر جي زيارت ڪر.“ پنهنجي الله واهي. ائين چئي سنڌس مينهون ڪاهي روانو ٿيو ۽ ميهار ويچارو رڙيون ڪندو رهجي ويو.

عيسي ۽ موسي جو هن کي صحيح سلامت ۽ هيترين مينهن سميت ايندو ڏٺو سو سندن ڇيه ڇجي پيا پر ٻاهريون ٻنو رکي ڏنڏڻ کي ڏاڍو پيار ڪيائون ۽ چيائونس ته ”ادا! اسان کي معاف ڪج. اسان ڪان ڀل ٿي.... ڀلا هاڻي ٻڌاءِ ته تو اهي مينهون ڪٿان آنديون؟“ ڏنڏڻ ڀائرن کي وري لالچ ۾ ايندو ڏسي چيو ته ”ادا! ٻه ڀيرا توهان کي ڏس ڏنم ته مصيبتون سنيم. هاڻي آئون توهان کي اصل ڪونه ٻڌائيندس ته هيتريون مينهون ڪٿان آنديون اٿم پر عيسو ۽ موسو ضد ڪان نه لٿا. چي: چا به ٿي پوي اسان کي ضرور ٻڌاءِ.“ تنهن تي هن چين ته ”ادا! جڏهن اوهين مونکي درياءَ جي ڪپ تي ڪلي ۾ سوگهو ٻڌي گهر روانا ٿيا، تڏهن ٿوري ويرم ڪان پوءِ خواجه خضر درياءَ مان منهن ڪڍيو. مون ڏاڍي نياز سان ڪيس عرض ڪيو ته ”ماڻهو مونکي هتي ٻڌي ويا آهن. خواجه خضر مونکي چيو ته ”فڪر نه ڪر. جيڪو ماڻهو هن جاءِ تي پاڻ کي ٻڌائيندو آهي، تنهن کي آئون پنهنجي زيارت به ڪرائيندو آهيان ۽ مينهون به انعام ڏيندو آهيان“. اهي مينهون پوءِ خواجه خضر ڪان مليم جو ڪاهي آيو آهيان. عيسو ۽ موسو ٻئي ڇٽا انهي مهل تيار ٿي بيٺا ته اسان کي به اتي هلي ٻڌ ته اسان کي به مينهون ملن ۽ زيارت به نصيب ٿئي.

ڏنڏڻ ته خدا ڪان اهي ڏينهن پئي گهريا ته من ڪو وجهه مليم جو هنن ڀائرن کي سيڪت ڏيان، سو هنن کي درياءَ جي ڪپ تي وٺي آيو. ساڳي جاءِ تي ڪلو کوڙي رسي سان ٻڌي قابو ڪيائين ۽ چيائين ته ”ادا! هاڻي سڄي عمر ويٺا اتي خواجه خضر جي زيارت ڪجو. توهان مون غريب سان دولاب ڪيو تنهن جو نتيجو اهو اٿو.“ اهو ٻڌي

عيسي ۽ موسي وٺي گهوڙا گهوڙا ڪئي پر ڏنڊڻ سندن هڪ ٻه ڪانه ٻڌي ۽ موٽي گهر آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هڪڙي پلي مينهن کي پنهنجو ٺرايل چڙو ٻڌي ٻيون مينهون ڪاهي درياءَ تي آيو ۽ چڙي واري مينهن وٺي اچي پائرن جي پرسان لنگهيو جنهن مان آواز پئي آيو ته "ٽڪ عيسو ٽڪ موسو مال مڙئي ڏنڊڻ جو" عيسي ۽ موسي کي ڏاڍي سيڪت آئي هئي سو روئي پاءَ ڪان معافي ورتائون. تڏهن ڏنڊڻ کي ٻه مٿن رحم آيو. نيٺ ٻنهي کي معاف ڪري ڪولي گهر وٺي آيو. اهو ڏينهن سياڻو وري ڪڏهن ٻه عيسي ۽ موسي ڏنڊڻ جي منگهرائي نه ڪئي ۽ ڏنڊڻ ٻه ڪين مال ۽ دولت مان اڌ حصو ڏيئي گهر گهاٽ ٺرائي ڏنا. پوءِ ٽيئي پائر سڄي عمر کير کنڊ تي رهيا.

اڻ ڏٺي اڻ ٻڌي ڳالھ

ڪنھن زماني ۾ هڪڙي شهر ۾ ٽي دوست رهندا هئا. جن مان ٻہ سچا ۽ هڪڙو ڪاڻو هو. ٽيئي اهڙا تہ ٽوٽي ۽ سست هئا. جو سڄو ڏينھن هڪڙي هنڌ سٽا پيا هوندا هئا. جيڪڏهن ڪنھن ڪٽي ماني ٽڪر ڏنو تہ واهہ نہ تہ پيا هوندا هئا. هڪڙي ڏينھن ٽنهي ڄڻن گڏجي صلاح ڪئي تہ "يار هاڻي ويهي ويهي ڪيستائين مفت جون مانيون کائينداسين. هلو تہ هلي ڪٿي ڌنڌو ڌاڙي ڪريون!" تنهن تي ڪاڻي چيو تہ "ادا! اوهان جي ڳالھ واجبي آهي پر پڪ ڄاڻو تہ هن شهر ۾ توهان کي ڌنڌو ٻنهہ ڪونہ ملندو. باقي ڪنھن ٻئي شهر ۾ هلي قسمت آزمايو تہ پلي." ڪاڻي جي ڳالھ هنن ٻنهي کي بہ سچي لڳي. سو ٽيئي ڄڻا سهي سنيري اٽي پنڌ پيا. هلندي هلندي ڪين اچي ٻپهر ٿيا. اٽي بک بہ اچي ڏاڍي لڳن. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائون پر ڪا وسندي نظر نہ آين. تڏهن فيصلو ڪيائون تہ "جتي بہ ماني پچندي ڏسنداسين، اتان وٺي کائينداسين." آخر ڪجھ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪڙو گهر نظر آين، اتي وڃي ڏسن تہ هڪڙي مائي ويٺي ماني پچائي. اتي هڪٻئي کي چيائون تہ "ٻيلي واهہ، جي ماني کائبي تہ هن مائي جي کائبي، نہ تہ بکيا چڱا آهيون." اهو خيال ڪري پهرين هڪڙي سچي کي ماني وٺڻ لاءِ موڪليائون، جنهن وڃي مائي کي چيو تہ "مائي! اسين مسافر آهيون. ماني کاراءِ." مائي وراڻي ڏنس تہ "ادا! جام مانيون.... پر شرط هي آهي تہ ڪا اهڙي ڳالھ ٻڌاءِ جيڪا مون ڪڏهن نہ ٻڌي هجي، جي نہ تہ پنهنجو رستو وٺ." هن گهڻو ئي عقل ڊوڙايو پر ڪا ڳالھ ڪانہ ياد آيس جيڪا ڪٽي ٻڌائي، ماني وٺي. لاچار جهڙو هو تهڙو هٿين ٺلهو اچي يارن سان حالي احوالي ٿيو. تڏهن وري ٻيو سڄو مائيءَ وٽ ويو پر ٿوري دير کان پوءِ هٿين خالي موٽي آيو.

ٻنهي يارن کي ائين موٽندو ڏسي ڪاڻي چيو تہ "يار! توهان تہ کي بہ ڪونہ ڪيو هاڻي ڏسو تہ آئون ڪيئن ٿو منجهانئس ماني

ڪيڏان.“ ائين چئي يڪدم مائي وٽ آيو. تڪڙو تڪڙو چيائين ته ”مائي! هو سنهڙو ٿلهڙو ڪارڙو پورڙو ننڍڙو جوان تنهنجو ڇا ٿئي؟“ مائي پڇيس ته ”ڪهڙو؟ ڪاٽي چيس ته ”او جيڪو ٻيلي ڏانهن تڪڙو تڪڙو پئي ويو.“ اتي مائي کي شڪ پيو ته اهو شايد منهنجو مڙس هوندو. سو پڇيائينس ته ”ڀلا هن ڇا پئي ڪيو؟“ ڪاٽي ٻڌايس ته ”هن فلاڻي هنڌ هڪڙي مائي کي اشارا پئي ڪيا. “مائي ايترو ٻڌي ڪاوڙ ۾ ٽپي ٻاهه تي وئي. چي ”ادا! تون هت ترس ته آئون ٿي انهيءَ کي ڏسان... اهي پار منهنجي مڙس جا آهن.“ ائين چئي يڪدم اتي ٻيلي ڏانهن ڊوڙي.

مائي جڏهن ڳچ پنڌ نڪري وئي. تڏهن ڪاٽي پنهنجن سنگتين کي سڏي مانيءَ تي مکڻ رکي کائي چڙهه ڪيو. پوءِ سڀن، ڪاٽي کي چيو ته ”يار! ماني کاڌيسين هاڻي پيچ ته پڇون.“ پر ڪاٽو چئي ته ”يار! مزو ته هاڻي ٿيندو.“ خدا جي قدرت، ايتري ۾ ان مائي جو گهروارو به ڪتان گهمندو ڦرندو اچي اتي نڪتو. ڏاريا ماڻهو گهر ۾ ويٺل ڏسي ڏاڍو عجب لڳس. ڪانئن پڇيائين ته ”ڪريو خبر توهين ڪير آهيو؟“ ڪاٽي نهه پهه جواب ڏنس ته ”اسين تنهنجي زال جا مائٽ آهيون.“ هن ڪين ڏاڍي عزت ڏئي ويهاريو ۽ پوءِ ڪاٽي کان پڇيائين ته ”ادا! ڀلا ٻڌاءِ ته منهنجي زال ڪيڏانهن وئي آهي؟“ ڪاٽي جواب ڏنس“ ته ”ٻي ته اسان کي خبر ڪانهي، باقي هڪڙي جوان ماڻهو اچي ٻاهران سڏ ڪيس، تنهن سان گڏجي ٻيلي ڏانهن وئي آهي.“ مڙس اهو ٻڌي ٻاهه تي ويو. ڪٺندي لٺ وٺي ٻيلي ڏانهن ڀڳو. ٻن سڀن کي اچي سر سان لڳي ته هاڻي ٿا جيئري مرون، پر ڪاٽي ڪين دلداري ڏني ته ”ڳڻتي نه ڪريو ويٺا تماشو ڏسو.“

ايتري ۾ مائيءَ جو پاءُ اچي اتي سهڙيو ۽ اوپرن ماڻهن کي ڏسي ڪانئن خبر چار پڇڻ لڳو. ڪاٽي ٻڌايس ته ”اسين قبر کوٽڻ لاءِ آيا آهيون.“ مائيءَ جي پاءُ پڇيس ته ”خير؟“ چئي ”پائو ٻي ته ڪا سڌ ڪانهي، باقي اسان کي هڪڙو ماڻهو وٺي آيو آهي ۽ چيو اٿس ته توهين قبر کوٽيو ته آئون پنهنجي زال کي کهي ٿو اچان ۽ اهو به چيو اٿس ته اها ڳالهه ڪنهن کي نه ٻڌائجو. هاڻي يار تون به ڪنهن کي نه

ٻڌائج. “ مائيءَ جي پاءُ جو ايترو ٻڌي سو ڪاوڙجي پڇيائين تہ ”مون کي ڏس ڏيو تہ ڪيڏانهن ويو آهي؟ ڪاٺي ورائيس تہ ”او سامهون واري ٻيلي ۾ ويو آهي. “ مائي جو ڀاءُ بہ رڙيون ڪندو ٻيلي ڏانهن روانو ٿيو.

هوڏانهن هلندي هلندي مڙس وچي زال سان گڏيو جنهن نہ ڪئي پڇا نہ ڪا ڳاڇا، بہ ٿي سوٽيون وهائي ڪڍيس. زال بہ هئي ڪا ڪاوڙ جي ٽڪي، سا بہ ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس. نيٺ جڏهن ڏئي وٺي بيٺا. تڏهن زال چيس تہ ”ڏوهہ تنهنجو مارين وري مونکي!“ مڙس چيس تہ ”يارن جي پنيان تون پئي ڦرين، ڏوهہ وري منهنجو!“ اتي زال مڙئي شڪي ٿي. چئي ”ٻڌاءِ توکي ڪنهن چيو آهي. هن ٻڌايس تہ تنهنجن مائٽن، جن کي گهر ويهاري آئي آهين.“ پوءِ مائي کيس ٻڌايو تہ ”اهي منهنجا مائٽ ڪونہ آهن. مونکي تنهنجي لاءِ ٻڌايو هئائون تہ تون ٻيلي ۾ ڪنهن زال کي پيو اشارا ڪرين. تڏهن آئون نڪتيس، باقي مونکي بي ڪا بہ خبر ڪانهي. “ پوءِ ٻنهي کي پڪ ٿي تہ ڪن ٺڳن سان واسطو پيو آهي. سو يڪدم گهر ڏانهن ڀڳا، اجا بہ ٿي وڪون اڳتي ويا تہ مائيءَ جو ڀاءُ ملين. تن هنن کي صحيح سلامت ڏسي شڪر ڪيو ۽ پيٽويي کان پڇڻ لڳو تہ ”ادا! گهر ۾ قبر کوٽڻ وارا ڇو ويهاري آيو آهين؟“ هي اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. چي: ادا ڪهڙا قبر کوٽڻ وارا!“ هن بہ کين سڄي ڳالهہ ٻڌائي. پوءِ تہ ٽيئي ڄڻا ڪاوڙجي گهر ڏانهن موٽيا.

جڏهن ٻن سڄن هنن کي ائين موٽندي ڏٺو تڏهن اچي سر سان لڳن. پر ڪاٺي چين تہ ”ڊپ نہ ڪريو ويهي مزو ڏسو“. هو جيئن گهر ۾ گهڙيا. تيئن سيني ڪاٺي تي الر ڪئي. چي ”تو جهڙي چالاڪي اسان نہ ٻڌي نہ ڏٺي. آخر تو ائين ڇو ڪيو؟“ تنهن تي ڪاٺي کين سڄي ڳالهہ ٻڌائي چيو تہ ”هاڻي اسان ماني بہ ڪاڏي ۽ مائي کي اڻ ڏٺي ۽ اڻ ٻڌي ڳالهہ بہ ٻڌائي. “ هاڻي پنهنجي الهہ واهي. ائين چئي ٻنهي دوستن کي وٺي جيڏانهن وڃڻو هون، انهي پاسي روانو ٿيو.

سونو ڪُڪڙ

هڪڙي پيري ڪنهن بادشاهه پنهنجي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريو ته جيڪو به ماڻهو مونکي ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌائيندو جيڪا مون ڪڏهن به نه ٻڌي هجي، تنهن کي سونو ڪڪڙ انعام ۾ ڏيندس، جيڪڏهن منهنجي ڳالهه ٻڌل هوندي ته پوءِ ان ماڻهوءَ کي ڪاٺ ۾ وڌو ويندو.

سڄي ملڪ ۾ اها ڳالهه پکڙجي وئي. الاجي ڪيتان ڪيتان جا ماڻهو بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ اچي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا. پر جيڪو ڳالهه ڪڍي، بادشاهه پهرئين ئي جملي تي چئي ته "هل! اها ڳالهه ٻڌل آهي." بس انهي مهل سپاهين وٺي وڃي ان ماڻهو کي بند ۾ تي وڌو.

انهي شهر ۾ هڪڙو غريب ٻڪرار رهندو هو. ويچاري کي ٻن ويلن لاءِ به وڏا وس ڪرڻا پوندا هئا. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته "هلي ڪا بادشاهه وٽ قسمت آزمايان.... جيڪڏهن سونو ڪڪڙ مليو ته پوءِ موجون آهن، جي نه ته به هن آزار کان ته جند ڇٽي پوندي." سو دل ئي دل ۾ هڪڙي ڳالهه ٺاهي اچي بادشاهه جي ڪچهري ۾ پهتو. بادشاهه کيس ڏسي چيو ته "ميان! ڪيئن آيو آهين؟" جواب ڏنائين ته "سائين! اڻ ٻڌل ڳالهه ٻڌائڻ آيو آهيان." بادشاهه کلي چيس ته "ميان! توکان وڏا عاقل ۽ هوشيار ٻڌجي ويا. هتان موٽي وڃ." ٻڪرار چيس ته "جيئندا قبلا! پهرين ڳالهه ٻڌو پوءِ فيصلو ڪريو." بادشاهه چيس ته "چڱو يلا ٻڌاءِ!" ٻڪرار هٿ ٻڌي هن طرح ڳالهه شروع ڪئي:

"جيئندا قبلا! هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن تون اڃا ننڍڙو هئين ۽ تنهنجو پيءُ هن ملڪ تي بادشاهي ڪندو هو. منهنجو پيءُ به هن ملڪ جو وڏي ۾ وڏو سوداگر هو. سندس واپار سڄي دنيا سان هلندڙ هو. مال ملڪيت ۾ به بابي جي برابر ٻيو ڪوبه ماڻهو ڪونه هو. تنهنڪري سڄي بادشاهي ۾ سندس وڏو اثر هو. وڏي ڳالهه اها جو تنهنجو پيءُ ۽ منهنجو پيءُ ٻئي پڳ مٽ يار هئا. رضائون قضائون سيني انسانن تي آهن، ڏکئي سکئي وقت هڪٻئي جي ڪم پيا ايندا هئا.

هڪڙي پيري بابو ڪنهن ولايت ڏانهن واپار سانگي ويٺو هو سو وڃڻ مهل بابي پنهنجي گهر جو سونو جنڊ تنهنجي پيءُ کي امانت طور رکڻ لاءِ ڏنو هو ۽ چيو هئائينس ته ”آئون توکان اهو ڏکي سکي مهل وٺندس. ڪيترن سالن کان پوءِ منهنجو پيءُ واپار ڪري موٽي آيو. انهي وچ ۾ تنهنجو پيءُ گذاري ويو ۽ تون تخت تي ويٺين پر بابي جنڊ واري ڳالهه زبان تي ڪانه آندي. ڇو جو بابي اهو جنڊ ڏکئي وقت لاءِ پاسيرو ڪري رکيو هو. ڪن ڏينهن کان پوءِ بابو به گذاري ويو پر مرڻ وقت مون کي سڄي حقيقت ٻڌائي چيو هئائين ته جڏهن به ڏکيو وقت اچئي. تڏهن اهو سونو جنڊ وڃي بادشاهه کان وٺج. ڪجهه ڏينهن ته الله جي مهرباني هئي. تنهنڪري مون سائين جن کان ان جي گهر به ڪانه ڪئي. پر دنيا جا لاها چاڙها آهن. انسان ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن ياڪر ۾. ڏکيا ڏينهن پڇي ڪونه اچن پر تڏهن به مون توهان کي تڪليف ڪانه ڏني. هاڻي جڏهن کائڻ لاءِ ڪوڏي نه رهيم، تڏهن اچي حاضر ٿيو آهيان. هاڻي جي اوهان اها جنڊ واري ڳالهه ٻڌي هجي ته پوءِ مهرباني ڪري سونو جنڊ موٽائي ڏيو ۽ جي اها ڳالهه نه ٻڌي هجيو ته اهو سونو ڪڪڙ ڏيو.“

بادشاهه سڄي ڳالهه ٻڌي ماٺ ۾ اچي ويو جي ٿو چئي ته اها ڳالهه ٻڌي اٿم ته سونو جنڊ ٿو ڏيڻو پئيس ۽ جي چئي ٿو ته ڳالهه ٻڌل نه اٿم ته سونو ڪڪڙ ٿو ڏيڻو پئي. آخر ڪجهه دير کان پوءِ چيائين ”ميان! بابي ته مونکي اها ڳالهه ٻڌائي ڪانه هئي.“ تنهن تي ٻڪرار چيس ”بادشاهه سلامت! جي توهان جي اها ڳالهه ٻڌل ڪانهي ته پوءِ اهو سونو ڪڪڙ منهنجو آهي.“ اتي بادشاهه سندس چالاڪي کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ڪڪڙ ڪٺي ڏنائين، جيڪو هن وڪڻي وڃي گهر نهرايو ۽ شادي ڪئي. باقي سڄي عمر آرام ۽ خوشي سان گذاريائين.

ابا! اٽي ڪڪڙ جي ڪر

ڪنهن شهر ۾ وڏو سوداگر رهندو هو. جڏهن پاڻ وڏي ڄمار جو ٿيو تڏهن پنهنجو سڄو ڪاروبار پنهنجي پٽ جي حوالي ڪيائين ۽ پاڻ الله جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. سندس پٽ وڏو هوشيار ۽ سمجهو هو جنهن ڪري پيءُ جو واپار تمام سٺي نموني ۾ هلائڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن ان سوداگر کي خبر پئي ته گهر مان هڪڙي ڪڪڙ چورائجي وئي آهي. سوداگر پٽ کي سڏي چيو ته "ابا! اٽي ڪڪڙ جي ڪر." پٽس خيال ڪيو ته "هاڻي هڪڙي ڪڪڙ لاءِ هروڀرو ڪير ويٺو مغز ماري ڪري. وئي ته وڃي ڪڍ ۾ پوي. سو ماٺ ڪري ڳالهه کي لاتار ڪري ڇڏيائين." هڪڙو ٻه ڏينهن ته چور کي وري وجهه ملي ويو. سو موقعو ڏسي هنن جي ٻڪري چورائي ويو. جڏهن پٽس کي خبر پئي ته گهر مان ٻڪري به چورائجي وئي. تڏهن هن وري پٽ کي گهرائي چيو ته "بابا! ٻڪري چورائجي وئي آهي ۽ تون اٽي ڪڪڙ جي ڪر." پر انهي ڳالهه تي به پٽس ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ خيال ڪيائين ته "ٻڪري وئي ته ڇا ٿيو ڪير پيو اجايو هلاڪي ڪري." سو ماٺ ڪري وڃي پنهنجي ڌنڌي سان لڳو.

چور جي اچي ڏاٺ هري، چئي "هي ته گهر سولو لڳو پيو آهي، جو ڪوبه واهرو ڪونه ٿو پوي!" سو ماٺ ماٺ ڪري هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ وري ڳئون چورائي ويو پير مرد کي جڏهن ڳئون چورائڻ جي خبر پئي. تڏهن ڏاڍو ارمان ٿيس، ۽ خيال ڪيائين ته "هاڻي ته هڪ هڪ ٿي گهر جا سڀ ٿيڙ چورائجي ويندا." سو نيٺ وري به پٽ کي گهرائي چيائين ته "پٽ! اڃا به مهل اٿئي، اٽي ڪڪڙ جي ڪر، نه ته سڄو گهر ناس ٿي ويندءِ" پر انهي ڳالهه تي به پٽس ڪو خيال نه ڪيو. مرڳو دل ۾ سوچيائين ته "بابو ڪو چريو آهي، جو وئي ڍڳي آهي ۽ چوي ٿو ته اٽي ڪڪڙ ڳول." سو ماٺ ڪري وڃي پنهنجي ڌنڌي سان لڳو.

هوڏانهن چور جو ڏنو تہ ڊڳي جو ڪوبہ ڏٽي ڪونہ وريو سو ہ تي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ اچي مينهن جي ڏڻ کي پهتو ۽ هڪڙي مينهن ڏڻ مان چوڙي ڪاهي روانو ٿي ويو. هوڏانهن پٽ کي جڏهن خبر پئي، تنهن ڏنو تہ هاڻي تہ هي چور سيئي گهر جا ٽپڙ سچ ڪندو سو سڌو پيءُ وٽ آيو ۽ چيائين تہ "بابا! چور تہ باھ ٻاري ڏني آهي. هاڻي ڇا ڪجي؟" پٽس ڳالھ ٻڌي چيس تہ "بابا! مون توکي ڪڪڙ وڃڻ وقت بہ چيو هو تہ اٽي ڪڪڙ جي ڪر. جي اوڏي مهل ڪڪڙ جي پوئواري ڪرين ها تہ هينئر هي وقت ڪونہ اچي ها. پر هاڻي بہ مهل ڪانہ وئي آهي ۽ تون اٽي پهريائين ڪڪڙ جي ڳولا ڪر." پٽس پيءُ جي اها ڳالھ ٻڌي هڪدم وٺي ڪڪڙ لاءِ وٽ پڪڙ شروع ڪئي. نيٺ هن کي ڪنهن ماڻهوءَ وٽان چور جي ڪڙڪ پئجي وئي. سو هڪدم پاڙي جا ڪجھ ماڻهو مدد لاءِ وٺي وڃي چور تي اوچتو پهتو. جتان سڀ مال ڪاهي آيو پوءِ سڄي عمر ڪڏهن بہ پيءُ جي ڳالھ مڃڻ کان انڪار ڪونہ ڪيائين.

باب اٺون

چالاڪن جون ڪهاڻيون

مڏي ۽ مچڏ

هڪڙي ڳوٺ ۾ ڪو شخص رهندو هو جنهن جي عادت هوندي هئي تہ اڌاري ورتل شيءِ ڪنهن کي بہ موٽائي ڪونہ ڏيندو هو جنهن ڪري ڪيس سڏيندائي ”مڏي“ هئا. سندس انهيءَ عادت جي ڪري سڄو ڳوٺ منجهانئس ڪڪ ٿي پيو هو نہ ڪو ڪيس ڏيندو هو ۽ نہ وٺندو هو. اها حالت ڏسي مڏي خيال ڪيو تہ ”هاڻي هتي رهڻ محال آهي. تنهنڪري ڇو نہ هلي ڪنهن ٻئي پاسي قسمت آزمائجي.“ سو گهران هڪڙو آنو ڪٺي واڌي وٺ ويو جنهن کان آني ۾ ڪاٺ جي تلوار نهرائي مياڻ ۾ وجهي، اٿي پنڌ پيو. اچا ڪجهہ اڳيرو ويو ڏسي تہ هڪڙو شخص دکي لوڏيندو پيو اچي. مڏي خيال ڪيو تہ ”واهہ واهہ! خدا اتيئي شڪار ڪٺي ڏياريو آهي.“ سو وڏي وجهي ساڻس حالي احوالي ٿيو. دکيءَ واري شخص ٻڌايس تہ ”ادا! آئون سوداگر آهيان، پر قسمت ڏکيا ڏينهن ڏيکاريا آهن. باقي هيءَ دکي وڃي بچي اٿم. سو وڃان ٿو ڪنهن پاسي قسمت آزمائڻ.“ جنهن تي مڏي وراڻي ڏنيس تہ ”ادا، منهنجي پڻ ساڳي حالت آهي، باقي هيءَ تلوار بچي اٿم.“ تنهن تي دکي واري چيس تہ ”ادا! جي سودو ڪرين تہ تلوار ڏي مونکي ۽ دکي ڪڻ تون.“ مڏي ڏنو تہ پاڻهي بل ڏنو اٿس، سو يڪدم هائوڪار ڪيائين ۽ تلوار ڏيئي دکي وٺي پويان پير ڪيائين.

دکيءَ وارو جوان بہ ڪو وڏو ٺڳ هو جنهن کي ”مچڏ“ ڪري چوندا هئا. سو بہ مڏي وانگر ڳوٺان قسمت آزمائڻ لاءِ نڪتو هو. هو

دڪيءَ ۾ ڇهن پيسن جو ڏڏ مکڻ وجهي صبح سان پنڌ پيو هو ته اوچتو رستي ۾ مڏي مليس. ٻنهي پاڻ ۾ سودو ڪيائون. مڇڏ به خوش هو ته ڇهن پيسن ۾ تلوار وٺيو ٿو وڃان. گهر وڃي جو تلوار مياڻ مان ڪڍي ڏسي ته مار! تلوار ڪاٺ جي! وري جو ان جو ملهه پڇيائين ته ڊڪر جي ويو. سڄو سارو ٽڪي جو نقصان, سو يڪدم سهي سنيري مڏيءَ جي ڳوٺ روانو ٿيو.

هوڏانهن مڏي جڏهن دڪي وٺي اٿي هليو تڏهن دل ۾ چيائين ته اڄ ته خوب شڪار هٿ لڳو آهي. منهنجي تلوار آني جي ۽ هيءَ ڇهن پيسن جو مال! ٽڪو وري به فائدو ٿيو. سو سڌو آيو گهر ۽ زال کي ايندي شرط چيائين ته "سيگهو ڪر, ماني پچاءِ ته ڪائون. جوٽس يڪدم اٽي, اٽو ڳوهي, باهه ٻاري ماني پچائي ورتي. هن يار به ماني تي مکڻ وجهي ڪائي چڙهه ڪيو. ماني ڪائيندي زال کي سڄي حقيقت ٻڌايائين. اڃا گهڙي ڪانه گذري ته دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. اٿي هن مڙس کي ڪٽڪو ٿيو ته متان مکڻ ۽ دڪيءَ وارو همراهه نه اچي پهتو هجي, سو هوريان هوريان اٿي در جي سوراخ مان ڏسي ته برابر ساڳيو همراهه بيٺو آهي. زال کي چيائين ته "ڳالهه ٻڌئي. ٽڪي وارو همراهه اچي پهتو پر آئون به زمين اٿلي پوي ته ٽڪو ڪونه ڏيندوسانس. سو هاڻي تون هيئن ڪر جو آئون ٿو سمهان ۽ تون مون تي چادر وجهي ويهي اوڇنگارون ڏي جيڪڏهن توکان پڇي ته چئجاس ته منهنجو مڙس اڄ گذاري ويو آهي." اها صلاح بيهاري هڪدم کٽ تي سمهي رهيو ۽ زال مٿانئس چادر وجهي ويهي اوڇنگارو ڏيڻ لڳي.

هوڏانهن وري مڇڏ جو در تي بيٺو هو, تنهن جو روڄ جو آواز ٻڌو, سو يڪدم در کولي اندر آيو ۽ اچي پڇيائينس ته "مائي, ڀيو ته خير آهي؟" مڏيءَ جي زال ورندي ڏنيس ته "ادا ڪهڙي ٿو خبر پڇين. ويچارو مڏي صبح جو ٻاهر نڪتو هو. وري گهر موٽي آيو ته الائجي ڇا ٿيس, جو ايندي شرط دم ڏنائين." مڇڏ جو اها خبر ٻڌي تنهن دل ۾ چيو ته "هي مئو ته ڪونهي پر آئون قبر تائين به ٽڪو ڪونه ڇڏيندومانس". سو مائي کي چيائين ته "مائي! هي ويچارو منهنجو دوست هو هاڻي منهنجي مرضي آهي ته هن جي ڪفن دفن جو بندوبست آئون

ڪريان؟" مائي هاڻي انڪار ڪيئن ڪري، لاچار ڪيس انهيءَ جي موڪل ڏنائين. هن بہ يڪدم وڃي ڳوٺ جي ماڻهن کي ڄاڻ ڪيو تہ ويچارو مڏي مري ويو آهي. فلاڻي وقت سندس جنازو کڄبو. سيني کي ڄاڻ ڪري گهر موٽي آيو ۽ اچي تڙ لاءِ پاڻي ڪوسو ڪيائين. انهي وچ ۾ هو مڏيءَ جا ڪپڙا لاهڻ لاءِ ويو. ڪپڙا لاهيندي هن جي ڪن ۾ چيائين تہ "يار! سڄي ڳوٺ کي ٻڌائي آيو آهيان، ڪانڌي آيا کي آيا، اجا بہ مهل اٿيئي، تڪو ڏيئي پنهنجي جند ڇڏاءِ" پر مڏيءَ اهڙو ڪچي جهڙي يت. "مچڏ چيس تہ "يار! تون مڏي آهين پر آئون بہ مچڏ آهيان، سو قبر ۾ بہ تڪو وٺندو سانءِ". اتان اٿي هن ٺهڪندڙ پاڻي آندو ۽ مڏيءَ کي کڻي اچي ڦرهي تي وڌائين ۽ گرم پاڻي سان ڪيس تڙ ڏيڻ لڳو. پاڻي تمام ڪوسو هو پر هن يار بہ ٻڙڪ ئي ٻاهر ڪانہ ڪڍي. انهي وچ ۾ هن ٻئي ڀيرا چيس تہ "تڪو ڏي" پر مڏي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنس. آخر هن وهنجاري وري آڻي کٽ تي وڌس. اتي ڪانڌي بہ اچي گڏ ٿيا ۽ جڏهن کڻي وڃڻ لڳس. تڏهن مچڏ ڪانڌين کي چيو تہ "ادا! ٿورو ترسو تہ سندس منهن ڏسي ڪانئس موڪلايون." ائين چئي آهستي آهستي سندس ڪن ۾ چيائين تہ "يار! هاڻي اٿي ڪڙو ٿيءُ نہ تہ وڃين ٿو قبرستان ۾." انهي ٻڌڻ تي مڏي جواب ڏنو تہ "تڪو تہ ڪونہ وٺندين؟" مچڏ چيس تہ "پهريائين تڪو پوءِ ٻي ڳالهہ." تنهن تي مڏي چيس تہ "پوءِ ڀلي کڻي هلوم." ائين چئي دت هڻي سمهي رهيو. پوءِ سڀ ڪانڌي جنازي کي کڻي مقام ڏي هليا. قبر اڳيئي کوٽي پئي هئي. ڪانڌين لاش کي کڻي اندر قبر ۾ وڃي رکيو. مٽي ورائڻ مهل مچڏ ڪانڌين کي چيو تہ "ياڙرو! هاڻي منهنجي دوست ۽ اوهان جي پاڙيسريءَ جو منهن جنهن کي ڏسڻو هجي سو لهي اچي قبر ۾." سيني ماڻهن مڏيءَ جو منهن ڏٺو ۽ آخر ۾ مچڏ وري بہ ڪن ۾ هوريان هوريان چيس تہ "يار! هاڻي جي تڪو ڏين تہ وهواهہ! نہ تہ ٿي مٿان مٽي ورائجنئي." پر مڏي ڪوبہ جواب نہ ڏنو. آخر لاچار ٿي مچڏ قبر مان ٻاهر نڪتو پوءِ سيئي گڏجي مڏيءَ کي پوري پنهنجي گهر روانا ٿي ويا، پر مچڏ اتيئي مقام ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن جي موٽي وڃڻ کان پوءِ قبر ۾ هڪڙي دري ٺاهي ڇڏيائين تہ

متان گهٽجي مري نه وڃي ۽ پاڻ پاسي واري گهاٽي ڪبڙ تي چڙهي لڪي ويهي رهيو. ڇنو جو ڪيس پڪ هئي ته نيٺ هي قبر مان ٻاهر نڪرندو. پاڻ سان گڏ گهڙو ۽ ڪوڏر آندي هئائين سا به متي وڻ ۾ ٽنگي ٻالم تي ويهي رهيو. ويٺي ويٺي شام اچي ٿيس پر مڏي قبر مان نه نڪتو. اتي هن دل ۾ خيال ڪيو ته "هن مڙس به ضد ٻڌو آهي، پر آئون جي ڇڏيانس ته پوءِ منهنجي نالي کي حيف آهي" ائين چئي وڻ تان لهي پر واري مسجد مان هڪڙو ڏيو ڪڻي آيو جو ٻاري قبر جي سيراندي کان رکي پاڻ وري به ڪبڙ تي چڙهي ويهي رهيو.

قدرت سان ڪي چار چور جي رات جو چوري ڪرڻ جي سانگي سان نڪتا هئا، سي اچي مڏي جي قبر وٽان لنگهيا. قبر تي سوجهرو ڏسي هڪبئي کي چيائون ته "سبحان الله! هي ڪو بزرگ شخص ٿو ڏسجي." سو پاسي ۾ ٻيهي پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته "ٻيلي ههڙي بزرگ شخص جي دعا وٺڻ کپي." اتي هڪڙي چور چيو ته "اي نيڪ بخت! اڄ رات جيڪڏهن اسان کي ڪو سٺو داءُ لڳو ته آئون توتي بهترين پڙ وجهندس." ٻئي چور چيو ته "آئون هتي ٿي مٺائي ورهائيندس." ٽئين چور چيو ته "آئون پنج رپيا نذرانو رکندس" پر چوٿون چور جو ڪاٺو هو تنهن چيو ته "آئون پنج پادر ڪڻي قبر تي هڻندس." انهيءَ تي ٻين ٽن ڄڻن چيس ته "اڙي چريا! ائين نه چئو متان درويش ڪاوڙجي پئي ته هلي قاسون نه ڪنهن آزار ۾، پر ڪاٺي سندن ڳالهه ئي ڪانه ٻڌي. نيٺ هي چارئي ڄڻا اتي چوري تي هليا. قدرت سان انهي رات هنن وڃي هڪ وڏي زميندار جي گهر کي ڪاٽ هنيو جنهن مان تمام گهڻو مال هٿ آيو. دل ۾ خوش ٿيا ته "ٻيلي واهه! هيءُ ته ڪو وڏو پهتل شخص هو جنهن اسان جي ٻڌي، سو سڀ مال کڻي پنهنجي انجام پاڙڻ لاءِ مڏيءَ جي قبر تي آيا. پهرئين چور قبر تي چادر وڌي، ٻئي چور مٺائي ورهائي ۽ ٽئين چور قبر تي پنج رپيا رکيا. باقي چوٿون ڪاٺو چور پادر لاهي هڪ به ڪري قبر کي هڻڻ لڳو. ميڇڏ جو ڪبڙ تي ويٺل هو تنهن جو اوچتا ڌمڪا ٻڌا سمجهيائين ته الائجي ڪهڙي آفت آهي جا قبر پئي ڪوٽي سو ڏڪڻ لڳو جنهن ڪري هٿن مان ڪوڏر ڇڏائجي ويس ۽ هيٺ رکي مٽ تي اچي ڪري، رات هئي نوائي سو مٽ جي ڀڄڻ جو

ايڏو ته نڪاءُ ٿيو جو چور ڊڄي ويا. سمجهيائون ته ڪاٺي تي درويش جو قهر نازل ٿيو آهي، تنهنڪري ڊپ ۾ مال متاع ڇڏي پنهنجو سر بچائي اتي ٻيڳاءِ مقام کان ٻاهر اچي دم پٽيائون.

مڇڏ چورن کي ڀڄندو ڏسي سو سڌ سماءَ وٺڻ لاءِ آهستي آهستي ڪٻڙ تان هيٺ لهي آيو. اتي ڏسي ته بلي، هتي ته مال متاع پيا آهن! پڪ ٿيس ته چور ضرور مال کڻڻ لاءِ وري ايندا سو ٻي واهه نه ڏسي يڪدم سڀ ٽپڙ ٽاڙي ريڙهي مڏي واري قبر ۾ گهڙي ويو ۽ وڃي هن کي چيائين ته "هي مال ڏس، هاڻي اتي ته اڌواڌ ڪريون." مڏي اهو مال ڏسي ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهيو. پوءِ ٻنهي ڄڻن گڏجي سمورو مال اڌو اڌ ڪري ورهائي ڪنيو. جڏهن سڀ ورهائي بس ڪيائون، تڏهن مڇڏ چيس ته "ادا! منهنجو ٽڪو؟" پر مڏي چئي ته "ٽڪو وري ڇا جو؟" وري اچي منجهن تڪرار ٿيو.

چورن ڪجهه دير کان پوءِ ڪاٺي چور کي چيو ته "نياڳا! اها سموري مصيبت تنهنجي ڪري آئي آهي. سو هاڻي تون مقام ۾ وڃي خبرچار وٺي اچ." ڪاٺو چور آهستي آهستي پير پير ۾ ڏيندو سڌو اچي قبر وٽ پهتو. ڏسي ته مال آهي ئي ڪونه. سو ڏاڍي عجب لڳس، اتفاق سان سندس نظر وڃي قبر ۾ ٽيل درڳءَ تي پيئي. خيال ڪيائين ته اندر جهاتي پائي ڏسان ته سهي ته آهي ڇا! پوءِ هري هري ڪري قبر جي دري ۾ تنهن وڌائين. مڏي ڇا ڪيو جو سٽ ڏيئي ڪاٺي چور جي مٿي مان پٽڪو لاهي کڻي مڇڏ کي ڏنو ۽ چيائين ته "اچي ٽڪي ۾ توکي پٽڪو آيو." ڪاٺو چور وٺي ڀڳو ۽ سڌو اچي پنهنجن سنگتين وٽ پهتو ۽ چيائين ته "ڀڄو ڙي ڀڄو! انهي قبر ۾ ايترا ته مردا اچي گڏ ٿيا آهن جو پنهنجي سموري ملڪيت هنن ۾ ٽڪو ٽڪو ٿي ورهائجي ويئي ته به پوري ڪانه پئي. انهن مان هڪڙي ڄڻي جو ٽڪو کٽي پيو جنهن کي منهنجو پٽڪو لاهي ٽڪي ۾ ڏنائون." چور اها ڳالهه ٻڌي وٺي ڀڳا. صبح جو ھو ٻئي ڄڻا قبر مان نڪري سمورو مال کڻي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

ڪاڏي وارو خواب

ڪنهن شهر ۾ ٻه دوست گڏ رهندا هئا. سندن اٿڻ ويهڻ کائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ گڏ هو. هڪڙي ڏينهن ٻنهي دوستن هڪٻئي سان فيصلو ڪيو ته اڄ رات جيڪو به جهڙو به خواب لهي سو ٻڌائي. اهو فيصلو ڪري وڃي سمهي پيا. صبح جو اٿي هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيا. پهرئين دوست ٻڌايو ته "ادا! مون رات ڏاڍو مزيدار خواب ڏٺو آهي جو ٻڌ ته ٻڌايانءِ. ياڻو! توکان موڪلائي وڃي ستس، ڪا مهل ڪانه گذري ته ڏسان ٿو ته هڪڙي شهر جو ٻنيو آهي، ويجهو وڃي ڏسان ته ٽي ڳوٺ آهن، ٻه ڦٽا پيا آهن ته ٽيون وسي ئي ڪونه. اتي ڪنيئر ڏٺم ٽي، ٻه ڇٽ ٽيون ڄاڻي ڪونه. جيڪو ڄاڻي ڪونه تنهن ڪنا ڏنا ٽي، تن مان ٻه ڀڳل، ٽيون جهلي ڪونه. جيڪو جهلي ڪونه تنهن ٽي ملان آندم ٽي، ٻه ڇٽ ٽيون ڄاڻي ئي ڪونه. انهن ڏنا پئسا ٽي، تن ۾ ٻه ڪوڙا ٽيون هلي ئي ڪونه. جيڪو هلي ئي ڪونه، تنهن جون ورتم سينگڙيون ٽي، تن ۾ ٻه ڀڳل ٽين جهلي ڪانه. ان سان ماريم تتر ٽي، ٻه لڪيا ٽيو ليپي ڪونه. جيڪو ليپي ڪونه تنهن جو تاهيم پلاءُ، تنهن ۾ ٻوٽي ليپي ئي ڪانه. پوءِ ڪائي ڪيم ڏؤ ۽ پريون ٻڌي ڪٽي اچي نڪتس، اڳتي اچان ته ڏونئري جي دکي ٽنگيل ڏٺم. نڪاءُ ڪرايومانس گز ته دکي پٽ تي ڪري پئي ۽ ڏونئرو مٿي ٽنگيو پيو آهي. دکي ڪٽي درياءَ تي ويس، ڪن لاتومانس ته ڪو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي. ڪٽي جو ڏسان ته سينگاري مڇي ويٺي سرندو وڄائي ۽ سندس ٻچا پيا بيت چون. اڃا اتي ئي هوس ته اک کلي ويم."

ٻئي دوست چيو ته "يارا واهه جو خواب لڌئي. هاڻي اسان جو به خواب ٻڌ. توکان موڪلائي وڃي ستس، گهڙي ڪن گذرڻ کان پوءِ ڏسان ته هڪڙو ڳڙ جو گهوڙو جنهن کي لڏن جو لغام، توشن جو تل، موڻ ٿال جا ٽڙا، حلوي جو هنو ۽ ستربينين جا سنج پيل هئا. سو منهنجي اڳيان اچي بيٺو آهي. مون به هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، چاشني جو چهبڪ ڪٽي مٿس ڪٽي ٽپو ڏنو. گهوڙو سرڙاٽ ڪڙٻاٽ ڊوڙڻ لڳو. ڊوڙندي ڊوڙندي

اچي گهيٽ جي گپ ۾ ڦاٿو. اڙي جو هنئيمانس ته چوياز اچي ڪير پيڙن جي ڪڏ ۾ ڪريو ۽ قضا سان گذاري ويو. بس گهوڙي مرڻ کان پوءِ آئون ڦيرين ۾ اچي ويس. ڪا واهه نه سجهيم ته ڪيڏانهن وڃان! نيٺ ڏٺيءَ تي توڪل رکي هڪ پاسي ڪٽي رخ رکيم. هليو اچان ته اڳيان شربت جو سمنڊ ڏٺم، جنهن ۾ گيهه جي گنگا وهيو ٿي پئي. ان جي ڇوڙ وٽ مرمليو مهاڻو پتاشي جو پتڻ جهليو بيٺو آهي. وڃي اچي پر ورتيمانس. چي، "يار! مونکي هن پار پهچائيندين؟" چيائين ته "ٻيو ڪم ڪهڙو اٿم." تختي نول ۾ وٺي مونکي آٽي هن پر چڙهيائين. اتي ڪٽي ڏسان ته. مار! هيءُ ته وڙو ولايت آهي. ڏاڍو خوش ٿي اڳتي وڌڻ لڳس. اور پرو اچان ته ماکيءَ جي محلات آهي، جنهن جي در تي دال دربان، ڏونگي جو ڏنڊو کنيو هوشيار خبردار پيو پڪاري. سري اچي سلام ڪيومانس. پڇيائين ته "ميان مسافر ڪير آهين؟" چيومانس ته "ماکي جي محلات ڏسڻ جو شوق اٿم. اجازت ملي ته گهمي ڏسان." چيائين ته "موڪل ڏيئين ٿو پر لڪ چپ ۾ اک ٽيٽ تي وڙڪندو ويجانءِ"، پوءِ ته پٿون ٻارهن تي ويا. چوريءَ جي چور دروازي کان اکري اندر ٽيس. بلي بلي! پلنگ توڙ پاتشاهه، پڪوڙو پٽس، رب راٽي جا گيهرن جو گج، شيري جي شلوار جليبين جي جتي، چنگالي جي چادر ڍڪيو. هنن سان گڏ تلي ٻڏي جي تخت تي ويٺي آهي. محلات ۾ ٽڪين جون ٽاٽپٽريون، گاجري حلوي جا گلم وڇايل هئا. انهن تي ڪاڄن جون ڪٽون ۽ پاپڙن جا پلنگ، جن تي وڙين جا وهاڻا، فالودي جي فراسين مٿان رکيل هئا. اتي راڳ روپ جي محفل ٿي. پهريائين مصري ميراٿي سيوين جي سارنگي تي مني ماني جي مرڪ ڪئي. ان بعد گانئيي گويي بسڪوٽن جي باجي تي ٿهري جو تان هنيو. ان تي ڪچورين جو ڪماچ ڪٽي ريوڙي خان رانيات جو راڳ شروع ڪيو. چوڏاري جمون جام، ماٿي جا مير، ڪباب ڪوتوال، جي برفي جي بيگمن سان گڏ ڪوهرن جي ڪرسين، موٺين جي موڙن ۽ گجرن جي گاديلن تي ويٺل هئا. تن راڳيندڙن کي خواريءَ جون خلعتون ۽ پادرن جا پيسا روڪ انعام پئي ڏنا. اتي هڪڙي ميسو پاڪ ملازم جي مون تي نظر وڃي پئي، جنهن هڪڙي ڦلڪي ڦيرادار کي چيو ته "ڏس ته اهو ڪير ماڻهو آهي جو

سيٺ رکي، شاهي محل ۾ ڪاهي آيو آهي؟" ڦلڪي، ڦيردار منهن جهلي مون ڏي نهاريو. پوءِ تہ نڪل ۾ نباتون نوڪر مونکي وکوڙي ويا. گهلي آڻي بادشاهہ اڳيان پيش ڪيائون. جنهن مالپڙن جا موچڙا هڻائي، خوراڪ جي خفني پارائي، ٻوڙ پلاءَ جي ٻيڙيءَ تي چاڙهائي، ڍڳڙن جي ڍنڍ شور وي ۾ ٻوڙڻ جو حڪم ڪيو. اتي آئون دانهن ڪري جاڳي پيس.

باب نائون

بخت ۽ ڀاڳ وارن جون ڪهاڻيون

ڀاڳ ۽ نڀاڳ

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي ست ڌيئرون هيون. انهن مان ڇهن جي ته شادي ڪرائي هئائين، باقي هڪڙي اڃان ننڍي هئي، ان جا نه ڪرائي هئائين. انهيءَ سان بادشاهه جي دل به تمام گهٽي هئي. شهزادي جڏهن شاديءَ لائق ٿي، تڏهن ان جي اٿارڻ جو خيال ڪري، پنهنجي وزير کي سؤ اٺ ڪٿوريءَ جا ڀرائي ڏنائين ۽ چيائينس ته "تون ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي ڪو بادشاهي گهر جانچ ۽ بادشاهه کي هيءَ ڪٿوري ڏيئي، ان جي عيوض ڪانئس ڪنهن به هڪ جنس جا اٺ ڀرائي اچ- پر اهو خيال رکج، متان ڪٿوري ڪنهن کي اڌ موڙيءَ ۾ ڏيئي اچين! جيڪو توکي ان جو پورو عيوضو ڪنهن هڪ جنس ۾ ڏيئي سگهي ۽ جنهن مان اٺ به سڀ ڀرجي وڃن، پوءِ انهيءَ سان شهزاديءَ جي ڳالهه پڪي ڪري، شاديءَ جي ٿِتِ ٻڌي اچ."

وزير ڪٿوريءَ جا اٺ ڀرائي پنڌ پيو. ڪيترن بادشاهن سان مليو پر ڪٿوريءَ جي قيمت هڪ جنس ۾ ڪير به ڏيئي ڪونه سگهيس. جي هڪ جنس مان سؤ اٺ لڏجن، ته يا قيمت ڪٿيو پوي يا وڌيو وڃي، جي ڪٿي ته وزير نه قبولي ۽ جي وڌي ته ڪنهن ڪان اها ڏيڻ نه پڄي. آخر هڪڙيءَ ولايت جو ڏس مليس، ته اتان جي بادشاهه جي مرڻ ڪان پوءِ، سندس چوڏهن ورهين جي عمر جو شهزادو تازو تخت نشين ٿيو آهي، اهو ڪم ڪندو ۽ ان جي شادي به ڪيل ڪانه آهي. وزير اهو ٻڌي اوڏانهن رخ رکيو. هلندي هلندي ٿوري گهٽي ڏينهن وڃي اتي پهتو. چا

ڏسي تہ شهزادو پنهنجو محل پيو ٺهرائي. وزير شهزادي سان مليو، ان کي سمورو احوال ڏنو. شهزادي چيس تہ ”آءُ توکي سيئي اٺ هڪ ئي جنس مان برابر پري ڏيندس.“ ائين چئي حڪم ڪيائين تہ ”اها سموري ڪٿوري لاهي گاري ۾ گڏائي ڇڏيو ۽ ان سان محلات جي لنب ڪريو!“ گهڙيءَ ۾ حڪم جي تعميل ٿي ويئي. وزير جڏهن اهو ڏٺو تڏهن اچي ڳڻتيءَ ورتس تہ هاڻي الاجي ڪٿوريءَ لاءِ پوري هڪ جنس ملندي بہ يا نہ؟ شهزادي سندس رخ مان سهي ڪري ورتو تہ وزير جي دل ۾ اچي شڪ ويٺو آهي، سو هن کي وٺي وڃي خزاني جي ستن ڪوٺين تي بيهارِيائين ۽ چيائينس تہ ”توکي جهڙي بہ هڪ جنس وٺي، تنهن مان بلاشڪ پنهنجا سؤ اٺ ڀرائي وڃ!“ وزير اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شاهي سوکڙيون پاکڙيون هن جي سامهون رکي، پنهنجي بادشاهہ جو پيغام ڏنائينس. شهزادي اها ڳالهہ ٻڌي يڪدم هائو ڪئي ۽ چيائينس تہ ”آءُ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڇهہ ٻارنهن مهينا رکي پوءِ، پاڻيهي اوهان جي بادشاهيءَ ۾ ايندس، ۽ اچي شهزاديءَ سان شادي ڪندس.“

وزير سؤ اٺن جو موتين سان ڀرائي، پيون بہ ڪئين سوکڙيون پاکڙيون کڻي، پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. ٿوري گهڻي ڏينهن اچي پنهنجي بادشاهہ کي خوشخبري ٻڌايائين ۽ سڄو مال بہ آڻي آڏو رکيائينس. بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ويهي شهزادي جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر انتظار ڪندي ڪندي جڏهن پورا ٻارنهن مهينا گذريا، ۽ شهزادي منهن ئي ڪين ڪيو، تڏهن بادشاهہ پنهنجي وزير کي گهرائي چيو تہ ”وزير! تنهنجو اهو شهزادو تہ پيدا ئي ڪو نہ ٿيو!“ وزير عرض ڪيو تہ ”بادشاهہ سلامت! جا حقيقت هئي، اها مون عرض رکي، وڌيڪ منهنجي وس کان ڳالهہ ٻاهر آهي.“ بادشاهہ، وزير جو اِهو جواب ٻڌي، پاڻ پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي، انهيءَ شهزادي ڏانهن روانو ٿيو.

بادشاهہ هلندي هلندي نيٺ وڃي، ان شهزادي جي بادشاهيءَ ۾ پهتو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس تہ شهزادي تخت تي ويهڻ سان پنهنجو سڀ مال اسباب، واريءَ وانگر هٿن جي وٿين مان وهائي ڇڏيو ۽ بادشاهي وڃائي، هاڻي تغاري مٿي تي کڻي مزوري پيو ڪري، اهڙيءَ طرح ”تڪو ڪمائي، تڪو کائي“ پيو پنهنجو پيٽ پالي. اهو ٻڌي،

بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو ۽ پڇائي پڇائي وڃي شهزادي سان مليو. ڏنائين ته شهزادو برابر گپ ۾ لتو بيٺو تغاري ڍوئي. بادشاهه بيهي ڪانئس حال احوال ورتو پر شهزادو شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. بادشاهه پڇيس "ڪيتري مزوري ملندي اٿئي؟" شهزادي جواب ڏنو ته "بس، ائين ئي ٽڪو ڪمايان ٽڪو کاوان .... مڙيئي وقت خير جو پيو گذري. بادشاهه چيس "اهو ٽڪو آءٌ تو توکي ڏيان، تون مون سان گڏجي هل." شهزادي وراڻيو ته "اوهين اڄ ڏيندا، سڀاڻي ڪير ڏيندو؟" بادشاهه چيس ته "توکي مزوريءَ سان ڪم، سو ان وگهي توکي آءٌ ڪو نه ڇڏيندس." شهزادي اهو ٻڌي ڪٽي تغاري ڦٽي ڪئي، ۽ هن سان هلڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيو. اتي بادشاهه ڪانئس پڇيو ته "تنهنجا هيترا سارا خزانا ڪيڏانهن ويا، جو ههڙا حال ڪيا اٿئي؟" هن وراڻيو ته "سائين! هيءَ دنيا سمنڊ جي وير جيان آهي، هن تي ڀروسو ئي ڪونهي." بادشاهه اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس چيائين ته "فڪر نه آهي. آءٌ تنهنجي خدمت لاءِ حاضر آهيان، ۽ وعدي موجب تنهنجي شادي به ڪرائيندس." پوءِ اوهان ٻنهي زال مڙس لاءِ خاص محلات ٺهرائي، نوڪر چاڪر مقرر ڪري اوهان کي ڏيندس، جتي اوهين تمام سٺي زندگي گذاري سگهندا. شهزادي چيس ته "سائين! اوهان جون لک مهربانيون ۽ احسان، پر مون تي جو نياڳ ڇانيل آهي، سو ائين نه ٿئي، جو ان جو اثر اوهان تي به پوي."

آخر گهڻيءَ ردوبدل کان پوءِ، بادشاهه کيس پنهنجي ملڪ وٺي ويو ۽ شهزاديءَ سان سندس شادي ڌام ڌوم سان ڪري، کين هڪڙي محلات ۾ ڪٽي رهايائين، جنهن ۾ لڪي باغ به شامل هو. کيس ڌڻ پلين مينهن جو به ڏنائين، جن مان هڪڙي هڪڙي اڌ مڻ کير مهل تي ڏيندي هئي - ۽ ٻيو مال متاع تنهن کان سواءِ کين ڏنائين. مطلب ته شهزادو ۽ شهزادي پوءِ ڏاڍو مزي ۾ زندگي گذارڻ لڳا.

قدرت قادر جي، جو ٿوري گهڻي ڏينهن، هڪ هڪ ٿي سڀ مينهون وهڪي ويون، ۽ باغ کي به ڪا اهڙي بيماري لڳي، جو سڪي ڪاٺيون ٿي ويو. پلا جنهن شيءِ جي ٿهل ٽڪور نه ٿيندي، ان جو پيو کهڙو حال ٿيندو! امير امراءُ ۽ غريب فقير، شهزادي جي هيءَ حالت ڏسي، کيس

نياڳو سڏڻ لڳا ۽ هن کي نهايت گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. نيٺ ملڪ ۾ اهي ڳالهيون مهاڙيون ٻڌي، شهزادو ڏاڍو دکي ٿيو. آخر هڪڙي ڏينهن زال کي چيائين ته ”منهنجي لاءِ هاڻي ٻڌڻ پلو آهي، آءٌ وڏيڪ نٿو سهي سگهان...... تنهنڪري مون کي موڪل ڏي، ته جيڏانهن وٽيم اوڏانهن هليو وڃان.“ زال چيس ته ”ائين وري ڪيئن ٿيندو! جيڪڏهن اها صلاح آهي، ته آءٌ به توسان گڏ هلنديس — جتي تون، اتي آءٌ.“ هي اجان انهيءَ گفتگو ۾ هئا ته خبر ملين ته بادشاهه، پنهنجي ٻين ڇهن نائين مان هر هڪ کي هڪ اناج جو جهاز جنس پرائي، ڪنهن ڏيساور تي روانو ڪرڻ وارو آهي. اهو ٻڌي شهزادو بادشاهه وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته ”جيئندا قبلا! اوهان ڇهن ئي نائين کي هڪ هڪ جهاز جنس جو پرائي ڏنو. مگر آءٌ شايد ڏاريو آهيان، جو مون کي توهان وساري ڇڏيو!“ بادشاهه چيس ته ”نه ٻچا! تون به مون کي انهن جهڙو ئي پيارو آهين، تنهنجي رڳو چوڻ جي دير آهي.“ شهزادي چيو ته ”پوءِ مون کي ست جهاز اناج جا پرائي ڏي، ته وڃي قسمت آزمايان.“ پهر ڪن ۾ ستئي جهاز اناج جا پرجي، شهزادي جي حوالي ٿيا. بادشاهه ٻين نائين کي حڪم ڪيو ته ”هن شهزادي کان اڳ ڪو به پنهنجو جهاز نه هاڪاري.“

قصو ڪوتاهه..... شهزادو پنهنجا جهاز ڇوڙائي اتي هليو سنڌس پويان ٻين شهزادن به جهاز هاڪاريا. هلندي هلندي نيٺ اچي هڪ هنڌ لنگر ڪيائون. ڇا ڏسن ته نموني نموني جا بيشمار پکي آهن، جي درياءَ جي ڪناري وارن وڻن تي ويٺا آهن. انهن جي اچ وچ جي ڪري هوا اهڙي وٽندڙ ۽ ٿڌي پيئي لڳي، جو بيٺي ننڊ وٺيو وڃي. شهزادي کي پکين جي اچ وڃ ۽ آبهوا ڏاڍي وڻي، سو ٻين شهزادن کي چيائين ته ”جيڪڏهن وڃو ته اوهان کي موڪل آهي ..... آءٌ ڪجهه ڏينهن هتي ترسي، پوءِ پنهنجا جهاز هاڪارائيندس.“ اهو ٻڌي، هو خوش ٿيا ۽ دل ۾ چيائون ته خدا ڪٽي هن نياڳي مان جند ڇڏائي! ائين چئي پنهنجا جهاز هاڪاري اتي هليا ۽ ڏسندي اکين کان گم ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو شهزادو جهاز تان ڪناري تي سير ڪرڻ ويو. اتي کيس پکين جا بيشمار پيرا ڏسڻ ۾ آيا. جنهن مان سمجهيائين

ته هي ويچارا پڪي، چوڳي جي ٻُولا ۾ ڏينهن جا ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊوڙيا آهن. اهو ڏسي ڪيس ڏاڍي ڪهل آهي، سو نوڪرن کي حڪم ڪيائين ته ”جهاز جو اناج هن ميدان ۾ هاري ڇڏيو ته پل پکي کائي ڍؤ ڪن.“ بس حڪم جي دير هئي — بيٺي بيٺي هڪ جهاز جو اناج هاري ڇڏيائون. ٻئي ڏينهن جان شهزادو اتي وڃي، ته ڇا ڏسي ته مار! ميدان ۾ ان جو هڪڙو داڻو به ڪونهي، پر سڄو ميدان موتين سان ڀريو پيو آهي. پکين درياءَ مان موتي چُڳي آڻي ڪناري تي ڇڏيا هئا. اهو ڏسي ڏاڍيءَ جا شڪرانا ڪيائين. پوءِ باقي ڇهه جهاز به اتي هارائي ستئي جهاز موتين سان ڀرائي، موتي اچي بادشاهه وٽ پهتو ۽ بادشاهه کي سموري حقيقت ٻڌايائين. بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته ”ٻچا! پاڳ نياڳ جي ڳالهه آهي — مڙس پاڳ جو گهوريو ته پاڳ مليس. هٿ سان نياڳ کي سڏيندو ته اهو به در ڪونه ڇڏيندس. تنهنجو هاٺي پاڳ وريو آهي، ان کي رکڻ ۽ لوڏڻ هاٺي تنهنجي وس آهي.“ پوءِ شهزادي ستئي جهاز موتين جا لهرائي پنهنجي محلات ۾ آڻي رکايا، ۽ شهزاديءَ سان ملي ڏاڍي موج ۾ گذارڻ لڳو. پوءِ سندس باغ باغيچا ۽ مال وڻاڻ وري ساڳي طرح آباد ٿي ويا. ٻه چار سال ائين اتي رهي، شهزادو، بادشاهه کان موڪلائي، شهزاديءَ سميت پنهنجي ملڪ موٽي ويو ۽ ويل تخت هٿ ڪري، ڏاڍي شان مان سان حڪومت هلائڻ لڳو.

چگوءِ مدو

ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻه شخص رهندا هئا، جن مان هڪڙي کي چگوءِ ٻئي کي ”مدو“ ڪري سڏيندا هئا. ٻئي پاڻ ۾ گهاٽا يار هئا. هڪڙي ڀيري پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته ڇو نه هن سال ٻئي ڄڻا گڏجي ٻني ڪيون. اها سٽ سٽي ٻاجهر پوکيائون. ٻني پوکڻ کان پوءِ چگو ڪم کي لڳو پيو هوندو هو باقي مدو اهڙو ته بيڪار هوندو هو جو هڪڙي ڏينهن ڪم تي ايندو هو ته اٺ ڏينهن وري ٻني ڏانهن منهن ئي ڪونه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن چگو وڃي چوندو هوس ته ”يار! هي ڪم مون هڪڙي کان نٿو ٿئي تون گڏجي هل ته پورو ڪريون“ ته اڄ نه سڀاڻي ڪري ٽارائي ويندو هو. ويچارو چگو اڪيلي سر مٿو ڏيندي آيو. تان جو ٻاجهر به اچي پڪي. جڏهن لاباري جو وقت اچي ٿيو تڏهن مدو به رڙهي اچي ٻنيءَ پيڙو ٿيو ءِ چيائين ته ”هائو يار! هائو ٻني ته بيشڪ واهه جي ٿي آهي پر هاڻي وٺ ته پاڻ ۾ ورڇ ڪريون.“ چگي چيو ته ”ادا! پلي پر لابارو ڪري ان ڳاهي پوءِ ورڇ ڪبي.“ مدي چيو ته ”ائين وري ڪيئن؟ پهريائين ورڇ ڪبي پوءِ لابارو ڪبو ڇو ته جنهن جي حصي ۾ جيڪي اچي سو لٽي پنهنجي گهر کڻي وڃي.“ چگي دل ۾ خيال ڪيو ته هاڻي دوستيءَ ۾ وري ڪهڙو ليکو ڪجي، سو چيائين ته ”ادا! جيڪا تنهنجي مرضي.“ تنهن تي مدي چيو ته ”هاڻي ڳالهه ٻڌ! پهرين ورڇ آئون ڪٽندس پوءِ تون.“ اتي چگي چيس ته ”يار! ائين وري ڪيئن؟ تو ڪمايو به ڪونه ۽ ورڇ به پهرين

تون ٿو ڪٽين!“ انھي تي مدي ڪاوڙجي وچي ڳوٺ جي چڳن مڙسن کي ڏانھن ڏني تہ ”مون ۽ چڳي گڏجي ٻني ۾ ڪمايو آھي. ھاڻي ھو مون کي ورچ نٿو ڏي.“ اتي سيني چڳي کي گھرائي سمجھايو تہ ”ادا! ھن کي پنھنجو حصو ڏي.“ چڳي ڏنو تہ ھاڻي ڦاٿس، سو مدي کي ڀھرين ورچ ڏيڻ قبول ڪيائين.

ان ڪان پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي ٻني تي آيا. مدي ھن کي چيو تہ ”پوک جو مٿيون حصو منھنجو ۽ ھيٺيون حصو تنھنجو ٿيو. ھاڻي آئون پنھنجو حصو لڻي ٿو وڃان، باقي تون ڄاڻ تنھنجو حصو ڄاڻي.“ چڳي ويچاري ڏٺو تہ ٿيو تہ نسورو ظلم، پر جي ھاڻي رڳڙو ٿو ڪريان تہ خوار ٿيندس، تنھنڪري ”مني بہ ماٺ تہ مٺي بہ ماٺ.“ پوءِ ٻنھي ڄڻن لابارو شروع ڪيو. مدي مٿان مٿان سنگ لڻي ڪري ڍڳ ڪري رکيا ۽ چڳي ويچاري ڪانا لڻي وچي دن ڪري رکي ڇڏيا ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا وڃي پنھنجي پنھنجي گھر آرامي ٿيا.

خدا جي قدرت اھڙي تي جو ٿوري گھڻي ڏينھن ڪو بادشاھ لشڪر سميت اتان اچي لانگھائو ٿيو. لشڪر جي گھوڙن ۽ وھٽن لاءِ گاھ جي ضرورت ھئي. آسپاس مان پڇا ڪيائون پر چڳي ڪان سواءِ ڪنھن ٻئي وٽ ڪانا ھجن ئي ڪونہ. تنھنڪري تمام گھڻا پئسا ڏئي ھن ڪان سڀ ڪانا خريد ڪري ورتائون. ھوڏانھن مدو جو ڪم تي ھريل ئي ڪونہ ھو سو سندن ڳاھڻ ڪان پوءِ نٽائيندو ھو اڄ نہ سڀاڻي ڪندي ڪندي ھڪڙي ڏينھن اچي ڏاڍو مينھن وسيو جنھن ۾ سيئي سنگ لڙھي ويس، پوءِ تہ جھڙو ھو تھڙو ھٿ ڇنڊي ماٺ ڪري ويھي رھيو.

ڪجھ ڏينھن ڪان پوءِ مدو بک مرڻ لڳو. ڳوٺ ۾ چڳي ڪان سواءِ ڪو ٻيو يار بہ ڪونہ ھوس. سو منھن پيلڙو ڪري ان جي گھر ويو ۽ چيائينس تہ ”يار! اڄ تہ وري ڪو ٻني ٻارو ڪريون.“ چڳي کي اڳئي سيڪت آيل ھئي سو چيائينس تہ ”ادا! مونکي معاف ڪر. آئون توسان ڀائيواري نہ ڪندس“. تنھن تي مدي چيو تہ ”يار! گذريءَ کي ياد نہ ڪر. ھاڻي تون جيڪو ويساھ وٺين، آئون ڏيڻ لاءِ تيار آھيان تہ آئنده توسان دولاب نہ ڪندس.“ چڳي ويچاري ھن جي قياس جھڙي حالت ڏسي ٻنيءَ ۾ ڀائيوار ٿيڻ قبول ڪيو. خيال ڪيائين تہ جي ڀيائي رکندو

تہ پنهنجي نيت لوڙيندو. ٻنهي ڄڻن هن پيري گجرون پوکيون. ٻہ ٽي ڏينهن سو مدو سنئون هليو" پر پوءِ اها ڳن اهو ڪهاڙي" هن پيري بہ مدي جي ساڳي حالت. ڏينهن جا ڏينهن نبريو وڃن پر هن جو پتو ڪونہ پوي. چڳو ويچارو پيو اڪيلو لوڙيندو هو. آخر جيئن تيئن ڪري هن گجرون تيار ڪيون. مدي کي جو اها خبر پئي سو اچئين وانگر رڙهي اچي پاسو ورتائين. چي "هائو يار! اڄ اسان جي محنت صاب پيئي آهي. هاڻي اچ تہ فصل ورهايون." چڳي چيو تہ "اشراف! تو هي ٻيو دفعو مونکي ڏک ڏيو آهي پر خير وري بہ تنهنجو مون سان ٿي ڪم آهي. هن پيري بہ توکي جيئن وڻي تيئن فصل ورهائي ڪڻ." مدي اهو ٻڌي چيو تہ "ادا! ناراض ڇو ٿو ٿين، بہ پائر ٿيون ليکو. اچئين گهمري مٿيون حصو مون ۽ هيٺيون حصو تو ڪنيو هو. تنهن ڪري هاڻي وري مٿيون حصو تون ڪڻ ۽ آئون ڪٽان ٿو هيٺيون حصو. ڪيئن هاڻي تہ حساب برابر ٿيو." چڳي جواب ڏنس تہ "هائو يار! واهہ جو مونکي خوش ڪيو اٿئي، تو هي ٻيو پيرو مون مسڪين سان دولاب ڪيو آهي پر خدا مونکي بہ ڪونہ ڇڏيندو. پلي تون ئي وڃي پت گهاتو ڪر." ائين چئي چڳي مٿان مٿان ناڙو لٽي وڃي پنهنجي گهر رکيو ۽ گجرون سڀ مدي جي حوالي ٿيون.

قدرت اهڙي اچي پئي جو ٻئي ڏينهن ڪو سوداگر اٺن تي مال لڏيو ڏيساور پئي ويو. تنهن اچي اتي ڏاٻو ڪيو. هنن کي اٺن جي چاري لاءِ گاهہ جي ضرورت پئي سو پڇا ڪيائون تہ هتي ڪو گاهہ ملندو؟ ڏس ملين تہ چڳي وٽ گجرن جو ناڙو اٿو ان وٽ وڃو. سوداگر ڏٺو تہ هيئنر هتي پيو ڇا ملندو سو مڙئي گهاتي واڌي ۾ اهو سڀ ناڙو خريد ڪري ورتائين. انهي سودي مان بہ چڳي کي خاصي رقم ملي.

هوڏانهن چڳي جي وڃڻ کان پوءِ مدي خيال ڪيو تہ هاڻي گجرون آهن منهنجون، اڄ نهيو باقي سياڻي اچي ڪيندس. پوءِ انهي مهل گهر موٽي آيو. هن جو هڏ ڪم تي هريل تہ هوئي ڪونہ. سو گجرن ڪيڻ لاءِ روز پيو سنبرندو هو. نيٺ گجرن جي سنڀال نہ ٿيڻ ڪري انهن ۾ اچي مرض پيو جنهن ڪري سموريون اڱارجي ويون ۽ وري بہ هيءُ جهڙو هو تهڙو رهجي ويو.

ٿورن گهڙين ڏينهن کان پوءِ مدو وري ٻه ٻکن مرڻ لڳو. خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن چڱو ڀلو هتي رهيو تہ منهنجي ڪمن جي سيڻي کي خبر پئجي ويندي ۽ ڪو بہ ماڻهو منهنجي وڪڙ ۾ ڪونہ ايندو. تنهن کان سواءِ چڱي وٽ ڪافي ڏوڪڙ آهن. تنهن ڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو ڪائنس اهي ڏوڪڙ هٿ ڪجن. نيٺ هڪڙي ڏينهن پيلڙو منهن ڪري چڱي وٽ ويو ۽ چيائينس تہ "ادا! اڳي مون برابر توسان دولاب ڪيو. پر ٻيلي! توکي وري بہ ان مان فائدو ٿيو ۽ آئون ساڳيو ٻڪون پيو مران" تون منهنجو يار آهين. تون مون سان مدد نہ ڪندين تہ ٻيو ڪير مدد ڪندو! چڱي کي من ۾ وري بہ چڱائي هئي. سو هن جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ پڇيائينس تہ "ادا! هر ڪنهن کي پنهنجي ڪيتي جي جزا ۽ سزا پئي ملندي. هاڻي ٻڌاءِ تہ آئون توسان ڪهڙي مدد ڪريان." تنهن تي مدي ٻڌايس تہ "فلاڻي بادشاهيءَ ۾ روزگار گهڻو آهي چو نہ اتي هلي قسمت آزمائجي." چڱي اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ ٻئي ڄڻا ٿهي سنيري ڪليون پاڻي جون پاڻ سان ڀري اتي پنڌ پيا. چڱي پاڻ سان گڏ سڀ ميڙي چونڊي بہ ڪنئي. هلندي هلندي هڪڙي رڻ پٽ ۾ اچي پهتا. واٽ تي مدي چڱي کي چيو تہ "ادا! جي ٻنهي ڪلين مان پاڻي پيئنداسون تہ پاڻي جلدي کپي ويندو. تنهنڪري پهريائين هڪڙي ڪلي مان، پوءِ ٻي ڪلي مان. ائين پاڻي مڙئي ڳچ وقت هلندو. اها صلاح ڪري پهريائين چڱي جي ڪلي مان پيئڻ لڳا. تان جو چڱي واري جي ڪلي خالي ٿي ويئي. چڱي پوءِ مدي کان پاڻي گهريو پر مدي چيو تہ "منهنجي ڪلي ۾ هٿ نہ لائج. آئون پاڻيءَ جو ڦڙو بہ ڪونہ ڏيندوسانءِ. چڱي ويچاري ڏاڍيون منٿون ميڙيون ڪيس، پر هو پنهنجي ڳالهہ تان نہ هٽيو. اتي آخر چڱو اڃ کان بيحال ٿي ڪري پيو ۽ مدي چيس تہ "ها، جيڪڏهن هڪڙي اک ڪيرڻ ڏين تہ پاڻي پياريائين." چڱي جو اڃ کان ساهہ ٿي نڪتو. تنهنڪري چيائينس تہ "ادا مون کي قبول آهي." مدي کي کپندي اها ڳالهہ هئي. سو يڪدم ڏڪ هڻي چڱي جي هڪڙي اک ڪڍي کيس پاڻي پياريائين. ان بعد وري اتي پنڌ پيا.

چڱو پاڻيءَ جي ڏڪ لاءِ پنهنجي هڪڙي اک ڪڍائي سور کان

ڪنجهندو مدي جي پٺيان هلندو ويو پر اڃا منزل پري هئي. هلندي هلندي ڪيس وري اڃ لڳي سو مدي کان پاڻي گهريائين. هن چيس ته ”يار! پاڻي ڏيندوسانءِ پر ٻي اک به ڪيڻ ڏي. چڱو ويچارو ڏاڍو حيران ٿيو. مدي کي گهڻئي منٿون ڪيائين پر هن ماڳهين نه مڃيو. چڱي ڏٺو ته هاڻي ٻي واهه ته آهيئي ڪانه. سو مدي کي چيائين ته ”چڱو يار! هاڻي هيئن ڪر جو مونکي ڪنهن وڻ وٽ وٺي هل. پوءِ اک ڪڍ ته گهٽ ۾ گهٽ اندو ٿيو وڻ جي ڇانو ۾ ويٺو هجانءِ. مدي اها ڳالهه قبول ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. پريان هڪڙو وڻ نظر آيس. هڪلي اچي اتي پهتا. مدي، چڱي جي ٻي به اک ڪڍي، هن کي پاڻي پياري پنهنجي واٽ وٺي رمندو رهيو ۽ چڱو ويچارو سور کان ان وڻ هيٺ ئي پيو رهيو.

چڱو ان وڻ هيٺ ويٺو رهيو مٿان اچي رات پيئي، پر هن لاءِ جهڙو ڏينهن تهڙي رات. انهي وڻ تي ڪنهن پکيءَ جو آکيرو هو جنهن ۾ نر ماد پکي ويٺا هئا. مادي نر کي چيو ته ”تون سڄو ملڪ ٿو گهمين، هاڻي ڪا نئين خبر ٻڌاءِ“ نر چيس ته ”اڄ ڪا اهڙي ڳالهه آهيئي ڪانه جا ٻڌايئين. باقي جي هن وڻ جي حقيقت چئين ته ٻڌايانءِ. مادي چيس ته ”اها ئي ٻڌاءِ جنهن تي نر ٻڌايس ته هن وڻ جي پنن ۾ اهڙي خاصيت آهي جو جيڪڏهن اهي گهوٽي لپري ٺاهي اکين تي ٻڌجن ته ماءُ پيٽان اندو هجي ته اهو به سڄو ٿي پئي ۽ جيڪڏهن هن وڻ جا ڇوڏا پاڻي ۾ ڪاڙهي ان پاڻي سان وهنججي ته ڪهڙو به ڪوڙهه ڇڏي وڃي.“ چڱي وڻ هيٺان ويٺي پکين جي اها خبرچار ٻڌي سو يڪدم هٿوراڙيون ڏيئي ان وڻ تي چڙهي ويو. اتان ٿورا پن پٽي هيٺ لهي آيو. گهوٽڻ لاءِ هن وٽ ڏنڊو ڪونڊو هوئي ڪونه. تنهنڪري اهي پن وات سان چٻاڙي اکين تي رکي مٿان پٽڪو ٻڌي سمهي رهيو. صبح جو اٿي اکيون کوليائين ته سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ آيس. پوءِ ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدا جا شڪرانا ڪيائين. ان بعد ڳچ جيترا ڇوڏا ۽ پن پنهنجي چادر ۾ ٻڌي اٿي روانو ٿيو.

هلندي هلندي اچي هڪڙي قتل ڳوٺ وٽ پهتو. ڏسي ڪٿي ته سڄ لڳي پئي آهي. هي مڙس به سڃي ڳوٺ کي چوڏاري ڦري آيو. ڏٺائين ته هڪڙي هنڌ وڏو شاهي ٿلهو آهي، جنهن جي وچ ۾ وڻ بيٺل آهي. هي به

ٽڪل هو سو وڻ جي ڇانوَ ۾ ساهي کڻڻ لاءِ ويهي رهيو. اجا ڪجهه دير ئي ڪانه گذري هئي ته پري کان هڪڙو شينهن انهي ٽلهي ڏي ايندو ڏٺائين. هن ويچاري جو شينهن ڏٺو سو ڊپ کان يڪدم انهي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. شينهن به اچي انهيءَ ٽلهي تي چڙهي وڻ هيٺان بالم تي ويهي رهيو. وري ٿوري دير کان پوءِ هڪڙو بگهڙ به اچي شينهن جي سامهون ويهي رهيو. وري اها ئي مهل ته هڪڙو ڪئو به پڇ لوڏيندو اچي شينهن جي سامهون ويٺو. اتي شينهن پهرين ڪئي کان پڇيو ته "اڙي ڪئا! ڪهڙو حال اٿئي؟" ڪئي ورندي ڏني ته "سائين سڀ خير آهي. هڪڙو سئو روپين جو گڏ ڪيو اٿم. جو صبح شام ڳڻيو مست ٿيو ويٺو آهيان." وري شينهن بگهڙ کان پڇيو ته "ميان بگهڙ! تون پنهنجي خبر ٻڌاءِ؟" بگهڙ جواب ڏنو ته "سائين! مڙئي خير آهي. هتان سڏ ڪن پنڌ تي هڪ ٻڪرار رهي ٿو. هن جي ڌڻ ۾ هڪڙي ٻڪري آهي، جنهن جي ميڄالي ۾ مڻ آهي، سو ان تي مست ٿيو ويٺو آهيان." وري ٻنهي ڄڻن شينهن کان پڇيو ته "سائين تون پنهنجي خبرچاري ڏي. شينهن وراڻيو ته "ادا! مڙيئي خير آهي. ٻي ته ڪا خبر ڪانهي پر اڄ ٿو توهان کي ٻڌايان ته هن ٽلهي هيٺ ستن بادشاهن جو خزانو پوريل آهي. آئون به ان تي مگ ٿيو ويٺو آهيان". اهي خبرون چارون ڪرڻ بعد ٽيئي ڄڻا جتان آيا هئا، اوڏانهن روانا ٿي ويا.

انهن جي وڃڻ بعد چڱو به وڻ تان لٿو ۽ ڪئي جو پير کڻي سڌو اچي ان جي ڏر تي پهتو. ڏسي ته برابر ڪئو سئو رپيا رکيو ويٺو ڳڻي. ماڻڙي ڪري هڪڙو پٿر کڻي ڪئي کي هنيائين، جنهن تي ڪئو ڇرڪ پري ڏر ۾ گهڙي ويو. چڱو رپيا کڻي رمندو رهيو ۽ سڌو اچي ٻڪرار وٽ نڪاءُ ڪيائين. اتي ڏسي ته برابر هڪڙي بري ٻڪري ڌڻ جي وچ ۾ بيٺي آهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته آهي نه آهي ته اها ٻڪري سو ٻڪرار کي چيائين ته "يار! جي اها ٻڪري وڪڻين ته پنجاهه رپيا ڏيئين." ٻڪرار وراڻيس ته "يار! واهه جو سوڌو ڪنداسين .مونکي پاڻ پيسن جي گهرج هئي" پوءِ چڱو ٻڪرار کي پيسا ڏئي، ٻڪري ڪاهي اڳتي روانو ٿيو. اڌ رستي تي ٻڪريءَ کي ڪهي ان جي ميڄالي مان مڻ ڪڍي کڻي پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌائين.

چڱو پوءِ هلندي هلندي اچي هڪڙي بادشاهيءَ ۾ پهتو. شهر ۾ گهمڻ سان خبر پيس ته هتي جي بادشاهه کي ڪوڙهه جي بيماري آهي، جنهن لاءِ گهڻئي حڪيم طبيب علاج ڪري بيٺا آهن، پر ڪنان به فائدو ڪونه ٿو ٿئي. آخر بادشاهه اعلان ڪيو آهي ته ”جيڪو به مونکي هن مرض کان ڇڏائيندو، تنهن کي نياڻي ۽ اڌ راڄ ڏيندس.“ اهو ٻڌي چڱي چيو ته ”واهه جو علاج ڪنداسين.“ سو سڌو اچي بادشاهه جي دربار ۾ پهتو ۽ چيائين ته ”بادشاهه سلامت! آئون تنهنجو علاج ڪرڻ آيو آهيان. شفا الله جي وس ۾ آهي، پر حيلو ڪرڻ انسان جو فرض آهي. هاڻي مونکي رڳو هڪڙي ديگ پاڻيءَ جي ٽهڪائي ڏيو.“ بادشاهه جي حڪم سان پاڻيءَ جي ديگ ٽهڪائي وئي، چڱي ڇا ڪيو جو ڪجهه ڇوڏا ڪڍي ان ۾ وڌا، پوءِ بادشاهه کي عرض ڪيائين ته ”سائين! هن پاڻيءَ سان غسل ڪري سمهي رهو. خدا گهريو ته مرض ڇڏي ويندو.“ بادشاهه اوڏي مهل غسل ڪري سمهي رهيو وري جو ننڊ مان اٿي ڏسي ته ڪوڙهه جا داغ هٽائي ڪونه. پوءِ چڱي کي وڏي عزت ڏئي شاهي مهمان ڪري رهايائين. بادشاهه جي چڱي پلي ٿيڻ تي سڄي ملڪ ۾ خوشيون ٿي ويون. خزاني جا در کلي ويا. ستن ڏينهن تائين هر غريب امير جي ماني شاهي لنگر تي هئي. ان بعد بادشاهه پنهنجي انجام موجب شهزادي جي شادي چڱي سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪرائي. هاڻي چڱو ڏاڍي مزي سان اتي ئي رهڻ لڳو.

هوڏانهن مدو جو چڱي کي انڌو ڪري اتي هليو هو سو رلندو رلندو هڪڙي ڏينهن انهيءَ ساڳي بادشاهي ۾ اچي نڪتو پر مدي کي چڱي جي بادشاهه ٿيڻ جي خبر ڪانه هئي. هڪڙي ڏينهن چڱو گهوڙي تي چڙهي چوبدارن سان گڏ شهر جو گشت ڪرڻ لاءِ نڪتو ته اوچتو مدي سڃاڻي ورتس. هن دل ۾ خيال ڪيو ته ”آئون ته هن کي انڌو ڪري آيو هوس، پوءِ هي سڄو ڪيئن ٿيو؟“ وري به هن شهر جي ماڻهن کان خبرچار وٺي پڪ ڪري سڌو بادشاهه وٽ آيو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته ”بادشاهه سلامت! اوهان جنهن شخص کي ڌيءَ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهي ڏني آهي سو ڪوريءَ جو پٽ آهي. هاڻي جي اوهان کي انهي ڳالهه جو امتحان وٺڻو آهي ته چئوس ته خزاني جو اٺ پري اچي

پوءِ پاڻهي خبر پئجي ويندي“ بادشاهه ان وقت تائين چڳي کي وڏ گهراٽو سمجهندو هو. سو ڪوري هٿڻ جو ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ لڳس: تنهنڪري مدي جي اها ڳالهه قبول ڪيائين.

بادشاهه ٻئي ڏينهن صبح جو چڳي کي گهرائي چيو ته ”ابا! منهنجو خزانو ڪٿي ويو آهي، سو هاڻي ان جي پورت ڪرڻ لاءِ ٻه اٺ خزاني جا پيريل کپن. هاڻي جي تون مڙسي ڪرين ته ڏاڍو چڱو.“ چڳو اهو ٻڌڻ شرط خالي اٺن جي قطار ۽ ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري خزاني آڻڻ لاءِ روانو ٿيو.

هلندي هلندي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اتي وڃي پهتو جتي شينهن واري ٽلهي ۾ ستن بادشاهن جو خزانو پوريل هو. پريان ڏسي ته شينهن ٽلهي تي ويٺو آهي، سو ڪجهه دير اتي ترسي پيو. جڏهن شينهن هليو ويو. تڏهن ٽلهي وٽ اچي ماڻهن کي حڪم ڪيائين ته هن ٽلهي کي کوٽيو. ماڻهن اجا ٿوروئي هيٺ کوٽيو ته ان مان بي انداز خزانو نڪري آيو. هي اهو سمورو خزانو اٺن تي ڪٽائي اچي پنهنجي بادشاهي ۾ پهتو ۽ بادشاهه اڳيان خزاني جا اٺ آڻي لاٿائين. بادشاهه ايترو خزانو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ڇو ته ايترو خزانو هن وٽ به ڪونه هو. بادشاهه پوءِ يڪدم مدي کي گهرائي چيو ته ”تون ڪوڙو آهين. ڪوڙي ماڻهو لاءِ هن بادشاهيءَ ۾ اها سزا آهي ته ان کي جيئري گڏهه جي پيٽ ۾ سبرائي درياءَ ۾ لوڙهيو وڃي. تنهنڪري توکي به اها سزا ملندي“ مدي ڪيتريون ئي آزيون ڪيون پر ڪنهن به ڪونه ٻڌس. آخر ڪيس جيئري گڏهه جي پيٽ ۾ سبي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائون. چڳي پنهنجي چڱائيءَ جي ڪري باقي سڄي عمر عيش آرام سان گذاري.

حرامي ۽ حلالي

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو شخص رهندو هو جو ڪاٺيون وڪڻي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذران ڪندو هو. ڪيس ٻه پٽ هئا، جن مان هڪڙي کي "حلالي" ۽ ٻئي کي "حرامي" سڏيندا هئا. حرامي وڏو هو ۽ حلالي ننڍو. ٻئي ڀائر اڃا ننڍا هئا ته سندن پيءُ ڪاٺير مري ويو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ حلالي ساڳيو پيءُ وارو ڌنڌو اختيار ڪيو. هو روز صبح جو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري شهر ۾ وڪڻي پئسا آڻي ماءُ جي هٿ ۾ ڏيندو هو، جن مان سندن پيٽ گذر ٿيندو هو پر حرامي ڪوبه ڪم ڪار ڪونه ڪندو هو. اٽلو سڄو ڏينهن کٽ تي چڙهيو ويٺو هر ڪنهن تي حڪم هلائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن حلالي صبح جو سوير ڪاٺيون ڪرڻ ويو ڏسي ته جهنگ ۾ هڪڙي کٽ تي اشرفين جو ڏيڳ رکيو آهي. ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. اتي کٽ جي ڌڻيءَ جي انتظار ۾ ويٺو رهيو. جڏهن سانجهي تائين ڪوبه بني بشر پيدا نه ٿيو تڏهن اشرفين واري کٽ کڻي سڌو گهر آيو ۽ اچي ماءُ کي ڏنائين جي هن لڪائي رکي ڇڏيون. حلالي وري ٻئي ڏينهن به ڪاٺيون ڪرڻ ويو. ڏسي ته ساڳئي هنڌ هڪڙي کٽ ريشمي ڪپڙن سان ڀري پئي آهي. هن سمجهيو ته شايد ڌڻي تعاليٰ منهنجي غريبيءَ تي قياس آڻي مهربان ٿيو آهي. نه ته ڪنهن کي ڳتي پئي آهي جو هن جهنگ ۾ اشرفيون ۽ ڪپڙا ڇڏي وڃي! سو سمورا ڪپڙا کڻي اچي ماءُ کي ڏنائين. وري ٽئين ڏينهن وڃي ڏسي ته کٽ ڀري پيئي آهي. اهو به مفت جو مال سمجهي، هڙ ٻڌي هلڻ تي هو ته اوچتو وڏو نڪاءُ ٿيو. حلالي ڊپ ۾ دهلجي ويو. وري جو ڪڍي مٿي نهاري ته هڪڙو قداور ديو بيٺو آهي. اتي اچي ڏڪڻي ورتس. نيٺ ديو ڪڙڪيدار آواز ۾ چيس ته "اي ڇوڪرا! مونکي ڪنهن آدمزاد سان شادي ڪرڻي آهي. خبر اٿم ته تنهنجي ماءُ ڏکيل آهي. هاڻي وڃي ڪيس مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪر. ٽيون ڏينهن هتان جيڪي اشرفيون کڻي ويو

آهين. انهن سان پنهنجي ماءُ جا ڳهه ڳنا نهراءِ. ڪالهه وارن ڪپڙن مان ڏاج نهراءِ. هي اجوڪيون ڪارڪون وچي پاڻ وٽ رک. جي نڪاح واري رات ڪم اينديون پر ياد رک جي انهي ڳالهه ۾ تر جيترو به فرق پيو ته تنهنجو خير ڪونهي. آئون پرينءَ ڇيج وٺي اچي توهان وٽ لهندس“. ائين چئي ديو غائب ٿي ويو.

حلاليءَ کي ڪا ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه پئي اچي. ويچارو ڏڪندو ٿڙڪندو ڪارڪون کڻي گهر آيو ۽ ماءُ کي سموري حقيقت ٻڌايائين. ماڻس ڳالهه ٻڌي پهرين ته ماٺ ۾ پئجي ويئي. پر ڪجهه دير کان پوءِ ويچاري ٻئي هٿ گوڏن تي هڻي چوڻ لڳي ته ماريا! منهنجي لاءِ هي کهڙو ويل وهايئي: حلالي چيس ته ”امان! جيڪا ٿيڻي هئي سا ٿي، هاڻي ڏٺيءَ جي نالي شادي لاءِ تيار ٿيءُ، نه ته ٻنهي جو خير ڪونهي. ماڻس لاچار هائوڪار ڪئي ۽ حلالي ڪجهه اشرفيون کڻي ڳهه ۽ ڪپڙا نهرائي آيو. تڏهن ڏينهن ديو پنهنجي ڇيج ساڻ ڪري اچي حلاليءَ جو مهمان ٿيو. ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿيڻ کان پوءِ ديو حلالي ۽ حراميءَ کي ساڻ ڪري پنهنجي ملڪ موٽيو.

هاڻي حلالي، ديو جي ڳوٺ ۾ ڏاڍو ويڳاڻو گذارڻ لڳو. ماڻس کي به هن جي ڪري ڏاڍيون تڪليفون سهڻيون پيون. تنهن جو به مٿس ڏاڍو ڏمر هو. ڪن ڏينهن پڇاڙا حلاليءَ جي ماءُ کي ديو مان هڪڙو پٽ ڄائو. ديو جي به حلالي ۽ حراميءَ سان ڪانه پوندي هئي پر ڪيس اولاد ڪونه هو تنهنڪري انهن ٻنهي ڀائرن سان وندريو ويٺو هو. پر پنهنجي سڳي پٽ ڄمڻ کان پوءِ هڪڙي رات ديو خيال ڪيو ته ”هاڻي مونکي پنهنجو سڳو پٽ به آهي، تنهن ڪري ڇو نه حلالي ۽ حراميءَ کي ماري ڇڏيان.“ اها خبر پنهنجي زال سان به ڪيائين. هوءَ ويچاري انڪار ٿي ڪري ته مري ٿي، سو ڪسندي کڻي هائوڪار ڪيائين. ديو ٻڌايس ته ”آئون صبح جو نانگ ٿي ٻاهر چائنٺ وٽ وچي ويهندس، جيئن ئي حلالي ٻاهر نڪرندو تيئن ڪيس ڏنگ هڻي ماري ڇڏيندس ڇو ته هو سيني کان سويل اٿندو آهي. ان کان پوءِ حرامي کي سندس کٽ تي ئي ستي ڏنگي ماري ڇڏيندس.“ اتفاق سان حرامي اها سموري خبرچار ٻڌي ورتي ۽ ديو کي مارڻ جو پڪو پهه ڪيائين. رات پئي ته حرامي ڪوڙا

ڪونگھرا هڻي جاڳندو رهيو. صبح جو سويل حلاليءَ جي اٿڻ کان اڳي ئي ڪٽ تان لهي وڃي ڪھاڙي ڪنائين ۽ آهستي آهستي دروازي وٽ اچي ڏسي تہ برابر هڪڙو نانگ ويڙهيو سيڙهيو لڪيو ويٺو آهي. پوءِ وجھ ڏسي ڪھاڙيءَ سان اچي نانگ کي ورتائين. اڪ چنبي ۾ هڻي ڳترا ڳترا ڪري ڇڏيائينس. پوءِ ڊوڙي وڃي ماءُ کي جاڳائي ديو کي مارڻ جي سموري حقيقت ٻڌايائين ۽ پاءُ کي چيائين تہ "ادا! پڇ تہ پڇون، نہ تہ ديو بچ بچ ڪري ڇڏيندا." پوءِ ٻئي پائر منيون پيڙي وٺي پڳا.

هلندي هلندي اچي ڪنهن ولايت ۾ نڪتا. اتي حرامي حلالي کي چيو تہ "ادا! هاڻي اسان کي هڪ ٻئي کان جدا رهي قسمت آزمائڻ گھرجي. تون اتر طرف وڃ تہ آئون ڏکڻ پاسي ٿو وڃان. جيڪڏهن حياتي هوندي تہ وري اچي گڏباسين." ائين چئي حرامي هڪڙو چاقون ڪڍي حلالي کي ڏنو ۽ چيائينس تہ "هيءُ منهنجي نشاني اٿئي. جنهن ڏينهن چاقون ڪٽجي وڃي ان ڏينهن سمجھجئين تہ منهنجو خير نہ آهي. حراميءَ کان چاقون وٺي حلالي بہ کيس هڪڙو چاقون ڏنو ۽ چيائين تہ "هيءَ چاقون وري منهنجي نشاني اٿئي. جيڪڏهن ڪٽجي وڃي تہ تون سمجھجئين تہ منهنجو بہ خير نہ آهي." ائين هڪٻئي کي اهي نشانيون ڏيئي پنهنجو پنهنجو رستو وٺي اٿي هليا.

حلالي رلندو پنندو اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو. پڇا ڳاڇا تي خبر پيس تہ هتي جي وڏيري کي هڪڙي نوڪر جي گھرج آهي. هي يڪدم وڏيري وٽ آيو ۽ کيس نوڪري ڏيڻ لاءِ چيائين. جنهن نوڪري تہ ڏنيس پر چيائينس تہ "جيئن منهنجي ٻانهي توکي چوندي تيئن ڪرڻو پوندئي، جي اهو شرط قبول ڪرين تہ وڃي ڪم سان لڳ نہ تہ پنهنجو رستو وٺ." حلالي ويچارو ضرورتمند هو سو وڏيري جو شرط قبول ڪري وڃي ڪم سان لڳو. سج لٿي محل ٻانهي ڊاڪوڻ ۾ ماني ۽ پاڻيءَ جي ڪلي ڪٽي اچي اڳيان رکيس ۽ چيائينس تہ "ڊاڪون کولي ماني نہ کائج. پخال کولي پاڻي نہ پيئج ۽ زبان چوري ڳالھ نہ ڪڍج!" ائين چئي ٻانهي ويندي رهي. حلالي ڏاڍو حيران ٿيو تہ هاڻي ڇا ڪريان! نيٺ ماني کائڻ کان سواءِ صبر ڪري ويهي رهيو. گھڙي کن کان پوءِ ٻانهي اچي ڊاڪون ۽ ڪلي ڪٽي هلي ويئي ۽ حلالي جھڙو

ٻڪيو هو ٿهڙو رهجي ويو. پوءِ روزانو ٻانهي ماني کڻي اچي کيس ساڳيءَ طرح چونڊي هئي. حلالي ٻه نه ڏاڪون کي هٿ لائيندو هو ۽ نه وري ڪنهن سان اها ڳالهه ڪندو هو. نيٺ ٻڪون ڪاٽي ٿوري وقت کان پوءِ مري ويو.

هوڏانهن حرامي پاءُ کان جدا ٿي اچي هڪڙي نانوائي وٽ نوڪر بيٺو. هو روز پاءُ جو ڏنل چاقون ڏسندو هو. هڪڙي ڏينهن دستور موجب چاقون ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيس. ڇاڪاڻ ته چاقون ڪٽجي ويو هو. حرامي سمجهي ويو ته حلاليءَ جو خير ڪونهي، سو يڪدم نانوائي سان حساب ڪتاب صاف ڪري اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ پهتو جتي ويچارو حلالي مئو هو. پڇا ڪرڻ تي خبر پيس ته برابر وڏيري وٽ حلالي نالي نوڪر هو جو مري ويو. حرامي پنهنجي پاءُ جي مرڻ جو سبب معلوم ڪرڻ تي چاهيو پر ڪٿان ٻه خبر ڪانه پيس. پڪ ٿيس ته حلاليءَ کي ضرور وڏيري ماريو آهي. سو هو ٻه هڪلي اچي وڏيري جي اوطاق تي پهتو ۽ کيس نوڪري ڏيڻ لاءِ چيائين، جنهن کيس اهو ساڳيو شرط ٻڌايو جو قبول ڪري وڃي ڪم سان لڳو. رات جو ماني کائڻ جو وقت آيو ته ساڳي ٻانهي ڏاڪون ۽ ڪلي کڻي اڳيان رکي چيس ته "ڏاڪون کولي ماني نه کائج، پخال کولي پاڻي نه پيئج ۽ زبان چوري ڳالهه نه ڪجڪ. آئون اجها ٿي اچان." اتي حراميءَ کي پڪ ٿي ته حلاليءَ کي هنن ئي بکن وگهي ماريو آهي. هاڻي انهن پئي مون پٽي. جي وڏيري جو گهر ڦٽائي زبان نه ڪريان ته منهنجي ڳالهه ۾ گهٽ آهي. پوءِ ڏاڪون کولي ويهي مزي سان ماني کائڻ لڳو. گهڙي ٻه ڪانه گذري ته ٻانهي ٿانو کڻڻ آئي. حرامي ٻه اٿندي ئي هٿ نڙگهٽ ۾ وجهي وني جو گهٽو ڏنس ته اتي جو اتي اقٽ مري پئي. پوءِ ڇا ڪيائين جو ٻانهي جو لاش کڻي لڪندو ڇپندو ڳوٺ مان ٻاهر نڪري رستي تي آيو. لاش کي وڻ جي ٽيڪ تي ويهاري، پاڻ ڊوڙندو وڏيري وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته "سائين! واهه واهه! ڇا اوهان جي ٻانهي ڇا رستي تي ويٺي واٽهڙن سان عشق ڪري." وڏيرو اوڏي مهل سنگتين سان ويٺو هو سو ٽپي ٻاهه تي ويو ۽ لٺ کڻي حراميءَ کي ساڻ ڪري اچي ڏسي ته برابر وڻ کي ٽيڪ ڏيو ويٺي آهي. وڏيري ٻه ڪاوڙ ۾ نڪا ڪئي هم نڪا تم. اچي

لنين سان ورتائينس. ٻانهي تہ اڳئي مئل هئي سا لنين لڳڻ ڪري ڍيري ٿي پئي. بس پوءِ تہ حراميءَ جو اچي مڪو متو. وڏيري کي چيائين تہ ”وڏيرا! هي ڇا ڪيئي، بيگناهہ کي خون ڪري وڌئي! هاڻي تہ ڦاسي چڙهي ويندين.“ حراميءَ جا اهي لفظ ٻڌي وڏيري جا ڏڍر ئي ڍرا ٿي ويا ۽ هن کي ايلاز منٿون ڪرڻ لڳو تہ ”جيڪي چوين سو ڏيئين پر ڳالهہ گم شم ڪري ڇڏ.“ حراميءَ پنج هزار رپيا وٺي خاطري ڏنس تہ هاڻي تنهنجو نالو ڪير وٺي! وڏيري کي حراميءَ تي ڪاوڙ ڏاڍي آئي پر ڪجي ڪونہ سگهيو. حراميءَ پئسا وٺي ٻانهيءَ جو لاش ڪٽي وچي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيو. ٻانهيءَ جي مرڻ کان پوءِ هاڻي ماني وٺڻ لاءِ حرامي پاڻ حويليءَ تي ويندو هو.

وڏيرو پنهنجي نوڪرن تي اهڙي سختي رکندو هو جو ڪوبہ نوڪر مهيني کان وڌيڪ وٽس رهي نہ سگهندو هو ۽ پڇي ويندڙ نوڪرن جا پئسا بہ وڏيري کي ڦٻي ويندا هئا. وڏيرو ائين نوڪرن کان مفت ۾ ڪم وٺڻ تي هري ويو هو پر حرامي پهريون نوڪر هو جنهن نہ فقط وٽس سڄو مهينو ڪمايو هو پر ڪانئس پنج هزار رپيا بہ ورتا هئا. تنهنڪري وڏيري کي حراميءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ هوندي هئي. آخرڪار حرامي هڪڙي رات جو حويليءَ تان ماني وٺڻ ويو تہ اندران وڏيري ۽ سندس زال جو آواز ٻڌائين. وڏيري زال کي پئي چيو تہ ”آئون حرامي نوڪر مان اچي ڦاٿو آهيان. تنهن ڪري ڪنهن حيلي سان ڪيس ماري ڇڏجي تہ ڏاڍو چڱو.“ جوڻس وراڻيو تہ ”جيڪڏهن ائين آهي تہ هيئن ڪر، جو تون ڪوٺيءَ جي منگهہ ۾ نوڙي ڪٽي وڃي ويهہ. حرامي جاڻ ماني کڻڻ آيو. آئون سندس ماني وچي ڪوٺيءَ ۾ ٿي رکان. جڏهن حرامي ايندو تہ کيس ڪوٺيءَ ڏي ماني کڻڻ لاءِ موڪلي توکي اشارو ڪنديس، پوءِ تون سندس ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي ڪٽي ڇڪجئين.“ اها ڳالهہ ٻڌي وڏيرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نوڙي ڪٽي وڃي منگهہ ۾ لڪي ويٺو.

حرامي تہ اها ڳالهہ ٻڌي ورتي هئي، سو وري موٽي آيو ۽ ڇاڻي واڻي دير ڪري پوءِ ويو. وڏيري چيس تہ ”ابا! ماني اندر رکي اٿئي، وڃي کڻ.“ حرامي اڳيرو هلي مڪر ڪري پيو. وڏيري جي پڇڻ تي چيائين تہ ”پير ۾ ڪنڊو لڳو اٿم. تنهنڪري هلي نٿو سگهان. پلائي

ڪري اندران ماني ڪڻي ڏي تہ وڃان.“ وڏيري کي بہ ڳالھ وڻي وسري تہ اندر حراميءَ کي مارڻ لاءِ مانداڻ منڊيو پيو آهي. ”سو اندران ماني کڻڻ ويئي. حرامي بہ موقعو سٺو ڄاڻي زناني آواز ۾ وڏيري کي اشارو ڪيو. جنهن تي هن اوندھ ۾ پنهنجي زال جي ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي وٺي ڇڪ ڏني. گهڙيءَ کن ۾ ئي ويچاري وڏيريءَ جا پساھ پورا ٿي ويا. اتي حرامي يڪدم اٿي وڏيري کي هڪل ڪئي تہ ”وڏيرا! خير تہ اٿئي؟ ٻہ ٽي ڏينهن ٿيا تہ ٻانهيءَ کي لئيون هڻي ماريئي. اڄ وري پنهنجي زال کي.“ زال جي موت جي خبر ٻڌي وڏيرو وائڙو ٿي ويو. هيٺ لهي ڏنائين تہ برابر حرامي جي بدران زال ماري وڌي اٿم.

اتي حرامي وڏيري کي چيو تہ ”وڏيرا! اڄ آئون توکي ضرور ڪاٺ ۾ وجهائيندس.“ حرامي جا دڙڪا ٻڌي وڏيري جون مٽيون منجهي ويون، سو پنهنجو پٽڪو لاهي حراميءَ جي پيرن تي رکيائين ۽ چيائينس تہ ”هن پيري منهنجي عزت بچاءِ.“ حرامي چيس تہ ”ڏھ هزار رپيا روڪڙا ڏي تہ ڳالھ لئي مٽي ڪريان.“ وڏيري کي سر جي لڳل هئي سو يڪدم ڏھ هزار رپيا ڪڍي حراميءَ کي ڏنائين.

زال جي مرڻ کان پوءِ وڏيرو ويڳاڻو رهڻ لڳو. خيال ڪيائين تہ ڪنهن پاسي وڃي روح پرچايان، سو حرامي کي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪپڙا وغيره ٻڌي راتو واھ پنهنجن مائٽن ڏانهن روانو ٿي ويو. حرامي بہ هميشہ سندس تاڙ ۾ رهندو هو سو وڏيري کي رات جو ويندو ڏسي سندس پٺيان لڳي ويو. وڏيرو ڳچ پنڌ کان پوءِ ساهي کڻڻ لاءِ هڪ هنڌ اچا ويٺو ئي مس تہ حراميءَ بہ اچي سلام ڪيس. هو حراميءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ پڇيائينس تہ ”تون هتي ڪيئن آئين؟“ حرامي جواب ڏنس تہ ”سائين! اڌ رات جو چورن وانگر اوهان کي ويندو ڏسي سمجهيم تہ ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿا آهيو. آئون نوڪر ماڻهو خيال ڪيم تہ ڇو نہ هن ڏکئي وقت ۾ اوهان جي مدد ڪريان. هاڻي ٻڌايو تہ منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟“ وڏيري خيال ڪيو تہ هن حراميءَ مان جند اصل ڪين ڇٽندي، تنهنڪري ڪپڙن واري هڙ ڏيئي اٿي مائٽن ڏانهن هليو. ڳوٺ وٽ اچي وڏيري، حراميءَ کي چيو تہ ”تون اڳواٽ وڃي ڪين منهنجي اچڻ جي خبر ٻڌاءِ.“ حرامي وڏيري جي

مائٽن کي اچي چيو تہ ”وڏيرو ۽ آئون اوهان وٽ مهمان ٿي آيا آهيون، تنهنڪري اسان جي ماني تيار ڪريو پر وڏيري لاءِ چانور اڏو اڌ لوڻ وجهي ڏار رڌجو، چاڪاڻ تہ هن کي حڪيم گهٽي لوڻ کائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي.“ ائين چئي پنهنجي موٽيو. ساڻس گڏ وڏيري جا ڪي مائٽ بہ آيا ۽ هنن کي ڏاڍي شان مان سان وٺي آٽي اوطاق ۾ ٽڪاياءون.

خبرن چارن کان پوءِ هنن ٻنهي جي آڏو ماني آڻي رکيائون. وڏيرو گرانهن کٽي تہ رڳو لوڻ! آهستي آهستي حراميءَ کان پڇيائين تہ ”هي ڪهڙي ماجرا آهي؟“ حرامي چيس تہ ”وڏيرا! مونکي ڪهڙي خبر.“ وڏيري لاچار بک کان ڪجهہ ماني کائي وڃي آرامي ٿيو. اڃا گهڙي ڪن مس گذري تہ اچي پيٽ ۾ وٽ پيس، سو حراميءَ کي اٿاري چيائين تہ ”هاڻي ڇا ڪريان؟ حرامي چيس تہ ”سائين! منجهو ڇو ٿا؟ پاڻي وارو دلو خالي ڪري، انهي ۾ وڃي جان آجي ڪريو. صبح جو آئون پاڻهي دلو وڃي جهنگ ۾ اڇلي ايندس.“ وڏيري حرامي جو چوڻ مڃي صبح ٿيڻ کان اڳ سڄو دلو هنگي ڀري ڇڏيو. صبح جو دلي اڇلائڻ لاءِ حراميءَ کي اٿاريائين پر هو ڏٽ هڻي سمهي رهيو. وڏيري ڏاڍا حيلا ڪيا، پر ٻيو ٿيو خير. اٿي سڄ اڀرڻ وارو هو. هن خيال ڪيو تہ جي ماڻهن ڏسي ورتو تہ ڏاڍي خواري ٿيندي. تنهنڪري چو نہ آئون پاڻ اڇلائي اچان. سو دلو مٿي تي رکي ٻاهر نڪتو. حرامي ڇا ڪيو جو سروٽو کڻي ٽڪاءُ ڪرايائين دلي کي. ڏڪ لڳڻ سان دلو ڇيهون ڇيهون ٿي پيو ۽ وڏيرو گند ۾ ڀرجي پيو. ان کان پوءِ حرامي ڏٺو تہ هاڻي هن سان گهٽي جٺ ڪئي اٿم، سو وٽس اچي چيائين تہ ”ادا! وڏيرا، آئون تنهنجي اڳوڻي نوڪر حلاليءَ جو پاءُ آهيان. تو ۽ تنهنجي ٻانهي منهنجي ڀاءُ کي بکون ڏيئي ماريو جنهن جو وير توکان ورتم. ٻانهيءَ کي بہ گهٽو ڏئي ماري، وڏيريءَ کي بہ تنهنجي هٿان مارايم ۽ توکي بہ گهڻو خوار خراب ڪيم. هاڻي پنهنجي الله واهي اٿئي.“ ائين چئي هن ڳوٺ ڏانهن موٽ کاڌي. اتي اچي وڏيري وٽان هٽ ڪيل پئسن مان دڪان ڪڍي ويهي رهيو ۽ باقي ڏينهن اشرافت سان گذارڻ لڳو.

باب ڏهون

ٺڳن جون ڪهاڻيون

اڌ ٺڳ

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو ڇوڪرو پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هو. پيءُ تہ ننڍي هوندي ئي مري ويو هوس. باقي ماءُ پالي تاتي اچي جوان ڪيس. هڪڙي ڏينهن ڇوڪري اچي انگل ڪيو تہ "امان! مون کي شادي ڪراءِ." ماڻس چيو تہ "بابا! پاڻ غريب مسڪين، ڪير پاڻ کي سڱ ڏيندو؟ جڏهن خدا جي مرضي ٿي تڏهن تنهنجي بہ شادي ٿي ويندي." تنهن تي ڇوڪري چيس تہ "چڱو جي ائين آهي تہ تون مون کي هڪڙو ٽڪو ڏي تہ آئون پاڻهي تو شادي ڪري اچان." ماڻس چيس تہ "ابا! ڪڏهن ٽڪي ۾ بہ شادي ٿي!... ماٺڙي ڪري ويهي رهہ". پر ڇوڪرو پنهنجي ڳالهہ تان نہ لٿو. ماڻس لاچار ٿي ڪيس هڪڙو ٽڪو ڏنو. جو هن وٺي پاڻ وٽ قابو ڪيو ۽ ماءُ کان موڪلائي هڪڙي پاسي اٿي هليو.

هلندي هلندي اچي ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو. اتي ڪيس بک بہ اچي ورايو سو ٽڪو مٽائي، ان مان پائيءَ جي ماکي وٺي گيدوڙي جي پن تي مکي، مزي سان چٽيندو اچي درياءَ جي ڪپ تي پهتو. اتي بادشاهہ جي ڌوبي پئي ڪپڙا ڌوتا. تنهن جو هن کي گيدوڙي جا پن چٽيندو ڏٺو سو پڇيائينس تہ "ڇوڪرا! ڪر خبر گيدوڙي جا پن ڇو پيو چٽين؟" ڇوڪري جو ڏٺو تہ ڌوبيءَ جي دل سرڪي آهي سو اٽڪل ڪري ڇوڙ لڳس تہ "آئون توکي اصل ڪونہ ٻڌائيندس. ڇو تہ تون آهين شهر جو ماڻهو جيڪڏهن توکي ڏس ڏنم تہ وڃي ٻين کي

ٻڌائيندين، پوءِ آئون ڪيڏانهن ويندس!“ اهو ٻڌي ڌوٻيءَ کي پڪ ٿي ته انهيءَ گيدوڙيءَ ۾ ڪا وڏي حڪمت آهي. لاچار ڇوڪري چيس ته ”يار! تنهنجي سر کي ٿو ٻڌايان، جو پلو مڙس ٿو ڏسجين. هاڻي ٻڌ فلاڻي هنڌ گيدوڙي جو هڪڙو وڻ بيٺو آهي، جنهن جا پن ماڪيءَ ۾ ٻڏا پيا آهن پر بيلي پلائي ڪج، جو ڪنهن کي ٻڌائج نه... باقي توکي روڪ ڪانهي.“ ڌوٻي چيس ته ”يار! واه جي ڳالهه ٻڌائيئي، هاڻي جتي ايتري پلائي ڪئي اٿئي، اتي مهرباني ڪري پنهنجو نالو به ٻڌاءِ ۽ هنن بادشاهي ڪپڙن جو به تورو خيال ڪر ته آئون اتان ٿي اچان.“ ڇوڪري چيس ته ”منهنجو نالو ”ڪالهه پوچاڙي“ آهي.“ اهو ٻڌي ڌوٻي هن جي مهرباني مڃي مليل ڏس ڏانهن روانو ٿيو. ڌوٻيءَ جي پٺ ڏيڻ ۽ ڇوڪري جو ڪپڙا ميڙڻ، ٿوري دير ۾ سمورا ڪپڙا ميڙي چوندي، هڙ ڪري وٺي اتان پڳو ۽ اچي ٻئي شهر ۾ نڪاءُ ڪيائين.

ڌوٻي ڪجھ دير کان پوءِ رلي رلي هٿين خالي تڙ تي موٽي آيو. اتي ڏسي نه ڪو ”ڪالهه پوچاڙي“ ۽ نه وري ڪپڙا. اتي اچي سر سان لڳس ته بادشاه جا ڪپڙا چورائجي ويا. هاڻي ڇا ٿيندو. نيٺ گهڻي ويچار کان پوءِ هليو بادشاه کي انهي ڳالهه جو اطلاع ڪرڻ. دربار ۾ اچي هٿ ٻڌي بادشاه کي عرض ڪيائين ته ”جيئندا قبلا! ڪالهه پوچاري چور اوهان جا ڪپڙا چورائي ويو آهي.“ بادشاه کي ڏاڍو عجب لڳو ته هن کي مون ڪپڙا اڄ ڏنا ۽ چورائجي ڪالهه ويا: پڪ ٿيس ته ڪوڙ ٿو ڳالهائي، سو ڏاڍي ڦيهه ڪيارائي ويچاري کي شهر نيڪالي ڏئي ڇڏيائين.

هوڏانهن ڇوڪرو هلندو اچي ته ڏسي هڪڙو شخص گهوڙي تي چڙهيو پيو وڃي. هن به وڏي وڃي اڳ جهليس. سلام ڪلام کان پوءِ هڪٻئي سان خبرون چارون ڪري گڏ هلڻ لڳا. گهوڙي واري شخص کي به ڪو اوڏي مهل جهنگ جو خيال اچي ٿيو هو سو هن کي چيائين ته ”ادا! گهڙي کن گهوڙي جي سنڀال ڪر ته آئون جهنگ جو خيال لاهي اچان: پر پنهنجو نالو ته ٻڌاءِ؟“ ڇوڪري چيس ته ”ادا! منهنجو نالو آهي ”اڏ پائيوار“ گهوڙي وارو شخص نالو نشان پڇي جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. هنجي پٺي ڏيڻ ۽ ڇوڪري جو گهوڙي تي لانگ ورائڻ... گهوڙي جو مالڪ وٺي رڙيون ڪيون. چي: او يار اڏ پائيوار! منهنجو گهوڙو ته ڇڏي

وڃ. " سنڌس رڙين تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا، جن کي ٻڌايائين ته "اڌ پائيوار منهنجو گهوڙو ڪنيو پيو وڃي". تنهن تي ماڻهن چيس ته "ميان! پوءِ انهيءَ ۾ رڙين ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، جيترو تنهنجو حق اوترو هن جو." تنهن تي هن انهن کي سڄي حقيقت سمجهائي پر جيسين ماڻهو تيار ٿين تيسين هوا اجي ڪٿان وڃي نڪتو.

چوڪرو گهوڙو ڊوڙائيندو اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو. اتي کيس رات به اچي پئي. سياري جي مند هئي ۽ انهي رات سيءَ به چئي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان. هن خيال ڪيو ته اجهي کان سواءِ رات گذارڻ ٿيندو پاڻ مارڻ. آخر هڪڙي اٽڪل سجهي آيس، ڇا ڪيائين جو يڪدم پراڻا ڪپڙا لاهي بادشاهي وڳو پهري ڳوٺ ۾ اندر گهڙيو. اتي ڏسي ته هڪڙي چوڪري پئي اچي، هن وڃي وڃي اڳ جهليس ۽ ڏاڍي رعب تاب سان چيائين ته "چوڪري! اسين هن ملڪ جا شهزادا آهيون، اسان کي هتي رات رهڻي آهي. ان جو بندوبست ڪر." چوڪري هن جا ڪپڙا ڏسي سمجهيو ته پڪ شهزادو آهي، سو حاضر چئي سڏو پنهنجي پيءُ کي اچي حقيقت ٻڌايائين. جيڪو يڪدم وڃي کيس عزت سان وٺي آيو.

رات جو ڏاڍي مان سان کيس ماني کارائي ڪانئس خبرون چارون پڇڻ لڳا. چوڪري کين ٻڌايو ته "بادشاهي ڪمن کان جند ئي آجي ڪانهي. ڪڏهن ڪڏهن ٿو گهمڻ جو وقت ملي پر هن ڀيري بادشاهه حڪم ڏنو آهي ته تنهنجي شادي ڪرڻي آهي، سو وڃي پنهنجي لاءِ ڪنوار ڳولي اچ. انهي ڪري شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ پيو گهمان." ائين چئي ڪجهه ترسي، وري هن شخص کي چيائين ته سويل جيڪا چوڪري مونکي هتي وٺي آئي هئي، سا ڪير هئي؟" هن شخص ورائيس ته "سائين! اها منهنجي ڌيءَ آهي." اهو ٻڌي هن چيو ته "بس، آئون شادي ڪندس ته ان سان ڪندس." غريب شخص اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته "سائين! انهي کان وڌي خوشي جي ڳالهه ڪهڙي ٿيندي." چوڪري چيس ته "چڱو جي تون راضي آهين ته پوءِ آئون تنهنجي ڌيءَ کي صبح جو پاڻ سان گڏ وٺي ويندس ۽ ورندي ٿيئن ڏينهن سنڌس ڳهه ڳنا، ڏاج ڏيوڻ ۽ چوڪري توهان کي موٽي ملندي ۽

پنجين ڏينهن اسين ڇيج وٺي ايندا سين.“ اهو فيصلو ڪري ڇوڪرو ماٺڙي ڪري سمهي رهيو.

ڇوڪري جي سمهڻ ڪان پوءِ، ڇوڪريءَ جي ماءُ پيءُ خيال ڪيو ته ”خدا اسان کي ڏين دنيا ۾ هڪڙي ڌيءَ ڏني آهي، اسان جو پٽ به اهو ته ڌيءَ به اها... اسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي سو سندس آهي.“ اهو خيال ڪري پنهنجي سموري ميڙي چونڊي، ڪپڙا لٽا هڪڙي هٽ ۾ ٻڌي ٺاهي رکيائون.

صبح جو ڇوڪرو اٺي گهوڙي کي سنجي تيار ڪيو ۽ ان شخص کي چيائين ته ”پنهنجي ڌيءَ کي مون سان گڏ ٻيلهه ويهار.“ هن شخص پنهنجي ڌيءَ گهوڙي تي ويهاري، پيسن، زيورن ۽ ڪپڙن جي هٽ ڪيس ڏئي چيو ته ”شهزادا! اسين غريب آهيون، جيڪي ڪجهه اٿئون سو مهرباني ڪري ڏاج سان گڏ، اسان پاران ڪري موڪلجو. “ڇوڪري هٽ وٺي سوگهي ڪئي ۽ وٺي گهوڙي کي مٺ ڏني ته پهر ڪن ۾ سڌو اچي گهر پهتو. ماءُ کي سلام ڪري چيائين ته ”امان! هيءَ اٿئي تنهنجي نُنهن ۽ هي تنهنجو ٽڪو.“ ڇوڪريءَ کي جڏهن انهي ڳالهه جي خبر پئي ته هي شهزادو ڪونهي، تڏهن منهن مٿو پٽڻ لڳي، پر هاٺي ڪري به ڪجهه نٿي سگهي. لاچار ڇوڪري سان شادي ڪري ويهي رهي.

ٺڳ جو پٽ ٺڳ

هڪڙو هو ٺڳ، جنهن کي هڪ ننڍڙو پٽ به هوندو هو سنڌس مرڻ کان پوءِ ان ٺڳ جي زال ۽ پٽ اڪيلا رهندا هئا. ڇوڪري جي ماءُ ويچاري پورهيو ڪارهيو ڪري پنهنجو ۽ پٽ جو پيٽ پئي پاليندي هئي. مطلب ته ٻنهي ماءُ پٽن جو ڏکيو سکيو وقت پئي گذريو. ڇوڪرو اڃ ننڍو سيان وڏو آخر اچي جوان ٿيو. هڪڙي ڏينهن ماءُ کي چيائين "امان آئون وڏو ٿيو آهيان. ڀانيان ٿو ته آئون به ڪو ڌنڌو ڌاڙي ڪريان." هاڻي ٻڌاءِ ته ابو ڪهڙو ڌنڌو ڪندو هو ته آئون به اهو ڌنڌو ڪريان. ماڻس ٻڌايس ته "تنهنجو پيءُ ٺڳي ڪندو هو." ڇوڪري چيو "جي بابو ٺڳي ڪندو هو ته آئون به ٺڳي ڪندس." تڏهن ماءُ چيس ته "پٽ! ٺڳي تنهنجي ڏاڻءُ جو ڪم ڪونهي. مونکي شڪ آهي ته متان ڪٿي ڦاسي نه پوين"، پر هو ضد ڪري ويهي رهيو ته "موڪل ڏينم ته وڃي ٺڳي ڪريان." نيٺ جڏهن ماءُ ڏٺو ته هي اصل پنهنجي ڳالهه تان ڪونه لهندو تڏهن هن لاچار موڪل ڏنس. انهيءَ تي ڇوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ماءُ کي چيائين ته "بس هاڻي رڳو هڪڙو پلو گهوڙو سنا ڪپڙا ۽ ڪجهه ڏوڪڙ ڏي ته آئون ڌنڌي تي وڃان." ماءُ چيس ته "پٽ! پاڻ غريب مسڪين، پاڻ وٽ ڪٿان آيا گهوڙا، ڪپڙا ۽ ڏوڪڙ، باقي فلاڻو شاهوڪار تنهنجي پيءُ جو سنگتي هو ان وٽ وڃ. متان اهو تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهي." ڏس وٺي ڇوڪرو سڌو ان امير وٽ آيو ۽ ساڻس حال احوال ڪيائين. سيٺ ڪيس ڏاڍي عزت ڏني ۽ ڪيس ضرورت جون سموريون شيون ڏنيون.

ڇوڪرو ڪپڙن جو پلو وڳو پائي ماءُ کان موڪلائي گهوڙي تي چڙهي هڪڙي پاسي روانو ٿيو. هلندي هلندي اچي هڪڙي ڳوٺ جي ويجهو پهتو. ان ڳوٺ جي پرسان هڪڙو تلاءُ هو جنهن جي چوگرد ساوڪ لڳي پئي هئي، سو ڇوڪري دل ۾ خيال ڪيو ته "آئون ته ڳوٺ ۾ ڪنهن کي سڃاڻان به ڪونه جنهن وٽ وڃي ترسان، تنهن کان سواءِ

گهوڙو بہ آهي ٽڪل، تنهنڪري اتي ئي لهي ساهہ پٽجي“. سو اهو خيال ڪري، تلاءُ وٽ لهي پيو. هٿ منهن ڌوئي گهوڙي کي چرڻ لاءِ ڇڏي پاڻ وڃي پاسي واري وڻ هيٺ ويهي رهيو.

قدرت خدا جي سان اهو ڳوٺ ڪو نڱن جو هو. ٿوري دير کان پوءِ نڱن جون سئو کن زالون دلا مٿي تي کڻي پاڻي ڀرڻ آيون. زالن جو ڏٺو تہ هڪڙو ڇوڪرو پلن ڪپڙن سان وڻ هيٺان ويٺو آهي. سو هڪبئي کي چيائون تہ ”ادي! ڇوڪري کي ههڙا اڇا ڪپڙا پيل آهن. گهوڙو بہ اٿس، سو ڏوڪڙ بہ ضرور هوندس. پوءِ يڪدم موٽي وڃي گهر وڃي پنهنجن مڙسن کي ٻڌايائون تہ ”ههڙن پارن سان هڪ ڇوڪرو گهوڙي سميت تلاءُ تي ويٺو آهي. هاڻي وارو ڪريوس ۽ وڃي کيس پاسو ڏيو.“ نڱن کي جو گهر ويٺي شڪار مليو سو پاڻ ۾ صلاح ڪري ٻن ٽن ڄڻن کي موڪليائون تہ وڃي ڇوڪري کي دعوت ڏيئي هٿي وٺي اچو. بہ ٽي ڄڻا تلاءُ ڏانهن روانا ٿيا ۽ اچي ڏاڍي حب سان ڇوڪري کي مليا. سلام دعا کان پوءِ کيس پاڻ وٽ هلي رهڻ جي دعوت ڏنائون. ڇوڪري کي تہ رهڻي رات هئي، سو يڪدم کڻي سندن دعوت قبول ڪيائين ۽ هنن سان گڏجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. ڳوٺ ۾ پهچڻ تي ٻين نڱن بہ هن جي چڱو آڌرڀاءُ ڪيو. سڀئي کيس ڏاڍي حب سان مليا ۽ کيس عزت سان اوطاق ۾ هڪ کٽ وڇائي ڏنائون.

آخر جڏهن رات ٿي ۽ ماني ٽڪي کائي اچي ڪچهري ڪرڻ ويٺا، تڏهن نڱن هن کي چيو تہ ”ادا! اڄ پاڻ شرط رکنداسون پوءِ جي تون شرط کٽي وئين تہ پوءِ اسين تو کي ايترا ٽيڙ پري ڏينداسين.“ ڇوڪري ڏٺو تہ هي آهن گهڻا همراهہ ۽ آئون آهيان هڪڙو سو جي انڪار ڪندس تہ بہ ٽيڙ ڦري وٺندا. تنهنڪري هنن جي ڳالهہ مون کي بہ مڃڻي پوندي. لاچار هائوڪار ڪيائين. تڏهن نڱن چيس تہ ”پاڻ سڀئي هڪبئي کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون جي ٻڌل يا ڏٺل نہ هجن. جي ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌل يا ڏٺل نڪتي تہ ان شرط هارائي. تڏهن ڇوڪري چيو تہ ”چڱو مونکي قبول آهي. پهرين توهين ڪا ڳالهہ ڪريو.“ تنهن تي هڪڙي نڱ هيءَ ڳالهہ شروع ڪئي تہ ”اسان جي ڳوٺ جي پرسان جيڪو ڊورو آهي، اتان اڳي تمام وڏو درياءَ وهندو هو. درياءَ جي ڪپ تي جيڪي بہ

هيرڻ جا وڻ آهن، هي سڀ اسان پوکيا آهن. جڏهن هيرڻ جو فصل تيار ٿيندو آهي ۽ ڪاڙهو ٽپندو آهي، تڏهن هنن هيرڻن مان ايترو تہ تيل نڪرندو آهي جو هي درياءُ وهڻ لڳندو آهي ۽ ڪيترن ملڪن مان وهندي وڃي سمنڊ ۾ ٻوندو آهي. انهي ڳالهہ جي ڪا توکي خبر آهي؟“ ڇوڪري چيو تہ ”ها ادا! سچ ٿو چئين. انهي ڳالهہ جي مون کي خبر آهي ۽ اهو ئي درياءَ آهي جيڪو اسان جي ڳوٺ جي پرسان بہ لنگهندو آهي ۽ انهي ڪري اسان وٽ دڪان تا ڪو تيل وٺي ڪونہ! سيڪو ضرورت آهر انهيءَ نديءَ مان تيل ڪڍندو آهي. اها تہ مون کي بہ خبر آهي. باقي ٻي ڪا عجيب ڳالهہ ٻڌايو.“ ٺڳن ڏٺو تہ هي شرط تہ اسان هارائي سو ڇوڪري کي چيائون تہ ”هاڻي تنهنجو وارو آهي. تنهنڪري تون ڳالهہ ڪر.“ تڏهن ڇوڪري وري هيءَ ڳالهہ شروع ڪئي.“ آئون پنهنجي پيءُ جو دادلو پٽ آهيان، سو انهي لاڏ جي ڪري مونکي هڪ سئو زالون پرڻايائين، هڪڙي ڏينهن منهنجون سموريون زالون ڪيڏانهن گهمڻ ويون تہ اوچتو اهڙو تہ واچوڙو اچي لڳو جو انهن سيني کي اڏائي الاجي ڪيڏانهن کڻي ويو. آئون ڏاڍو ششدر ٿيس، نيٺ انهن جي ڳولا ڪندو ڪندو اچي تلاءُ تي پهتس. اتي ڏٺم تہ ڪي سئو زالون پاڻي پيون پرين. ڏسان کڻي تہ اهي ئي ساڳيون مون واريون سئو زالون بيٺيون آهن. توهان جي مهرباني جو هنن کي منهنجي اچڻ تائين ترسايو اٿو. هاڻي اهي مونکي ڏيو تہ موٽي ڳوٺ وڃان.“ ٺڳن جا ٽپ ئي ٽري ويا. جي ٿا چون تہ اها ڳالهہ اسان جي ٻڌل آهي تہ ڇوڪري کي زالون ڏيڻيون پون، پر جي ٿا چون تہ اسان کي انهي ڳالهہ جي خبر ڪانهي تہ شرط ٿا هارائين. پر پهرين ڳالهہ تہ ڏکي هئي. تنهن ڪري ويچارن چيو تہ بابا! اها ڳالهہ اسان جي برابر ٻڌل ڪانهي. اسان شرط هارائي. پوءِ تہ ڇوڪري کي شرط ۾ رکيل ٽيڙ کڻي ڏنائون. دل ۾ تہ گهڻئي سور ٿين تہ هڪڙو ڇوڪرو اسان کان ٽيڙ کڻيو پيو وڃي، پر في الحال کڻي صبر ڪيائون.

صبح جو سوير ڇوڪرو ٺڳن کان موڪلائي ڪنيل ٽيڙ کڻي خير سان اچي ماءُ وٽ پهتو. ڪيس پڪ هئي تہ اهي ٺگ وير تہ ضرور وٺڻ ايندا. اتي هڪڙي اٽڪل سجهي آيس، سو ڇا ڪيائين جو جهنگ

مان بہ سها وڃي ڦاسائي آيو. هڪ ڪي گهر ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ ٻئي ڪي پاڻ سان گڏ وٺيو پيو هلندو هو. نڳن جي بہ روز پيو خبر وٺندو هو تہ ڪڏهن ٿا اچن.

هڪڙي ڏينهن ڪيس خبر پئي تہ شام جو نڳ ايندا. ان ڏينهن هن ڇا ڪيو جو ماءُ کي چيائين تہ "اڄ شام جو سئو ماڻهن جي ماني تيار ڪري رکج." ائين چئي پاڻ وري سهو پاڻ سان وٺي ٻني تي روانو ٿيو. سج لٿي مهل ڏسي تہ پريان نڳ پيا اچن. هي بہ ٿورو اڳتي وڌي، ڏاڍي سِڪَ سان کين مليو ۽ سيڻي کي وٺي ان ٻنيءَ ۾ هڪ وڻ هيٺان اچي ويهاريائين. سلام ڪلام کان پوءِ کين چيائين تہ "ڪجهہ وقت اتي ساهي کڻو تہ پوءِ گهر ٿا هلون." وري سهي کي چيائين تہ "اڙي سها! اسين ٿوري دير کان پوءِ اچون ٿا. تون تيسين اڳ ۾ هلي منهنجي ماءُ کي چئو تہ اڄ سئو مهمان آيا آهن، تن جي ماني تيار ڪري رکج." ائين چئي سهي جي ڳچي مان رسي ڪڍي، سهي کي ڪُٽي ڇڏيائين. سهو تہ هو جهنگلي، سو الاجي ڪيڏانهن ڀڄي ويو. نڳن کي ڏاڍو عجب لڳو تہ سهو ڪيئن ٿو وڃي ماني تيار ڪرائي.

سج لهڻ ڪانپوءِ ڇوڪري نڳن کي چيو تہ "هاڻي رات ٿيڻ واري آهي، هلو تہ گهر هلي ڪو آرام ڪريون." آخر سيئي اچي ڇوڪري جي گهر پهتا. ماني تہ اڳ ۾ ئي تيار هئي. سو يڪدم سيڻي کي هٿ ڌئاري ماني کارايائين، پر نڳن کي اها ئي اڻ تڻ تہ اهو سهو تہ ماڻهن کان بہ چڱو. سو پيا ان سهي کي ڏسن، جيڪو اڳئي گهر ۾ ٻڌو پيو هو. پاڻ ۾ چيائون تہ "پاڻ بہ اويل سويل پيا ٻاهر اچون وڃون، جو ڪڏهن گهر اويل ٿا پهچون تہ زالن کي ماني پچائڻ جي وري تڪليف ڪرڻي پوندي آهي. تنهنڪري ڇو نہ اهو سهو پاڻ هن کان وٺون؟ اويل سويل لاءِ پيو ڪم ايندو." سيڻي نڳن اها ڳالهہ قبول ڪئي. آخر ماني ٽڪي ڪائي رات جو ڪچهري ڪرڻ ويٺا. تڏهن نڳن ڇوڪري کي چيو تہ "ٻيلي! سهو اويل سويل پيو مونکي ڪم اچي، تازو اڄ بہ توهان ڏٺو سو اهڙو سمجهو ۽ ڪمائتو سهو آئون ڏيئي ڪونہ سگهندس: باقي ٻيو سر گهرو تہ بہ حاضر آهي." تڏهن نڳ وري ڪيس منٿون ڪرڻ لڳا ۽ چيائونس تہ "يار! اسين تنهنجو ٿورو بہ ٿا کڻون ۽ پيسا بہ جيڪي

چوين سي توکي ڏيون پر سهو اسان کي ڪيئن ٻه ڪري ڏي؟" ڇوڪري ٻه ڏنو ته هاٺي دام ۾ قاتا آهن، سو چيائين ته "ادا! سهو ته اڳ ٻه ڪيترن مون کان گهريو هو پر مون ڪونه ڏنو پر هاٺي توهان سان انڪار ٻه نٿو ڪري سگهان، ڇو جو جهونا سنگتي آهيو. متان دل ۾ ڪريو. هاٺي هيئن ڪريو جو هڪ هزار رپيا ڏيو ۽ سهو وٺي وڃو. مونکي تڪليف ته گهٽي ٿيندي پر پلي توهان کي ڪسر هجي." هنن نڱن کي ٻه بيٺو هو شوق، سو هزار رپيا ڏيئي ڇوڪري کان سهو ورتائون.

صبح جو نڱ ڇوڪري کان موڪلائي، سهو پاڻ سان وٺي پنهنجي ڳوٺ روانا ٿيا. ڳوٺ ڪجهه پريرو هو ۽ سج اچي لهڻ تي ٿيو. سو پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته پاڻ شايد دير سان ڳوٺ پهچون، تنهن ڪري سهي کي اڳواٽ موڪلجي ته وڃي گهر ٻڌائي پنهنجي مانيءَ جو بندوبست ڪرائي ڇڏي. اها صلاح ڪري سهي کي چيائون ته "تون اڳ ۾ هلي اسان جي گهر خبر ڏي ته اسان جي ماني تيار ڪري رکن." ائين چئي سهي جي ڳڇيءَ مان رسي ڪٽي ڪڍيائون. هنن جي ليکي ته هاٺي سهو پاڻهي وڃي خبر ڏيندو پر سهو ته جيڏانهن جو هو وڃي اوڏانهن جهنگ ۾ نڪتو. جڏهن نڱ گهر پهتا. تڏهن ڏسن ته نه ڪا ماني نه ڪا تڪي، زالون آهن سي ننڊ ۾ ستيون پيون آهن. سيني کي اٿاريائون ۽ پڇيائون ته "ماني ڇو نه پچائي اٿو؟" تڏهن زالن چيو ته "اسان کي ڪهڙي خبر ته اوهين ڪڏهن ايندا؟" نڱن چيو ته "اسان سهي جي هٿان چوائي موڪليو هو. تنهن نياپو ڪونه ڏنو ڇا؟" زالن چيو ته "مت ته ڪانه وڃائي اٿو. ڪهڙو سهو ڪهڙو نياپو؟" اتي نڱن کي پڪ ٿي ڇوڪرو نڱي ويو. هاڻ ڏاڍي ڪاوڙ لڳن. چي: ڇوڪري کان حساب ته ضرور وٺبو پر پلي ڪو وجهه ملي!

هيڏانهن ڇوڪري کي ٻه ڪتڪو لڳو پيو هو ته نڱ وير ضرور وٺڻ ايندا، پر هن پيري مارڻ کان سواءِ اصل ڪونه ڇڏيندا. سو اڳ ۾ ئي اٽڪلون سوچڻ لڳو. آخر هڪڙي اٽڪل سمجهه ۾ آيس. سو ماءُ کي چيائين ته "هاٺي جڏهن اهي نڱ اچن تڏهن آئون هن وڏي گنديءَ ۾ لڪي وڃي ويهي رهندس ۽ تون ويهي روئج. جي هو پڇن ته چئجين ته تي ڏينهن ٿيا آهن، جو منهنجو پٽ مري ويو آهي، پر لاش کي دفن ڪرڻ واري ڪا

پهر ئي ڪانهي. لاش ڏپ ڪري ويو آهي، تنهنڪري هن گنديءَ ۾ وجهي ڇڏيو اٿم. “ ماءُ چيس تہ ”چڱو ابا! جيڪا تنهنجي مرضي.“

آخر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ نڳ بہ وير ونڻ لاءِ اچي نڪتا. ڇوڪرو نڳن کي پري کان ايندو ڏسي هڪڙي تکي ڪاتي ڪٺي گنديءَ ۾ ٽپي پيو. جڏهن نڳ اچي هن جي گهر وٽ پهتا تہ ڇوڪري جي ماءُ يڪدم وڻي روئڻ. “ نڳن پڇيس تہ ”ڇو ٿي روئين؟“ چيائين تہ ”ابا! منهنجو پٽ ٽيون ڏينهن گذاري ويو آهي پر ڪا پهر ڪانهي جا سندس لاش دفن ڪري. هاڻ لاشو ڏپ ڪري ويو آهي سو کيس هن گنديءَ ۾ وجهي ڍڪ ڏيئي ڇڏيو اٿم. جي اعتبار نہ اچيو تہ ڪٺي گنديءَ جو ڍڪ لاهي ڏسو. “ تنهن تي هڪڙو نڳ اٿيو ۽ گنديءَ تي چڙهي ڍڪ لاهي اندر جاچڻ لڳو پر جيئن تہ اندر هٿي اوندهہ گهٽي، سو ٻوٿ اندر وجهي ڪجهہ هيٺ ڀرو ٿيو. نڳ جو هيٺ نوڙڻ ۽ ڇوڪري جو ڏک هٽي سندس نڪ ڪپڻ. هن نڳ خيال ڪيو تہ ”جي سنگتين سان ڳالهہ ڪندس تہ سڀ مون تي کلندا، تنهنڪري ڀلي تہ سڀ مون جهڙا ٿين“. سو يڪدم نڪ کي هٿ ڏيئي، هيٺ لهي، منهن ٻئي پاسي ڪري چوڻ لڳو. ”مار ڏاڍي ڪني ڏپ آهي.“ تڏهن ٻين نڳن چيس ”اسان کي تہ ڪابہ ڏپ ڪانہ ٿي اچي. نڪ ڪپيل نڳ چيو تہ ”هتي ويجهو اچي ڏسو. پري بيٺا هوندا تہ ڪيئن ڏپ ايندو؟“ تنهن تي وري انهن مان هڪڙو ٻيو اٿي گنديءَ ۾ جاچڻ لڳو. ڇوڪرو تہ تيار وينو هو سو هٽي ان جو بہ نڪ وڍي وڌائين.

هن ويچاري کي بہ نڪ ڪپجڻ جي ڳالهہ سنگتين سان ڪرڻ کان ٿي ڦڪائي. سو هيءُ بہ ڏپ جي ڳالهہ ڪري ماٺ ڪري منهن ڦيرائي بيهي رهيو. اهڙي طرح واري واري سان سيئي گنديءَ ۾ نهارڻ آيا ۽ خير سان ڇوڪري بہ سيني جا نڪ وڍي ڇڏيا. سيئي نڳ هڪٻئي ڏي ڏسڻ لڳا. ڇا ڏسن تہ سيني جا نڪ وڍيا پيا آهن! تڏهن سڀ ماٺ ۾ پئجي ويا. نيٺ هڪٻئي کي چيائون تہ ”هاڻي هن سان ڪهڙو مقابلو. هن اسان جو نڪ ئي وڍي ڇڏيو آهي.“ پوءِ ويچارا مانڙي ڪري جتان آيا هئا، اوڏانهن موٽي ويا ۽ وري ڇوڪري سان ڪونہ ڪڙنسيا. ڇوڪرو بہ نڳيءَ کان سدائين لاءِ ڇڏي، پورهيو ڪري وقت گذارڻ لڳو.

ڏيڍ ٽڳ

هڪڙو بادشاهہ ڪنهن ڏينهن شڪار تي ويو. واٽ تي هڪڙي جوئر جي پوک ڏٺائين، جنهن ۾ هڪڙي سهڻي ڇوڪري جهار پئي هڪلي. بادشاهہ وڏي ان ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ "هيءَ پوک ڪنهن جي آهي؟" تنهن تي ڇوڪريءَ جواب ڏنس تہ "هيءَ پوک اُن جي آهي، جنهن جي آءٌ ڌيءُ آهيان." تنهن تي بادشاهہ پڇيس تہ "تون پلا ڪنهن جي ڌيءُ آهين؟" ڇوڪريءَ چيس تہ "آءٌ ان جي ڌيءُ آهيان، جنهن جي هيءَ پوک آهي." اهو ٻڌي بادشاهہ کي هن ڇوڪريءَ تي ڏاڍو عجب لڳو ۽ چيائينس تہ "آءٌ توسان شادي ڪندس، پر اڌ لانئن ۾ ڇڏي هليو ويندوسانءِ." تنهن تي ڇوڪريءَ چيس تہ "جي تون مونکي اڌ لانئن ۾ ڇڏي هليو وئين تہ آءٌ وري توکي تنهنجي پٽ کان موچڙا هڻائيندس." اهو ٻڌي بادشاهہ ڪاوڙ ۾ واپس موٽيو ۽ پڇا ڪيائين تہ "اها پوک ڪنهن جي آهي؟" جواب مليس تہ اها پوک فلاڻي غريب شخص جي آهي. ٻئي ڏينهن ان شخص کي بادشاهہ گهرائي سڱ جي طلب ڪئي. انڌوگهري الله کان هڪ اک، پر هن کي مليون ٻہ، سو يڪدم ڪڻي هائوڪار ڪيائين. بادشاهہ پوءِ اُن شخص کي گهڻو مال ڏنو ۽ پوءِ شاديءَ جو ڏينهن بہ مقرر ڪيو ويو. آخر مدو بہ اچي پورو ٿيو ۽ بادشاهہ ڄڃ وٺي آيو ۽ واعدي موجب اڌ لانئن ۾ ڇڏي ڄڃ سميت اُٿي هليو ويو. اتي ان ڇوڪريءَ کي اها ڳالهہ ياد آئي ۽ چيائين تہ "آءٌ پاڻ ان جو وير وٺنديس."

اهو خيال ڪري هيءَ ڪنهن راڳيندڙ وٽ راڳ سکڻ لڳي، ٿورن گهڻن ڏينهن بعد هوءَ راڳ ۾ قابل ٿي ويئي. بادشاهہ وٽ اڳ ئي ٻہ ٽي ڪڃريون ڳائڻ ونديون هيون. هڪڙي ڏهاڙي هيءَ بہ ويئي ۽ راڳ ڳاياڻين. بادشاهہ کي راڳ ڏاڍو پسند آيو ۽ هن ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو. ان بعد هن کي پاڻ وٽ رهاياڻين. رات جو پاڻ ۾ محبت پريون ڳالهيون ڪيائون. ان عورت بادشاهہ کان هڪ ويندو نشانيءَ طور ورتو ۽

صبح ٿيو تڏھن بادشاھ کان موڪلائي واپس گھر آئي. پورن ڏھن مھينن گذرڻ کانپوءِ کيس پٽ ڄائو. ڇوڪرو اڃ ننڍو سيان وڏو نيٺ اچي جوان ٿيو. ھي ڇوڪرو جڏھن ٻارن سان وڃي راند ڪندو ھو تڏھن اُھي کيس چوندا ھئا تہ "تنھنجو پيءُ آھيئي ڪو نہ." آخر ڪڪ ٿي ھڪڙي ڏينھن ماءُ کان پڇيائين تہ "امان! منھنجو پيءُ ڪٿي آھي؟" ماڻس ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو. آخر جڏھن ڇوڪرو ضد تان نہ لٿو تڏھن ماڻس کيس سموري ڳالھ منڍ کان پڇاڙيءَ تائين ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس تہ "مون واري ڳالھ ھاڻي تون پوري ڪندين." پوءِ ڇوڪري کي ھنرمند ماڻھو گڏ ڪري ڏنائين، جن ھن کي گھڻئي ھنر ۽ اٽڪلون سيکاريون. جڏھن ڇوڪر تمام قابل ٿي ويو، تڏھن ماڻس کيس اھو نشاني مليل وينڊو ۽ ڪجھ رپيا ڏيئي، بادشاھ ڏانھن روانو ڪيو.

ڇوڪرو اڃا اڌ پنڌ تي پھتو تہ ٽن ٺڳن اچي ورايس. انھن کان پڇيائين تہ "اوھين ڪھڙو ڌنڌو ڪندا آھيو؟ ٺڳن چيو تہ "اسين ماڻھو ٺڳيندا آھيون، سو توکي بہ ٺڳينداسون." ڇوڪري انھن کي چيو تہ "چڱو پھرين اوھان جي گھر ھلون پوءِ ڪن ڳالھين سان مونکي بيشڪ ٺڳيو." ائين گڏجي ٺڳن جي گھر آيو. اتي ٺڳن چيو تہ "ياٺو ھاڻي ھر ھڪ ھڪڙي ڳالھ ڪٿي ٻڌائي، پوءِ جنھن جي ڳالھ ڪوڙي ٿئي.اھو بہ سو رپيا پري ڏئي." بادشاھ جي پٽ اھا ڳالھ قبول ڪئي. تنھن تي پھريون ٺڳ ھن ريت ڳالھ ڪرڻ لڳو تہ "مون وٽ ھڪڙو گڏھ ھو پر تمام ڏنگو ھو. تنھن تي مون سڄي ڳوٺ جا ماڻھو مٿس ويھاري کيس ھڪلايو. تہ من سڌري پوي. پوءِ وري ھن جي پچ سان گاڏي ٻڌي ان ۾ سؤ ڳُوڻ جا ماڻھن ويھاري وٺي ھن کي ھڪليوسين ۽ خدا جي ساري خدائي گھمي ٺري آياسين تہ بہ ھن کي ڪا بہ پرواھ نہ ٿي. ڏسو ھو سامھون اھو گڏھ جو گڏھ بيٺو آھي." تنھن تي شھزادي چيو تہ "ھن سان ھاڻي اٽڪل سان وڙھان، سو چيائين تہ "برابر تنھنجي ڳالھ سچي آھي". تنھن تي ٻيو ٺڳ ٻي ڳالھ ھن ريت ڪرڻ لڳو تہ "ادا! مان بازار ۾ ڪنھن ڪم سان ويس. وات تي بادشاھ جي ھڪ ڪُتي مئل ڏٺم، پر پيٽ البتہ وڏو ھوس. ان مان سمجھيم تہ ھن ۾ دنيا آھي، سو ڪوشش ڪري ان مان ڳپل دنيا ھٿ ڪيم. ايتري ۾ ماڻھو بہ

ڳچ اچي مڙيا، ۽ ڀريون ڀڏي ڪٽي مٽن تي رکيئون. اسان کي بخت اتان لڳو آهي.“ تنهن تي بادشاهه جي پٽ چيو ته ”برابر تنهنجي ڳالهه به سچي آهي.“ اتي ٽئين نڱ جو وارو آيو اهو پنهنجي ڳالهه هن رت ڪرڻ لڳو ”آءٌ هڪڙي ڏينهن ماڪي لاهڻ ويس، ۽ وڃي جهنگ مان ماڪي لاٿم. پر وڏو ساڻ هوئي ڪو نه، ۽ آر به ڀڄي پئي، سو مون ڪائي ڏؤ ڪيو ٻي ٻچي پئي ۽ وهي اُتي هلي. تان جو ماڪيءَ جي ليٽ وڃي ملڪ ڪنيا. ماڻهن ڪٽي ريج ڪيا، ۽ ان تي ڪٽڪ پوکيائون. مون ان اتي جي پوءِ ماني ڪاڏي جا ڏاڍي سٺي هئي.“ تنهن تي بادشاهه جي پٽ ان کي به چيو ته ”ادا! تنهنجي ڳالهه به سچي آهي.“

هاڻي شهزادي جو وارو آيو. هن انهن نڱن جي ڏيءَ کي ماني پچائيندي ڏسي ورتو هو سو دل ۾ ناهه ناهي ڳالهه شروع ڪيائين. چي ”ادا! آءٌ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڏاڍو پيارو هوس. انهن مونکي به زالون پرڻايون. وقت گذرندي گذرندي آخر ابو امان به مري ويا. ان بعد آءٌ ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويس، ۽ جڏهن موٽي آيس ته ڏسان ٻئي زالون گهر ڪين آهن. پوءِ ڏس پتو پڇي پهرين هڪ جي ڳولا ڪيم ته ستن درياهن جي پار وڃي چيٽن چونڊيندي هٿ ڪيومانس. ۽ ڪيس چوٽيءَ کان جهلي گهر وٺي آيس، ۽ پاڙي وارن کي پارت ڪري وري ٻيءَ جي تلاش ڪيم. ڳوليندي ڳوليندي اها وري هتي اچي لڌي اٿم. اوهوءَ ويٺي ماني پچائي!“

اتي ٽيئي نڱ اصل ماٺ ۾ اچي ويا. هاڻي جي ڳالهه ڪوڙي ٿا ڪن ته پئسا ٿا ڀري ڏيڻا پون، ۽ جي ڳالهه سچي ٿا ڪن ته ڏيءُ جو سگ ٿو ڏيڻو پوين. نيٺ ٿوري مهلت وٺي ٻاهر ويا ۽ ڇهه سو رپيا ڪٺي اچي بادشاهه جي پٽ کي ڏنائون. هو به پئسا وٺي اتي هليو ۽ پڇائيندو پڇائيندو پنهنجي پيءُ جو شهر اچي ڳولي لڌائين. ٻاهران هڪڙي پوڙهي عورت جو گهر هو تنهن کان پاڻي گهريائين. پوءِ پاڻي پي خالي ٿانوَ ۾ ڏهه رپيا وجهي ڪيس موٽائي ڏنائين. تنهن تي اها پوڙهي عورت مٿس گهور گهور ٿيڻ لڳي ۽ رات رهڻ لاءِ ڪيس چيائين. شهزادي کي ته اڳئي اها ڳالهه گهربي هئي، سو يڪدم قبول ڪيائين.

پوڙهيءَ ۽ سندس پٽ کي ٻيا به ڏهه ڏهه رپيا ڪيڏي ڏنائين، پوءِ دل ۾ خيال ڪيائين ته ٻڌائي وڃڻ چڱو آهي، سو مٽن اهو ڪم رکيائين ته.

پوڙهي صبح جو سوير وڃي پڙهو ڏئي ته هن شهر ۾ ”ڏيڍ ٽڳ“ آيو آهي، جو ٺڳي ڪندو. تنهنڪري هرڪو ماڻهو هوشيار رهي! وري پوڙهيءَ جي پٺ ڪي چيائين ته ”تون وڃي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ويهه. اتي جيڪا به ڳالهه ٻولهه هلي، سا تون شام جو اچي مونکي ٻڌائج.“

صبح ٿيو ته مائيءَ وڃي شهر ۾ اهو پڙهو ڏنو ۽ ڇوڪرو وڃي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو. بادشاهه به ڪو اهو پڙهو ٻڌو هو، سو اميرن وزيرن کي چيائين ته ”هن ڏيڍ ٽڳ کي ڪير جهليندو؟“ تنهن تي چار سپاهي جيڪي رات جو پهرو ڏيندا هئا، تيار ٿي بيٺا ۽ چيائون ته ”جيئندا قبلا! اهو ڪم اسان جو هن کي پڪڙي وٺنداسون.“ ڇوڪري اها ڳالهه ٻڌي اچي شهزادي کي ٻڌائي، ته توکي فلاڻا پهري وارا چار سپاهي اڄ رات پڪڙيندا. تنهن تي هن ڏيڍ ٽڳ ڇا ڪيو جو شراب، آفيم ۽ اٽو ڪنڊ ملائي چار لڏون تيار ڪيا ۽ پوءِ ڪپڙا لاهي، لنگوٽي ٻڌي فقيرن جي صورت اختيار ڪري، پاڪي، تيل ۽ حقو کڻي، وچ بازار ۾ دونهين دکائي وڃي ويهي رهيو. سج لٿو ته سپاهي به اچي نروار ٿيا. هيڏانهن هوڏانهن گهمندا، فقير وٽان حقو ڇڪيندا، وتن چڪر هڻندا. جڏهن پهريون اسُر ٿيو تڏهن سپاهين سمجهيو ته ٺڳ شايد اڄ نه آيو سو بيپرواهه ٿي فقير سان اچي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ ويٺا ۽ حقو ڇڪڻ لڳا. اتي ٻڪ به اچي تپاين. تنهن تي فقير چيو ته ”مون ڏي بادشاهه ڪي لڏون موڪليا هئا، ڪجهه مون کاڌا آهن ۽ ڪجهه اجا پيا آهن، کائو ته ڏيانوَ.“ تنهن تي سپاهين چيو ته ”فقير کان دعا جا لڏون ملن ته باقي ٻيو ڇا گهرجي!“ سو اها ڳالهه ڳڻي فقير کان لڏون وٺي اجا کاڌائون مس ته اچي نشي جا گهيرٽ چڙهين. بس انهيءَ مهل اونڌا ٿي ڪري پيا.

ڏيڍ ٽڳ ڇا ڪيو جو چئني جا ڪپڙا لاهي، ڏاڙهي، مڇون ۽ پروون ڪوڙي، ڪين تيل هٽي منهن ڪارو ڪري اتي هليو ويو. صبح جو ماڻهو اچي ڏسن ته واهه جو مزو لڳو پيو آهي! ڊوڙي وڃي بادشاهه کي اطلاع ڪيائون ته ”ٺڳ هينئن ٺڳي ڪري سپاهين سان جٺ ڪري ويو آهي.“

هوڏانهن هو ڇوڪرو به اچي بادشاهه جي دربار ۾ ويٺو. بادشاهه سپاهين کي هوش ۾ آڻائي کانئن احوال پڇيو تنهن تي هنن سچي

ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ چيائون تہ "نٽ هينئن نڪي ڪري ويو." تنهن تي بادشاهہ چيو تہ "ڀلا، اڄ ڪير انهيءَ نٽ کي پڪڙيندو؟" سڄي دربار اهو ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويئي. نيٺ هڪڙي موچيءَ چيو تہ "سائين! اهو نٽ آءٌ پڪڙيندس." بادشاهہ پڇيس تہ "ڪيئن؟" چيائين تہ "بادشاهہ سلامت! آءٌ هينئن ڪندس جو هڪڙي ڀلي جُتي ٺاهي رکندس ۽ ائين پيو چوندس تہ جيڪو هيءَ جتي خريد ڪندو تنهن کي هڪ سو رپيا ڏيندس. نٽ ضرور لالچ ڪري ايندو پوءِ پڪڙي اچي حاضر ڪندوسانس." بادشاهہ کيس اجازت ڏيئي دربار برخواست ڪئي. اها خبر چوڪري اچي نٽ کي ٻڌائي. نٽ ڪانئين جي پري ڪٽي، ڪپڙا بدلائي سڌو موچيءَ واري گهر اڳيان اچي لنگهيو. هوڪو ٻڌي، موچيءَ ڪانئين ونڻ لاءِ کيس سڏ ڪيو ۽ هن ڪان ڪانئيون ورتائين. نٽ ڪانئس هڪڙي جتي گهري. تنهن تي موچيءَ هن کي اها ڀلي جتي ڪڍي ڏيکاري هن چيس تہ "ڀيلي، آءٌ غريب آهيان ڪا سادي سودي جتي ڏي." موچيءَ هن کي سو رپيا بہ آڇيا پر هن نہ ورتس. آخر هڪڙي هلڪي ۽ سستي جتي وٺي موچيءَ کي چيائين تہ "جتيءَ ۾ اها ڪانئين جي پري توکي آئي، باقي پئسا جيڪي چئين سي ڪو ماڻهو هلي تہ گهران ڪٽي ڏيانس." پريان موچيءَ جي ڏيهُ بيٺي هئي. نٽ چوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ "هيءَ گڏجي هلي تہ پئسا ڏيانس. موچيءَ هائوڪري چوڪريءَ کي هن وٽان پئسا ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. چوڪريءَ کان نٽ پڇيو تہ "تنهنجو پيءُ ڪنڊو ڪٿان ڪٽندو آهي؟" هن هلي اهو هٿ ڏيکاريس. نٽ سڌو انهيءَ دڪان تي اچي دڪاندار کي چيو تہ "موچيءَ کي سو رپين جي گهرج آهي ۽ مونکي چيو اٿس تہ پيو حال ڪينهيم. هيءَ چوڪري پاڻ وٽ ويهاري ڇڏ. شام جو پئسا ڏيئي چوڪري وٺي ويندس." دڪاندار اها ڳالهہ ٻڌي پئسا ڪٽي ڏنا ۽ چوڪريءَ کي پنهنجي گهر ڏانهن ڏياري موڪليائين.سج لٿي مهل موچيءَ جي زال پڇيو تہ "چوڪري ڪٿي آهي؟" تنهن تي موچيءَ چيس تہ "اڃا ڪا نہ آئي آهي؟" ائين چئي اٿي خبر چار لهڻ نڪتو جيڏيءَ مهل دڪان اڳيان اچي لنگهيو دڪاندار کيس ڏسي چيو تہ "ميان موچي! پيو تہ خير آهي، چوڪريءَ کي چو نشاني ڪري

موڪليو هيئي! آءٌ پئسا ائين اعتبار تي ئي ڏيان ها.“ تنهن تي موچيءَ چيو تہ ”اها ڳالهہ وري ڪيئن!“ پوءِ دڪاندار سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس، تنهن تي موچيءَ چيو تہ ”مار! ٺڳ تہ ڪو اهو ئي هو!“ ائين چئي سڌو بادشاهہ جي ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين پوءِ موٽي دڪاندار کي پئسا ڏئي ڏيءُ کي گهر وٺي آيو.

بادشاهہ چيو تہ ”ٺڳ هيءَ ملهہ ٻہ ماري ويو هاڻي ڪيس ڪير پڪڙيندو؟“ تنهن تي سوناري چيو تہ ”آءٌ پڪڙيندس.“ بادشاهہ چيس ”ڪيئن؟“ سوناري چيو تہ ”سائين گهنٽيءَ ۾ سونيون مهرون پکيڙي ڇڏيندس ۽ آءٌ رات جو لڪي ويهندس. جيڪو نوڙي ڪٽندو سوچور هوندو.“ چوڪرو ٻہ دربار ۾ ويٺو هو تنهن سموري ڳالهہ ٺڳ کي اچي ٻڌائي، جو اها ڳالهہ ٻڌي ويو بازار ۾ ۽ وڃي ٽنيڻ وٺي آيو. رات ٿي تہ اتي آيو ۽ پاسو وٺي جتيءَ جي تري کي ٽنيڻ لائي ٻہ ٽي ابتا سبتا چڪر ڏيئي، سون جون مهرون سڀ ميڙي گهر کڻي آيو. صبح جو سونارو اچي ڏسي تہ ”مهرون آهن ئي ڪو نہ. سو سڌو بادشاهہ وٽ آيو تہ ٺڳ مهرون الائجي ڪيئن کڻي ويو. تنهن تي بادشاهہ چيو تہ ”توهان ٺڳ نہ ورتو هاڻي آءٌ پاڻ اڄ رات ڪيس پڪڙيندس، سو هيئن جو هڪڙو ڪاٺ جو ڪوڙڪو ناهي پاسي کان ٻير ۽ ڏونڪو رکندس، پوءِ چور جي ڦاسڻ تي زور سان وڄائيندس، پوءِ اوهين اچي چور کي پڪڙجو اها ٻہ ڳالهہ چوڪري اچي ٺڳ کي ٻڌائي. ٺڳ تہ اڳي ئي ننڍڙو لاسڙاٽ هو تنهنڪري زنانا ڪپڙا پائي، ڳهہ ڳنا وجهي، ڪير وٺي ان ۾ مناڻ ملائي اُتي هليو. ٿورو ڪير وڪڻي، جڏهن سڄ لٿو تڏهن بادشاهہ جي پرسان اچي لنگهيو. هن جو هڙو حسن ڏسي بادشاهہ جون واڇون ئي ٽڙي ويون، ۽ پڇيائينس تہ ”ڇوڪري! تون ڪير آهين؟“ هن چيس تہ ”سائين! آءٌ ماهيڙياڻي ڪير وڪڻڻ واري آهيان، اسين غريب ماڻهو آهيون، ڪير وڪڻي گذارو ڪندا آهيون.“ تنهن تي بادشاهہ چيو تہ ”هوندي مان ڪجهہ مونکي ٻہ پيار!“ هن هائو ڪري، ٻہ مايا ڪير جا پري ڏنا. بادشاهہ ڪير پي چيو تہ ”ڇوڪري! ڪير ڏاڍو مٺو آهي، سو ڇو؟“ هن وراڻي ڏنس تہ ”سائين! مينهون سائو گاهہ ٽيون کائين، تڏهن هڙو مٺو آهي.“ اتي بادشاهہ ٻہ ڪجهہ ويجهو اچي پيار مان چوڻ لڳس

ته ”ڇوڪري! آءٌ هن ملڪ جو بادشاهه آهيان. منهنجي توسان دل ٿي ويئي آهي، هاڻي هيئن ڪر، جو اهو ڪير وڪڻڻ ڪٽي ڇڏ ته آءٌ توکي پنهنجي راڻي ڪٽي بنايان.“ اهو ٻڌي ڇوڪري ٽورو موڙو ڏيئي، ڪاٺ جي ڪوڙڪي ڏانهن اشارو ڪري ڇيس ته ”پلا هيءُ ڇا آهي؟“ بادشاهه ڇيس ته ”اج ڏيڍ نڳ هتي ايندو جنهن جي جهلڻ لاءِ هي ڪوڙڪو هنيو اٿم.“ اهو ٻڌي بادشاهه کي چيائين ته ”پلا منهنجي ڄنگهه هن ۾ وجهي ڏس ته پوري اچي ٿي!“ بادشاهه گهڻو ئي نتايو پر هن نه ڇڏيس. آخر بادشاهه هن جي ڄنگهه ڪوڙڪيءَ ۾ وڌي ۽ پيچڏنا، جي هن ڏنا. وري ڄنگهه آزاد ڪيائين ۽ بادشاهه کي چيائين ته ”هاڻي توهين ڄنگهه وجهو ته آءٌ پيچ ڏيئي ڏسان!“ بادشاهه جي پلا دل ڦرجي ويئي هئي، سو يڪدم قبول ڪيائين. ڇوڪري به بادشاهه جي ڄنگهه ڪوڙڪيءَ ۾ وجهي، پيچ زور سان بند ڪري، پير تي ڏونڪو هڻي، اتان تڪڙو تڪڙو نڪري ويو. هوڏانهن ماڻهن جو پير جو آواز ٻڌو سي يڪدم پڄندا آيا ۽ اچڻ سان موچڙا لاهي بادشاهه کي شروع ٿي ويا. هن گهڻيئي دانهون ڪيون ته ”آءٌ نڳ ڪو نه آهيان، آءٌ بادشاهه آهيان.“ پر ڪير ٿو ٻڌي، ماڻهن کي هئا ساڙ سي چون ته ”تو گهڻا ڏينهن نڳي ڪري ماڻهن کي ڦريو ۽ خوار خراب ڪيو آهي، اج مس مس اسان جي هٿ آيو آهين سو توکي ڪين ڇڏينداسون.“ آخر گهڻي موچڙا ڪٽ ڪانپوءِ ڪٽي بتي ٻاري ڏسن، ته برابر بادشاهه ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿو پيو آهي! اتي سيني چيو ته ”ٻيلي! نڳ بادشاهه سان به وڙهي ويو.“

رات گذري، صبح جو بادشاهه پڙهو گهمايو ته هينئر نڳ اچي پاڻ ظاهر ٿئي، ڪيس ڪو به نقصان نه رسندو ۽ آءٌ ڪيس پنهنجي وڏهر ڌيءُ جو سڱ به ڏيندس ۽ اڌ بادشاهي جو به ڏيندس. اها ڳالهه ٻڌي نڳ اچي حاضر ٿيو ۽ نشان پتا ڏنائين ته مون هر هڪ سان هيئن تعدي ڪئي تنهن تي بادشاهه ڇيس ته ”پلا شاديءَ لاءِ تيار ٿيءُ.“ اهو ٻڌي نڳ چيو ته ”اُها ته منهنجي ڀيڻ آهي.“ بادشاهه ڇيو ”سو وري ڪيئن؟“ پوءِ هن منڍي ڏيکاري ڪيس اها ڳالهه ياد ڏياري ته ”امان وارو چوڻ هاڻي پورو ٿيو... اڳتي مالڪ آهيو. بادشاهه هيئن پنهنجي پٽ کي ايڏو عقلمند

۽ سمجھو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڄي ملڪ ۾ خوشين ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. ڪي ڏينھن انھيءَ خوشيءَ ۾ رنگ لڳا پيا ھئا.

اھا ڳالھ ڪنھن ٻئي بادشاھ ٻڌي سو ھن بادشاھ ڏانھن چوائي موڪليائين تہ "ھڪڙي بيعقل ٺڳ ڪي پنھنجي ڌيءَ جو سڱ ۽ اڌ بادشاھي خبر نہ آھي تہ ڪيئن آچي آڻَي مون وٽ اھو ٺڳ اچي ھا، تہ ڪيس چوڪنيو ٻڌي ٻُھ ڪل پرائي ڇڏيان ھا!" اھا ڳالھ جڏھن ڇوڪري ٻڌي، تڏھن بادشاھ کي عرض ڪري موڪل گھريائين تہ "اوھان اجازت ڏيو تہ اھو بادشاھ ھتي اوھان کي درٻار ۾ آڻي ڏيکاريان." بادشاھ مزي خاطر اجازت ڏني، ساڻس گڏ ڪيترائي نوڪر چاڪر ٻيءَ بادشاھيءَ ڏانھن روانا ڪيا. شھزادي ماڻھوءَ جي قد جيڏو لوھي ڏول ٺھرايو ۽ اچي انھي بادشاھ جي شھر ۾ پھتو. بادشاھ جي ڪاڪوس جي پرسان اھو ڏول رکي، ڪپڙا لاھي لانگوٽو ٻڌي، ٻت کي ڀڀوت بنائي، پاڻ ٻہ اتي ويھي رھيو. جڏھن صبح جو سوير بادشاھ ڪاڪوس جي خيال کان ڪاڪوس ۾ آيو تہ ھن ڪٽي ڏنڊي سان سوگھو جھليس. تنھن تي بادشاھ پڇيس تہ "تون وري ڪير آھين؟" ھن چيس تہ "آءٌ عزرائيل آھيان، تنھنجو ساھ اتي ھن ڪاڪوس ۾ قبض ڪندس." اھو ٻڌي بادشاھ کي اچي ڏڪڻيءَ ورتو ۽ منٿون ڪيائينس تہ "ھيءَ گھڙي ڇڏ. پر ھو ڪٿان ٿو مڙي آخر ٿوريءَ دير بعد ڇوڪري چيس تہ "توکي صرف ھڪ شرط تي جيئندان ڏيئي سگھجي ٿو." بادشاھ پڇيو "اھو ڪھڙو؟" ھن چيو تہ "ھن ڏول ۾ ويھي ڪاڪوس ڪر، ۽ پوءِ جيئن آءٌ توکي چوان تيئن ڪج. نہ تہ اجھو تو ساھ ڪيدانءِ!" ھن بادشاھ سر بچائڻ لاءِ سڀ ڳالھ قبول ڪئي، ۽ گھڙي وڃي ڏول ۾ ويٺو. ھن مٿان ڪٽي ڍڪ ڏنس، ۽ سڌو پنھنجي بادشاھ جي درٻار ۾ اچي ڏول سميت حاضر ٿيو.

بادشاھ پڇيس تہ "ھن ڏول ۾ ڇا ڪٽي آيو آھين؟" چيائين تہ "گڏھ" بادشاھ چيس تہ "سو وري ڪيئن؟ ھن چيو "ڀلا ٻڌو! ائين چئي ڏول ۾ بند ٿيل بادشاھ کي چيائين تہ "گڏھ جون ھينگون ڪر." "اتي ھن جان ڇڏائڻ لاءِ ھينگون ٻہ ڪيون. وري چيائين تہ "سائين اھو گڏھ نہ آھي ڪتو آھي." پڇيائينس "سو وري ڪيئن." اتي شھزادي چيو تہ "ڪتي

جي پڙنڪ ڪري ٻڌاءِ“ هن ائين به ڪيو آخر جڏهن گهڻو گند ۾ خراب ٿيو تڏهن ٻاهر ڪڍيائينس ته سچو ٻچڙو ٿي اچي ٻاهر ڪريو. بادشاهه کيس تڙ پاڻي ڪرائي، ڪپڙا پهرائي، تخت جي پرسان ويهاري چيو ته ”اي بادشاهه، هاڻي چئو ته آءٌ حق تي هوس يا نه؟“ اوهان جو چيو هو ته آءٌ هڪڙي گهٽ عقل واري ٽڳ کي پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهي پيو ڏيان سو ڪيئن؟ هاڻي ڏس ته هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جو اوهان کي هتي کٽي آيو آهي؛ پر هاڻي اهو به ظاهر ٿو ڪريان ته، هي منهنجو پٽ ٿئي! اها حقيقت مونکي هاڻي معلوم ٿي آهي.“ اتي اهو بادشاهه به ڪليو ۽ پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهيءَ جو انهيءَ شهزادي کي ڏيڻ جو انجام ڪيائين، جو هن خوشيءَ سان قبول ڪيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي ماءُ کي به وٺي اچي محلات ۾ رهايائين. جنهن بادشاهه کي چيو ته ”اوهان پنهجو ٻول پورو ڪيو ته مون به پنهنجو انجام پورو ڪيو... پوءِ ته سيئي ملي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ باقي وقت پاڻ ۾ گذاريائون.

ٻوڻاٽو ٺڳ ۽ شھري ٺڳ

ڪنھن زماني ۾ ھڪڙا ٻہ ٺڳ مشھور ھئا. جن مان ھڪڙو ڪنھن ڳوٺ ۾ رھندو ھو ۽ ٻيو شھر ۾ رھندو ھو. ٻئي ڄڻا ٺڳيءَ ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھئا. ٻنھي ھڪ ٻئي جو نالو ٻڌو ھو. پر اڃا پاڻ ۾ گڏيا ڪونہ ھئا. خيال پيا ڪندا ھئا تہ ڪنھن نموني ملاقات ڪجي. آخرڪار ھڪڙي ڏينھن ٻوڻاٽي ٺڳ ارادو ڪيو تہ وڃي شھري ٺڳ سان ملاقات ڪري اچان ۽ خبر بہ لھي اچان تہ ھمراھ ڪيتري پاڻيءَ ۾ آھي. سو سھي سنيري اٿي شھر ڏانھن پنڌ پيو. نيٺ اچي انھيءَ شھر پھتو جتي شھري ٺڳ رھندو ھو. پڇائيندو پڇائيندو اچي سندس گھر پھتو. ٻاھران ڪيس سڏ ڪيائين تہ شھري ٺڳ نڪري آيو. اڻ ڏٺل ماڻھو کي پنھنجي در تي بيٺل ڏسي ڪانئس خبرچار پڇيائين، جنھن تي ھن سچي حقيقت ڪري ٻڌايس. پوءِ تہ شھري ٺڳ ھن سان ڀاڪر پائي مليو ۽ چيائينس تہ "يار! ڀلي آئين جي آئين. آئون وري ڪھڙو ٺڳ آھيان؟ ٺڳ تہ تون آھين جو دنيا ۾ نالو مشھور اٿئي. ھاڻي اڄ تہ ڪا رات رھي رھاڻ ڪريون. سڀاڻي جا ڪم سڀاڻي تي." ائين چئي ھن کي وٺي وڃي پنھنجي اوطاق ۾ ويھاريائين.

جڏھن ماني کائڻ جو وقت ٿيو تڏھن شھري ٺڳ ٻوڻاٽي ٺڳ کي سوني ڊاڪوڻ ۾ ماني آڻي ڏني. ٻوڻاٽي ٺڳ ماني بہ کاڌي پر پئي ان سوني ڊاڪوڻ کي ڏسندو بہ رھيو ۽ خيال ڪيائين تہ مون وٽ تہ اھڙو ڪو ڊاڪون آھي ئي ڪونہ. جي ھي مون وٽ اچي مھمان ٿيو تہ پوءِ ھن کي ڇا ۾ ماني کارائيندس. تنھنڪري مونکي اھو ڊاڪون ضرور چورائڻ گھرجي. اتي شھري ٺڳ بہ سمجھي ورتو تہ ھي جو ڊاڪون کي تمام گھڻو پيو نھاري، سو ضرور ڪا ڪيڏ ڪندو. رات جو سمھڻ کان اڳ ڇا ڪيائين جو ڊاڪون کي پاڻيءَ سان ڀري ھڪڙي ڇڪي تي رکيائين ۽ پاڻ ان جي ھيٺان کٽ وجھي سمھي رھيو ڇو تہ ھن دل ۾ خيال ڪيو تہ جيڪڏھن ٻوڻاٽو ٺڳ اھو ڊاڪون ڇڪي تان لاھيندو

تہ لوڏي تي ان مان پاڻي ضرور هاربو. جنهن ڪري آئون جاڳي پوندس. اهو ويچار ڪري بي اونو ٿي سمهي رهيو.

هوڏانهن ڳوناٺي ٺڳ جي ننڊ ئي اڏامي ويئي. سڄو وقت اهي پهہ پچائيندو رهيو تہ ڪهڙي نموني ڏاڪون هٿ ڪجي. آخر هڪڙي اٽڪل سجهي آيس. جڏهن ڏٺائين تہ هينئر شهري ٺڳ گهري ننڊ ۾ آهي. تڏهن اٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين تہ هڪڙو حقو نظر چڙهيس. سو چا ڪيائين جو ان مان نڙ ڪڍي ڪٽي ڏاڪون ۾ وڌائين ۽ سمورو پاڻي چوسي ٻاهر ڪڍي ڏاڪون ڇڪي تان لاهي وڃي پرواري تلاءُ جي تري ۾ لڪائي آيو. اهو ڪم ڪرڻ کان پوءِ بي اونو ٿي پنهنجي کٽ تي سمهي رهيو. اجا ڪيس پوري ننڊ مس آئي تہ شهري ٺڳ کي سجاڳي ٿي، ڪٽي جو نهاري تہ ڇڪي ۾ ڏاڪون نهي ئي ڪونہ! ڏاڍو عجب لڳس، تہ ڪهڙي نموني سان ڳوناٺي ٺڳ ڏاڪون لاٿو هوندو. آخر ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آيس، تڏهن اٿي اچي سيرانديءَ کان بيٺو جان ڪٽي ڏسي تہ سندس وار پاڻيءَ ۾ پسيا پيا آهن. اٿي پڪ ٿيس تہ هن ڏاڪون ضرور تلاءُ ۾ لڪائي رکيو آهي. سو يڪدم وڃي جو تلاءُ ۾ ٽبي هنيائين تہ هٿ وڃي ڏاڪونءَ تي لڳس، سو ڪڍي اچي وري بہ ساڳي جاءِ تي رکي سمهي رهيو.

صبح جو ڳوناٺو ٺڳ اٿي ڏسي تہ مار! ڏاڪون تہ صحيح سلامت ڇڪي تي رکيو آهي. دل ۾ چيائين تہ هيءُ يار بہ ڪا آفت آهي. قصو ڪوتاهہ نيرن جي وقت شهري ٺڳ وري بہ ان ساڳئي سوني ڏاڪونءَ ۾ ماني آڻي ڏنس. ڳوناٺو ٺڳ سمورو وقت ان ڏاڪونءَ کي ڏسندو رهيو. سندس اهو نمونو ڏسي شهري ٺڳ اچي کل ۾ پيو. چي "يارا ڪر خبر. وري ڪٽنڊين ڇا؟" ڳوناٺي ٺڳ وراڻي ڏنس تہ "نہ يارا پر قرب ڪري مونکي ٻڌاءِ تہ توکي اهو ڏاڪون هٿ ڪيئن آيو؟" شهري ٺڳ چيس تہ "اهو آئون توکي ڪنهن ٻئي وقت ٻڌائيندس. پهرين مون کي ٻڌاءِ تہ اهو ڏاڪون تو ڇڪي تان ڪيئن لاٿو؟" ڳوناٺي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. جنهن کان پوءِ شهري ٺڳ بہ سموري حقيقت ڪري ٻڌايس. اهو ٻڌي ڳوناٺي ٺڳ چيس تہ "يارا تون برابر استاد آهين". جنهن تي شهري ٺڳ چيو تہ "ادا! گهٽ تون ۾ بہ ناهي. هاڻي هل تہ ٻئي ڄڻا گڏجي هلي

ٺڳي ڪريون." تنھن تي ڳوٺاڻي ٺڳ چيو تہ "يار! آئون تہ تنھنجو مھمان ٿي آيو آھيان. تنھن ڪري جيڪا رٿ رٿيندين. آئون ان لاءِ تيار آھيان." شھري ٺڳ چيس: ڀلا ٻڌ. ھتي ھڪڙو تمام شاھوڪار سوداگر ڪالھہ گذاري ويو آھي. ڪيس ٻہ پٽ، ھڪڙي ڌيءَ ۽ ھڪ پيڻ آھي. ھاڻي تون ڇا ڪر جو سانجھي مھل مونکي ان سوداگر جي قبر ۾ پوري اچ ۽ پوءِ تون سڀاڻي صبح جو سوير سوداگر جي گھر وڃي پاڻ کي سوداگر جو پٽ ظاھر ڪجانءِ. سوداگر جي زال اڳ ۾ ئي مري ويئي آھي، تنھنڪري توکي ڀيو ڪوبہ سڃاڻڻ وارو ڪونھي. آئون توکي سوداگر جي مھر واري منڊي بہ ڏيان ٿو پر سوداگر جا پٽ توکي پنھنجو پاءُ ڪري نہ مڃيندا ۽ ڌڪا ڏئي لوڏي ڪڍندا. پوءِ اھڙي ڪيڏ ڪجانءِ جيئن بادشاھہ کي وڃي دانھن ڏين ۽ پوءِ پلي بادشاھہ فيصلو ڪري پوءِ جي بادشاھہ توکي گھرائي تہ عرض ڪجئين تہ جيئندا قبلا! توھين مون سان بابي جي قبر تي ھلو آئون ھلي ٿو ڪانئس شاھدي گھران جي جواب مليو تہ پوءِ منھنجو حق مونکي ملي، جي شاھدي نہ ملي تہ جيڪا چور جي سزا سا منھنجي. آئون قبر ۾ اڳئي لڪو ويٺو ھوندس. تون جڏھن بادشاھہ کي وٺي ايندين ۽ اچي سڏ ڪندين، تڏھن آئون توکي اھڙو جواب ڏيندس جو سيني کي توتي ويساھہ اچي ويندو پوءِ تون پنھنجو ٽيون حصو وٺي اچي مونکي ھتان ٻاھر ڪڍج. پوءِ مال ھلي ڪنداسين اڌواڌ." ڳوٺاڻي ٺڳ کي سندس اھا صلاح ڏاڍي وڻي، پوءِ تہ پاڻ ۾ انجام اڪرام ڪري گھران نڪتا. شھري ٺڳ، ڳوٺاڻي ٺڳ کي سوداگر جو گھر بہ ڏيکاريو ۽ شھر جا رستا ۽ گھٽيون گھمائي ڪيس چڱيءَ طرح شھر جو واقف ڪري ڇڏيو پوءِ موٽائي وٺي اچي گھر ۾ ماني کارايائينس. جڏھن اڌ رات ٿي تڏھن ٻيئي ڄڻا اتي قبرستان ۾ پھتا ۽ ڳوٺاڻي ٺڳ سوداگر واري قبر کوٽي شھري ٺڳ کي ان ۾ اٽڪل سان ويھاري، قبر قبرن جھڙي ڪري ڇڏي.

صبح ٿيو تہ ڳوٺاڻي ٺڳ اچي سوداگر جي گھر جي در تي روج راڙو شروع ڪيو ۽ پنھنجي پيءُ جا پار ڪڍي روئڻ لڳو. اتي سوداگر جي پٽن بہ ٻاھر نڪري ڪانئس پڇيو تہ "ميان! تون وري ڪير آھين؟" ڳوٺاڻي ٺڳ چين تہ "ادا! آئون توھان جو وڏو ڀاءُ آھيان. جو

نٺيڻي هوندي سوداگريءَ تي ويو هوس. توهان کي شاباس آهي، جو اڄ مونکي سچاڻو بہ نہ ٿا. بابي جي ملڪيت توهان کي ايترو انڌو ڪري ڇڏيو آهي!" اهو ٻڌي سوداگر جا ٻيئي پٽ وائڙا ٿي ويا ۽ هن کي چيائون تہ "تون وري اسان جو ٽيون ڀاءُ ڪٿان اچي وڌين؟ بابي کي تہ فقط اسين ٻہ پٽ هئاسين." ٺڳ چيئن تہ "ادا! بطال نہ ٿيو ابو امان گذاري ويا آهن. تڏهن مونکي نہ ٿا سڃاڻو ۽ ابي جي سموري ملڪيت ڦٻائڻ ڪونہ ڏيندس. ائين چئي ڳوٺاڻو ٺڳ سڌو بادشاهہ وٽ ويو ۽ ان کي وڃي فرياد ڏنائين تہ "جيئندا قبلا! منهنجو پيءُ فلاڻو سوداگر فوت ٿي ويو آهي. اسين پاڻ ۾ ٽي ڀائر ۽ هڪڙي پيٽ آهيون. بابي مونکي فلاڻي ملڪ ڏانهن سوداگريءَ لاءِ موڪليو هو جتي پيو واپار ڪندو هوس. هن دفعي جڏهن منهنجو پيءُ اوچتو بيمار ٿي پيو تڏهن ڀائرن مونکي ان جي ڪابہ سڌ نہ ڏني. اتفاق سان ڪالهہ ڪنهن ڪم سانگي هتي آيس تہ مونکي بابي جي وفات جي خبر پيئي. هاڻي جڏهن پنهنجي گهر موٽي آيو آهيان، تڏهن مونکي پنهنجا ڀائر سڃاڻن بہ ڪونہ ٿا ۽ منهنجي ملڪيت جو حصو بہ ڦٻائي ويهي رهيا آهن. هاڻي اوهان وٽ دانهن کڻي آيو آهيان. مهرباني ڪري منهنجو داد ڪريو." بادشاهہ ٺڳ جي سموري ڳالهہ ٻڌي سوداگر جي ٻنهي پٽن کي گهرائي ڪائنس حقيقت پڇي. جنهن تي هنن بادشاهہ کي ٻڌايو تہ "بادشاهہ سلامت! هي الائجي ڪٿان جي بلا آهي، اسين تہ ڪيس ڏسون بہ اڄ ٿا." اتي ٺڳ بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ "جيئندا قبلا! اجها هيءَ بابي جي مهر واري منڊي آهي، جا هن مونکي نشاني طور ڏني هئي. سوداگر جي پٽن دانهن ڪري بادشاهہ کي چيو تہ ""بادشاهہ سلامت! اها مهر ڪي ڏينهن ٿيا، جو چوري ٿي ويئي هئي. ڀانئجي ٿو تہ هن ئي چورائي آهي، باقي بابي هن کي ڪانہ ڏني آهي." اتي ٺڳ بادشاهہ کي چيو تہ "سائين! جيڪڏهن اهو ڪوڙ آهي تہ ڀلا هيءُ فيصلو قبول ڪن جو سيئي گڏجي هلون بابي جي قبر تي، جا اچا مون ڏني بہ ڪانهي. پوءِ آئون تو بابي کي سڏ ڪريان، جي سچو هوندس تہ پوءِ بابو قبر مان بہ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏيندو." اهو ٻڌي سيني چيو تہ، ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو سٺو فيصلو ٿي نٿو سگهي. سو سيئي ماڻهو بادشاهہ سان گڏجي قبرستان ۾

آيا. جتي سوداگر پوريل هو. بادشاهه ٺڳ کي چيو ته ”هاڻي توکي جيڪي به چوڻو آهي سو چئو.“ ڳوناڻي ٺڳ قبر مٿان بيهي زور سان سڏ ڪري چيو ته ”بابا! هي تنهنجا ٻه پٽ مونکي پنهنجو ڀاءُ ڪري نٿا مڃين. جي آئون تنهنجو پٽ آهيان ته پوءِ تون ان جي شاهدي ڏي، جيئن تنهنجي ڇڏيل ملڪيت منجهان پنهنجي پتي وٺي سگهان.“ قبر ۾ ويٺو هو هٽرادو سوداگر، تنهن هڪدم جواب ڏنو ته ”ابا! هي بيشڪ اوهان جو ڀاءُ آهي. هن کي منهنجي ڇڏيل ملڪيت مان حصو ضرور ملڻ گهرجي.“ اهو آواز ٻڌي سڀ ماڻهو عجب ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته ”برابر هيءُ حق تي آهي جو مئل ماڻهو قبر مان به هن جي شاهدي پيو ڏي“ بادشاهه کي به پڪ ٿي سو يڪدم ٻنهي ڀائرن کي چيائين ته ”هينئر جو هينئر هن کي حصو ڏيو نه ته ڪاٺ ۾ ٿو وجهانو. ويچارا ٻيئي ڀائر حڪم جا ٻڌا، تن مانڊي ڪري وچي پيءُ جي ملڪيت جو ٽيون حصو هن کي ورهائي ڏنو.

ڳوناڻي ٺڳ اها سموري ملڪيت هٿ ڪري دل ۾ خيال ڪيو ته هاڻي شهري ٺڳ ڀلي ته قبر ۾ پيو هجي، جي قبر مان ٻچي نڪتو ته پوءِ پيا منهن ڏينداسين. اهو پهه پچائي سڌو اچي پنهنجي ڳوٺ پهتو ۽ پنهنجي زال سان سچي حقيقت ڪري چيائين ته ”ملڪيت ڪٽي آيو آهيان. پر شل ڦبي! چو ته هو منهنجو به استاد لڳي.“ آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هڪڙي رٿ رٿي، آنڌل ملڪيت پنهنجي گهر جي هڪڙي ڪنڊ ۾ کڏ کوٽي پوري ڇڏيائين ۽ زال کي چيائين ته ”ڳوٺ کان ٻاهر ٿيڻ ڦٽل کوهه ۾ وڃي ٿو لڪي ويهان. اها ڳالهه ڪنهن کي به نه ٻڌائج. باقي تون روز مانيءَ جي وقت پاڻي ڀرڻ جو بهانو ڪري مونکي ماني پهچائيندي رهجانءِ ڪجهه ڏينهن ته ائين پيا گذاريندا سين، پوءِ جي شهري ٺڳ آيو ته پاڻهي ئي ويهي ٿڪجي پوندو ۽ هليو ويندو.“

هوڏانهن شهري ٺڳ قبر ۾ پنهنجي يار جو انتظار ڪندي ڪندي بيزار ٿي پيو. ڪيس پڪ ٿي ته همراهه ملڪيت ڪٽي ٻچي ويو. سو ٻا ڪيائين جو رات ڏينهن هڪ ڪري، هٿن سان قبر کوٽي ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي گهر اچي پچا ڪيائين ته ”هيڙن پارن وارو منهنجو دوست هتي آيو هو؟“ جواب مليس ته ”هتي اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونه آيو اتي

هيڪاري پڪ ٿيس تہ همراهہ ڏک ڪڍي ويو. پوءِ تہ انهي محل ئي پچا ڳاڇا ڪري اچي ڳوناٺي ٺڳ جي ڳوٺ پهتو. در تي سڏ ڪري چيائينس تہ ”يار! ٻاهر نڪري اچ، آئون اچي ويو آهيان.“ ٿوري دير ڪان پوءِ ڳوناٺي ٺڳ جي زال ٻاهر نڪتي، جنهن کي پنهنجو نالو ٻڌايائين. جنهن چيس تہ ”ادا! منهنجو مڙس جيئن تو ڏانهن ويو آهي تيئن وري ڪونہ موٽيو آهي.“ شهري ٺڳ دل ۾ خيال ڪيو تہ شايد اجا واٽ ۾ ئي هجي، اڄ نہ سڀاڻي ضرور ايندو سو جيستائين اچي تيستائين هتي ئي ٿو ترسان. اهو خيال ڪري اتي ئي ويهي رهيو. ٻہ ڏينهن گذريا پر ڳوناٺو ٺڳ پيدا ئي ڪونہ ٿيو. جڏهن ٽيون ڏينهن بہ گذريو تڏهن هن ڏٺو تہ مائي ٽي مانيون پچايون آهن. دل ۾ خيال ڪيائين تہ هڪڙي تہ منهنجي لاءِ ٻي سندس لاءِ باقي ٽي ماني الائجي ڪنهن جي لاءِ پچائي اٿس؟ جڏهن مائي ماني آڏي اڳيان رکيس، تڏهن شهري ٺڳ چيس تہ ”ياجائي پيٽ ۾ سور اٿم، هينئر ماني ڪونہ کائيندس“. تنهن تي مائي چيس تہ ”چڱو ادا! تون سمهي رهہ تہ آئون کوهہ تان پاڻي ڀري اچان.“ مائي جا کيو جو ماني ڀچي، شهري ٺڳ کان لڪائي ڪٽي دلي ۾ وڌي ۽ دلو مٿي تي رکي کوهہ ڏانهن رواني ٿي ويئي. شهري ٺڳ تہ اهو سڀ ڪجهہ اک ٽيٽ ڪري ويٺي ڏٺو سو سهي ڪري ويو تہ هجي نہ هجي همراهہ پڪ ڪنهن کوهہ ۾ لڪو ويٺو آهي سو لڪي لڪي مائيءَ جي پويان وڃڻ لڳو. ڳوٺ کان ٻاهر نڪري، مائي اچي ڦٽل کوهہ ۾ دلو وڌو ۽ آهستي آهستي مڙس کي خبرچار ٻڌائڻ لڳي. جڏهن سندس مڙس دلي مان ماني ڪڍي ورتي. تڏهن وري پاڻيءَ واري کوهہ تي ويئي ۽ اتان دلو ڀري موٽي گهر آئي. شهري ٺڳ اهو سڄو رنگ ڏسي مائيءَ کان اڳ تڪڙو تڪڙو اچي گهر ويهي رهيو.

صبح ٿيو تہ مائي وري مانيءَ جا سانباها ڪرڻ لڳي. اتي شهري ٺڳ چيس تہ ”ياجائي! اڄ تہ گوشت کائڻ لاءِ دل پئي چئي سو تون هي رپيو وٺ ۽ بازار مان وڃي گوشت وٺي آءُ.“ مائي هائوڪار ڪري ويئي. بازار مان گوشت وٺڻ ۽ هن پٺيان ڇا ڪيو جو مائيءَ جا پراڻا ڪپڙا پائي، مٿي تي دلو رکي منهن کي ٻٺَ سان ڍڪي وڃي ان ڦٽل کوهہ ۾ دلو وڌو. دلي کي لهندو ڏسي ڳوناٺي ٺڳ کي اچي ڏپ ورايو تہ لاشڪ

شهري نڱ اچي پھتو آهي پر وري بہ دل ڪي ڏڍ ڏيئي پڇيائين "خير تہ آهي جو هن مھل ڪمهلو ڪوهہ تي آئي آهين؟" شهري نڱ پنهنجو آواز مٽائي سندس زال وانگي ڳالهائيندي چيو تہ "تنهنجو شهري دوست گھر وينو آهي ۽ رکي سُکي ماني نٿو کائي ٻوڙ ۽ پلاءُ ٿو طلبي. هاڻي مون وٽ پئسا تہ آهن ئي ڪونہ. جو هن کي طعام رڌي کارايان." ٻوناٽي نڱ جڏهن شهري نڱ جو نالو ٻڌو تڏهن وايون بطال ٿي ويس. چي "رن! توکي خبر بہ آهي تہ گھر جي اتر پاسي واري ڪنڊ ۾ سمورا پئسا پوريا پيا آهن. پوءِ اتان ڇو نہ ٿي رپيو بہ ڪڍي ورتئي. هاڻي جلدي هتان وڃ. متان ڪو ڏسي نہ وٺي!" شهري نڱ کي ڪپندي بہ اها ڳالھ هئي. سو يڪدم وٺي ڀڳو ۽ اها ڪنڊ کوٽي سڀ ناڻو ڪڍي ورتائين ۽ مائيءَ جي موٽي اچڻ کان اڳ ۾ ئي اتان روانو ٿي ويو.

مائي موٽي اچي ڏسي تہ نڱ آهي ئي ڪونہ. ڀانيائين تہ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو هوندو سو ويٺي ان لاءِ ٻوڙ رڌڻ. گوشت رڌجي تيار ٿي ويو پر شهري نڱ اچا ڪونہ موٽيو. مائيءَ دل ۾ خيال ڪيو تہ جيستائين اهو موٽي تيستائين هي ڀڳل گوشت مڙس کي ڇو نہ کارائي اچان. سو ڇا ڪيائين جو هڪڙو اقراتو پچائي، گوشت ڪڍي دلي ۾ وجهي مڙس لاءِ کڻي اٿي هلي. اچا دلو ڪوهہ ۾ وڌائين مس تہ مڙسس بہ سسي ٻاهر ڪڍي گوشت ڏسي چيائينس تہ "رن! ريئي ٻن کان وڌيڪ ڏوڪڙ تہ ڪونہ ڪڍيا اٿئي؟" جوڻس اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويئي ۽ چيائينس تہ "آئون ڇو تنهنجا پيسا ڪڻنديس. هي تہ تنهنجي يار رپيو ڏنو هو جنهن مان ٻوڙ وٺي آئي آهيان." مڙس چيس تہ "هي سويل جو تون آئي هئينءَ ۽ مون کان اچي پئسا گھريا هيئي؟" جوڻس چيس تہ "خدا کان ڊڄ! آئون ڪڏهن هتي آيس جو تو اهو ٻڌايو. آئون تہ وٽ اڄ پهريون ڀيرو آئي آهيان." اتي نڱ کي پڪ ٿي تہ شهري نڱ اتڪل سان پيسا ڪڍي ويو آهي. سو ڏاڍي ڪاوڙ لڳيس پر دل جو سور دل ۾ رکي زال کي چيائين تہ "مونکي ٻاهر ڪڍ." جوڻس ٻاهر ڪڍيس ۽ هي ٻيئي زال مڙس ڊوڙندا گھر آيا پر ڇا ڏسن تہ گھر ۾ تہ ڪاري وارا ڪک لڳا پيا آهن. اهو ڏسي منهن مٿو پٽي چيائين تہ "مونکي نڱ ڦري ويو پر آئون بہ ڪيس قبر تائين ڪونہ ڇڏيندس." ائين چئي انهي مھل شهر جو رستو ڪڻي ورتائين.

هوڏانهن شهري ٺڳ ڳوٺاڻي ٺڳ جي گهران پئسا ڪڍي اچي پنهنجي گهر ۾ لڪايائين ۽ زال کي چيائين تہ "هو ڳوٺاڻو ٺڳ بہ مون کان ڪو گهٽ ڪونهي. اهو نيٺ هتي ايندو. تنهنڪري جڏهن بہ هو اچي، تڏهن آئون پاڻ کي ماري ڇڏيندس. هن کي ٻڌائج تہ منهنجو مڙس مري ويو." زال کي اها ڳالهہ سمجهائي هڪڙي ڪنڊ ۾ ڪٽ وجهي ويهي رهيو. شام ڌاري ڳوٺاڻي ٺڳ بہ اچي ڪڙڪو ڪيو. شهري ٺڳ سندس آواز ٻڌي يڪدم اکيون پوري دم جهلي سمهي پيو. جوڙس بہ روڄ پٽڪو شروع ڪري ڏنو. پاڙي جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. مائي روئندي پٽيندي ماڻهن کي ٻڌايو تہ "منهنجي مڙس کي الاجي ڇا ٿيو؟ جو اڄ اوچتو ويٺي ويٺي مري پيو آهي." ڳوٺاڻي ٺڳ جڏهن اهو تماشو ڏٺو تڏهن يڪدم شهري ٺڳ جي نبض تي هٿ رکي ڏٺائين، جنهن مان سمجهيائين تہ همراهہ جيئرو آهي پر پيسن هضم ڪرڻ لاءِ اهو سمورو ڍونگ ڪيو اٿس." سو هن جي زال کي چيائين تہ "ياڄائي! هي منهنجو يار آهي، هاڻي آئون هن جو علاج پاڻهي ٿو ڪريان. پيو مڙئي خير آهي. هن جو رڳو ساهہ دٻجي ويو آهي. سو هاڻي مونکي ڏاتو آڻي ڏي تہ هن جو علاج ڪريان." ائين چئي مائيءَ کان اڳي پاڻ جهٽ ڪري گهر مان ڏاتو ڳولي ڦولي، باهہ ۾ تپائي ڳاڙهو ڪري اچي شهري ٺڳ جي پيٽ تي رکيائين پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پت، اصل چريو بہ ڪين. اهو ڏسي دل ۾ چيائين تہ "هي ائين ڪونہ سڌرندو". سو مڪر ڪري روئندي چيائين تہ "ياڄائي! برابر هي مري ويو آهي". پوءِ هن پاڙي وارن کي چيو تہ "يائرو! هي منهنجو يار هو مون هن کي قرض طور هڪ هزار رپيا ڏنا هئا. سو هاڻي هن لاش جو جيڪو وارث ٿئي، سو مهرباني ڪري مونکي اهي پئسا پري ڏي" پاڙي وارن جواب ڏنو تہ "اسان کي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو هرويرو ويهي هن جا وارث بنجون ۽ پنهنجو هزار رپيا وڃايون. هي تنهنجو يار هو هاڻي تون ڄاڻ هي ڄاڻي." ڳوٺاڻي ٺڳ پاڙي وارن جو اهو جواب ٻڌي چيو تہ "ماشاءَ الله! هاڻي توهين سڀ وڃي آرامي ٿيو. آئون هن کي پاڻهي ٿو وڃي پوريان." ائين چئي شهري ٺڳ جو لاش ڪلهي تي کڻي اٿي هليو.

جڏهن شهر کان ٻاهر نڪري آيو تڏهن لاش کي زمين تي سٽي چيائينس تہ "يار! تون مئو ڪونہ آهين، رڳو ملڪيت کائڻ لاءِ ڪوڙ ڪيو اٿئي. پر ياد رک، آئون توکي پائي بہ ڪونہ ڇڏيندس. هاڻي اٿي اڌ

پتي ڏي نہ تہ ڪڏ ڪوتي پوري ڇڏيندوسانءِ“ پر شهري نڳ وري بہ نہ چريو. پوءِ ڳوناٺو نڳ هن کي ڪٺي مقام ڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچڻ کان پوءِ هڪ دفعو وري بہ هن کي چيائين تہ ”اٺ نہ تہ هاڻي ٿو ڪڏ ڪوتي پوريانءِ!“ پر شهري نڳ ائين جو ائين پيو رهيو. اهو ڏسي ڳوناٺي نڳ چيس تہ ”يار! هاڻي توکي پوريان ڪونہ ٿو. باقي هي بڙ جو وڻ بيٺو آهي، ان ۾ تنگي ٿو ڇڏيئين. پتي ڏيندين تہ وهواهہ نہ تہ تنگيو پيو هوندين.“ تنهن کان پوءِ ڳوناٺي نڳ ڇا ڪيو جو پنهنجو پٽڪو لاهي ڪٺي شهري نڳ جي ٻنهي ٽنگن ۾ ٻڌائين ۽ کيس بڙ جي هڪڙي مضبوط ڏار ۾ اونڌو لٽڪائي پير ۾ ڇار جي هڪڙي گهاٽي وڻ ۾ لڪي ويهي رهيو.

سج لٿي مهل چار چور اچي انهي وڻ هيٺ ويٺا. اوچتو انهن جي نظر وڃي شهري نڳ تي پئي جو اونڌو تنگيو پيو هو. هڪيئي کي چوڻ لڳا تہ ”يار! هي تہ ڪو ”تنگيو پير“ آهي، جنهن پاڻ کي اونڌو لٽڪائي ڇڏيو آهي“ سو هڪڙي چور چيو تہ ”تنگيا پير! دعا ڪر تہ ڪا سٺي چوري لڳي. آئون انجام ٿو ڪريان تہ تنهنجا اهي ڏند پيچائي انهن جي جاءِ تي ٻيا سونا ڏند وجهائيندس.“ ٻئي چور چيو تہ ”آئون تنگئي پير کي هيٺ لاهي، هن جي تربت چن سان ٻڌائيندس.“ ٽئين چور چيو تہ ”آئون مٿس روضو اڏائيندس“ ۽ چوٿين چور چيو تہ ”جي ائين ڪندو تہ پوءِ آئون بہ مٿس هر سال ميلو هڻائيندس.“ اها سُک باسي، چارئي چور اٿي پنهنجي ڪرت تي روانا ٿيا. خدا جي قدرت سان ان رات ڪنهن شاهوڪار سوداگر جي ست ماڙ کي وڃي ڪاٺ هنيائون، جتان هيرن، جواهرن ۽ موتين جون پريون ٻڌي موتي اچي انهي ساڳئي بڙ جي هيٺان ويٺا ۽ چيائون تہ ”واهہ ڙي تنگيا پير! واهہ. ڏاڍو ڀتل ٿو ڏسجين.“ اتي هڪڙي چور ٻئي کي چيو تہ ”هاڻي تون پنهنجي ڪيل انجام موجب هن جا ڏند پيچي سونا وجهاءِ تہ پوءِ آئون صبح جو هن جو لاشو لاهي تربت تيار ڪرايان.“ تنهن تي اهو چور هڪڙو رنبو ڪٺي وڻ تي چڙهڻ لڳو.

چورن جون اهي سموريون ڳالهيون شهري نڳ پئي ٻڌيون سو چُور کي مٿي ايندو ڏسي اچي سر سان لڳس. نيٺ جڏهن چور اچي ڀتس ۽

هن کي منڊي ڪان جهلي، جيئن ئي ڏندن ۾ رنبو تي هنيائين. تيئن ٺڳ به پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي ڳچيءَ ۾ وڌس. رنبي واري چور جون وايون ئي بطال ٿي ويون ۽ پاڻ کي ڪٽي جو ڇڏي ته ڏو هيٺ اچي ڪريو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو ته: ادا! پڇو هي ته ڪو جن آهي.“ اهو ٻڌي هيٺ ويٺل ٽيئي چور هراسجي، چوريءَ جو مال اتي ئي ڇڏي وٺي ڀڳا. اهو ڏسي شهري ٺڳ ڇا ڪيو جو پاڻ کي اونڌي سنئون ڪري، رسي چوڙي هيٺ لهي آيو ۽ چورن واري خزاني جون پريون ٻڌڻ لڳو. ڳوٺاڻي ٺڳ به اهو لقاءُ ويٺي ڏٺو سو يڪدم نڪري نروار ٿيو شهري ٺڳ کي هڪل ڪري چيائين ته ”خبردار ٿج! تنهنجي ليکي ته آئون ڳوٺ هليو ويو آهيان پر آئون توکان پائي پائي جو حساب چڪائي پوءِ ڳوٺ موٽندس.“

هوڏانهن چئن چورن مان هڪڙي چور پنهنجن سنگتين کي چيو ته ”ٻيلي! آخر ڏسون ته آهي ڇا؟ اهو ڪو جن پوت آهي يا ڪا ٻي بلا. ٻيو نه ته به پنهنجو خزانو ته ڪٽي اچون.“ سو ڇا ڪيائون جو هڪڙي چور کي انهيءَ جي خبر چار لهڻ لاءِ اوڏانهن موڪليائون. اهو لڪندو لڪندو پير پير ۾ ڏيندو جڏهن ان ٻڙ جي ويجهو پهتو. تڏهن ڏٺائين ته مار! هتي ته هڪڙي مان به ٻنجي ويا آهن ۽ ملڪيت تان پاڻ ۾ اٽڪيا پيا آهن. اهو ڏسي چور وٺي پنهنجي پيرن تي زور رکيو ۽ اچي همراهن کي چيائين ته ”يارا چڱو ڇاڻو ته هتان پڇي هلو. هاڻي ته هڪ مان ڦري به جن ٿي پيا آهن، جي ملڪيت تان پاڻ ۾ اٽڪيا پيا آهن. پڇو ته پڇون نه ته ٻيا به جن اچي ويا ته پوءِ پنهنجي سر جو خير ڪونهي.“ ٻيا چور پنهنجي همراهه جو اهو احوال ٻڌي ڏڪڻ لڳا ۽ ڊپ ۾ وٺي ڀڳا.

هوڏانهن ٻئي ٺڳ جڏهن هڪٻئي ۾ وڙهي ٿڪا، تڏهن فيصلو ڪيائون ته ”وڙهڻ ۾ فائدو ڪونهي. اسين هڪٻئي کي ڇڏينداسين به ڪونه. تنهنڪري چڱائي انهيءَ ۾ آهي ته هڪٻئي ۾ مال ورهائي کڻون. پوءِ ته ٻيئي ڄڻا گهر موٽي آيا. جتي سوداگر ۽ چورن واريون ملڪيت هڪٻئي ۾ ورهائي کنيائون. انهيءَ کان پوءِ ڳوٺاڻو ڪانئس موڪلائي گهر موٽي آيو.

آيو انڌن منڊن جو طبيب

ڪنھن شھر ۾ ھڪڙو غريب شخص رھندو ھو. ڪيس ھڪڙو پٽ ھو جو جڏھن جوان ٿيو تڏھن پٽس چيس تہ "ابا ھاڻي وچي ڪو ڌنڌو ڪر". جنھن تي ڇوڪري چيس تہ "بابا منھنجي مرضي آھي تہ ڪو واپار ڪريان. انھي لاءِ مونکي پاڻ وارو ڪارو ڏاند ڏي تہ اھو وڪڻي واپار شروع ڪريان." پٽس اھو ڏاند سندس حوالي ڪيو. جنھن ڪي پندرھن ويھہ ڏينھن بيھاري، ڪارائي پيئاري ڪجھہ ساڄو ڪري شھر ڏانھن وڪڻڻ لاءِ ڪاھي ويو.

واٽ تي ھن ڪي ٺڳن جو ھڪڙو ٽولو گڏجي ويو. جي ھن سان حالي احوالي تي سمجھي ويا تہ پڪ ھيءُ ڪو بيوقوف ٿو ڏسجي. سو انھن مان ھڪڙي اڳ وٺي چيس تہ "يار! واپار ڪندين؟" ھن چيو تہ "واھہ جو ڪندس." اتي ٻئي ٺڳ ويجھو اچي چيس تہ "چڱو ادا، لڳي تاڙي ڪر ٻڪر جو ملھہ." اھو ٻڌي ھن ڪي ڏاڍو عجب لڳو تہ ھي ڏاند ڪي ڪيئن ٿا ٻڪر سمجھن. سو چيائين تہ "ميان! انڌا آھيو ڇا؟ ھي ڏاند آھي يا ٻڪر!" سندس اھا ڳالھہ ٻڌي ٺڳ اچي ڪل ۾ ڇتڪيا. ڇي "يار ھي ھمراھہ ڪو درويش ٿو ڏسجي." وري چيائونس تہ "اڙي! يار توکي ڪو ٻڪر ڏيئي ڏاند جا پئسا وٺي ڦري ويو آھي." ھڪڙيءَ تي ھيءُ ۽ ٻيءَ تي ٺڳ" ٺڳن ھن ڪي گھٽو ئي پنيلايو. نيٺ گھڻي ردوبدل ڪان پوءِ ٺڳن ھن ڪي چيو تہ "ادا جي توکي اسان جي ڳالھہ تي اعتبار نٿو اچي تہ پوءِ ھل تہ ڪنھن چڱي مڙس ڪان فيصلو ڪرايون." تنھن تي ھن چيو تہ "واھہ! اھا ڳالھہ ڀلي تي." سو ٺڳ ھن ڪي پنھنجي اڳواڻ وٽ وٺي آيا. ٺڳن پنھنجي سردار ڪي اڪ ڀڃي سڄي ڳالھہ ڪري ٻڌائي. جنھن ڏاند ڪي ڏسي چيو تہ "بيشڪ ھيءُ ٻڪر آھي. ھن غريب ڪي ڪو ڦري ويو آھي. ھاڻي ويچاري ڪان ٻڪر وٺو ۽ پنج رپيا ڏئي اماڻيوس." اھو ٻڌي ٺڳن چيس تہ "ڏنئي"، تہ پئي چيو تہ "ٻڪر آھي. اسان جي ڳالھہ تي اعتبار ڪرين ھا تہ ھيتري تڪليف ئي نہ ٿئي

ها.“ تنهن تي هن چيو تہ ”يارا پلي جي اوهان جي اها صلاح آهي تہ مونکي پنج رپيا ڏيو ۽ ٻڪر ڪاهيو.“ پوءِ ٺڳن هن کي پنج رپيا ڏيئي اماڻي ڇڏيو. ويچارو پنج رپيا وٺي جڏهن گهر پهتو، تڏهن پيءُ پڇيس تہ ”ابا! ڏاند وڪڻي آئين؟“ جواب ڏنائين تہ ”هائو اڌارو وڪڻي آيو آهيان. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ پيسا ملندا“، پڻس ڪڏي ماٺ ڪئي.

ٿورن گهڻن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ وري پيءُ کي چيائين تہ ”بابا! مون کي هڪڙي ٻڪري وٺي ڏي تہ وري واپار ڪري اچان.“ پڻس هن کي ٻڪري وٺي ڏني. هو اها وٺي وري بہ ساڳيو گس ڏئي اچي ٺڳن جي گهر وٽان لنگهيو. ٺڳ تہ اڳيئي هن کي سڃاڻندا هئا. تن جو هڙو سولو ۽ سٺائو شڪار ايندو ڏٺو، سو ڊوڙي اچي اڳ ورتائونس. ڏاڍي آجيان ڪري چيائونس تہ ”يار هي ڪڪڙ وڪڻڻ لاءِ ڪنئي اٿئي؟“ اهو ٻڌي هن وري بہ چين تہ ”يارا عجب جهڙا ماڻهو ٿا ڏسجو. هيءَ ٻڪري آهي يا ڪڪڙ؟“ تڏهن ٺڳن وري هڪبئي کي چيو تہ ”يارا هي وري بہ اچ پاڻ ڦرائي آيو آهي.“ پوءِ چيائونس تہ يار اسان کي تنهنجو ڏاڍو ارمان آهي، جو توکي سدائين ماڻهو ڦريو وڃن.“ پر ڇوڪرو چئي تہ ”ائين وري ڪيئن هوندو؟“ تنهن تي هنن چيس تہ ”چڱو جي اسان تي اعتبار نہ اٿئي تہ چڱي مڙس وٽ هلون.“ نيٺ وري بہ ڪيس پنهنجي سردار وٽ وٺي آيا تہ هن ويچاري سان وري ويساهہ گهاتي ٿي آهي سردار ٻڌي چيو تہ ”هاڻي هيئن ڪريو جو هڪڙو آنو ڏئي اها ڪڪڙ وٺوس.“ اتي هن کي پڪ ٿي تہ ”هي آهن تہ ٺڳ پر اڄ پلي وڃي پنهنجو پت گهاٽو ڪن. هاڻي انهن پٺي مون پٺي.“ پوءِ ٺڳن جي اڳواڻ کي چيائين تہ : پريا مڙس! تنهنجو فيصلو اکين تي آنو ڏي ۽ ڪڪڙ وٺ.“ اهڙيءَ طرح هي ويچارو مفت ۾ ڏاند ۽ ٻڪري ڦرائي موٽي آيو.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد هن ٺڳن کان وير وٺڻ جو ارادو ڪري شيشيون وٺي انهن ۾ ڪوڙيون سوڙيون دوائون ڪڻي وڏيون ۽ ڪپڙا بدلائي حڪيم بنجي هوڪا ڏنائين تہ ”انڌن منڊن جو طبيب“ ٺڳن جي اڳواڻ جي بہ ڪا نظر جهڪي ٿي ويئي هئي سو هوڪو ٻڌي پنهنجن چاڙتن کي چيائين تہ ”ابا، انهي طبيب کي وٺي اچو تہ آئون ڪانئس دوا ڪرائيندس.“ ٺڳن هن کي ڪونہ سڃاتو ۽ وڏي عزت ڏيئي

ڪيس اندر وٺي آيا. ڇوڪري سندس اکيون ڏسي چيو تہ ”هن جو علاج ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. تنهنڪري جيڪي دوائون مون وٽ ڪونهن سي وڃي بازار مان وٺي اچو.“ پوءِ هنن کي ڪوڙا نالا ٻڌائي هڪڙن کي هڪڙي پاسي روانو ڪيائين تہ ٻين کي وري جهنگ ڏانهن موڪليائين تہ وڃي فلاڻيون فلاڻيون ٻوٽيون ڳولي اچو. اهڙي طرح سيني کي اماڻي ٺڳن جي سردار کي ٻڌي اچي ڏنبي سان ورتئينس. ڏاڍي ڦيھ ڪڍي چيائين تہ ”پريا مڙس! هاڻي ڪر ڪاري ڏاند جو ملھ.“ ٺڳن جي سردار جو گيسيءَ جو نڪاءُ پئي پيو چئي ”مون کي مار نہ باقي جيڪي وٺئي سو فلاڻي صندوق مان ڪڍي وڃ! پر منهنجي جند ڇڏ. جيڪي توکي وٺي سو وڃي ڪاري ڏاند جو ملھ ناهہ.“ ڇوڪرو بہ ڪنجون وٺي پيٽي کولي، ٺڳن جو الھ تلھ ڪڍي اچي پيءُ وٽ نڪتو. پٽس پڇيس تہ ”هيتري مايا ڪٿان مليئي؟ هن ٻڌايس تہ ”بابا ڪاري ڏاند جو ملھ مليو آهي. سو هيءُ اٿيئي باقي ٻڪري جو ملھ.“ ڪن ڏينهن کان پوءِ ملندو. اهو ٻڌي پٽس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس دعائون ڪرڻ لڳو.

ٿوري گهڻي ڏينهين وري ٻڪريءَ جي ملھ اڳاڙڻ جو خيال ڪري ڇا ڪيائين جو هڪڙو غريب ماڻهو جو ڀڄڻ جو ڇوهو ڏٺائين، تنهن کي چيائين تہ ”ادا آئون توکي ڏھ رپيا ڏيندس. تون رڳو مون سان گڏجي هل ۽ جنهن محل آئون چوان انڌن منڊن جو طبيب. انهي محل ڪي ماڻهو ايندا ۽ پوءِ تون وٺي ڀڄج.“ هن غريب شخص دل ۾ خيال ڪيو تہ سڄو ڏينهن ڪمايان ٿو تہ ٻہ رپيا بہ ڪونہ ٿا ملن، سو ايتري ٿوري ڪم لاءِ ڏھ رپيا ٿا ملن. تنهن يڪدم ڪٺي هائو ڪئي.

اهڙيءَ طرح مزدور ڪري، ان کي پاڻ جهڙو ويس پهرائي شيشين جي صندوق ڪڍايائين ۽ اچي ٺڳن جي پاڙي ۾ هوڪو ڏنائين تہ ”آيو انڌن منڊن جو طبيب“ ٺڳن جو اهو آواز ٻڌو سي يڪدم لٺيون ڏڪا ڪڍي ٻاهر نڪتا جو اهو طبيب ڪين وٺي ڦري ويو هو سو اچي ٻاهر نڪتا تيئن هن مزدور کي اشارو ڪيو تہ ڀڄ! مزدور وٺي ڀڳو. ٺڳن سمجهيو تہ طبيب ڀڳو ٿو وڃي سي سڀئي ان جي پٺيان ڪاهي پيا. ٺڳ ويا هن مزدور جي پٺيان ۽ هن جوان ڇا ڪيو جو وري بہ ڏنڊو ڪڍي ٺڳن جي سردار کي اچي پيتو. ٻڌي ڏاڍي مار ڪڍڻ کان پوءِ چيائينس تہ ”پريا

مڙس! اڳي توکان ڪاري ڏاند جو ملهه وٺي ويو هوس. باقي ٻڪريءَ جو ملهه رهيل هو، سو جلدي پيدا ڪر نه ته اتي جو اتي ٿو پورو ڪريانءِ“ ٺڳن جي سردار کي اچي سر سان لڳي. سو هن ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ چيائين ته ”ابا! جيڪي توکي وٺي سو ٻڪريءَ جي ملهه ۾ ڪٽي وڃ. باقي مون کي نه مار.“ هي وري به سمورو مال ٻڌي اتي روانو ٿيو ۽ پٽس جي اڳيان آڻي رکيائي. چيائين ”بابا! ٻڪري جو ملهه اهو اٿيئي.“

هوڏانهن ٺڳ موٽي اچي ڏسن ته سندن سردار وري به اڳي وانگر ٻڌو پيو آهي ۽ پيٽي خالي ٿي پيئي آهي. پڇا ڪرڻ تي سردار ٻڌاين ته ”توهين ته ٺڳ جي پٺيان ويا هئا پر هو الائجي ڪٿان گوهي ڏئي اچي هتي نڪتو ۽ ٻڪريءَ جو ملهه ۾ سمورو مال ڪٽي ويو.“ اهو ٻڌي ٺڳن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ته هر ڀيري سان هي اسان کي گهر ويٺي ڦريو وڃي. هاڻي هن کي اصل ڪونه ڇڏينداسين. اهو فيصلو ڪري هڪڙي ڏينهن پاڻ ۾ گڏجي ٺل ڪري اچي هن جي ڳوٺ پهتا. پڇا ڪري اچي هن جو در ڪڙڪايائون. ڇوڪرو ٻاهر نڪري آيو. ٺڳن چيس ته ”تون اسان کي به دفعا ڦري آيو آهين، سو هاڻي تو سان فيصلو آهي. ڇوڪري سياڻپ ڪري چين ته ”ڀائو! حاضر آئون اوهان سان ٻڌل آهيان، جيڪو حڪم ڪريو پر هينئر توهين ٿڪجي آيا آهيو تنهنڪري سانجهيءَ تائين ترسي آرام ڪريو پوءِ ڀيا ڇيڙي نبيري ڪنداسين. جي مون ڏانهن اوهان جو حساب ٿيندو ته منهنجو پيءُ به ڀري ڏيندو.“ ڇوڪري هنن کي اهو دلاسو ڏيئي هڪڙي اهڙي جاءِ ۾ اچي ويهاريو جنهن ۾ تمام وڏي ڪکر ويٺل هئي. رات جو هننکي ماني ٽڪي ڪارائي سمهاري ڇڏيائين.

ڇوڪري اڌ رات جو اٿي آهستي آهستي وڃي ڪکر جي ماناري کي ٻاٺو جو اچي هنن جي مٿان ڪريو. پوءِ ٻاهران دروازو بند ڪري گهر سمهي رهيو. هوڏانهن ڪکر اچي مٿي سا هنن کي چنبڙي ويئي. ٺڳن گهڻيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون پر ڪير ٻڌي. نيٺ اتي جو اتي پورا ٿي ويا ۽ سندن ٺڳيءَ جي کين سزا ملي.

چورن مٿان مور

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو وڏو چور رهندو هو جنهن جو چوطرف ڌاڪو ڄميل هو. آسپاس جا سڀ چور هن جي سلامي ڀريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن چوريءَ تي نڪرندو هو ۽ ايترو مال ميڙي ايندو هو جو ڪيترا ڏينهن وينو موج سان کائيندو هو. ان کان سواءِ ٻيا چور به هن کي گهٽ وڌ ڏن پٽ ڏيندا هئا. هڪڙي ڀيري چوري ڪئي گهڻو وقت گذري ويو هئس، تنهنڪري خيال ڪيائين ته ڇو نه هڪڙو چڪر ڏئي اچان. هلندي هلندي هڪڙي ڳوٺ جي ٻاهران اچي پهتو. کوهه جي ويجهو هڪڙي نم هيٺان پوتڙو وڇائي ليٽي پيو. ان وقت کوهه مان زالن پئي پاڻي ڀريو ۽ هڪٻئي سان حال احوال پئي اوريو. هڪڙيءَ زال ٻيءَ کان پڇيو ته "ادي! تون پيڪن ڪڏهن ويندي آهين؟" هن جواب ڏنس ته "منهنجا پيڪا مونکي ڇهين ڇهين مهيني وٺي ويندا آهن." اهڙيءَ طرح ٻين زالن به هڪٻئي کان پڇيو. انهن ۾ هڪڙي سهڻي ۽ خوبصورت زال، جيڪا دوپستي به هئي، تنهن چيو ته "ادي! آءُ ته پيڪن ڪاڻ سڪان پئي ڇو ته بابو ته ويچارو مري ويو پر امڙ به جدائي ڪري ويئي. باقي ماموءَ مامي وچي رهيا آهن اهي به نڪي اچن نڪي وڃن."

انهيءَ ڳالهه ٻولهه کان پوءِ زالون ته دلا کڻي هليون ويون پر چور کي اچي هورا کورا لڳي ته انهي عورت جي مائٽن جي ڄاڻ ڪريان سو اٿي ان جي پٺيان لڳو ۽ جڏهن عورت گهر ۾ گهڙي تڏهن ڪجهه دير کان پوءِ هن به اچي در کڙڪايو. ان عورت جو مڙس ڪو موالي هو تنهن جو هن ڏاڙهي ماٺهو کي در تي ڏٺو سو گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. ان تي چور چيو ته "ابا! هائو هائو ڇو نه گاريون ڏيندين، اسان پنهنجون نياڻيون انهيءَ لاءِ ڏنيون ته اوهان جون گاريون سهون. پر يار! ڇا ڪجي جو سڄاڻپ وارا مڙس مري ويا. جي پٺين جيئرو هجي ها ته ائين گاريون ڪين ملن ها. آئون تنهنجي زال جو مامو آهيان. تون ته آهين نشن ۾ پر ڇوڪري به نٿي سڃاڻي. ڏاڍي ارمان جي ڳالهه آهي!" مائيءَ جو اها

ڳالهه ٻڌي سا رڙهي آئي ۽ مڙس کي چيائين ته ”سچاڻين نه ٿو ته هي منهنجو فلاڻو مامو آهي.“ ائين چئي انهيءَ کي ڪيڪارڻ لڳي ۽ ڪيس وٺي آڻي گهر ۾ ويهاريائين. اتي رات به پئجي ويئي هئي سو ماني ٽڪي کائي هڪٻئي کان حال احوال وٺڻ لڳا. چور چيو ته ”ادا! ٻيو سڀ خير آهي. پنهنجن ئي ڪمن ڪارين ۾ لڳا پيا آهيون. گهر ۾ اڪيلائي آهي، تنهنڪري ڪنهن پاسي نڪرڻ به نٿو ٿئي. ڇوڪريءَ جي ڏسڻ جو به ڏاڍو اونو هئم پر قسمت هن پاسي ڪانه ٿي ٿيم. هينئر ڇوڪرن جا طهر ڪرائڻا آهن، سو خيال ڪيم ته سڏ به ڏيئي اچان ۽ ڇوڪريءَ کي به ڏسي اچان. هاڻي مهرباني ڪر اوهين به ٿي ڏينهن اڳواٽ هلو ۽ هلي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيو.“ وري مائي جي مڙس احوال ڏنا ته ”ادا! وقت خير جو پيو گذري، هيل فصل به پلو ڪونه ٿيو آهي، پر شڪر آهي جو ٻني ڪٽا ٿي پوندا. هاڻي لاباري جا ڏينهن آهن، تنهنڪري ٻاهر نڪرڻ به اوکو آهي، تو به تنگ وقت ۾ اچي سڏ ڏنو آهي. خير، مونکي ته ڪٽي ڇڏيو. آئون طهر واري ڏينهن اچي نڪاءُ ڪندس. باقي هيءَ اوهان جي پاڻيجي آهي، ان کي پلي پاڻ سان اڳواٽ وٺي وڃو.“ اتي چور دل ۾ خوش ٿيو ۽ چيائين ته ”ادا! جيڪا تنهنجي مرضي. ڇوڪري ته آئون اڳواٽ وٺي هلان ٿو پر تون مهرباني ڪري طهر واري ڏينهن ضرور پهچي وڃجانءِ.

ٻئي ڏينهن مائي هار سينگار ڪري ڳهه ڳنا پائي تيار ٿي ٽڳ مامي سان مائٽن ڏانهن رواني ٿي. هن ويچاري پنهنجو مامو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو تنهن ڪري هينئر سڃاڻي نه سگهي. تنهن کان سواءِ هوءَ ويچاري پنهنجن اباڻن ڪکن ڏسڻ لاءِ آتي هئي، سا چور کي مامو ڄاڻي وڏي خوشي سان ساڻس گڏجي رواني ٿي. جڏهن ڳوٺ کان تمام پري نڪري آيا ۽ سج به ٿورو لڙڻ تي هو تڏهن چور، مائيءَ کي چيو ته ”مائي! نه آئون تنهنجو مامو نه تون منهنجي پاڻيجي. هاڻي پنهنجا سڀ ڳهه ڳنا مون کي لاهي ڏي ۽ تون ڪر پويان پير.“ مائيءَ کي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو عجب لڳو. چور کي گهڻائي واسطا وڌائين، پر هو نه مڙيو. لاچار ويچاري پنهنجا سيئي ڳهه لاهي چور جي اڳيان رکيا. چور هن کي جهنگ ۾ اڪيلو ڇڏي ڳهه کٽي پاڻ رمندو رهيو. مائي ڏٺو ته جٽ ته

ڏاڍي ٿي نہ گهر جي ٿيس نہ گهاٽ جي، نڪي اباڻن ڪکن تائين پهتس نہ ڪنهن وسئون پيڙي ٿيس ۽ ڳجهہ بہ ڦرايم. هاڻي جي ٿي واپس وران تہ مڙس هٽي هڏ ڳڏ ڀڃي ڇڏيندو. ناحق ڏارئي ماڻهو ڪي مامو سڏي دربدر ٿيس. اهي پور پچائيندي پڪو ارادو ڪيائين تہ هاڻي مڙس ڏانهن نہ وڃبو ۽ اهو چور جيڪو دغا ڪري ويو آهي، تنهن کان پلاند ضرور وٺبو. بس، پوءِ تہ پوئتي موٽي هڪڙي ڳوٺڙي ۾ آئي ۽ اتي هڪڙي چاڻ سڃاڻ ڪرائي وٽ اچي رهي. هوءَ تہ جيئن ڳورهاري هئي، تنهنڪري اتي هڪڙو پٽڙو ڄڻيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن مائي خوش ٿي ۽ هلڻ جهڙي ٿي. تڏهن چور جي نالي تي پڇا ڪندي اچي هن جي ڳوٺ ۾ پهتي ۽ سڌي چور جي گهر ۾ ويئي. اهو اتفاق سان ان وقت ڪنهن شڪار جي پٺيان ويل هو ۽ گهر ۾ رڳو سندس زال ويٺي هئي. مائي تہ اڳ ۾ ئي سوچي آئي هئي تہ چور کان پلاند ضرور وٺنديس. سو چور جي زال کي چيائين تہ "مائي! تو تہ اڄڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي. مامو تہ ڪڏهن ڪڏهن منهن ڏيکاري ويندو آهي پر تون تہ صفا ڪانہ اچين." چور جي زال بہ ڪا ڏاري هئي، تنهن سمجهيو تہ هيءَ منهنجي مڙس جي ڪا ماٽيتاڻي آهي. تنهنڪري چيائين تہ "ادي! مونکي تہ خبر ئي ڪانهي تہ مڙس جا ڪهڙا مٽ مائٽ آهن." خير، چور جي زال هن مائيءَ کي مان ڏيئي ويهاريو ۽ ماني تڪي کائي ويٺيون ڳالهيون ڪرڻ.

چور جي عادت هوندي هئي تہ جڏهن ڪو سڪر ماڻهو سندس ڳوٺ مان لنگهندو هو تڏهن ان جي مهماني ضرور ڪندو هو ۽ ان کان سڀ پئسا ڏوڪڙ ڦري ڦاهي ڏيئي وڃي جهنگ ۾ ڇڏيندو هو. ان مائيءَ جو گهر ۾ ڦاهي لڙڪيل ڏٺي سو چور جي زال کان پڇا ڪيائين. هوءَ بہ ڪا صفا سادي هئي سو سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس پر هن مائي چيس تہ "امان! توکي سڌ آهي تہ ڦاهي ڪيئن ايندي آهي؟" چور جي زال جهٽ پٽ ڳچيءَ ۾ سر ڪڻ ڦاهي وجهي چيو تہ "منهنجو مڙس هي تختو پيرن هيٺان ڪڍي ڇڏيندو آهي تہ ماڻهو لڙڪي لڙڪي مري ويندو آهي." هن مائي بہ ان وچ ۾ تختو ڪڍي ورتو تہ چور جي زال ڦاهيءَ ۾ ٽنگي بيهي رهي ۽ اک ڇنڀ ۾ ساهہ نڪري ويس. پوءِ اها

مائي چور جو سڄو گهر ڀاري زر، زيور ۽ مال ملڪيت ڪٺي ڀلي گهوڙي تي چڙهي گهر ڏانهن رواني ٿي. واٽ تي پوڙهيءَ وٽان پنهنجو پٽ بہ ڪنيائين ۽ شام ڌاري اچي گهر پهتي. مڙس کي بهانو ڪري چيائين تہ "مبارڪ هجئي، مامي جي گهر مونکي پٽ ڄائو. اتي گهڻئي مهمان اچي نڪتا. تنهنڪري ڇوڪرن جو ڪالهہ ئي طهر ڪرائي ڇڏيائون. مونکي بہ اتي گوڙ ۾ تڪليف هئي. تنهنڪري آئون تہ هيڏانهن هلي آيس، باقي مامي چيو تہ آئون پاڻ اتي ايندس ۽ اچي توکان معافي وٺندس. هنن ويچارن غريبي سارو ڏاڍي عزت ڏني ۽ اباڻي ورثي مان ايترا تہ زر، زيور ۽ پئسا ڏوڪڙ ڏنا اٿن جو سڄي عمر ويٺا مزي سان ڪائيندا سين." مڙس بہ ايترو مال ڏسي ڪڇيون هڻڻ لڳو. ان ڏينهن کان وٺي مائي رات جو چڱي طرح در دروازا بند ڪري سمهڻ لڳي، ڇو تہ هن کي پڪ هئي تہ چور ڪان جو پلاند وٺي آئي آهيان، سو ڇڏيندو هو بہ ڪونہ.

هوڏانهن چور جڏهن شڪار ڪري گهر پهتو. تڏهن ڏسي تہ زال ڦاهيءَ تي ٽنگي پئي آهي ۽ گهر ۾ ڪاري وارا ڪک لڳا پيا آهن. سڄي عمر جي ڪمائي ڪٺ ڏسي باهہ تي ويو پيرو ڪنائين تہ عورت جا پير لڳس. يڪدم سمجهي ويو تہ فلاڻي مائي جٺ ڪري ويئي آهي. خير ان وقت تہ چور ڪٺي ماٺ ڪئي، پر ڪي ڏينهن رکي بہ تي همراهہ ساڻ ڪري اچي مائي جي ڳوٺ پهتو. همراهن کي ڳوٺ جي ٻاهران بيهاري پاڻ ويو مائيءَ جي گهر مائيءَ جو هن کي ڏٺو سو هڪدم ڪٺي اڳ ورتائينس "چي: ماما! ڀلي ڪري آئين. ٻار ٻچا تہ خوش آهن؟ مون مڙس کي اڳ ۾ ئي چيو هو تہ مامو ڇوڪرن جا اڳوات طهر ڪرائڻ جي توکان معافي وٺڻ ايندو." چور بہ ڳالهہ سهي ڪري ورتي. سو چوڻ لڳو تہ "هائو مائي! آئون مڙسهين کان معافي وٺڻ آيو آهيان." اتي مائي جي مڙس بہ چور کي ڏوراپا ڏنا تہ "ادا! اوهان کي ائين واجب ڪونہ هو پر خير جيڪي ٿيو سو چڱو." اهڙي طرح حال احوال ڏيندي اچي رات ٿي. مائي اڳ ۾ ئي اتي ۾ نشيدار شيءِ ملائي ماني ٺاهي ڇڏي هئي سا آڏي اڳيان رکيائين. ماني کائڻ کان پوءِ مڙس ۽ چور کي اچي گهيرٽ چڙهيا. مڙس تہ اڳي ئي موالي هو باقي چور نشي ۾ سڪ تي ويو ۽ لٽ کوڙي جو ستو تہ خبر ئي ڪانہ

پيس! اڌ رات ڌاري مائي اٽي چور جو مٽو ۽ ڏاڙهي ڪوڙي ڪٽي ۾ ويڙهي پري ڪري ڪلهي تي کڻي اٽي هلي. واٽ تي چور جا يار بيٺا هئا، تن جو هن کي ڏٺو سو عليڪ سليڪ کان پوءِ پڇا ڪيائونس. مائي چيو "آئون بہ ڪاٽڪو آهيان ۽ هٽ ۾ مال اٿم." چورن چيو "واه بيلي! حصو اسان جو بہ لڳي." خير هٽندي هٽندي ڳالهہ اٽي وڃي بيٺي تہ چورن وارو مال ڪاٽڪو کٽي ۽ ڪاٽڪوءَ وارو مال چور کڻن." انهي تي مائي چورن وارو مال کڻي هلي وئي. باقي چور مائيءَ واري مال کي چڪاسڻ لڳا. اڃا جو ڳنڍ کولي ڏسن تہ سنڌن يار ٻڌو پيو آهي. همراهن هن کي هوشيار ڪيو ۽ خبرون ورتائونس، چور کين سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. اتي هنن همراهن کي بہ خبر پئي تہ "مار! اسان جو مال بہ ويو هضم ٿي." سو خارن مان مائيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ڳوٺ ڏانهن موٽي آيا.

هاڻي مائيءَ کي بہ ڊپ ويٺو وڃي ويو. تنهنڪري رات جو ڪڙا ڪلف چاڙهي پاڻ پئي پهرو ڏيندي هئي. سنڌس مڙس سدائين نشي ۾ الوٽ هوندو هو جنهن ڪري هن کي نہ هو دشمن جو پؤ نہ سڄڻ جو آسرو پر مائي ويچاري سورن ۾ پئجي وئي. هڪڙي ڏينهن چور ۽ سنڌس ٽي همراهہ مائيءَ جي گهر تي آيا، پر اندر وڃڻ جي ڪا واهہ نہ ڏسي گهر کي ڪاٽ هڻڻ لڳا. مائي تہ اڳ ۾ئي خبردار هئي، تنهن جو ڪڙڪو ٻڌو سو پڪ ٿيس تہ چور اچي رسيا آهن. هن چاڪيو جو هڪ تيز پاڪي کڻي ان پٽ وٽ تي، بيٺي، جنهن کي ڪاٽ پئي لڳو. جڏهن ڪاٽ پورو ٿيو تڏهن هڪڙي چور منهن اندر ڪيو. مائي جهٽ هڻي هن جو نڪ چپ وڍي ورتو. چور وٺي پاڻ کي پنيان اڇلايو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو تہ "اندر شايد ٻاهرا ڊنگر آهن، آئون ڪونہ ويندس. انهيءَ تي ٻئي چيو تہ "تون ڪو هيردل آهين، ائين چئي هن منهن سوراخ ۾ وڌو تہ مائي هن سان بہ ساڳي ڪار ڪئي. اهڙيءَ طرح مائي چئن ئي چورن جا نڪ چپ وڍي ورتا. اتي چورن پاڻ سنڀاليو. ڏسن تہ نڪ چپ وڍيا پيا آهن. ڏاڍا شرمسار ٿيا ۽ گڏجي انجام ڪيائون تہ وري چوري نہ ڪنداسون. ان ڏينهن کان پوءِ اهي چار ئي يار بيلي مان ڪائيون ۽ ڏاڪ وڍي وڪڻي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا.

انهيءَ وچ ۾ بہ مهينا گذري ويا، مائي ڏٺو تہ مامو هاڻي اچيئي ڪونہ ٿو سو هڪڙي ڏينهن مڙس کان موڪلائي هنن چورن جي ڳولا ۾

نڪتي. پڇائيندي پڇائيندي آخر ڏس مليس ته اهي چور سڄو ڏينهن ٻيلي ۾ ڪاٺيون ڪندا آهن ۽ شام جو فلاڻي پوڙهي وٽ اچي رهندا آهن. مائي ڏس وٺي سڌوان پوڙهيءَ وٽ آئي ۽ اچي چيائينس ته "ناني! خوش ته آهين؟ مامو ڪونه ٿو ڏسجي؟" پوڙهيءَ چيس ته "اڙي اما! اهي ويا آهن، ٻيلي مان ڪاٺيون ۽ ڏاڪ ڪرڻ، پر تون ڪير آهين؟" هن مائيءَ ٻڌايو ته "آئون وڏي چور جي ڀاڻيجي آهيان. گهڻن ڏينهن کان مامي کي ڪونه ڏٺو هئم سوچيم ته اڄ ڏسي اچانس." پوڙهي کيس عزت ڏئي ويهاريو ۽ خير عافيت ڪئي. جڏهن ماني پچائڻ جو وقت ٿيو تڏهن مائي چيو ته "ناني! اڄ تون آرام ڪر ته آئون ٿي ماني پچايان. تون رڳو مامي جن کي ماني ڏيئي اچجئين ۽ منهنجي اچڻ جي به خبر ڏجئين." پوءِ مائي ماني پچائي ٻوڙ رڌي تيار ڪيو ۽ دٻڪي ۾ چورن جا نڪ چپ رکي انهن جي مٿان مانيون رکي پوڙهيءَ کي ڏنائين ته وڃي ماني ڏيئي اچ. پوڙهي ويئي ماني ڏيڻ، پٺيان مائي سڄي گهر کي ڦلهوري هڪڙي ڪنڊ مان ناڻي جو ڀوريل ديڳڙو وڃي هٿ ڪيو جنهن مان ناڻو ڪڍي ديڳڙو اتي ئي ڦٽو ڪري اتي پنڌ پيئي.

پوڙهي جڏهن چورن وٽ پهتي، تڏهن هن کان نياپو ڏيڻ وسري ويو ۽ چور به ماني کائڻ ۾ جنبي ويا. ماني کائيندي ڏسن ته دٻڪي جي تري ۾ نڪ چپ رکيا آهن. انهيءَ تي وڏي چور پوڙهي کان پڇيو ته "ماسي هيءَ ڇا آهي؟ ڪو ماڻهو گهر ۾ آيو آهي ڇا؟" تنهن تي پوڙهي چيو ته "ابا! مون کان ڳالهه وسري ويئي. تنهنجي ڀاڻيجي آئي آهي." چورن جا اها ڳالهه ٻڌي سو پڪ ٿين ته مائي ضرور ڪا حرڪت ڪري ويئي هوندي، سو اتي گهر ڏانهن ڀڳا ۽ اچي ڏسن ته ڏن وارو ديڳڙو پٽ تي پيو آهي ۽ مائي ٺهي ئي ڪانه. همراهن جا ڇيهه ئي ڇڄي پيا. صلاح ڪيائون ته مائي وٽ ميڙ ڪري پلو سونهارو ڪٽي هلجي نه ته هوءَ جند اصل ڪانه ڇڏيندي. آخر هڪڙي ڏينهن چارئي چور مائيءَ وٽ آيا ۽ هن کان معافي ورتائون. مائي وڏي چور کي چيو ته "تون ته آهين منهنجو مامو، تنهنڪري پنهنجا ٿيا سڄي عمر جا جهيڙا. باقي ٻيا پلي معافي وٺن." هن وراڻيس ته "مائي هن قرآن جي محابي مونکي به بخش ڪر." انهيءَ تي مائي ڪٽي ماٺ ڪئي پر ايترو چيائينس ته "تون به بس ڪئي پر چوراڻيل مال ڪنهن به صورت ۾ اوهان کي نه ڏيندس." چورن به لاچار اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ اهڙي طرح هنن جي جند آزاد ٿي.

باب يارهون

بيوقوفن جون ڪهاڻيون

اياڻو حڪيم

هڪڙي اياڻي ماڻهوءَ کي حڪمت سکڻ جو اچي شوق ٿيو. هو هڪڙي حڪيم وٽ ويو ۽ کيس حڪمت سيکارڻ لاءِ ڏاڍي منٿ ميڙ ڪيائين. حڪيم چئي ته "ٻچا! حڪمت سکڻ سولي نه آهي، جو توکي هڪدم سيکاريان. هاڻي تون مون وٽ نوڪري ڪر، پوءِ آهستي آهستي ڪم مان واقف ٿي ويندين." اياڻي هن کي چيو ته "جيئن چوندين تيئن ڪندس، مونکي رڳو حڪمت سيکار." پوءِ حڪيم هن ماڻهو کي دوائن ڪُٽڻ جي ڪم تي رکيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ هڪڙي جٽ جي ڏاچي بيمار ٿي پئي. هن ڏاچيءَ جا گهڻائي علاج ڪيا پر ڏاچي چاق نه ٿي. ڏاچي هئي تمام پلي، جنهنڪري جٽ کي ڳڻتي ٿي پئي. ٻي واهه نه ڏسي جٽ پنهنجي ڏاچيءَ کي حڪيم وٽ وٺي آيو. حڪيم ڏاچيءَ جي چڱي طرح تپاس ڪئي. ڏاچيءَ جي ڳچيءَ کي چڪاس ڪندي هن جٽ کان پڇيو ته "هيءَ ڏاچي ڪالهه يا ٽيون ڏينهن گدرن جي واڙي ۾ ته ڪانه وئي هئي. جٽ چيو ته "هائو. ٽيون ڏينهن برابر گدرن جي واڙي ۾ وئي هئي." حڪيم کي پڪ ٿي ته ڏاچي جي نرڙيءَ ۾ گدرو ڦاسي پيو آهي. سو ڏاچيءَ جو وات کولي نڙيءَ تي زور سان ڌڪ هنيائين ته گدرو ٻاهر وچي پٽ تي ڪريو. پوءِ حڪيم جٽ کي چيو ته ڏاچي هاڻ چاق آهي، جٽ کيس پيسا ڏئي دعائون ڪندو ڏاچي ڪاهي هليو ويو.

انهيءَ اياڻي جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو ته ڪيئن نه حڪيم ڏاچيءَ جو

علاج ڪري ٿوري دير ۾ پيسا ڪمائي ورتا. هن ڪي پڪ ٿي ته سچي حڪمت انهي مڪ ۾ آهي، سو حڪيم جي نوڪري ڇڏي ڪانئس موڪلائي گهر روانو ٿيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪي دوائون هٿ ۾ ٻڌي هڪڙي طرف روانو ٿيو. هلندي هلندي اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو ۽ اتي جي ماڻهن کي ٻڌايائين ته "آئون حڪيم آهيان، ڪوبه بيمار هجي ته ان جو علاج ڪندس." ماڻهن چيس ته "اسان جي ڳوٺ ۾ هڪڙي پيرزي ٻن مهينن کان سخت بيمار آهي. چڱو ٿيو جوتون آئين. اسين هينئر حڪيم ڏانهن ڪٽي ٿي وياسين." پوءِ ته انهيءَ ماڻهو کي پوڙهيءَ واري جهوپڙي ۾ وٺي ويا. پوڙهي ويچاري بيماريءَ سبب گهڻو ضعيف ٿي وئي هئي. هن ماڻهن کان پڇيو ته "هي پوڙهي ڪالهه يا ٽيون ڏينهن گدرن جي ڪنهن واڙي ۾ وئي هئي ڇا؟" ماڻهن چيو ته "هيءَ ويچاري ته ٻن مهينن کان بيمار پئي آهي ۽ ڪيڏانهن به ڪانه نڪتي آهي." هن چيو ته "پوءِ مون وٽ هن جو ڪوبه علاج ڪونهي. باقي جي چوندؤ ته هو گدرن جي واڙي ۾ وئي هئي ته پوءِ آئون هن جو علاج ڪندس." ماڻهو ويچارا ڏاڍو ششدر ٿيا ۽ لاچار ٿي چيائون ته "ادا! برابر، پوڙهي گدرن جي واڙي ۾ وئي هئي." اهو ٻڌي هن پوڙهي جو وات کوليو ۽ ڪنڌ ۾ زور سان ڌڪ هنيو. هڪ ٺي مڪ سان پوڙهيءَ ويچاريءَ جو ڪنڌ ڀڄي پيو ۽ مري وئي. اهو حال ڏسي ڳوٺ جا ماڻهو اچي حڪيم تي ڪاوڙيا. هن کي چيائون ته "اسان توکي وڌيڪ ڪجهه به ڪونه ٿا چئون، رڳو ٽڪريءَ تي هلي پوڙهي لاءِ قبر کوٽي ڏي." ٽڪريءَ تي جبل هو ٽڪڙو سو صبح کان وٺي شام تائين محنت ڪري مس مس قبر کوٽي تيار ڪيائين. پوءِ جند ڇڏائي وٺي ڀڳو.

اياڻو حڪيم پنڌ ڪندو ڪندو اچي هڪڙي ٻئي ڳوٺ ۾ پهتو. اتي به ماڻهن کي ٻڌايائين ته "آئون حڪيم آهيان." انهي ڳوٺ ۾ به ڪو هڪڙو ماڻهو بيمار هو تنهن کي حڪيم ڏانهن ڪٽي ٿي ويا. ماڻهن چيو ته "حڪيم! تمام پوري وقت تي پهتو آهين. هل هلي اسان جي ماڻهوءَ جو علاج ڪر." هن مريض کي وڃي ڏٺو ۽ ان جي چڱي طرح تپاس ڪري چيائين ته "آئون هن جو علاج ڪندس پر پهرين مونکي ٻڌايو ته هتي جي زمين نرم آهي يا سخت؟" انهيءَ تي ماڻهو مٿس ڏاڍو ڪاوڙيا ۽ ڪيس چريو سمجهي ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون.

عقل جو انڌو

هڪڙي ماڻهو ڇا ڪيو جو ٻير جي وڻ تي چڙهي ان کي ٽاڻ واري پاسي کان ڪپڻ لڳو. ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو اچي لنگهيو جنهن هن کي ڏسي چيو ته "اڙي چريا! ائين ڪيئن تو ٻير وڍين! ڪري پوندين." هن جواب ڏنو ته "منهنجو پيءُ به ائين ٻير وڍيندو هو." واٽهڙو گهڻو ئي سمجهايس، پر هن شخص نه مڃيو. لاچار مسافر پنهنجي واٽ وٺي اڳتي هليو ته پٺيان هن ماڻهو اچي پٽ تي ڌهڪو ڪيو. اتي هن کي خيال ٿيو ته اهو شخص ڪو ولي الله هو جنهن کي منهنجي ڪرڻ جي اڳواٽ خبر پيئي، هاڻي ڇو نه هن کي هٿ ڪري پڇانس ته "منهنجي عمر ڪيتري آهي. ڪڏهن مرندس!" اهو خيال ڪري ڊوڙندو اچي هن جي پيرن تي ڪريو. چي "قبلا! تون وڏو ولي آهين، مهرباني ڪري مونکي ٻڌاءِ ته آئون ڪڏهن مرندس." مسافر ويچاري گهڻو ئي چيو ته "مونکي اها خبر ڪانهي." پر هي ڇڏيس ڇو ٿو. آخر هن پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ ڇا ڪيو جو ڪچي سٽ جو هڪڙو ڌاڳو ڪٽي هن جي پيٽ تي ٻڌو ۽ چيائينس ته "جڏهن اهو ڌاڳو ٽٽندو تڏهن مرندين." هو بي عقل خوش ٿي واپس گهر آيو. ان وقت جوٽس وڃي ماني پچائي. هن کي به لڳي هئي بک سو ماني کائڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهه پيٽ ڀريس ته ڪچو ڌاڳو ٽٽي پيو. انهيءَ تي هن سمجهيو ته هاڻي آئون مري ويس، سو زال کي چوڻ لڳو ته "آئون مري ويو آهيان، تون ويهي روءُ." زال چيس ته "تون چڱو ڀلو ويٺو آهين، آئون ڇو روئان؟" زال جو جواب ٻڌي هن نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم پادر کڻي اٿيو ويچاري زال کي ڪٽي اڌ مئو ڪري ڇڏيائين. تڏهن جوٽس ويهي رنو ۽ هي مات ڪري سمهي پيو. مائيءَ جي روئڻ تي اوڙي پاڙي وارا اچي گڏ ٿيا ۽ پڇيائونس ته "ڇو ٿي روئين؟" زال چيو ته "منهنجو مڙس مري ويو آهي، تنهنڪري پئي روئان." ماڻهو هن کي مئل سمجهي ٽڙ ڏئي قبرستان کنيو پئي ويا. انهيءَ تي اياڻو ڪنڌ کڻي چوڻ لڳو

تہ ”چريا! واٽ ڀليا آهيو. اسين بابي کي هن واٽ تان ڪٽي مقام ڏانهن ويا هئاسون ۽ مونکي وري هن واٽ تان ڪٽي ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“ ماڻهن سمجهيو تہ هي مردو ڦري جن ٿيو آهي، تنهنڪري هن کي اتي ئي اڇلائي ڀڄي ويا.

هو سڄو ڏينهن اتي ئي پيو هو مٿان اچي رات ٿي. مقام جي ڀرسان ڪو رستو هو اتان هڪڙو مسافر اچي لانگهائو ٿيو. مقام وٽ اچي مسافر ختمو ڏئي دعا گهري تہ ”اي سچي دنيا وارا! دعاڳو رهجو تہ خير سان گهر پهچان“. اياڻي اهو ٻڌي مسافر کي چيو تہ ”ڊپ نہ ڪر، آئون توسان گڏجي ٿو هلان.“ پوءِ ٻيئي ڄڻا روانا ٿيا. مسافر جي مٿي تي گيهہ جو دلو هو. ڪجهہ پنڌ هلڻ بعد هو ٿڪجي پيو سو هن کي چيائين تہ ”هاڻي شهر ويجهو آهي، تون ڪٽائي هلين تہ رهيو ڏيندوسانءِ.“ اياڻي چيو تہ ”چڱو“، سو هن کان دلو وٺي مٿي تي رکي هلڻ لڳو.

هن واٽ تي دل ۾ خيال ڪيو تہ دلي جي ڪٽائيءَ جو رهيو ملندو ان مان واپار ڪندس. جڏهن گهڻا پئسا گڏ ٿيندا تڏهن ٻہ زالون پرڻبس، پوءِ هڪڙي ٿيندي ڏهاڳڻ ۽ ٻي ٿيندي سهاڳڻ. سهاڳڻ جو پٽ اچي مونکي سڏ ڪندو تہ بابا! هلي ماني کاءُ تہ آئون چوندس تہ اڃهو ٿو اچان ۽ جڏهن ڏهاڳڻ جو پٽ اچي چوندو تہ بابا! هلي ماني کاءُ! تہ آئون ڪنڌ لوڏي چوندس تہ ڪونہ ٿو اچان.“ اهو خيال ڪري پاڻيان تہ سچ پچ ڏهاڳڻ جو پٽ ماني لاءِ سڏي ٿو سو جهڙو ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪيائين. تهڙو دلو وڃي پٽ تي ڪريو ۽ سمورو گيهہ هارجي ويو. مسافر چيس تہ ”هي ڇا ڪيئي؟ منهنجو سڀ گيهہ هاري وڌيئي!“ اياڻي چيس تہ ”تنهنجو تہ رڳو گيهہ ويو پر منهنجو تہ نهيل نڪيل گهر پٽن ۽ زالن سميت چٽ ٿي ويو.“ مسافر ڏٺو تہ ڪنهن چرئي سان پنارو پيو آهي، سو ڪيس جهلي انصاف لاءِ چڱي مڙس وٽ وٺي ويو.

چڱو مڙس اڳيئي ڪم ۾ رڌل هو سو هنن جي ڳالهہ ٻڌي چيائين تہ ”ويهو تہ اوهان جو انصاف ڪريان ٿو“. پوءِ اياڻي کي چيائين تہ ”منهنجو گهوڙو اجايل بيٺو آهي، ان کي درياءَ مان پاڻي پياري اچ.“ انهيءَ وچ ۾ آئون بہ واندو ٿي ويهان. پوءِ اوهان جو انصاف ڪندس. هو گهوڙي کي اندر ڊاريائين تہ گهوڙو ٻڏي ويو ۽ هو موٽي آيو.

چڳي مڙس پڇيس تہ "گهوڙو ڪٿي؟" جواب ڏنائين تہ "سائين گهوڙو درياءَ مان نڪري ئي نٿو. تنهنڪري آئون موٽي آيو آهيان." چڳو مڙس جو گهوڙي سان ڏاڍو پيار هو، سو تڪڙ ۾ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ هن کي چيائين تہ "هلي ڏيکار تہ گهوڙو ڪٿي آهي." ٻيئي ڄڻا دريا ڏانهن روانا ٿيا. ڏسن تہ گهوڙو آهي ئي ڪونہ. هنن اياڻي کان پڇيو تہ "گهوڙو ڪٿي؟" اياڻي هٿ سان اشارو ڪري چيو تہ "او هتي." چڳي مڙس گهڻو ئي نهاريو پر گهوڙو نہ ڏسي سگهيو. تڏهن هن کي دڙڪو ڏئي چيائين تہ "پورو هنڌ ڏيکار نہ تہ ڪل لهرائي ڇڏيندوسانءِ." هن جواب ڏنو تہ "سائين! ڀلا پنهنجي ترار ڏي تہ پوري جاءِ ڏيکاريانءِ. چڳو مڙس هڪدم پنهنجي سوني ترار ڇيلهہ مان ڇوڙي هن کي ڏني. هن تلوار وٺي گهوماٽو ڪري پاڻي ۾ اڇلائي چيو تہ "سائين! جتي تلوار وڃي ڪري آهي، اتي گهوڙو آهي." چڳو مڙس سڄي ڳالهہ سمجهي ويو تہ هي تہ ڪو بنهہ چريو آهي. جو گهوڙو بہ ٻوڙي آيو ۽ ترار بہ ڪٽي پاڻيءَ ۾ ڦٽي ڪيائين. پوءِ هن کي ڏاڍا موچڙا هڻائي ٽڙائي ڪڍيائين.

Scanned with CamScanner

اياڻي زال

هڪڙي اياڻي زال کي مڙس اچي چيو "مني! زال کي گهر جي چئني ڪنڊن ۾ ديد هوندي آهي. تون اهڙي چري آهين، جو گهر جو ڪو خيال ئي ڪونه اٿئي." ٻئي ڏينهن مڙس اچي ڏسي ته اياڻي زال رڳو گهر جي ڪنڊن ۾ پئي نهاري، باقي ڪو ڪم ڪار ڪريئي ڪانه ٿي. مڙس کيس خوب موچڙا هنيا ۽ پنهنجي منهن چيائين "چنڊي رن مان اچي ڦاٿو آهيان، زال ذات گهر جي ٽوٽي ٽيندي آهي." ٽئين ڏينهن جڏهن هي گهر آيو تڏهن ڇا ڏسي ته سندس زال هڪ ٽوٽي گهر مان ڪڍي اچلي آهي ۽ انهي جاءِ تي پاڻ ڪلهو ڏيو بيٺي آهي. مڙس کيس وري به خوب مار ڏني ۽ چيائينس ته "اڄڪي تون گهر ۾ نه رهجئين پر مون سان گڏ پوک تي هلج."

صبح جو مڙس زال کي کوهه تي ويهاري چيو ته "هاڻي نار تي ويهي ڏاند هڪل ته مان شهر مان پورهيو ڪري اچان." ٿوري دير گذري ته ڏاند مٽڻ لڳو. اياڻي زال ڀانيو ته ڏاند جي ٽينڊي نڪري پئي آهي، سو ڪپڙا ڦاڙي سندس پيشاب روڪڻ لڳي. ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو ڏٻرو ۽ ڪراڙو ڏاند ڪاهي اتان اچي لنگهيو. هن خيال ڪيو ته هي ڏاند ته هاڻي بيڪار آهي، ڇو نه سودو ڪري ڏاند مٽائي وٺان. اهو خيال ڪري هن انهيءَ ماڻهو کي چيو ته "ادا! هي ڏاند تون وٺ ۽ اهو مونکي ڏي." هن ماڻهوءَ کي ته موج ٿي پئي. سو يڪدم پنهنجو ڏاند اتي ڇڏي اياڻي زال وارو ڏاند ڪاهي روانو ٿي ويو.

شام جو مڙس اچي ڏسي ته پنهنجي پلي ڏاند جي عيوض هڪڙو ڏٻرو ڏاند بيٺو آهي. زال کان پڇيائين. جنهن ڏاند جي ٽينڊي نڪري پوڻ وارو قصو کيس ٻڌايو. مڙس وري به ڏاڍي مار ڏنس. آخر ڪجهه ڪيهه کيس ڏيئي چيائين ته "آئيندي ٻيو ڪم توتي معاف آهي رڳو سٽ ڪتيندي رهه." اياڻي زال ڪتڻ جي ٻرن مان چرڙاٽ ٻڌندي هئي. هن جي خيال ۾ ته شايد اهي چرخو پيا هلائين سو ڇا ڪيائين جو

ڪپهه وچي ڪئن جي ٻرن ۾ اچلي آئي. ڪجهه ڏينهن بعد مڙسس ڪئن جي ٻرن ڏانهن وڃڻ لڳي. سڏ بابت پڇا ڪئي. هيءَ يڪدم ڪئن جي ٻرن ڏانهن وڃڻ لڳي. مڙس پڇيس ته "رن! ڪيڏانهن ٿي وڃين؟" جواب ۾ پنهنجي ڏاهپ ٻڌايائين ته "ڪئن کي سٽ ڪتڻ لاءِ ڏنو اٿم. اهو ڪتڻ تي وڃان." مڙس سندس پوري ڳالهه ٻڌي ٻه ڪانه ۾ اچي ورتائينس، هٽي هڏ گڏ پچي ڇڏيائينس. هن کي پڪ هئي ته ڪئن ضرور سٽ ڪتيو هوندو سو مڙس کان لڪي وڃي ٻر کوٽڻ لڳي. ڏسي ته اتي هڪ سوني سر پئي آهي. هيءَ اها سر ڪڍي مڙس کي ڏيکارڻ لڳي ته کهڙي نه پڪي ۽ سهڻي سر آهي. مڙسس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ زال کي چيائين ته "اها لڪائي رک انهي مان اٺ گهوڙا وٺنداسين.

ٻئي ڏينهن تي ڪو ڪنيار مٿيءَ جا اٺ گهوڙا ۽ رانديڪا ٺاهي اچي سندس گهر وٽان لنگهيو. هن ڇا ڪيو جو هن جو هوڪو ٻڌي اها سر ڪڍي آئي. ڪنيار يڪدم رانديڪن جي ڪاري هن کي ڏئي پاڻ سوني سر ڪڍي راهي ٿي ويو. اياڻي زال اهي اٺ گهوڙا نوڙين سان ٻڌي گهر جي اڱڻ ۾ ڪلا هڻي انهن سان ٻڌي ڪين گاهه وجهڻ لڳي ۽ پوءِ سونٺي ڪڍي اچي گهنڊيءَ جي منهن تي ويٺي. جڏهن سندس مڙس گهر جي ويجهو آيو تڏهن ان کي هڪل ڪري چيائين "ماريا! آهستي اچجان متان اٺ گهوڙا ٺاهه ڪائين." جڏهن مڙس پڇا ڪيس تڏهن هو سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. مڙس ته اڳيئي ماري ماري اچي ٿڪو هو. تنهن ڇا ڪيو جو وڃي ٻي شادي ڪيائين. جڏهن زال پرڻجي آيو تڏهن ان سان صلاح بيهاريائين ته هتان لڏي هلجي ۽ هن کي ڇڏي هلجي. اياڻي زال به هنن جي صلاح ٻڌي ورتي، سا سوچڻ لڳي ته ڪهڙيءَ طرح انهن سان گڏجي وڃان.

جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو تڏهن سندس مڙس ۽ پهاج سامان سنيرائڻ لڳا ۽ اياڻي زال کي چيائون ته "بازار مان سودو وٺي اچ!" هوءَ اتکل تي ٿورو ٻاهر وڃي وري يڪدم واپس آئي ۽ هڪڙي تڏي ۾ ويڙهجي سمهي رهي. مڙسس ٿيڙ گاڏيءَ ۾ وڌا ۽ پوءِ زال مڙس تڪڙ ۾ وڃڻ لڳا. جتي رات اچي پين اتي ٿيڙ لاهي رات رهڻ جا سعيا ڪرڻ لڳا. وڇائڻ لاءِ هڪڙو تڏو کوليائون ته اياڻي زال به ٽپ ڏيئي اتي ويٺي. مڙسس

حيران ٿي ويو. هوءَ وڃي هڪڙي دڙي تي ويٺي ۽ ماڪوڙن سان راند ڪرڻ لڳي. ماڪوڙن کي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو ڏسي چوڻ لڳي، هيڏانهن نہ وڃجئين. هوڏانهن نہ وڃجئين. مڇارڻ اتي ڪي چور ويٺا هئا، جن وٽ ناڻي جون پريون ٻڌل هيون. انهن جو اهي لفظ ٻڌا، تن سمجهيو تہ شايد واهرو اچي پهتا آهن. سي يڪدم ڀڄڻ لڳا. انهيءَ ڪڙڪي تي اياڻي زال بہ اتي پهتي ۽ رپين جو ڍڳ ڏسي هڪ بہ رپيو ڪٽي اچي مڙس کي ڏيکاريائين ۽ چيائين تہ "هڙين نڪرين جون ست پريون پيون آهن." هن جو مڙس وڃي ڏسي تہ برابر ناڻي جو ڍير لڳو پيو آهي، پوءِ اهي سڀ ڏوڪڙ گاڏيءَ ۾ وجهي هڪڙي شهر جي ٻاهران اچي پهتو ۽ اتي ناڻو پوري هڪ جهوپڙي نهرائي اتي اياڻي زال کي ويهاري هڪڙو اقڙاتو ۽ پاڻيءَ جو گلاس پري جهوپڙي تي چڙهي ويو. اتان پاڻي جا ڦڙا ۽ اقراتي جا پور هيٺ ڪيرائڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن اياڻي زال شهر ۾ گهمڻ وئي. اتي ماڻهن ۾ انهيءَ چوري جي پڇار ٻڌي چيائين تہ "اها دولت تہ منهنجي مڙس وٽ پئي آهي." ماڻهن يڪدم ڪٽي اعتبار ڪيو ۽ هن سان گڏجي سندس مڙس وٽ آيا. مڙسس انهن کي چيو تہ "اوهين پليا آهيو. هن ويچاريءَ جو دماغ درست نہ آهي. اوهين پڇوس تہ پلا ڪڏهن اسان وٽ دنيا آئي." ماڻهن اياڻي زال کان اهو سوال ڪيو. جنهن جواب ڏنو تہ "هيءُ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. مان چري اصل ڪانہ آهيان. جنهن ڏينهن اقراٽن جو مينهن وٺو هو. انهيءَ ڏينهن اسان پريون ڪٽي آيا هئاسين. ماڻهن اياڻي زال کي چريو سمجهي ڇڏي ڏنو. پوءِ مڙسس هن جي اياڻپ تي قياس آڻي ڪيس پالڻ لڳو.

اڍائي بيوقوف

هڪڙو بادشاهه هو جو ڏاڍو اياڻو هو. نت نت نوان بيوقوفيءَ جا حڪم پيو ڪندو هو. سندس وزير ويچارو اهڙن حڪمن جي ڪري بيزار ٿي پيو هو پر ڇا ڪري.. لاچار ڪي آچار ڪونهي.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه وزير کي چيو: اڍائي بيوقوف وٺي اچ نه ته توکي ڦاسي چاڙهائيندس." وزير ڏٺو ته انڪار ڪندس ته ناحق موت جي منهن ۾ ويندس. تنهنڪري عرض ڪيائين ته "جيئندا قبلا! هڪ هفتي جي مهلت ڏيو. هفتي بعد ڪم پورو ڪري ايندس." بادشاهه کيس مهلت ڏني.

وزير ڪچهريءَ مان اٿي گهر آيو. سوچ ويچار ڪري بيوقوف ڳولڻ لاءِ گهران روانو ٿيو. ڪجهه پنڌ ڪرڻ بعد, هڪڙو مسافر سامهون ايندي ڏٺائين. پاڻ ۾ گڏيا. خوش خير و عافيت بعد هن کان پڇيائين ته "ادا! ڪر خبر, ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" تڏهن مسافر چيو ته "ادا! منهنجي زال هئي, جيڪا ٻئي مرد سان بدپيشي ٿي پيئي. مون گهڻو ئي کيس سمجهايو پر هوءَ نه سمجهي. آخر مون ڪڪ ٿي کيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هن جي يار جو گهر منهنجي گهر جي سامهون آهي. جڏهن هوءَ گهر مان نڪتي, تڏهن وڃي پنهنجي يار وٽ ٺهي نڪي ويٺي. هن کي اڄ پٽ ڄائو آهي. هن جو يار ٻاهر ويل آهي, تنهن کي اوڏانهن مبارڪ ڏيڻ پيو وڃان." وزير ڏٺو ته هڙو بيوقوف ڪو بيو, سو کيس وٺي آٽي بادشاهه جي اڳيان حاضر ڪيائين. بادشاهه وزير کان پڇيو ته "بيوقوف آندءِ؟" وزير جواب ڏنو ته "هائو سائين! بادشاهه پڇيو ته ڪيتي آهن؟ وزير چيو ته "سائين! هڪڙو هي آهي. پهريائين هن کان حال احوال وٺو. پوءِ بي ڳالهه." بادشاهه هن کان احوال ورتو. سڄي ڳالهه ٻڌي بادشاهه ٿورو کلي, وزير کي چيو ته : بيشڪ هڪڙو بيوقوف هي آهي, باقي ڏيڍ بيوقوف ڪٿي آهي؟" وزير جواب ڏنو

ته ”جيئندا قبلا! گستاخي معاف، ٻيو بيوقوف تون پاڻ آهين، جنهن مونکي اهڙي بيوقوفي جهڙي ڪم لاءِ حڪم ڏنو.“ بادشاهه ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو ۽ قبول ڪيائين. پر چيائين: باقي اڌ بيوقوف ته آئون پاڻ آهيان جو سمجهه هوندي به توهان جي چوڻ تي بيوقوف ونڻ ويس.“ بادشاهه وزير جو جواب ٻڌي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ وري ڪڏهن اهڙا حڪم ڪونه ڏنائين.

مکڻ جي ماڙي

هڪڙو هو بادشاهہ، جنهن جو پنهنجي راڻيءَ سان ڏاڍو قرب هوندو هو. ايتري قدر جو هوءَ جيڪا ڳالهہ ڪري سا بادشاهہ ضرور پوري ڪندو هو. هڪڙي دفعي راڻيءَ ساڻس مکڻ جي ماڙي نهرائي ڏيڻ جو انگل ڪيو. بادشاهہ حيران ٿي پڇيس تہ ”ايترو مکڻ ڪٿان ايندو جو ماڙي نهي سگهي؟“ تڏهن راڻيءَ چيس تہ ”بادشاهہ سلامت! تون بہ ڪو چريو آهين. جيترو سارو تنهنجو ملڪ، ان ۾ هيترا پاڳيا. رڳو حڪم ڪر تہ اهي سڀ اچي هتي گڏ ٿين. پوءِ حڪم ڏين تہ اوهان وٽ جيڪو مکڻ روز ٿئي سو ڪوتوال کي پهچائي ڇڏيو. جيڪو بہ پاڳيو سڏ تي نہ اچي تنهن کي ڦاسي چاڙهائي ڇڏ.“ ٻئي ڏينهن بادشاهہ راڻيءَ جي چوڻ موجب حڪم ڪيو تہ سڀ پاڳيا پنهنجا پاڻ ڇڏي اچي شهر ۾ گڏ ٿيا. بادشاهہ انهن کي حڪم ڪيو تہ ”اوهان وٽ جيترو بہ مکڻ ٿئي، سو مون کي آڻي ڏيندا ڪريو.“ ٻئي ڏينهن وري سندس ملڪ ۾ جيڪي ڪاريگر هئا، تن کي گهرائي حڪم ڪيائين تہ ”مونکي مکڻ جي ماڙي ٺهرائڻي آهي، تنهنڪري پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي اڳ ۾ اچي اهو ڪم ڪريو.“ رازن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ هن چرئي بادشاهہ مان ڇڱا اڙياسون. پر هاڻي مڙئي ڪا ڪيڏ ڪري هن مان جند ڇڏائڻي آهي سو هڪڙي صلاح بيهاري گڏجي اچي بادشاهہ وٽ حاضر ٿيا ۽ کيس چيائون تہ ”ڇڱو سائين، هاڻي جهٽ ڪري ماڻهو گهرايو تہ هلي چريون کڻن ۽ مکڻ بہ اچي تہ ڪم شروع ڪريون.“

بادشاهہ جي حڪم سان بڻائون ڪجي ويون ۽ مکڻ بہ اچي ويو رازن مکڻ ڪٽي چرين ۾ وڌو ۽ ڪم کي لڳي ويا. اها صبح جي مهل هئي، جنهنڪري مکڻ اڃا سخت هو ۽ ان جا پنوڙا چرين ۾ پئي پيا. اوساري پئي هلي ۽ رازا ڪم کي لڳا رهيا. پر جڏهن سج ڪجهہ مٿي چڙهيو تہ مکڻ اچي پگهرڻ لڳو ۽ سمورو رجي ويو. رازا هڪدم بادشاهہ

وٽ پهتا ۽ ڪيس چيائون تہ ”بادشاهہ سلامت! مکڻ سمورو سج جي تپش ڪري رجي ويو آهي، هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ تنهن تي بادشاهہ هڪدم پنهنجي گهر آيو ۽ راڻيءَ کي چيائين تہ ”تو چيو هو تہ مکڻ جي ماڙي نهراءِ، سو ڪم تہ پيو هلي، پر ڳالهہ هيءَ آهي تہ مکڻ سمورو رجيو وڃي. هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ راڻيءَ بادشاهہ کي چيو ”بادشاهہ! ڏاڍو ڪو چريو آهين. هي هيترا سارا پکي، جي تنهنجي ملڪ ۾ آهن، تن کي ڪٺي حڪم ڪر تہ سڀ اچي گڏ ٿين ۽ پنهنجا پر پکيڙي بيهن تہ انهن ڇانوَ ۾ ماڙي تيار ٿئي.“ بادشاهہ پکين کي گڏ ٿيڻ جو حڪم ڏنو. پکي پکيءَ جي ذات اچي گڏ ٿي، هنن کي بادشاهہ ڇانوَ ڪري بيهڻ جو حڪم ڏنو. ٻيا سڀ پکي بادشاهہ جي سڏ تي آيا. پر هڪڙو مُوسڙو پکي ڪو نہ آيو. ٻئي ڏينهن موسڙو بہ اچي پهتو. بادشاهہ پڇيس ”اڙي موسڙا! خبر ڏي، ڪالهہ ڇو ڪو نہ آئين؟“ موسڙي جواب ڏنو ”سائين! ڪالهہ اسان وٽ پنهنجي برادريءَ جو فيصلو هو تنهنڪري نہ آيس. بادشاهہ پڇيو تہ ”وري ڪهڙو فيصلو اچي ڦاٿو هو؟“ تڏهن موسڙي جواب ڏنو: سائين! اسين پنهنجا پاڻ ۾ اچي تڪرياسين، هڪڙا چون تہ مڙس گهڻا آهن ۽ ٻيا چون تہ نہ. زالون گهڻيون آهن.“ تنهن تي بادشاهہ پڇيو ”نيٺ پوءِ ڇا ٿيو؟“ موسڙي چيو: سائين! ڳٽپ ڪئيسين تہ جيڪي مڙس زالن جي چوڻ تي لڳا، انهن کي بہ ڳڻيوسين زالون ڪري. انهيءَ ڪري زالون وڌي ويون.“

بادشاهہ دل ۾ خيال ڪيو تہ آءٌ هيءَ ماڙي بہ تہ پنهنجي راڻيءَ جي چوڻ تي پيو نهرايان. سو انهيءَ ڳالهہ ۾ تہ آءٌ بہ سچ پچ ٿيس زال. سو يڪدم رازن کي موڪل ڏيئي ڇڏيائين ۽ محل ۾ وڃي راڻيءَ سان چڱي جٺ ڪيائين. آخر راڻي بہ پنهنجي اجاين انگلن کان توبهہ ڪئي، ۽ بادشاهہ پنهنجي ملڪ سينالڻ کي لڳي ويو.

باب ٻارھون

پکين ۽ جانورن جون ڪھاڻيون

مير خان ٻاٻوڙي

هڪڙو گدڙ هڪ ڏينهن شڪار جي تلاش ڪندي، شهر ۾ وڃي نڪتو. هڪڙي هنڌ ڪيس ڪڪڙين جي ”ڪَر ڪَر“ ٻڌڻ ۾ آئي، سو ڪتن کان نظر بچائيندو اوڏانهن وڌيو. رات جو وڳڙو هن جو خيال سارو هو ڪڪڙين ۾، پر ته اُتي ڪنهن ڪنيءَ جو نير جو ڪُن ٿهيل هجي، سوڏو وڃي اُن ڪُن ۾ ڪِيائين. پاڻيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جي آواز تي ڪتن ٻه ڪن ڪڙا ڪيا، پر جيستائين ڪتا پهچن تيستائين گدڙ ڪُن مان ٻاهر نڪري، رکيو پيرن تي زور ۽ وڃي جهنگ ۾ دم پٽيائين. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين ته ڪتا ته ڪونهن، نيٺ جڏهن دلجاءِ ٿيس، تڏهن پنهنجي بدن کي ڏسڻ لڳو. ڏسي ڪٿي ته سڄي بدن جو رنگ نيرو ٿي پيو آهي. آخر دل ۾ پڇ پڇائي جهنگ ڏانهن روانو ٿيو.

جهنگ ۾ گهمندي گهمندي، اوچتو وڃي هڪڙي شينهن جي غار مٿان بيٺو. اُن ۾ شينهڻ کي اڪيلو ويٺل ڏسي، ٻت ڪانڊاري ڪڙڪيدار آواز ۾ پڇيائين ته ”ڪير آهين؟“ شينهڻ جواب ڏنس ته ”اسين شينهن، جهنگل جا بادشاهه آهيون، پر تون ڪير آهين، جو سيتجي اچي اسان جي گهر جي مٿان بيٺو آهين؟ حياتيءَ جو خير گهرين ته هتان هليو وڃ نه ته منهنجو نَر آيو ته لقموئي هڪڙو ڪندءِ،“ گدڙ ڪڙڪي مان چيس ته ”مان آهيان مير خان ٻاٻوڙي، پچندو آهيان ستن شينهن جي ڪوڙي. اچڻ ڏي پنهنجي نَر کي ته مزو

چڪايانس." شينهڻ اهو جواب ٻڌي ڏڪي ويئي ۽ ڊپ وچان ٻاهر نڪري، ڪنڌ هيٺ ڪري، گدڙ ڪان ٿورو پرڀرو ٿي بيٺي. اجا هي انهن ئي ڳالهين ۾ هئا ته اوچتو شينهن به پيچ مان نڪاءُ ڪيائي، گجڪار ڪري اچي غار مٿان ڪڙڪيو. گدڙ شينهن کي ڏسي دل جهلي نه سگهيو ۽ وٺي ڀڳو. گدڙ کي ڀڄندو ڏسي شينهڻ هڪل ڪري چيس ته "مير خان، ڪاڏي ٿو وڃين؟ ترس ته سهي، مهماني ڪايو وڃ."

گدڙ جي ڀاڄ تي شينهن به سندس پويان پيو. گدڙ اڳيان ته شينهن پٺيان. نيٺ شينهن اچي ويجهو پيس. گدڙ هراس وچان دگ ڇڏي جهنگ ۾ ڪاهي پيو ۽ لئيءَ لاٽيءَ جي مٿان ڪينهوڙي جيان ٽپندو ڦرندو پئي ويو پر شينهن به سندس پٺ نه ڇڏي. آخر گدڙ کي شينهن جي ايڏي اچي تڙپيڙ پيئي، جو هڪڙي سڪل وڻ جو ڇڱو وڏو ٽُڙ هو اُن جي مٿان وٺي ٻـُـل ڏنائين، ته شينهن به گدڙ جي پويان ٻـُـل ڏنو. گدڙ ٽپي ويو پر شينهن پنهنجو پاڻ اچلي نه سگهيو جنهنڪري اُن سڪل ٽُـڙ جو انگهو شينهن جي پيٽ ۾ چُڀي ويو. شينهن جو پيٽ ڦاٽي پيو ۽ تنگجي ساهه ڏنائين. گدڙ جڏهن شينهن کي ان طرح تنگيل ڏٺو سو ڏاڍو خوش ٿي، سڌو شينهڻ وٽ آيو ۽ اچڻ سان هڪل ڪري چيائيس ته "او رَن! هَل، هلي پنهنجي نَـر جو حال ڏس، جو توڪون پئي ڪيئي ته "مير خان اسان جي مهماني ته ڪاءُ. هاڻي اڄ مان تنهنجو مڙس ۽ تون منهنجي زال مٿان ڪو بيو خيال ڪرين ته مَهٽي نه ڇڏيانءِ." شينهڻ پنهنجي نر جو اهو حال ٻڌي وٺي اوڏانهن ڀڳي. ڇا ڏسي ته مارا شينهن ته برابر وڻ ۾ تنگيو پيو آهي ۽ سندس رت ۾ وڻ سڄو ڳاڙهو ٿيو پيو آهي. اتي شينهڻ جا ڇهه ڇڄي پيا ۽ اچي گدڙ جي آڻ مڃيائين ۽ چيائينس ته "سائين! تون منهنجو نَـر ۽ آءُ تنهنجي مادي. هاڻ جيڏانهن چوين اوڏانهن هلان." گدڙ چيس ته "اسان ٻنهي جو گهر گڏ ۽ هڪ هنڌ نه هوندو، ڇاڪاڻ ته اسين جهنگلي جانورن جا بادشاهه آهيون، ۽ بيو مون کي خاص ڪري شينهن جي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو آهي. جتي شينهن جو ٽولو مليو اتي انهن کي پورو ڪري پيا ڪائينداسون." اتي شينهڻ چيس ته "ميان ميرخان! پنهنجو گهر جوڙڻ ۽ گڏ گذارڻ ضروري آهي، پر جيڪا تنهنجي مرضي." نيٺ گهٽيءَ ريڙهه

پيڙهه کان پوءِ، گدڙ سنڌس رکڻي رکي، ۽ ٻئي اچي هڪڙي گهاٽي جهنگ جي ڪنهن ڳوڙهه ۾ رهڻ لڳا. پوءِ گدڙ جيڏانهن به گهمڻ ڦرڻ يا شڪار ڪرڻ لاءِ ويندو هو ته شينهڻ کي ساڻ ڪري ويندو هو ۽ ٻئي گڏجي شڪار ڪندا هئا.

هڪڙي ڏينهن شينهڻ گدڙ کي چيو ته "منهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي، تنهنڪري اڄ تون وڃ ۽ وڃي شڪار ڪري اچ." گدڙ شينهڻ سان هائوڪار ڪري جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. پر دل ۾ اچي هرکر ٿيس ته هاڻي شڪار ڪيئن ڪريان! انهيءَ سوچ ويچار ۾ هو ته پريان ڏاچين جو هڪ وڳ ڏسڻ ۾ آيس. دل ۾ سرهو ٿيو ۽ هڪ گهيڙ ڏسي، اتي پيشاب ڪري، پيچ سان ترڪڻ ڪري ڇڏيائين. پوءِ وڃي ڏاچين ۾ تاهه وڌائين. جڏهن ڏاچيون اچي انهيءَ گهيڙ مان لنگهيون، تڏهن ٻيون ته سڀ اُڪري ويون، باقي هڪ پوڙهي ڏاچي جو پير ترڪي ويو ۽ گهيڙ ۾ اچي ڦهڪو ڪيائين. گدڙ کي جهٽ لڳي ويو تنهن هڪدم سنڌس پيٽ ڦاڙي وڌو ته ڏاچيءَ اُتي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏنو. گدڙ خيال ڪيو ته هاڻي هيڏو سارو شڪار مون کان ڪيئن ڪڇندو سو ويچار ۾ ويهي رهيو. هوڏانهن شينهڻ به خيال ڪيو ته ماريو اڄاتائين وريو ڪونهي، سا به سنڌس ڳولا ۾ نڪتي. اچي ڏٺائين ته ڏاچي ماريو ويٺو آهي. اتي پڪ ٿيس ته برابر هي ڪا وڏي آفت آهي، جنهن هيڏي ساري ڏاچيءَ کي هٽي ماري رکيو آهي. پوءِ گدڙ کي چيائين ته "هاڻي شڪار کي ڪٽي گهر هلجي." تڏهن گدڙ چيس ته "چڱو هاڻي آئي آهين ته هيءُ شڪار ڪٽي گهر هل." سڄي ڏاچيءَ جو گوشت شينهڻ کنيو باقي اوجهري گدڙ جي ڪٽڻ لاءِ ڇڏيائين. شينهڻ جي وڃڻ کان پوءِ، گدڙ اوجهري ڪٽڻ لاءِ ڏاڍا زور لاتا، پر ڪانئس چُري ئي نه. نيٺ زور لائيندي لائيندي، اوجهريءَ جي هيٺان اچي ويو.

جڏهن ڪافي دير ٿي ۽ گدڙ واپس نه وريو تڏهن شينهڻ وري ساڳيءَ جاءِ تي آئي. اچي ڏسي ته گدڙ آهيئي ڪونه. هيڏانهن هوڏانهن نهاري اوجهريءَ کي کنيائين ته گدڙ ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪتو ۽ شينهڻ کي ڪاوڙجي چوڻ لڳو ته "رَن! توکي خبر ڪانه هئي ته آءٌ ڪانون جي شڪار لاءِ لڪو ويٺو هوس. اڄ دل ٿيم ته پکين جو گوشت کائجي، سو

تو تہ تاهي ڇڏيو. هاڻي انهيءَ ڏنڊ ۾ اوجهري ڪٽي گهر هل، آءٌ پويان ٿو اچان.“ نيٺ شينهڻ اوجهري ڪٽي گهر پهتي ۽ گدڙ آهستي آهستي رمز سان اچي گهر پهتو.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب گدڙ ۽ شينهڻ جيئن جهنگ مان شڪار لاءِ پيچرو ڏئي پئي ويا، تہ اوچتو ڪين شينهن جون گجڪارون ٻڌڻ ۾ آيون. شينهڻ ٻڌايس تہ ”شينهن خوشيءَ ۾ نچڻ ٽپڻ پيا. “اتي گدڙ ڊپ کان ڏڪڻ لڳو تڏهن شينهڻ پڇيس تہ ”ميرخان، خير تہ آهي، ڏڪين ڇو ٿو؟“ گدڙ چيس تہ ”ڳالهہ ٻڌ، جتي بہ مون کي ڪن شينهن جون رڙيون ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن، يا ڪو شينهن ور چڙهندو اٿم تہ منهنجو رت ٽهڪندو آهي ۽ ائين پائيندو آهيان تہ بس اجهو ٿو پورو ڪريانس، سو چڱو پڇئي تہ مون کان ٿورو اڳيرو ٿي هل ۽ چوندي هل تہ ””پري پري ٿي نچو متان گوڏي هيٺان اچو.“ شينهڻ سندس حڪم موجب ڪانئس اٺ ڏهہ وک کن اڳ ۾ ٿي ۽ ائين ئي چوندي هلي. جڏهن هڪڙي شينهن جي ويجهو پهتي ۽ انهيءَ کي هڪل ڪري چيائين تہ ”پري پري ٿي نچو متان گوڏي هيٺان اچو!“ تہ نچندڙ شينهن هن کي هڪل ڪري چيو تہ ”ڪير آهين ڪمبخت! جو اسان جي شادين ۾ اچي خلل وڌو اٿئي؟“ شينهڻ چين تہ ”خبردار، هو ڏسو ٿا؟“ اتي گدڙ ڳچ پنڌ پري ڪنهن دڙي تي ويٺو هو ۽ سڪٽي ڏاڍر ڪيو ويٺو هو. ان کي ڏسي شينهن چيو الاجي ڪير آهي! شينهڻ چين تہ ”اهو اٿو ميرخان پاپوڙي، جو پڇندو آهي سٽن شينهن جي ڪوڙي تنهنڪري هڪدم پڇي وڃو.“ ميرخان ڪيترن شينهن کي وڻ ۾ ٽنگي ماري ڇڏيو آهي. اعتبار نہ اچيَو تہ هلو تہ هلي ڏيکاريانوَ. ائين چئي، شينهڻ هنن کي وٺي وڃي ٽنگيل، شينهن ڏيکاريو جو ڏسي هو سڀ ڏڪڻ لڳا. انهيءَ تي ميرخان جو مٿن رعب ايترو تہ ويٺو جو هن کان ٿورو پرپرو بيهي ۽ جُهڪي ڪيس عرض ڪيائيون تہ ”ميرخان! اسان جي پارت هُجيوَ. اسان اوهان جا ٻچا آهيون، ۽ اسان جي شادي آهي، اوهين مهرباني ڪري اُن ۾ هلي شامل ٿيو ۽ اسان ٻچڙن جي دعوت قبول ڪريو. پوءِ جيڏانهن وڻيوَ اوڏانهن ٻلي وڃو.“ اهو ٻڌي گدڙ کي پيٽ ۾ ڪجهہ ساهہ پيو ۽ هوئڻ جو سُڪل بند جيان ويٺو هو سو سڌو ٿي ۽ ڪاندرجي، ڪُڏ ڏيئي اچي هنن جي وچ ۾ ويٺو.

هر ڪو پيو هن ڪان ڪن هڻي ته متان ڪو پاسو نه لڳي ته مهنجي نه وڃون. اتي هڪڙي شينهن، گدڙ کي عرض ڪيو ته ”مير خان! اجازت هجي ته راڳ ۽ ناچ شروع ٿئي.“ گدڙ ورندي ڏني ته ”يلي، پري پري تي نچو متان گوڏي هيٺان اچو!“ بس پوءِ ته شينهن هنبوڇيءَ ۾ پئجي ويا، ۽ گدڙ شينهڻ سان گڏجي وچ ۾ تي ويهي رهيو. گدڙ کي سڳهو ساهه پيٽ ۾ ڪونه هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٿي نهاريائين ته متان ڪنهن جو پاسو نه لڳي وڃي. شينهن نچي نچي ڪيرا ٿي ڪري پيا، ۽ وري اچي راڳ ڳائڻ لڳا.

راڳ کان پوءِ سڀ شينهن گڏجي گدڙ وٽ آيا ۽ ڪيس عرض ڪيائون ته ”اسان جي ريت آهي ته شاديءَ ۾ جيڪي به مهمان ايندا آهن، انهن کان راڳ ۽ ناچ ڪرائيندا آهيون، پوءِ ٿورو ڪي گهڻو اوهين به مهرباني ڪري نچو.“ گدڙ دل ۾ چيو ته ”بس هاڻي مئس، ڇو ته جي اونائي ڪندس ته هڪدم اوسي پاسي جا گدڙ به اونايون ڪندا ۽ پڄندا ايندا، ۽ پوءِ مٿي پليد ٿي ويندي“ اها ڳالهه ڳڻي، هنن کي چيائين ته ”مان ڳ ضرور ڪندس، پر منهنجي آواز ۾ ايڏو ته رعب آهي، جو هي سڀ رڻ ترڻ، هيٺاهيون مٿاهيون سڀ ڏڪي ويندا، ان ڪري ڪنهن وڏي دڙي تي هلو ته اوهان جي ريت پوري ڪريان.“ ائين چئي، گدڙ سيني کي ڪنهن وڏي واريءَ جي دڙي جي هيٺ ويهاري، پاڻ چڙهي ويو مٿي، ۽ اتي ويهي چوڻ لڳو ته ”خبردار! هاڻي مان راڳ ڪريان ٿو، تنهنڪري اوهين اکيون پوري وٺن کي چنبڙي پئو.“ شينهن ائين ئي ڪيو ته ڪين گدڙ جي اونائي ٻڌڻ ۾ آئي. اکيون پٽي ڏسن ته مارا! هي ته گدڙ هو. گهڻوئي ڪيڏ پيس، پر هي رُوڙ ڪري پڄي اچي هڪڙي وڏي تلاءَ ۾ پيو ۽ اتي خوب ٽٻيون ڏئي پنهنجي بت جي ڪارنهن لاٿائين، ۽ آئيندي لاءِ وري اهڙيءَ حرڪت ڪرڻ کان توبهه ڪيائين.

ڪئي ۽ جهرڪي

هڪڙي هئي ڪُئي، ۽ ٻي هئي جهرڪي. ٻئي پاڻ ۾ سهيليون هيون. هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻيون جهنگ ۾ ويون. اتي هڪڙو ڪونيٽ جو وڻ بيٺو هو جنهن ۾ مٿان ڪؤنر جو هڪ ڳنڊيو نظر آين. هنن جو خيال ٿيو ته ڪنهن به نموني اهو ڪؤنر ضرور ڪائون. جهرڪي ته يڪدم اُڏامي وڃي مٿي ويٺي، پر ڪُئي ويچاري آهستي آهتي مٿي چڙهي ويئي، ۽ پوءِ ٻنهي ڄڻن گڏجي ويهي ڪؤنر ڪاڌو. جڏهن ڪؤنر ڪائي ختم ڪيائون، تڏهن هيٺ لهڻ لڳيون. ڪئي جيئن هيٺ پئي لٿي، تيئن هڪڙو ڪونيٽ جو ڪنڊو هن جي ڪن ۾ اٽڪي پيو ۽ هوءَ وڻ ۾ ٽنگجي پئي. ڪيتري به ڪوشش ڪيائين، پر پاڻ ڇڏائي نه سگهي. جهرڪيءَ ڏٺو ته سهيلي ڦاسي پئي آهي، تنهنڪري يڪدم اُڏامي، چهنب سان ڪنڊو پيچي هن جي جند آزاد ڪرايائين.

ٻئي ڄڻيون گڏجي اڳتي روانيون ٿيون. ڪئي زمين تي هلندي رهي، ۽ جهرڪي مٿان اُڏامندي هلي. رستي ۾ هڪڙو اُٺ چرندو پئي آيو. اتفاق سان ڪئي اُٺ جي پير هيٺان اچي ويئي. ويچاريءَ گهڻيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون، پر اُٺ نه چريو. ڪُئيءَ گهڻي ڪوشش ڪئي، پر پاڻ ڇڏائي نه سگهي. جهرڪيءَ ڏٺو ته هاڻ مرڳو ٿو سهيليءَ جو مٿو وڃي، سو اُڏامي اچي اُٺ جي پڇ ڪي زور سان ٺونگا هڻڻ لڳي، ٺونگن لڳڻ ڪري، اُٺ اڳتي وڌيو ۽ ڪئيءَ جي جند آزاد ٿي.

وري ٿورو اڳتي وڌيون ته هڪڙي ڍڳي گاهه چرندي پئي آئي. ڍڳيءَ ڇيڻو لاٿو ته ڪُئي ڇيڻي هيٺان اچي ويئي. هو گهڻو ئي ڦٿڪي، پر ٻاهر نڪري نه سگهي. جهرڪي وري به ڊوڙي آئي، ۽ ٺونگن سان ڇيڻو پري ڪري، ڪئيءَ کي ٻاهر ڪڍيائين.

وري به ٻئي ڄڻيون اڳتي وڌيون ته واٽ تي هڪڙو پاڻيءَ جو تلاءُ آيو. ٻنهي ڄڻين صلاح ڪئي ته "گهڻي پنڌ ڪرڻ ڪري ٿڪجي پيون آهيون، تنهنڪري ڇو نه تلاءُ ۾ وهنجي ٿڪ لاهيون." اهو سوچي

ٻئي ڄڻيون وهنجڻ لڳيون. اتفاق سان ڪُئي وچي، اونهي پاڻيءَ ۾ پئي، ۽ ٻڏڻ لڳي. پاڻ بچائڻ لاءِ ڦٿڪڻ لڳي. جهرڪيءَ ڏٺو ته ”مار اڄ سهيليءَ جو خير ڪونهي.“ سا اُڏامي ڪئيءَ جي پڇ کي چهنب سان جهلي، گهلي ٻاهر ڪڍي آئي.

اتان اڳيرو هليون ته هڪ ڳوٺ ويجهو آين. ڳوٺ جي پرسان هڪ وڏو وڻ هو. ڪئيءَ، جهرڪيءَ کي چيو ته ”ادي! هاڻي جاڻ ڳوٺ پهتاسين، پر ٿڪ به گهڻو آهي، چو نه هتي ڇانو ۾ ٿورو وقت آرام ڪري پوءِ هلون.“ جهرڪيءَ چيس ته ”ڀلي ادي! جيڪا تنهنجي مرضي. مون کي ته ٿڪ ڪونهي، تون چئين ٿي ته مون کي ڪوبه اعتراض ڪونهي.“ پوءِ هي ٻئي ڄڻيون ڇانو ۾ ويهي رهيون.

رس رهاڻ ڪندي، جهرڪيءَ چيو ته ”ادي ڙي ادي! اڄ مون توکي ڪيترن هنڌن تي بچايو آهي، آءٌ نه هجان ها ته تون شايد سلامت گهر ڪونه پهچين ها.“ ڪئيءَ ڏٺو ته هيءَ ڳوٺ هلي مون کي خوار ڪندي، سو اهڙي ڪا اٽڪل ڪريان، جو هيءَ اهڙي ڳالهه وري نه ڪري. سو ٿورو ويچاري چيائين ته ”ادي! ٻڌاءِ چو تي هڻين؟ تو مون کي ڪٿي بچايو!“ جهرڪيءَ چيو ته ”ڪونيٽ جي ڪنڊي ۾ اٽڪي پيئي هُئين، تڏهن توکي ڪونه ڇڏايم!“ ڪُئيءَ چيو ته ”ڀلي ڙي ڀلي! مون ته ڪن تي ٽوپايا ته صبحاڻي سونا والا نهرائي پائيندس.“ وري جهرڪي چيو ته ”ڀلا، جڏهن اُٺ جي پير هيٺ اچي ويئي هئينءَ، تڏهن توکي ڪونه ڇڏايم!“ ڪئي چيو ته ”اها ته مون چُڪَ تي پيچائي. جهرڪيءَ چيو ته ”ڀلا ڏيڳيءَ جي ڇيڻي هيٺان اچي ويئي هئينءَ، تڏهن؟“ ڪئيءَ چيو ته ”ادي! تون به ڪا بنهه پورڙي آهين، ايترو به نٿي سمجهين ته ميندي لاتي هيم.“ جهرڪيءَ چيو ته ”ڀلا! تازو هينئر تلاءُ ۾ تي ٻڏينءَ، تڏهن جو توکي ٻاهر ڪڍيم.“ ڪئيءَ چيو ته ”اڙي بيوقوف! اهو ته آءٌ تريس پئي، ۽ ٽُٻيون پئي هنيم. آئينده اهڙيون بيوقوفيءَ جون ڳالهيون متان ڪرين، اجايو ماٺهو نه ڪلائين.“ هاڻ ڪئي اُلٽو ويچاري جهرڪيءَ تي ٽوڪون ڪرڻ لڳي. جهرڪيءَ ڏک ۾ پرچي چيس ته ”ادي مون توبهه ڪئي. اڳتي ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه ڪنديس.“ اهو جواب ٻڌي ڪئي ڏاڍو خوش ٿي، ۽ پوءِ ٻئي سهليون گڏجي اچي گهر پهتيون.

گدڙ ۽ شينهن

هڪڙي جهنگ ۾ هڪڙو شينهن رهندو هو جنهن کي سڀ جانور پنهنجو بادشاهه ڪري سمجهندا هئا. اُتي هڪڙو گدڙ به پنهنجي زال ۽ ٻچن سميت هڪڙيءَ ننڍڙيءَ ڏرِ ۾ رهندو هو.

گدڙ جي زال هميشه پنهنجي مڙس کي چوندي هئي ته "آءٌ هن سوڙهيءَ ڏر ۾ ڪانه رهنديس. مون کي ڪنهن به ريت رهڻ لاءِ شينهن جي غار وٺي ڏي، جتي آءٌ ۽ منهنجا ٻچا خلاصا رهي سگهون. جي اها ڳالهه منظور ڪرين ته پوءِ مان تو وٽ رهان، نه ته هلي وينديس." گدڙ ويچارو گهر ۾ جهيڙو ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ زال کي چيائين ته "شينهن پنهنجو توڙي ٻين سيني جانورن جو بادشاهه آهي، اسين غريب ڪيئن ان جو گهر هٿ ڪري سگهنداسون؟ مفت پاڻ کي ۽ مون کي آزار ۾ وجهڻ جا گهاٽ نه گهڙ. ماٺ ڪر، متان شينهن ٻڌي نه وٺي، ۽ پوءِ اسان کي ان گستاخيءَ جي سزا ڏئي." پر گدڙ جي زال پنهنجي هٺ کان هيٺ لهي ئي نه، چي: بس رهنديس ته شينهن واري گهر ۾، نه ته مان هلان ٿي مائٽين." آخرڪار گدڙ زال کي ريجهائي ترسايو ته "انهيءَ ڳالهه جو ڪو بلو ڪريون ٿا، في الحال ته ترس.

هڪڙي ڏينهن، اهو شينهن ڪنهن ڪم سبب ٽن چئن ڏينهن لاءِ ٻاهر ويو ۽ پويان گدڙ جي زال پنهنجن ٻچن ۽ مڙس کي زوريءَ وٺي شينهن جي ڏر ۾ اچي ويهي رهي. گدڙ ويچارو ته ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو ته هاڻي اسان جو الائجي ڪهڙو حال ٿيندو! آخر شينهن جي اچڻ جو وقت ٿيو تڏهن زال کي چيائين ته "شينهن اچڻ وارو آهي، هاڻي اجهو ٿا مرون. توکي ته پنهنجي سر وڃڻ جي پرواهه ڪانهي، پر ناحق منهنجي ۽ منهنجن ٻچن جي به حياتي ٿي وڃائين!" زال جواب ڏنس ته "ڊڄ نه، تون رڳو همت ڪر، جيئن آءٌ توکي چوان تيئن ڪر. جي ائين ڪندين ته شينهن ڀڄي ويندو." ايتري ۾ شينهن به گجگوڙ ڪندو اچي سهڙيو. اتي گدڙ زال کي چيو ته "جلدي ٻڌاءِ ته ڇا ڪرڻ

گھرجي؟“ گداڙيءَ وراڻيو تہ ”ٻڌ. جڏھن شينھن ويجھو ايندو تہ آءٌ ٻچن کي چھنڊڙيون ھڻي روئاڙيندس، پوءِ تون ھڪل ڪري، وڏي آواز سان مون کان پڇج تہ ”چئنچل راڻي“ ٻچڙا ڇو ٿا روئين؟ تہ پوءِ آءٌ پاڻھي توکي جواب ڏيندس. جي شينھن بادشاھہ اھو جواب ٻڌندي ئي ڀڄي جند نہ ڇڏائي تہ پوءِ منھنجيءَ ڳالھہ ۾ گھٽ آھي.“ گدڙ کي انھيءَ تي ڀروسو تہ ڪونہ ٿي آيو پر لاچار ٿي اھا ڳالھہ مڃي، ڏر جي در وٽ لڪي ويھي رھيو.

شينھن جڏھن پنھنجيءَ غار جي ويجھو آيو تہ گداڙيءَ بہ ٻچن کي وٺي چھنڊڙيون ھنيون، جنھنڪري گدڙ جا ٻچڙا روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا، ۽ اُنھن سان گداڙيءَ بہ وٺي دانھون ڪيون، پوءِ تہ سڄو ٻيلو مٿي تي کڻي ڏنائون. اتي گدڙ وڏي آواز سان چيو تہ ”چئنچل راڻي! اڄ منھنجا ٻچا ڇو ٿا روئن؟“ گداڙيءَ جواب ڏنس تہ ”منھنڇا بھادر بادشاھہ! تنھنجا ٻچا ھينئر شينھن جو تازو گوشت کائڻ لاءِ گھرن ٿا، پنھنجي لشڪر کي حڪم ڏيو تہ جلد شينھن کي ماري، ٽُڪر ٽُڪر ڪري کڻي اچن.“ شينھن جو ان وقت دروازي تي اچي پھتو ھو تنھن، جو اھي لفظ ٻڌا، سو موت جي ڊپ کان مٺيون ڀيڙي وٺي ڀڳو. واٽ تي ڪيس ھڪڙو باندر مليو جنھن ادب سان سلام ڪري، کانئس پڇيو تہ ”اي شينھن شير خدا جا! خير تہ آھي جو ھن طرح تڪڙو ڀڄندو پيو وڃين؟“ شينھن چيس تہ ”ڪھڙي خبر ٻڌايانءِ! خير ڪونھي. منھنجي غارَ ۾ مون کان بہ وڏيڪ طاقتور آفت اچي ويٺي آھي، آءٌ ان کان ڊڄي وٺي ڀڳو آھيان. جيڪڏھن ڪا اٽڪل ڪري ڪو بچاءُ ڳولي ڪڍين تہ وڏي مھرباني.“ باندر چيس تہ ”سائين! منھنجي جان ۽ ٻار ٻچا بہ اوھان تان قربان آھن، پر ٻڌايو تہ ڳالھہ ڪھڙي آھي؟“

شينھن چيس تہ ”آءٌ ڪجھہ ڏينھن ٻاھر ويو ھئس تہ پٺيان منھنجيءَ غارَ تي ”چئنچل راڻي“ ۽ ”بھادر بادشاھہ“ قبضو ڪري ويٺا آھن ۽ انھن جا ٻچا وري منھنجو گوشت پيا گھرن، تنھنڪري وٺي ڀڳو آھيان.“ باندر چيس تہ ”قبلا! توھان خيال نہ ڪريو. مون سان ھلو تہ مان ڪَن کان جھلي ٻاھر ٿو ڪڍانِ.“ شينھن اھو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رسي ۾ پنھنجو ڪنڌ ۽ باندر جو پڇ ٻڌي، ٻئي سلھاڙجي

اتي هليا. گدڙ انهن کي پري کان ايندو ڏسي زال کي هدايتون ڏنيون تہ ٻچن کي اڳيئين وانگر روئاڙيو. گدڙ وري بہ زال کان ٻچن جي روئڻ جو سبب پڇيو. ان تي گدڙيءَ کيس جواب ڏنو تہ "توهان پنهنجي نوڪر "باندر" کي حڪم ڏنو هو تہ چار شينهن وٺي اچي، پر هو تہ فقط هڪ شينهن وٺيو پيو اچي. ٻچڙا چون ٿا تہ اسين چار آهيون، اسان کي تہ هڪ هڪ شينهن جدا کپي!" شينهن اهي لفظ ٻڌي سمجهي ويو تہ هي باندر هنن جو نوڪر آهي ۽ مون کي ٺڳيءَ سان هتي مارائڻ لاءِ وٺي آيو آهي. سو ڪاوڙ مان وٺي جو چنبو هنيائينس تہ باندر اتي ئي مري پيو ۽ پوءِ پاڻ وٺي ڀڳو ۽ وري ڪڏهن بہ انهيءَ پاسي نہ ويو. اهڙيءَ ريت، گدڙ ۽ سندس زال اُتي آرام سان گذارڻ لڳا.

گدڙ ۽ موالي

هڪڙو هو موالي، جو روزانو شام جو ڀنگ گھوٽي، ڪجھ انهيءَ وقت پيئندو هو ۽ ڪجھ بچائي ڪونڊي ۾ رکي ڇڏيندو هو، جيڪا هو رات جو ٿورو ٿورو ڍڪ ڪري پيو پيئندو هو. اوچتو سندس گھر ۾ هڪڙو گدڙ اچي هريو، جو رات جو سندس سموري ڀنگ پي ويندو هو. موالي ڏاڍو حيران ٿيو ته آخر ڀنگ وڃي ڪيڏانهن ٿي! نيٺ هڪڙي رات موالي ءَ، گدڙ کي ڏسي ورتو، سوان کي ڦاسائڻ جا گھات گھڙڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن ڇا ڪيائين جو سرڪڻ ڦاهي تيار ڪري، ڪونڊي جي مٿان رکي، پاڻ پاسو وٺي لڪي وڃي ويهي رهيو. گدڙ ته اڳيئي هريل هو تنهن اچڻ شرط اچي ڪونڊي ۾ منهن وڌو. موالي به تاڙيو وينو هوس، گدڙ جو ڪونڊي ۾ منهن وجهڻ ۽ هن جو سرڪڻ ڦاهيءَ کي ڇڪڻ، گدڙ سوگھو ٿي پيو. پوءِ ته ڇڏائڻ لاءِ گھڻائي حيلا ڪيائين، پر وريو ڪجھ به ڪين. جيئن پوءِ تيئن ڦابو ٿيندو ويو. اتي موالي به اچي رسيس، هن کي به ڏينهن جا ساڙ هئا، سو ڇا ڪيائين جو گدڙ کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي، ڪٽي ٿوڻيءَ سان ٻڌائين. پوءِ موڇڙو کڻي اچي ورتائينس، هڻي مٿو ئي ڪچو ڪري وڌائينس. پوءِ روزانو موالي ءَ جي اها ڪرت هوندي هئي، جو رات جو سڪل پادر پاڻيءَ جي پاٽ ۾ پسائي ڇڏيندو هو ۽ صبح جو نيراني اهي پُسيل پادر کڻي اچي وٺندو هوس. پوءِ ڪجھ ڪاڏو پيتو ڏيندو هوس. گدڙ به موچڙا کائي کائي ڪک ٿي پيو هو، سو دل ۾ خيال ڪيائين ته ”ٻيلي! هاڻي ڪا ڳڻ ڪجي ته جند ڇٽي، نه ته موچڙن ۾ عمر ئي پوري ٿي ويندي!“ ويچاريندي نيٺ هڪڙي اٽڪل خيال ۾ آيس. جڏهن رات ٿي، تڏهن ڇا ڪيائين جو وٺي اونايون ڪرڻ لڳو. ٻين گدڙن جو هن جو آواز ٻڌو، تن به پريان جواب ۾ اونايون ڏنيون، پر هن جون اونايون اندران گھر مان پئي آيون، تنهنڪري اوڏانهن خوف کان ڪو به گدڙ نه پيو لڙي. نيٺ هڪڙيءَ رات سيني گدڙن صلاح ڪري، پنهنجي پرئي مڙس کي هن ڏي موڪليو ته وڃي خبر چار وٺي

اچي. گدڙن جو پريو مڙس اچي هن سان مليو ۽ ساڻس حالي احوالي ٿيو ته ”ميان گدڙا ڏي خبر. هتي ڪيئن اچي اڙيو آهين؟“ گدڙ پهرين ته پرئي مڙس جي آجيان ۽ خوشامد ڪئي ۽ پوءِ ورندي ڏنائينس ته ”سائين! ڌڻيءَ جي مهرباني آهي. جهنگ ۾ ته ڏاڍو ڏکيو گذاريندو هوس. ڪڏهن کائڻ لاءِ ملي، ڪڏهن نه. هن گهر جو مالڪ نهايت لائق ماڻهو آهي، جنهن مون کي اچي هتي ٽڪايو آهي. هو مون تي ڏاڍو مهربان آهي. روزانو صبح جو سويري پاٽ ڪُتيءَ جي ٿاهي تيار ڪري آڻي منهنجي اڳيان رکندو آهي، بس پوءِ ته کائي ڪندو آهيان رڄ. اهڙيءَ طرح ڏينهن ٽڏين چانون ۾ پيو گذاريان. ڪڏهن ڪڏهن وري ائين به دل ۾ خيال ڪندو آهيان ته ههڙي سُکي ستابي روزي ته جيڪر توهان جهڙي پيرسن کي نصيب ٿئي ته چڱو. مان وري به اجا ننڍو نيٺو آهيان، رُلي پني ڌڪا ڌوما کائي به پيٽ پالي سگهان ٿو.“ گدڙن جي پرئي مڙس جو هن چالاڪ گدڙ جون اهي ڳالهيون ٻڌيون سو سندس وات پاڻي ٿيڻ لڳو ۽ هن چالاڪ گدڙ کي چوڻ لڳو ته ”ننڍڙا يارا چئين سچ ٿو..... اسان جهڙن پوڙهن لاءِ هن وقت جهنگ ۾ گذارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، هاڻي جيڪڏهن تون مون تي مهرباني ڪرين، ته آءٌ تنهنجو احسان سڄي عمر پيو ياد ڪندس. تون چئين ته توکي کوليان، ۽ تنهنجي جاءِ تي آءٌ ويهي حياتيءَ جا آخري ڏينهن گذاريان.“ گدڙ ته پئي پير سوريا. سو پرئي مڙس گدڙ کي چيائين ته ”پريا مڙس! جيڪڏهن تنهنجي هرويرو اها مرضي آهي ته ڀلي.... هاڻي هيئن ڪر، جو منهنجي ڳچيءَ مان رسي ڪڍ، تون پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي، هن ٽوٽيءَ جي پرسان ويهي رهه. صبح جو سوير، گهر جو مالڪ پاٽ ڪُتيءَ جي کڻي اچي کارائيندءِ. مزي سان کائي خوش ٿي، مون کي پيو دعائون ڪجانءِ.“ پوڙهي گدڙ ائين ڪيو ۽ هو پنهنجي جان ڇڏائي وٺي ڀڳو.

صبح جو دستور موجب موالي پسيل پادرن جي پاٽ ڀري اچي هن جي اڳيان رکي. هن جو اها پاٽ ايندي ڏٺي، سو خوشيءَ کان وٺي ٽپ ڏيڻ لڳو. موالي ايندي شرط ئي پاٽ مان پسيل پادر کڻي اچي بيٺو هن جي جسم تي وسائڻ. گهٽوئي ڇڏائڻ جي ڪيائين پر ڪٿي ٿو ڇٽي ۽

اهي پادر ڪائي ليٽي پيو. انهيءَ ڏينهن ته اڌ مئو ٿيو پيو هو نه ڪجهه کاڌائين نه پيتائين. دل ۾ خيال ڪيائين ته ”گدڙ مون سان چڱي جوڙي جٺ ڪئي.“ پوءِ سوچيائين ته، ”هاڻي ڪيئن جان ڇڏائجي.“ سو ٻئي ڏينهن صبح جو مواليءَ کي ايندو ڏسي، چوڻ لڳس ته ”ادا! مان اهو گدڙ ڪين آهيان بلڪ مان ته گدڙن جو چڱو مڙس آهيان. ۽ بادشاهه جو يار آهيان. هتي ته فريب سان اچي ڦاٿو آهيان. هاڻي منهنجي مارڻ مان توکي هٿ ڇا ايندو؟ مهرباني ڪري مون کي آزاد ڪر. اميد آهي ته ان جي عيوض دل گهريو ڪم ڪري ڏيندس.“ موواليءَ کي به اها ڳالهه دل سان لڳي، سو هن تي اعتبار ڪري ڪيس ڇوڙي ڇڏيائين. گدڙ به ڇٽڻ سان سامهون بيهي چيس ته ”گهر جيڪي گهرٽو اٿئي؟“ موواليءَ چيس ته ”جيڪڏهن ائين ٿو چوين ته پوءِ مون کي هن ملڪ جي بادشاهه جي وڏور ڏيءَ پرڻاءِ.“ گدڙ چيس ته ”بس، ڳالهه به ايتري. هاڻي تون ويهي مزا ڏس ته ڪيئن ٿو توکي شهزاديءَ جو سڱ وٺي ڏيان.“ ائين چئي گدڙن جو پريو مڙس، دربار ڏانهن روانو ٿيو.

گدڙ بادشاهه جي دربار ۾ آيو ۽ ٿپ ڏئي وڃي بادشاهه سان گڏ تخت تي ويٺو. بادشاهه چيس ته ”يار گدڙا ڏي خبر. ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“ گدڙ چيس ته ”قبلا! هڪڙو بادشاهه آهي، جو اوهان جي وڏور ڏيءَ سان شادي ڪرڻ ٿو گهري. هاڻي جيڪڏهن رضا خوشيءَ سان سڱ ڏيو ته واهه. نه ته هو اوهان سان جنگ ڪرڻ لاءِ به تيار آهي. انهيءَ لاءِ مان اوهان وٽ آيو آهيان. هاڻي جيڪا اوهان جي مرضي.“ اهو ٻڌي اول ته بادشاهه ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. پر پوءِ گدڙ کي چيائين ته ”يار! انهيءَ جو جواب سڀاڻي مان توکي ڏيندس.“ پوءِ حڪم ڪيائين ته ”هن کي شاهي مهمانخاني ۾ رهايو وڃي.“ گدڙ رات جو شاهي مهمان جي حيثيت ۾ رهي ڪري ڏاڍا مزا ڪيا. سندس چڱو آدر ڀاءُ ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو بادشاهه ڪيس گهرائي سڱ ڏيڻو ڪيو. گدڙ پنهنجي پهرين سوپ ڏسي ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ انجام ٻڌي واپس آيو موواليءَ وٽ. ۽ چيائينس ته ”ادا! هاڻي ترت شاديءَ جي تياري ڪر. پر بيلي! ٻڌاءِ ته سهي، ڪجهه اٿئي گهر ۾؟“ موواليءَ چيس ته ”يار! مون وٽ آهن رڳو ٻه ڏيگيون ۽ هڪڙو منبڙو گڏهه.“ گدڙ چيس ته ”چڱو ائين

آهي ته اهي ڊور وڪڻي هڪڙو سنو وڳو جوڙائي ڇڏ. باقي پيو سڀ بار آهي مون تي، آءٌ پاڻهي بندوبست ڪندس.“ موالي پنهنجا ڊور وڪڻي، هڪڙو سنو وڳو جوڙائي رکيو ۽ مقرر ڪيل تاريخ تي گدڙ ۽ موالي ٻئي ڄڻا ڪنا تي شادي رچائڻ هليا.

هلندي هلندي درياءَ تي اچي پهتا. اتان بادشاهي شهر ڪجهه پريرو هو. درياءَ جي پر تي ويهي، گدڙ موالي کي چيو ته ”تون هاڻي هتي ئي ويهه، ته آءٌ وڃان ٿو بادشاهه وٽ ۽ وڃي کا تو ڏانهن سواري ٿو موڪليان، سياڻو ٿج. سواءِ هاٿيءَ جي ڪنهن ٻيءَ سواريءَ تي نه سواري ڪج.“ ائين چئي گدڙ درياءَ اُڪري، ٻيءَ پر تي گپ ۾ ليٽي پيٽي، سڌو شاهي دربار ۾ آيو. بادشاهه ۽ وزير، گدڙ جي ههڙي حالت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ ڪائنس پڇيائون ته ”گدڙ! توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟“ گدڙ جواب ڏنو ته ”سائين! ڳالهه ئي نه پڇو. اوهان جي ٽيڻ واري نائي ۽ اسان جي بادشاهه جي عمر ڪا وڏي هئي جو بچي ويو نه ته هينئر الاجي اسين ڪٿي هجون ها.“ اتي بادشاهه وڏيڪ حيران ٿي گدڙ کان پڇڻ لڳو جنهن تي گدڙ چيس ته ”جيئندا قبلا! اسين جيئن ئي جڃ جا ٻيڙا پرائي هيڏانهن پئي آياسين ته اوچتو طوفان اچي لڳو ۽ اسان جا سمورا ٻيڙا اونڌا ٿي ويا. فقط آءٌ ۽ بادشاهه سلامت بچي وياسين. ٻي ڪا هڪ چيز به ڪانه بچي. تڏهن هي حال ٿيا آهن.... هاڻي مهرباني ڪري بادشاهه سلامت ڏانهن ڪا سواري موڪلي ڏيو جو هو اتي درياءَ جي پر تي ويٺو آهي.“ اهو ٻڌي بادشاهه يڪدم هڪ دستو گهوڙن جو ڏياري موڪليو. پر موالي هو گدڙ جو پڙهايل، سو ڪٿي ٿو هاٿيءَ ڪانسواءِ ٻي سواريءَ کي ڪنگهي. تنهنڪري انهن گهوڙن کي موٽائي ڇڏيائين. وري بادشاهه جي حڪم سان پلن اُنن تي پاکڙا رکائي هن ڏانهن موڪليا ويا. پر هن انهن اُنن کي به موٽائي ڇڏيو. نيٺ گدڙ کي گهرائي هن کان حقيقت پڇيائين. جنهن چيو ته ”بادشاهه سلامت! اُنن يا گهوڙن جي سواري ڪو بادشاهي شان وٽان آهي! اسان جي بادشاهه سلامت ڏانهن هاٿي سنجي ٺاهي خدمت ۾ موڪليو ته پوءِ ڏسو ته ڪيئن ٿو هليو اچي.“ بادشاهه ائين ڪيو ۽ موالي به يڪدم سوار ٿي بادشاهه وٽ آيو. بادشاهه به هن جي آجيان ڪئي، ۽ ڪيس بادشاهي مهمانخاني ۾ رهايو جتي رهي هن خوب مهمانيون ڪاڏيون.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه حڪم ڪيو ته ”آيل بادشاهه (مواليءَ) ڪي شهزاديءَ جي ماڙيءَ تي موڪليو ته جيئن هو پاڻ ۾ ملي هڪٻئي جي عادتن کان واقف ٿين، ۽ ان کان پوءِ شادي ڪئي وڃي.“ گدڙ هن کي هر طرح سمجهايو ته ”يار! هاڻي ڪا پنهنجي مڙسي ۽ سياڻپ ڪجانءِ، نه ته ٺهيل ٺڪيل ڪم خراب ٿي پوندو.“ سج لٿي کان پوءِ شهزاديءَ جي ست ماڙ جو رستو ڏيکاري، نوڪر پنتي موٽي آيا. هيءَ اندر لنگهيو ته عجيب قسم جا پردا ۽ چٽساليون ڏسي سنڌس وايون ئي ولهڙيون ٿي ويون ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته ”مان هڪ غريب موالي، هي هيڏو سارو معاملو ڪيئن مُڪائيندس؟“ ائين پور پچائيندو ساري رات هيٺين ماڙين جي ڪمرن ۾ چرين وانگر ڦرندو رهيو. تان جو صبح ٿيو ۽ موٽي پنهنجي رهڻ واري جاءِ آيو. ٻيءَ رات به ائين ٿيو. گدڙ هن کان حقيقت پڇي. مواليءَ سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس. گدڙ چيس ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ يار منهنجي موڪلاڻي اٿئي.“ مواليءَ انجام ڪيو ته اڄ شهزاديءَ وٽ ويندس. ٽينءَ رات جيئن نوڪر هن کي ست ماڙ جي در تي ڇڏي ويا، تيئن هن ڇا ڪيو جو پنهنجون اکيون رومال سان ٻڌي ٿڙندو ٿاپڙندو اچي ستينءَ ماڙ تي شهزاديءَ وٽ پهتو ۽ انهيءَ کي پير ڪري پاڪر وجهي پلنگ تي ليٽائي، ڪيس هيڏي هوڏي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو. شهزادي ويچاري هيسجي ويئي. نيٺ خدا خدا ڪري صبح جو هن کان جان ڇڏايائين. صبح جو موالي ڏند ڪڍي اچي گدڙ سان سموري خبر چار ڪئي. صبح ٿيڻ سان شهزاديءَ به سموري حقيقت پنهنجي پيءُ سان ڪئي ۽ چيو ته ”هيءُ ته ڪو جهنگلي ٿو ڏسجي، هن کي بادشاهه ڪنهن ڪيو آهي؟“ بادشاهه اهو ٻڌي منجهي پيو ۽ اچي وزير سان صلاح ڪيائين. وزير چيس ته ”جيئندا قبلا! هاڻي هيئن ڪجي جو هن کي سامونڊي گهوڙو وٺي اچڻ لاءِ چئجي، پوءِ جيڪڏهن سچ پچ بادشاهه هوندو ته ڪيس گهوڙي وٺڻ جي خبر هوندي، نه ته پاڻهي گهوڙو اتون هٽي ختم ڪري ڇڏيندس، اسين به خواريءَ کان بچي ويندا سين ۽ ڳالهه به رهجي ايندي.“

صبح جو بادشاهه، گدڙ کي گهرائي چيو ته ”اسان کي هڪڙي سامونڊي گهوڙي جي ضروت آهي، تنهنڪري تون پنهنجي بادشاهه کي

چئي آڻائي ڏي" گدڙ چيو تہ "حاضر قبلا! اهو تہ خسيس ڪم آهي." ائين چئي گدڙ اچي سموري حقيقت موالي‌ءَ سان ڪئي ۽ چيائينس تہ "متان حيران ٿيو آهين. تون رڳو مون سان گڏجي هل ۽ اتي هلي وڻ تي چڙهي ويهي رهہ. مان پاڻهي اهو ڪم ڪندس. تون جڏهن ڏسين تہ گهوڙو ڊوڙي ڊوڙي هاڻي ٿڪجي پيو آهي، تڏهن وڻ تان لهي اچي اُن تي چڙهجانءِ" اها صلاح ڪري صبح جو سوير تيار ٿي سمنڊ ڏي هليا ۽ ان جي ڪپ تي ڳولا ڪرڻ لڳا. نيٺ پري کان هڪ گهوڙي تي نظر پين. ٽلندا ٽلندا جڏهن گهوڙي جي ويجهو پهتا، تڏهن موالي وڃي هڪڙي وڻ تي چڙهي وينو ۽ گدڙ لڳو گهوڙي کي ڊوڙائڻ. صبح کان وٺي ڏڪائيندو رهيس، تان جو اچي منجهند ٿي. اتي ڊڪي ڊڪي گهوڙو ٿڪجي پيو ۽ پٽ تي ڦان ٿي ڪري پيو. ڪجهہ وقت ڏڪي ڏڪي، نيٺ موالي‌ءَ واري وڻ هيٺان اچي بيٺو. اتي گدڙ موالي‌ءَ کي اشارو ڪيو تہ "هاڻي وارو ڪر." موالي بہ يڪدم اچي گهوڙي تي لانگ ورائي. موالي‌ءَ جي لانگ ورائڻ ۽ گهوڙي جو ڀڄڻ لاءِ وري ڪنب ساهڻ. اچا نروئي مس ڪنيائين تہ موالي‌ءَ ڪٽي وڻ ۾ ٻڪ وڌو ۽ ڏاڍو سوگهو جهلي بيٺس. گهوڙي ڀڄڻ لاءِ گهڻائي وس ڪيا پر ڀَوَ کان هن وڻ جي پَنجَرَ اصل ڪانہ ڇڏي. نيٺ وڻ پاڙئون پٽجي آيو. بس پوءِ تہ وڻ موالي‌ءَ جي ڪُلهي تي ۽ موالي گهوڙي جي پٺي‌ءَ تي. وٺي ڪٽي ڪنيائينس، پر گهوڙو هو ٿڪل، سو ٿورو ڊڪي وري ڊِرو ٿي هلڻ لڳو ۽ گدڙ هن کي ڦيرائيندو ڦيرائيندو سڌو بادشاهہ جي دربار ڏانهن وٺي آيو. بادشاهہ ۽ وزير بہ هن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. انهن جڏهن ڏٺو تڏهن حيرت ۾ پئجي ويا. چي "مارا هي تہ ڪو بهادر شخص آهي." وزير بہ بادشاهہ کي يقين ڏياريو تہ "هي‌ءُ بيشڪ شهزادو ۽ سورهيہ آهي. هن جهڙي جوان سان مائٽي ڪرڻ مناسب آهي." بادشاهہ کي بہ خاطري ٿي، تنهن ڪنهن بہ ويچار ڪرڻ کان سواءِ يڪدم ڪٽي هائو ڪئي. پوءِ موالي‌ءَ جي شادي‌ءَ جا سانباها شاهاڻي شان سان ٿيڻ لڳا. نيٺ بادشاهہ هڪ عاليشان محلات نهرائي، موالي‌ءَ جي پنهنجي وڏور ڌي‌ءَ سان شادي ڪرائي، ڏاج ڏيوڻ ڏيئي، ڪين اتي وڏي شان مان سان رهاياائين. جتي هو پاڻ ۾ عيش عشرت ۽ مزن موجن ۾ گذارڻ لڳا. پوءِ هڪڙي ڏينهن گدڙ هن کان موڪلائي، موٽي اچي جهنگل پيڙو ٿيو.

راڪاس ۽ برڙ باڪاس

هڪڙو غريب شخص، پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ سان گڏ هڪڙي جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. وٽن رات هوندي هئي ته ڏينهن نه هوندو هو. مطلب ته ڏاڍو ڏکيو وقت گذاريندا هئا. هڪڙي ڏينهن، پوڙهيءَ ماءُ پنهنجي پٽ کي چيو ته "ابا! هتي جي حالت ساريو وينو آهين. منهنجي مرضي آهي ته ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي ڪجهه ڪمائي اچ ته تنهنجي شادي ڪري، پنهنجي من جي مراد پوري ڪريان. الاجي ڪڏهن اها آس پوري ٿيندي!" ائين چئي، کيس ورهين جو گڏ ٿيل هڪ ٽڪو ڪڍي ڏنائين.

ڇوڪرو ماءُ کان ٽڪو وٺي، ڪانئس موڪلائي گهر کان ٻاهر نڪتو. اچا شهر کان نڪري ٿورو پر پرو ٿيو ته کيس هڪ باندر گڏيو. جنهن ڪانئس خبر چار پڇي. هن غريب سڄي حقيقت ٻڌايس. باندر هن جي ڳالهه ٻڌي، کيس دلداري ڏني ۽ چيائينس ته "يار! ڀهريائين ته مون کي لڳي آهي بک، ڪي انهيءَ ٽڪي جا ڀڳڙا ڪڻي وٺين ته ٻئي ڄڻا ڪائي ڪجهه هلڻ جهڙا ٿيون. باقي اهو ٿورو لاهڻ منهنجو ڪم. اميد ته توکي شادي ڪرائي، پوءِ ڪيڏانهن ويندس." هُو غريب باندر جي دلداريءَ ڏيڻ تي ڪجهه سرهو ٿيو ۽ شهر ۾ واپس اچي، ڀڳڙا وٺي وري باندر سان اچي مليو ۽ ڀڳڙا آڻي هن جي اڳيان رکيائين. باندر ڪجهه ڀڳڙا پاڻ کاڌا ۽ ڪجهه هن غريب کي ڏنا ۽ باقي اڳتي جو ثمر ڪري ڪڻي هڙ ۾ ٻڌائون. ڀڳڙا کائي، پاڻي پي ٻئي ڄڻا اُتي پنڌ پيا.

اچا ٿورو پنڌ مس ڪيائون ته کين هڪ گدڙ مليو جنهن هنن کي سلام ڪري ڪانئن حقيقت پڇي. باندر کيس سڄي حقيقت ٻڌائي ۽ هن کي به ٿي ڀڳڙا کائڻ لاءِ ڏنا. جي گدڙ وٺي کاڌا. پوءِ ساڻن گڏجي پنڌ پيو ۽ هڪڙي ڳوٺڙي ۾ اچي پهتا. اُتي ڏنائون ته هڪ چاڪي گهاڻو پيو ڪاهي، تڏهن باندر، گدڙ کي چيو ته "آءٌ ٿو هن چاڪيءَ کي چيڙايان، تون اهو رنبو کڻي وٺي پڄ." گدڙ اها ڳالهه ٻڌي انڪار ڪيو تڏهن

باندر چيس تہ ”جيڪي پڳڙا ڪاڏا اٿئي، سي واپس ڏي“ نيٺ لاچار ٿي گدڙ رنبو کڻڻ قبول ڪيو. پوءِ باندر ٽپ ڏيئي اچي ڏيگي تي چڙهيو ۽ ڪيس تاهہ وجهڻ لڳو. چاڪي لڳو باندر جي پويان، تيسين گدڙ رنبو کڻي وٺي ڀڳو ۽ باندر بہ چاڪيءَ کان جند ڇڏائي اچي هنن سان مليو ۽ پوءِ گڏجي اڳتي روانا ٿيا.

اڃا ڳوٺڙي کان ٻاهر نڪتا تہ ڪين هڪ حجام مليو جو اوزارن جو ٿيلهو ڪلهي ۾ وجهي وات وٺيو پئي ويو. ان کي ڏسي باندر، گدڙ کي چيو تہ ”يار گدڙا! هاڻي هن حجام کان اوزار ڦري ڏينم يا جيڪي پڳڙا! ڪاڏا اٿيئي سي موٽائي ڏي“ نيٺ ٻئي ڄڻا حجام کي ڦري آيا ۽ ڪيس رانيوتا ۽ چڪ هڻي، ڪانئس اوزارن جو ٿيلهو ڦري ورتائون. اهو ٿيلهو ۽ رنبو غريب شخص کي ڏيئي، ان سان گڏجي اڳتي هليا. ٿورو پنڌ مس ڪيائون تہ هڪ شخص تي نظر پين، جو ڇيج ڪنيو پئي آيو. اتي وري بہ باندر گدڙ کي چيو تہ ”گدڙا هن ماڻهوءَ کان هڪ ڇيج ڦري ڏي، يا منهنجا پڳڙا واپس ڪر.“ نيٺ گدڙ اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ تہ باندر پٿر کڻي ان ماڻهوءَ کي هڻڻ لڳو. هو ويچارو ڇيج پٽ تي رکي لڳو باندر جي پويان، ۽ پٺيان گدڙ سنڌس ڇيج کڻي وٺي ڀڳو. باندر بہ ان شخص کان جند ڇڏائي اچي هنن سان مليو ۽ ٽيئي ڄڻا اڳتي روانا ٿيا.

هلندا وڃن تہ ڪين هڪ پوڙهي ڏسڻ ۾ آئي، جا ڏڌ جي چاڏي مٿي تي کڻيو شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ پئي ويئي. اتي باندر گدڙ کي هڪل ڪئي تہ ”هائو يارا! پوڙهيءَ کان اها چاڏي ڦري ڏي يا پڳڙا موٽائي ڏي.“ گدڙ اچي ڦاٿو، نيٺ صلاح ڪري ٻئي ڄڻا پوڙهيءَ کي ڦري آيا. مائي چاڏي پٽ تي رکي لڳي هنن کي ڀڄائڻ. آخر ان کي بہ چنبا هڻي، ڪانئس ڏڌ جي چاڏي ڦري غريب شخص جي حوالي ڪري، اڳتي پنڌ پيا.

ڪجهہ پنڌ ڪيائون تہ وري ڏسن تہ هڪڙو مڱڻهار فقير هڪ ٽڪل گهوڙي تي چڙهيو پيو وڃي. اتي باندر وري بہ گدڙ کي چيو تہ ”هن فقير کان اهو گهوڙو ۽ دهل ڦري ڏينم يا ڪاڏل پڳڙا واپس ڪر.“ گدڙ اچي ڦاٿو هو، تنهن مرندي ڪُسندي اها ڳالهہ بہ قبول ڪئي. نيٺ ٻنهي ڄڻن گڏجي اچي فقير کي ورايو نيٺ اهڙو ڪڪ ڪيائونس، جو گهوڙي تان لهي هنن جي پويان لڳو ۽ پٺيان غريب شخص دُهل کڻي

گهوڙي تي لانگ ورائي، اهو حال ڏسي مگٽهار گهوڙي ڏانهن ڀڳو پر پنڌ ڪٿي ٿو پڄي ۽ نيٺ منهن مٿو پٽندو رهجي ويو. اهڙيءَ طرح، مگٽهار کان گهوڙو ۽ دهل ڦري، هي ٽيئي ڄڻا اڳتي هليا. گدڙ جو هنن مان اڇي آڙيو هو. تنهن خيال ڪيو ته ڪنهن به حيلي سان هنن مان جند ڇڏايان، نه ته ڪٿي مارائيندم. نيٺ هلندي هلندي، هڪڙي پاسي گوهي ڏيئي، جند ڇڏائي، باندر ۽ غريب شخص کي ڇڏي ڀڄي ويو.

باندر ۽ سندس ساٿي گهوڙي تي سوار ٿي سارو ڏينهن پنڌ ڪيو آخر سج به اڇي لهڻ وارو ٿيو. اتي غريب شخص باندر کي چيو ته "يار! هاڻي ته ڪنهن وسنديءَ پيڙا ٿيون، اُج ۽ بک تمام بي حال ڪيو آهي." باندر هن کي دلداري ڏني ۽ گهوڙي کي هڪلي اچي هڪڙي شهر پيڙا ٿيا. ڇا ڪيائون جو گهوڙي کي هڪ وڻ سان ٻڌي، پاڻ شهر ۾ گهڙيا. ڏسن ته سڄو شهر خالي آهي، چوطرف سڄ پئي واڪا ڪري. آخر گهمندي گهمندي، ڪين هڪ عاليشان محلات ڏسڻ ۾ آيو. هي لنگهي ان محلات ۾ آيا، جنهن ۾ هڪڙي خوبصورت عورت وينل نظر آيس. ان عورت جو هنن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو تڏهن کين چيائين ته "هيءَ جاءِ راڪاس جي آهي، هو جڏهن آيو ۽ اوهان کي ڏٺائين ته ڪائي ڪپائي ڇڏيندو. تنهنڪري منهنجي مرضي آهي ته ماٺ ڪري ترت هتان نڪري وڃو." هنن چيو ته "اسين ساري ڏينهن جي بک ۽ اُڃ سبب بيحال ٿي پيا آهيون، پهريائين ته اسان کي ڪجهه کاراءِ پيار. پوءِ جي راڪاس آيو ته ڏٺو ويندو." مائي تڙ تڪڙ ۾ ڪجهه کاڌي جو سامان تيار ڪري هنن کي ڏنو جو هو کائي پي خوش ٿي ڪجهه بود ۾ آيا ۽ مائيءَ سان صلاح ڪري وڃي ڪُڏ تي چڙهي ويهي رهيا.

ٿوري دير ئي ڪانه ٿي ته اوچتو واچ لڳي ۽ ان سان گڏ مينهن پيو. مينهن اجا بندئي ڪونه ٿيو ته اوچتو هڪ وڏي گوڙ ٿي ۽ راڪاس اچي ڪڙڪيو. هي جو ٻئي ڄڻا مٿي ڪڏ تي ويٺا هئا، تن پري کان راڪاس کي ايندي ڏٺو ۽ وري جو ڏٺائون ته سندس چنبا رت سان پريل هئا. سو ايندي شرط عورت کان پڇيائين ته "اڄ شهر ۾ ڪا پهر آيل ٿي ڏسجي،" هنن جو گهوڙو شهر جي ٻاهران ٻڌل هو جنهن کي ماري آيو هو تڏهن ان عورت چيس ته "آءٌ هت بند ۾ قيد آهيان، مونکي کهڙي

خبر ته ڪير آيو ڪير ويو." ائين چئي ڪيس ڪاڏو آڻي ڏنائين.
راڪاس اڃا گرھ ڳيچي وات ۾ ڏني وڏو ته باندر ڪڏ ڏئي وٺي ڪيڪاڙاٽ
ڪيا. راڪاس ماني ڇڏي، مٿي نهاري چيو ته "اڙي! ڪير آهين؟" ان
تي باندر چيس ته "پهريائين تون ٻڌاءِ ته ڪير آهين؟" ان تي هن
ورندي ڏنيس ته "مان راڪاس آهيان." تنهن تي باندر چيو ته "آءٌ
برڙباڪاس آهيان." راڪاس تڏهن پڇيس ته "پاڻ ٻنهي ۾ ڏاڍو ڪير
آهي؟" باندر چيو ته "اهو اڄ ته هڪٻئي کي آزمايون، پوءِ پاڻهي خبر
پوندي." تڏهن راڪاس چيو ته "پهرين هڪٻئي کي چنبا ڏيکارڻ
هڻون." ائين چئي راڪاس، باندر کي پيري چنبو هنيو ته ڪارا نيل ڏئي
پيس. ان کان پوءِ باندر ڇا ڪيو جو حجام واري ڳوٿريءَ مان سڀ اوزار
ڪڍي هٿ ۾ ڏاهي، جهلي جو هڻي راڪاس کي ته رت ڦوهارا ڪري
وهيس. ان کان پوءِ راڪاس کي چيائين ته "ٻي ڪا نشاني هجئي ته
موڪل." راڪاس پنهنجو ڏند ڪڍي باندر کي اڇلائي هنيو پر ان جو
ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. باندر هڪل ڪري چيس ته "اڇئي ٿو منهنجو
ڏند." ائين چئي چاڪيءَ وارو رنبو اڇلائي هنيائينس منهن ۾، ته دانهن
نڪري ويس. ان بعد وري چيچ اڇلي چيائينس ته "هي اٿئي منهنجو
ڪن، هاڻي اڄ ته ٿُڪ پڇايون." راڪاس، سير سوا جي ٿڪ اڇلائي،
وري باندر جو وارو آيو تنهن ڏڏ جي ڇاڏي ڪڻي راڪاس جي مٿان
اڇلائي ته هو سڄو وهنجي ويو. ان کان پوءِ باندر وٺي دهل تي ڏونڪو
هنيو. اهو آواز ٻڌي راڪاس پڇيو ته "اهو وري ڇا جو آواز آهي؟" باندر
جواب ڏنس ته "اهو منهنجي پيٽ جو آواز آهي، جو بک ۾ پيو وجي،
هاڻي جڏهن توکي کائيندس، تڏهن هو پربوءِ آواز بند ڪندو."

راڪاس جو اها ڳالهه ٻڌي، سو مٿيون پيڙي وٺي ڀڳو ۽ پڪ ٿيس
ته هيءَ ڪا مون کان به وڏي آفت آهي، تنهنڪري ڪنڌ ڦيري به پوئتي
ڪين ڏنائين. راڪاس جي وڃڻ کان پوءِ، باندر ۽ غريب شخص ڪُڏ
تان هيٺ لٿا ۽ اچي ان خوبصورت عورت سان مليا. باندر ان عورت کي
چيو ته "هاڻي انهيءَ راڪاس مان تنهنجي جند آزاد ٿي. هاڻي هن
ماڻهوءَ سان توکي شادي ڪرڻي پوندي." هن عورت اها ڳالهه قبول
ڪئي. پوءِ باندر ان غريب شخص کي چيو ته "هاڻي هيءَ دهل ڪڻي

آسپاس پڙهو ڏي ته راڪاس هميشه لاءِ ويندو رهيو هاڻي ڪوبه ڊپ ڪونهي، جيڪو به ماڻهو شهر ۾ رهڻ چاهي ته اچي خوشيءَ سان رهي.“ اهو پڙهو ٻڌي، ڪيترا ماڻهو لڏي وري اچي شهر ۾ رهيا ۽ ٿوري گهڻي ڏينهن سارو شهر آباد ٿي ويو. غريب به ان خوبصورت عورت سان شادي ڪري انهيءَ محلات ۾ رهڻ لڳو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجيءَ ٻڍڙيءَ ماءُ کي به ڳوٺان وٺي اچي پاڻ سان گڏ رهايائين.

گدڙ جي شاهدي

هڪڙي شخص جون ڍڳيون، جهنگ ۾ چرڻ وينديون هيون. ان جهنگ ۾ گدڙ بہ رهندا هئا. جن مان هڪڙو گدڙ تمام حرفتي هوندو هو. اهو ڇا ڪندو هو جو جيڪا ڍڳي جهنگ ۾ ويامندي هئي، تنهن جو ڦر کائي ڇڏيندو هو. ان شخص آخر ڳولا ڪري، وچي انهيءَ گدڙ کي هٿ ڪيو ۽ اُن کي سزا ڏيڻ جو خيال ڪيائين، مگر گدڙ گهڻي آزي نيزاريءَ سان چيس تہ "ٻيلي! هن دفعي مون کي معافي ڏي، باقي آئينده اهڙو ڪم نہ ڪندس، هن کان اڳ جيڪو تنهنجو نقصان ڪيو اٿم، ان لاءِ تون ڪنهن مشڪل وقت مون کي هڪل ڪج تہ آءٌ تنهنجي مدد ڪندس." ان شخص پوءِ قياس ڪري گدڙ کي ڇڏي ڏنو.

ان شخص جي پاڙي ۾ هڪ ملان جو گهر بہ هوندو هو. هڪ ڏينهن ان شخص جي ڍڳي گهر ۾ ويائي، ۽ ٻئي ڏينهن اتفاق سان ڍڳيءَ جو ڦر، ملان جي گهر ۾ لنگهي ويو. ملان بي ايماني ڪري اُهو ڦر سندس ڍڳيءَ ۾ پنيان اٽڪائي بيٺو زور ڏيئي ڪيس ٻاهر ڪڍڻ. انهيءَ وقت ڳوٺ جا ڪي ماڻهو ڪنهن ڪم سان ملان وٽ آيل هئا. تن بہ ڏٺو تہ ملان جو ڍڳو ڦر ڏيئي رهيو آهي. هو شخص بہ ڦر جي ڳولا ڪندو اچي ملان جي گهر وٽان لنگهيو. ان وقت ٻڪ سبب ڦر بہ دانهون پئي ڪيون، جي ان شخص ٻڌيون ۽ ملان جي گهر ۾ گهڙي ويو. اتي ڦر کي ٻڌل ڏسي، ملان کان ان جي گهر ڪيائين. ملان ڪيس جواب ڏيئي چيو تہ "چريو ٿيو آهين ڇا؟ ڪالهہ منهنجو ڍڳو ويائيو آهي، ۽ هيءَ ڦر ڏنو اٿس. توکي جي اعتبار نہ آهي تہ فلاڻن فلاڻن شاهدن کان پڇي ڏس، جي بروقت موجود هئا. تنهنجو بہ ڪو شاهد هجي تہ ڪٺي وني اچ." هو شخص واٽڙو ٿي ويو. آخر گدڙ واري ڳالهہ ياد آيس، چيائين تہ اج ڪيس آزمائجي. سو آيو گدڙ وٽ ۽ ڪيس ساري ڳالهہ ٻڌائي، شاهديءَ ڏيڻ لاءِ چيائين. گدڙ ڪيس دلداري ڏني ۽ شاهديءَ ڏيڻ جو وعدو ڪيو.

اهو فيصلو ٻئي ڏينهن انهيءَ ملڪ جي بادشاهہ وٽ ويو. تنهن

ٻنهي ڌرين کي شاهدن آڻڻ لاءِ چيو. هي شخص وري به جهنگ ۾ ويو ۽ گدڙ کي ڳولي هٿ ڪري چيائين ته ”يارا سياڻي بادشاهه سلامت جي درٻار ۾ شاهديءَ لاءِ حاضر ٿج.“

صبح جو بادشاهه جي درٻار ۾ ملان شاهدن سوڌو ۽ اهو شخص اچي حاضر ٿيا، مگر گدڙ اڃان نه آيو هو. انهيءَ تي بادشاهه ان شخص کي چيو ته ”تنهنجو شايد اڃا تائين نه آيو آهي، وقت پيو خراب ٿئي، ايندو يا نه؟“ هن شخص اڃان جواب ئي نه ڏنو هو ته گدڙ سهڪندو سهڪندو اچي حاضر ٿيو ۽ پاسو وٺي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. بادشاهه ملان ۽ ان جي شاهدن کان حقيقت پڇي. شاهدن جيڪي اکين سان ڏٺو هو سو بيان ڪري بادشاهه کي ٻڌايو. گدڙ جو هڪ پاسي ڪنڊ ۾ ويٺو هو سو جاڳي واڻي جهوٽا کائڻ ۽ ننڊ ۾ آهلڻ لڳو. بادشاهه هن جو اهو سارو تماشو پئي ڏٺو تنهن چيس ته ”اڙي گدڙ! هڪڙو ته دير سان آئين، ٻيو وري پيو جهوٽا کائين، ڇو رات ننڊ ڪانه ڪئي هيئي ڇا؟“ بادشاهه جو آواز ٻڌي، گدڙ هڪڙو وڏو ڇرڪ ڀريو ۽ هٿ ٻڌي چيائين ته ”قبلا! ڪهڙي ڳالهه ٻڌايانو رات اوچتو اچي درياءَ کي باهه لڳي، جيڪا اسان سيني گدڙن گڏجي صبح تائين پئي وسائي. اتي اوچتي ياد گيري پئجي ويئي ته اڄ سائين جن وٽ شاهديءَ لاءِ حاضر ٿيڻو آهي، پوءِ ته مُنيون ڀيڙي وٺي ڀڳس، جنهنڪري ڪجهه مڙيئي دير ٿي ويئي ۽ وري ساري رات جو هئو اوجاڳو سو جهوٽو به اچي ويو.“ اها ڳالهه ٻڌي، بادشاهه چيس ته ”ڪلا ڪوڙا! درياءَ کي به ڪڏهن باهه لڳي آهي؟“ انهيءَ تي گدڙ وراڻيو ته ”سائين منهنجا! جي درياءَ کي ڪڏهن باهه نه لڳي آهي، ته وري ڪڏهن ڍڳن کي به ڦر ڄاوا آهن؟“ اتي بادشاهه اک پٽي ۽ ملان جي چالاڪيءَ جي خبر پيس. پوءِ ته ڦر ان شخص کي ڏياري، ملان ۽ سندس شاهدن کي درٻار مان تڙائي ڪڍيائين.